

جديد انسان جو مذهب

جيمس هيمنگ جي ڪتاب ”انسٽيڊ آف گاڊ“ جو ترجمو

مترجم: **ضمير**

جديد انسان جو مذهب

جيمس هيمنگ جي ڪتاب

”انسٽيڊ آف گاڊ“ جو سنڌي ترجمو

مترجم : ضمير

ڏاهپ بڪ سيريز سانگهڙ

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جديد انسان جو مذهب

ليکڪ: جيمس هيمنگ

مترجم: ضمير

تعداد: هڪ هزار

ايڊيشن: پهريون، 2002ع

All Rights are Reserved with publisher.

JADEED INSSAN JO MAZHAB
(Insted of God)

by: James Hemming

Translated by: Zameer

Edition: 1st, 2002

Copies: 1000

Price:

ارپنا

سنڌ جي نوجوان نسل ڏانهن،
جنهن جو شعور ئي
سنڌ جي ترقيءَ بقا
جي ضمانت آهي.

—— ضمير

فهرست

مترجم پاران	7
پيش لفظ	9
ليکڪ جي باري ۾	10
حصو پهريون ـ انسان جي حالت	
1. خدا بابت سوال	11
2. دماغ چرخ ڪندڙ ڪائنات	23
3. شعور جي واڌ	38
4. انسان ڪيترو پاپي آهي؟	53
5. جديد اخلاقيات جو ڦُٽڻ	77
6. عملي نقطه نظر	92
حصو ٻيون ـ هتي ڌرتيءَ تي هجڻ	
7. ڪائنات ۾ اڪيلو انسان	111
8. ازل جا اشارا	126
9. آزاديءَ واڌ ويجهه	146
10. مستقبل جي تعليم	161
11. زندگيءَ جو نچوڙ	179

مترجم پاران

انسان پنهنجي روزِ ازل کان هڪ سوچيندڙ دماغ هجڻ جي بدولت پنهنجي متعلق، زندگيءَ متعلق، موت متعلق، ٻين جاندارن متعلق، ڌرتيءَ متعلق ۽ ڪائنات متعلق سوچيندو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ هن ٻه باقاعده رستا اختيار ڪيا آهن، هڪ عقيدائي، ڏندڪٿائي، من- گهڙت ۽ ٻيو سائنسي يعني عقل، تجربي ۽ مشاهدي تي ٻيٺل. پهريون سرشتو هڪ ٻيٺل، ڪٽرهن ۽ تبديل نه ٿيندڙ، محدود ۽ مبهم آهي ـــ ڪوبه ماڻهو انکي چئلينج ڪندو آهي ته هن کي ان مخصوص برادريءَ کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. هن تي طرح طرح جا الزام ۽ عنوان رکيا ويندا آهن: "چريو"، "ڪافر"، "ملحد"، "ڪميونسٽ"، "ماده پرست"، "خدا جو انڪاري" وغيره وغيره. ٻيو سرشتو عمل، تجربي، مشاهدي ۽ انساني عقل تي ٻيٺل آهي، جنهن کي اسان عرفِ عام ۾ "سائنس" ڪوٺيون ٿا. اهو عقيدو ناهي، اهو هڪ هنڌ ٻيٺل ناهي، اهو تبديل ٿيندو رهي ٿو، پنهنجيون غلطيون درست ڪندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح اهو حقيقت جي وڌيڪ ويجهو ٿيندو رهي ٿو. اهو سرشتو پاڻ مٿان تنقيد ڪندڙن کي سزا نه ٿو ڏئي، بلڪ اهو ته صحت مند تنقيد کي همٿائي ٿو ۽ ان تنقيد معرفت ئي اڳتي وڌندو رهي ٿو.

سنڌي ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي کوٽ تعليم کان پري هجڻ ۽ ان ۾ به انگريزي ٻوليءَ کان پري هجڻ رهي آهي. سنڌي ماڻهو جيستائين روايتي قدامت پسند سوچن کي پري نه اڇلائيندو ۽ پاڻکي جديد علمن سان روشناس نه ڪندو، تيستائين هن جي ترقي ڪرڻ جو ڪوبه امڪان نه آهي. هي ڪتاب برطانيه جي جڳ مشهور تعليمي ماهر ۽ نفسياتدان ڊاڪٽر جيمس هيمنگ جي لکيل ڪتاب "انسٽيڊ آف گاڊ" جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو به ان خيال کي مدِنظر رکي ڪيو ويو آهي ته سنڌي ماڻهن کي جديد علم ۽ فڪر کان روشناس ڪجي. روس جي ٽٽڻ کان اڳ سنڌي نوجوان زبردست ترقي پسند، سياسي طور باشعور، پڙهت، بحث مباحثي جو شوقين ۽ علمي

ڪتابن جو ڪيڙو هو. اڄ صورتحال ڪافي مختلف ۽ هڪ حد تائين مايوس ڪندڙ آهي. اڄ جي نوجوان وٽ ڪابہ منزل ناهي، ڪيس ڪوبہ طرف ناهي، هو ڀٽڪي رهيو آهي، هو اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻي رهيو آهي. وقت جون شيطاني ۽ تاريڪ قوتون هن کي اونداهيءَ ڏانهن ڇڪي ڪٽي وڃي رهيون آهن، ڇو تہ هاڻي هن جي ٻيڪهي متل آهي، سندن لاءِ ميدان خالي پيو آهي. هي ڪتاب اونداهيءَ سان جنگ ڪرڻ جو هڪ هٿيار آهي، ڀٽڪي ويلن کي دڳ لائڻ جو ڏس آهي. گُهگهہ اونداهي رات ۾ روشنيءَ جو هڪ تيز ڪرڻو آهي، جيڪو هيٺ ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ کان بچائي سگهي ٿو.

هي ڪتاب انسان، زندگي، ڌرتي ۽ ڪائنات متعلق هڪ جديد، غير مذهبي ۽ سائنسي نقطہ نظر پيش ڪري ٿو. هن وقت تائين ڪيل سائنسي تحقيقن جو نچوڙ ڏئي ٿو. ڪائنات جي وسعت ۽ ان ۾ انسان جي حيثيت، ارتقا (انسان جي ارتقا سميت)، انساني سڀاءَ جي منفي ۽ مثبت پاسن جي سائنسي ڇنڊڇاڻ، عورتن سان اٺبرابريءَ واري سلوڪ جو مذهبي روپ، مذهبن جو ڪردار، انساني شعور جا قسم، ڌرتيءَ جي سار سنڀال هي اهي چند موضوع آهن، جن تي جيمس هيمنگ، هن ڪتاب ۾ ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. انسان ۽ هن سان لاڳاپيل مسئلن مان ڪوبہ اهڙو مسئلو ناهي، جنهن تي هن ڪتاب ۾ بحث نہ ڪيو ويو هجي، ۽ ان جو متوازن، عقلي، سائنسي ۽ سيطرفو تجزيو نہ ڪيو ويو هجي.

مصنف هن ڪتاب ذريعي دنيا جي سمورين قومن کي هڪ گڏيل ايجنڊا ڏني آهي: انسانذات کي عالمي سطح تي پيش آيل انهن بنيادي مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪي جيڪڏهن سموريون قومون گڏجي حل ڪن تہ انسانذات ترقيءَ جا ڇال ڏئي سگهي ٿي ۽ هر فرد خوشحال ٿي سگهي ٿو. ڪتاب جي مصنف انسان مٿان وڏي ذميواري رکي ڇڏي آهي، نہ رڳو پنهنجي ڀائيوار انسانن جي خوشحاليءَ جي پر ڌرتيءَ تي وسندڙ هر جاندار ۽ غير جاندار شيءِ جي بقا جي، سڄي ڌرتي سياري جي بقا جي، بلڪہ ان کان بہ اڳتي پوري ڪائنات جي! ان ڪري تہ ڪائنات ۾ صرف هو ئي هڪ باشعور هستي آهي ۽ هن وٽ هاڻي اهي وسيلا ۽ صلاحيتون آهن جو هو اها ذميواري احسن نموني نڀائي سگهي ٿو.

ضمير

پيش لفظ

انسان هميشہ اهو ڄاڻ جي جستجو ڪئي آهي تہ اهي ڪائناتي اسڪيم ۾ ڪٿي بيٺا آهن. هنن کي ان ڄاڻ جي ضرورت آهي، تہ جيئن هو وضاحت لاءِ پنهنجي بک کي مطمئن ڪري سگهن، پنهنجين زندگين لاءِ هڪ مرڪز ۽ اهميت حاصل ڪري سگهن ۽ پنهنجين برادرين کي قائم ڪري سگهن ۽ سندن رهنمائي ڪري سگهن. ڪيترن ئي سالن کان اهڙي هم آهنگ نقطہ نظر جي ڪوٽ پئي رهي آهي ۽ نتيجي ۾ ماڻهو وڌ ۾ وڌ بي قرار ۽ منجهيل پئي رهيا آهن. مذهب، جن ماضيءَ ۾ يقيني پيش ڪئي ٿي، هاڻي وڏيڪ اهڙي دعويٰ نہ ٿا ڪري سگهن. سائنس جون ڪوجنائون مڪمل انساني تجربي جي وضاحت ڪرڻ کان ڪٿي پون ٿيون. اهڙي هڪ وقت تي ماڻهو آپيشاهاٿين نقلي يقينين هيٺ سهارو وٺندي يا هڪ همعصر دنيائي نقطہ نظر تشڪيل ڪرڻ جي مهم تي گامزن ٿيندي آئت ڳولي سگهن ٿا، جنهن ۾ اسان سڀني جو حصو هجي. هي ڪتاب، جانباز ماڻهن لاءِ آهي. اهو اصلي هئڻ جي دعويٰ نہ ٿو ڪري پر اهو البت هڪ مرڪزي نقطي کي پيدا ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يعني ضروري ڳالهين کي هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻ جي، جن کي اسان کي ڌيان ۾ رکڻو آهي، جيڪڏهن اسان کي هڪ اهڙو نقطہ نظر تخليق ڪرڻو آهي، جيڪو ذاتي زندگيءَ ۽ اسانجي ٽٽل جدوجهد ڪندڙ دنيا کي بڌي ۽ رستو ڏئي سگهي.

ليکڪ جي باري ۾

ڊاڪٽر جيمس هيمنگ هڪ نفسياتدان ۽ انساني نشو و نما سان لاڳاپيل موضوعن تي عالمي سطح جو هڪ ليڪچرر آهي. هو ورلڊ ايجوڪيشن فيلوشپ جو تعليمي صلاحڪار ۽ برٽش سائيڪولاجيڪل سوسائٽيءَ جو هڪ فيلو آهي. هن علمِ نفسيات، تعليم ۽ ذاتي نشو و نما جي ميدانن ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. سندس ڪتاب "بِتريَل آف يُوٿ" تعليمي ماهرن ۽ استادن طرفان تمام گهڻو ساراهيو ويو. هن تعليم جي شعبي، صنعت ۽ صلاح مصلحت جي شعبي ۾ ڪم ڪيو آهي. هن ڪيترن ئي موقعن تي ريڊيو تي پروگرام ڪيا آهن، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ٻہ.

حصو پهريون

انسان جي حالت

باب پهريون

خدا بابت سوال

اسان يهودي ۽ عيسائي روايت پسند، بحيثيت فردن جي، هڪ سماج جي، يا عالمي طور تي، ان حقيقت کان هاڻي وڌيڪ لنوائي نه ٿا سگهون ته جديد علم جي روشنيءَ ۾ هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جو خيال ڪمزور لڳي ٿو. اسان هڪ خوف ـــ جاڳائيندڙ وسعت واري ڪائنات ۾ رهون ٿا. جيترو گهڻو انساني ذهن ان جي رازن کي پروڙيندو وڃي ٿو، اوترو وڌيڪ عجب ۽ اسرار وڌندو وڃي ٿو، پر اسان اتي ڪنهن به خدا کي نه ٿا لهون يا ڪنهن به صورت ۾ ان روايتي خدا جهڙي شئي نه ٿا ڏسون، جنهن جي باري ۾ اسان مان گهڻن کي ننڍپڻ ۾ سيکاريو ويو آهي. اهو خدا جنهن کي اسان جي عبادتگاهن ۽ اسڪولن ۾ اجا مرڪزي حيثيت حاصل آهي. عقيدي ۾ هيءَ تبديلي تمام وڏي نتيجي واري آهي. هڪ مداخلت ڪندڙ خدا ۾ عقيدو، ماڻهن کي بحيثيت انسانن جي، پنهنجين ذميوارين کي حقير سمجهڻ جي دعوت ڏئي ٿو، ڇو ته هڪ هنگامي صورتحال ۾ يا ضرورت وقت، خدا کي سمجهيو وڃي ٿو ته هو موجود هوندو، پر جيئن دنيا کي بحران وڪوڙيندا وڃن ٿا. مسئلو اهو ناهي ته آيا اسان خدا کي وساري ڇڏيو آهي يا خدا، انسانذات کي وساري ڇڏيو آهي، پر اهو آهي ته اهو مڪمل طور تي اسان مٿان ڇڏيل آهي ته مستقبل ۾ ڇا ٿيڻو آهي، آيا دنيا زنده بچندي يا ختم ٿي ويندي، آيا اها وڌيڪ خوبصورت ٿيندي يا هڪ لٽيل ۽ تذليل ڪيل بخشش بڻبي. ان ڪري اهو ضروري ٿي پيو آهي ته اسان زندگيءَ بابت هڪ جديد نقطه نظر تلاش ڪريون، جيڪو انسان جي مقصد کي هلائڻ ۽ اڀارڻ جي قابل هجي، جيڪو حقيقتن سان سهمت هجي ۽ جنهن کي سڀ ماڻهو پنهنجو سمجهن. هيءَ ضروري پيش قدمي آسانيءَ سان حاصل نه ٿي سگهندي ڇو ته ڪيترن ئي سالن کان مداخلت ڪندڙ خدا تي ايمان ۾ آيل گهٽتائيءَ جي باري ۾ خاموشيءَ واري سازش اختيار ڪئي پئي وئي آهي.

١

اهو مڪر ڪرڻ سولو آهي تہ شيون بلڪل ائين آهن، جيئن اڳ اهي هيون. روايتي خدا کي ٻارن جي پيدائش ۾، شادين ۾، موتن ۾ ۽ قانوني عدالتن ۾ هڪ مرڪزي شڪل جي حيثيت ۾ عزت ڏني وڃي ٿي. هن کي فردن لاءِ يقين جو سرچشمو ۽ رياست لاءِ استحڪام جو سرچشمو ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. پر بهرحال تازن سالن ۾ هن عمارت ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا آهن. اعليٰ مرتبي وارا مذهبي ڪتاب، هڪ هڪ ڪري ظاهر ٿيا آهن، جيڪي خدا جي تصور جي هڪ نئين سر جاچ پڙتال جو سڏ ڏين ٿا . انهن مان پهريون ڪتاب جان رابنسن جو "خدا سان سچو" آهي، جيڪو اڄ کان 20 سال اڳ ڇپيو هو، ان ڪتاب مذهبي اقتداري حلقن ۾ صدمي جي هڪ لهر دوڙائي ڇڏي. ان ڪتاب جو وڪرو بہ تمام گهڻو ٿيو. چوڏهن سال پوءِ 1977 ۾ "مجسم خدا جي ڏند ڪٿا" سٽن مذهبي عالمن طرفان هڪ گڏيل بيان منظر تي آيو. ان ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ خدا ۽ حضرت عيسيٰ جي باري ۾ قائم ڪيل روايتي مفروضن تي ٻيهر نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن ڪتاب ڪانپوءِ 1980 ۾ ڊان ڪيوپٽ جو ڪتاب "خدا کان موڪلائي" آيو، جنهن خدا بطور هڪ شخص جي تصور کي، خدا بطور هڪ آئٽ ڏيندڙ ڏند ڪٿا جي تصور ۾ بدلائي ڇڏيو. آخر ۾ 1983ع ۾ "خدا ۾ ڇو ايمان رکجي" ڪتاب ڇپيو. هن ڪتاب ۾ مائيڪل گولڊر ۽ جان هڪ، جن ٻنهي "مجسم خدا جي ڏند ڪٿا" جي تحرير ۾ بہ حصو ورتو هو ۽ تڏهن کان انهن مان هڪڙو چرچ ڇڏي چڪو آهي، خدا جي ذاتي تجربي جي معقوليت يا غير معقوليت تي بحث ڪن ٿا. ٻنهي ليکڪن مان بهرحال ڪوبہ، هڪ وچ واري خدا ۾ ايمان نہ ٿو رکي، جڏهن تہ محترم ڊان ڪيوپٽ، پنهنجي تازي ڪتاب، "عقيدي جو سمنڊ" (1984) ۾ خدا کي "اسان جو مذهبي آئيڊيل اسانجن قدرن جونچوڙ، جيڪو اسان آڏو انهن قدرن جي مثالي ٻڌيءَ کي، اسان مٿان انهن جي دعويٰ کي ۽ انهن جي تخليقي قوت کي، ظاهر ڪري ٿو." اهڙي طرح چرچ جي ٻين پادرين بہ پراڻي تصور کي چئلينج ڪيو آهي.

خدا جا تصور

خدا جي تصور ۾ تبديلي رڳو مذهبي استدلال جي اعليٰ ميدانن ۾ نہ ايندي رهي آهي، عام رواجي ماڻهو بہ سوال پڇندا پئي رهيا آهن ۽ بدلجندا پئي رهيا آهن. اهي هاڻي وڌيڪ اهو محسوس نہ ٿا ڪن تہ مڃيل مذهبن طرفان تشريح ڪيل خدا ۾ لازمي طور ايمان رکن، ان جي بدران اهي پنهنجن ڏيانن ۽ اميدن جي عڪس ۾ خدا ناهي رهيا آهن يا پراڻي ايمان تان هٿ کڻي رهيا آهن. هي سڀ

ڪجهہ ننڍي يا وڏي پيماني تي دنيا جي سمورن مذهبن ۾ ٿي رهيو آهي، پر اسان کي برطانيہ ۾ عيسائيت جي حالت تي نظر وجهڻ سان شروعات ڪرڻ کپي. هتي اسان لنڊن جي چيزي تي موجود هڪ عمده اسڪول جي شاگردن جي هڪ ذهين گروپ جي خيالن جو انتخاب پيش ڪريون ٿا.

* مان خدا کي هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جي شڪل ۾، جيڪو سياڻو آهي، هڪ عظيم قوت تصور ڪريان ٿو.
* خدا جي باري ۾ منهنجو تصور هڪ اهڙي ماڻهوءَ وارو آهي، جنهن کي ماڻهو، پنهنجي بئي پيءُ وانگر سمجهي، جيڪو مان محسوس ڪيان ٿو تہ هميشہ مدد ڪري سگهي ٿو، جڏهن بہ ڪا شيءِ غلط ٿئي ٿي.
* خدا هڪ شخص آهي.
* خدا هڪ شخص ناهي، پر هو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ آهي ضرور.
* خدا، هڪ قسم جو روح آهي.
* مان خدا کي تخليق جي قوت طور تصور ڪيان ٿو، جيڪا پلاٽي ۽ محبت جي روپ ۾ آهي.
* خدا هڪ غير جسماني مڪمل شو آهي.
* خدا هڪ مڪمل هستي آهي، جيڪڏهن هو جيئرو آهي، ٻي صورت ۾ مونکي ڪا خبر ناهي.
* مان خدا کي تصور ۾ نہ ٿو آڻي سگهان.
* مونکي خبر ناهي تہ اهو ڪيئن آهي يا ماڳهين ڪو خدا آهي بہ!
* مان خدا ۾ ايمان نہ ٿو رکان.

آزاد ٽيليويزن اٿارٽي طرفان 1970 ۾ پيش ڪيل برطانيہ ۽ اتر آئرلينڊ ۾ مذهب جي جائزي بہ ساڳيا اختلافي خيال سامهون آندا. برطانيہ ۾ هيٺيان خيال هئا:

+ خدا بطور هڪ شخص جي 37 سيڪڙو.
+ ڪنهن قسم جي غير جسماني قوت 42 سيڪڙو
+ ٻيا جواب 21 سيڪڙو

۽ خدا تي ايمان جي سوال تي:

* يقين وارا ماڻهو 50 سيڪڙو
* غير يقيني يا نہ مڃيندڙ ماڻهو 50 سيڪڙو

جيڪا شيءِ گهٽي ۾ گهٽي غير يقيني پيدا ڪري ٿي، اها آهي هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جي تصور جي ثابت قدمي. جيڪڏهن خدا مان ماڻهن جي مراد

هڪ عالمگير ۽ ابديءَ جو هڪ احساس آهي، تہ پوءِ ڪي بہ مسئلا نہ ٿا اُڀرن ڇو تہ پوءِ اسان "خدا" کي انساني شعور جي هڪ پهلوءَ لاءِ بطور هڪ نالي جي استعمال ڪري رهيا آهيون يا جيڪڏهن "خدا" اهو نالو آهي، جيڪو اسان ان اسرار کي ڏيون ٿا، جيڪو انساني زندگيءَ کي وڪوڙيون وينو آهي، تہ پوءِ اهڙو خيال بہ ڪو فرق نہ ٿو پيدا ڪري، اسان جون زندگيون اسرار ۾ لڪل آهن. يا وري جيڪڏهن "خدا" اهڙو نالو آهي، جيڪو اسان انساني تجربي ۾ ماورائي ادراڪ ۽ نيڪ، جيڪي اعليٰ ترين شعور جا اهي پهلو آهن، جن کي "روحاني" سڏيو وڃي ٿو، لاءِ استعمال ڪريون ٿا، تہ پوءِ بہ سڀ ٺيڪ آهي پر جيڪڏهن خدا کي هڪ اهڙو شخص ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن هيءَ ڪائنات تخليق ڪئي ۽ جيڪو پنهنجي تخليق جي اندر يا ٻاهر (يا ٻنهي پاسي) موجود آهي ۽ جيڪو جو ڪجهہ بہ ڪائنات ۾، يا اسان جي سياري تي يا اسان جي زندگين ۾ وهي واپري ٿو، ان ۾ مداخلت ڪري ٿو، تہ پوءِ اسان هڪ وڏي مصيبت ۾ پنجي وڃون ٿا، ڇو تہ اسان اهڙي قسم جي ڪائنات ۾ نہ رهي رهيا آهيون. اُن مفروضي تي هڪ دنيائي نقطہ نظر اڏڻ تہ اسان اثين آهيون، اسان جي حالت کي انساني ڄاڻ جي هر وڏي واڌاري اڏو ڪمزور بڻائي ڇڏي ٿو. سمورا ماڻهو، انساني زندگيءَ جي انتهائين پيدائش، وجود ذات، موت سان سمجهوتو ڪرڻ جا جتن ڪن ٿا پر انهن کي سمجهڻ لاءِ اسان جي پيش قدمي لازماً معقول وکن کڻڻ سان ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن اسان آخر ۾ نراسائيءَ سان منجهيل ٿي رهڻ نہ ٿا چاهيون.

پر جيئن تہ اها ڳالهہ يقيني آهي تہ اسان جي سياري ڌرتيءَ جي خير عافيت جي ذميواري اسان جن ابن ڏاڏن جي خدا جي هٿن مان نڪري هاڻي ۽ هتي جي انسانذات جي هٿن ۾ اچي چڪي آهي، پر پوءِ بہ خدا جو تصور ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ اجا باقي رهندو. اهو تمام پراڻي وقت کان قائم ڪيل آهي ۽ تمام گهڻن ماڻهن جي نظر ۾ ان جو اينترو وڏو مان آهي، جو ان جو ختم ٿيڻ مشڪل آهي.

انسان هميشہ اڻڄاتل کي ڄاڻڻ جي بک محسوس ڪندو رهندو، پوءِ اسان کي جديد سوچ ۽ محسوسات جي حوالي سان خدا جي ضرورت جي سوال جو جواب ڳولڻو پوندو، اهڙيءَ طرح اسان انسان ۽ خدا جي روايتي تصورن کي بلند تر ڪري ڇڏينداسين تہ جيئن اسان پاڻ ۽ پنهنجي چوڌاري موجود شين جي وچ ۾ هڪ نئين ۽ وڌيڪ تخليقي رشتي تائين پهچي سگهون.

مذهبي مونجهارو

هيءَ ڳالهہ سمجهڻ لاءِ تہ خدا جو تصور ڪيئن دنيا جي مسئلن تي اثرانداز

ٿئي ٿو، اسان کي لازمي طور مذهبن جي ڪردار تي غور ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جو تصور اڪثر مذهبن ۾ موجود آهي، اهي مذهب ان تصور کي پاليندا آهن ٿا ۽ ان کي حق بجانب قرار ڏيندا اچن ٿا. بهرحال اسان کي شروع ۾ ئي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته مذهب ۽ خدا کي هڪ ساڳي شيءِ سمجهڻ غلط آهي. عظيم اثر ۽ روحاني طاقت وارا اهڙا مذهب به آهن جيئن ٻڌ ڌرم ۽ تائوازم، جن کي ڪوبه خدائي بنياد ڪونهي. اسان کي اهو به ضرور ڏسڻ گهرجي ته مذهب خدا جي تصورن کان علاوه ٻيا تصور به اڳتي وڌائن ٿا، جيڪي اڪثر هڪٻئي سان تضاد ۾ اچن ٿا. اهڙو هڪ فرق جيڪو جديد دنيا ۾ تمام وڏي اهميت وارو آهي، اهو آهي ته ڪجهه مذهب حقيقت ۾ آپيشاهاڻا ۽ موروثي آهن، جڏهن ته ٻيا مذهب وري سهپ وارا ۽ ڪشاده دل آهن. يهوديت ۽ عيسائيت پنهنجي بڻ بنياد ۾ آپيشاهاڻا آهن. بهرحال انهن مذهبن جا گهڻائي پوئلڳ ڪيترن سالن کان پوءِ نرم ٿي چڪا آهن. ان جي ابتڙ ٻڌڌرم ۽ هندوڌرم هميشه کان ڪليل ۽ سهپ وارا مذهب رهيا آهن، جن سچ جي ڳولا کي هميشه کان عزت سان پئي ڏٺو آهي. مشرق ۾ ته ماڻهن لاءِ اها ڳالهه به غير عام نه آهي ته هو هڪ کان وڌيڪ مذهبن جا پوئلڳ هوندا آهن، جيڪڏهن هو اهو محسوس ڪندا آهن ته هر مذهب وٽ هنن کي ڏيڻ لاءِ ڪا نه ڪا خاص شيءِ آهي.

موجوده صورتحال ۾ منجهائيندڙ عنصر هي آهي ته ڪي مشرقي مذهب خاص طور ٻڌڌرم ۽ تائوازم، روايتي مغربي مذهبن جي ڀيٽ ۾ اسان جي جديد سائنسي معاشري سان وڌيڪ بهتر نموني، فلسفيانه طور ٺهڪن ٿا. ان کان علاوه يهودي ۽ عيسائي مذهب پنهنجي ڪردار ۾ ابتدا ته آپيشاهاڻا، موروثي ۽ قبائلي آهن جو اهي مغرب جي ڪليل، جمهوري ۽ جنسي طور آزاد معاشرن سان ٺهڪي نه ٿا سگهن. مغربي مذهبن کي پنهنجيون ڪليل غير عقيدائي صورتون پڻ آهن، پر اهي به روايتي لاڙن ڏانهن پنهنجي موٽڻ جو هڪ رجحان ڏيکارن ٿيون، جيئن تازي اسلامي بنياد پرستي ۾ ۽ عيسائين جي وري جاول (Born again) فرقن جي جنوني انتها پسنديءَ ۾ آهي.

اهو دليل ڏنو سگهجي ٿو ته سمورا مذهب پنهنجن رهنمائن، عقيدائي سرشتن، نشانين، مقدس لکيتن ۽ رسمن ۾ پنهنجن سڀني فرقن هئڻ جي باوجود به ساڳين ضرورتن تحت پيدا ٿيل هئا ۽ سڀ ساڳيا مقصد ماڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، البت مختلف رستن ذريعي. هيءَ ڳالهه جزوي طور صحيح آهي، پر اسان ان ڳالهه ۾ اتفاق راءِ لاءِ اميد نه ٿا رکي سگهون ڇاڪاڻ ته اختلافن باوجود، جيڪي موجود آهن، عام بنياد جيڪو انهن جي وچ ۾ وجود رکي ٿو، تعاون بدران فساد پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

هي جهيڙو نه رڳو مختلف مذهبي برادرين جي وچ ۾ موجود آهي پر اهو

خود انهن الڳ مذهبي برادرين ۾ به اختلافن ۽ فرقن ڪري، سهڪار کي روڪي ٿو. عيسائي برادريءَ ۾ هڪ جديد پادري، هڪ بنيادپرست کان ڪافي مختلف آهي. هن وقت به اسلامي قومون هڪ ٻئي سان جنگ ڪري رهيون آهن، يهودي برادريءَ ۾ آزاد خيال ربيس، روايتي ربيس سان سخت تنازعي ۾ آهن. اهڙي طرح ٻيا به اهڙا اختلاف موجود آهن. اهڙي قسم جي گهڻن ئي تنازعن ۾ اها ڳالهه ضروري هوندي آهي ته مذهب، مردن جي بالادستيءَ هيٺ رهڻ ڏانهن جهڪيل هوندا آهن. هيءَ ڳالهه ويندي هندوازم لاءِ به سچي آهي. ڪنهن به مذهبي برادريءَ ۾ عورتن کي سواءِ هڪ معمولي ڪردار ادا ڪرڻ جي، ٻي ڪابه شيءِ ڪرڻ جي اجازت نه ڏنل آهي، ويندي بيضرر ڪنفيوشنزم، جيڪو هڪ مذهبي فلسفي جي طور تي پنهنجي شموليت جي ذميواري کڻي ٿو، به عورتن جي قدر و قيمت ڪرڻ ۾ بري حد تائين خراب آهي، جيئن اسان مثال طور ذڪڻ ڪوريا ۾ عورتن جي حالت مان ڏسون ٿا، عورتن جي اها ذلت مذي خارج آهي ۽ اسان جي دور جي سماجي تحريڪ جي بلڪل ابتڙ آهي.

مذهبي برادرين ۾ موجود انهن اختلافن ۽ مشڪلاتن کي هتي بيان ڪرڻ جو مقصد اهو ظاهر ڪرڻ آهي ته مختلف مذهبن کي گڏ ڪرڻ ذريعي دنيا لاءِ هڪ همعصر نقطه نظر پيدا ڪرڻ جو امڪان تمام گهٽ آهي. ان جي بدران اسان جي اميد وجود جي هڪ نئين واٽ ۾ هجڻ گهرجي، جيڪا مذهبن کي انساني ڏيک جو حصو سمجهندي، انهن جي اختلافن کان بالاتر ٿي، دنيا ئي سهڪار لاءِ هڪ عالمگير بنياد فراهم ڪري. هي محض هڪ نظرياتي معاملو ناهي. جيڪڏهن اسان کي زنده رهڻو آهي ته پوءِ بحيثيت هڪ نسل جي، دنيائي تعاون جي هڪ اعليٰ سطح پيدا ڪرڻ لاءِ اسان وٽ نسبتاً تمام ٿورڙو وقت آهي. هن نئين نقطه نظر کي ساڳئي وقت تي حقيقي، تصوراتي ۽ معقول ٿيڻو پوندو. هڪ اهڙو نقطه نظر جنهن کي سموري انسانذات ۽ سموري عورت ذات، قطع نظر ان جي ته هنن کي پنهنجين زندگين ۾ ٻيون ڪهڙيون به وابستگيون هجن، پنهنجو پائني.

نوجوانن جو مونجهارو

هن دور ۾ خاص طور تي نوجوان وڏيڪ غير محفوظ آهن، جڏهن مذهبي يقينيون، صفائي ۽ ايمان پاڻ سان گڏ وڏيڪ نه ٿيون کڻي هلن، جيڪي هونئن اڳ

اهي ڪٿي هلنديون هيون. نوجوان ماڻهو ايمان جي هڪ اهڙي انداز جي تحفظ جي تمنا ڪن ٿا، جنهن ڪي هنن لاءِ ڪا معنيٰ هجي، هنن مان گهڻائي ان ڪي ڳولڻ جي جستجو ڪن ٿا پر سندن اها ڳولا اڪثر هنن کي غير مطمئن ئي ڇڏي ڏئي ٿي، هنن جي تلاش اجا وڌيڪ مشڪل آهي، ڇو ته تقريباً سموري جديد دنيا ۾ ڦهليل اثر ڪپائو مادي پرستيءَ جو آهي، جنهن جو مرڪزي قدر "ڇا اهو صحيح آهي؟" ناهي پر "ڇا اهو پئسا ڏيندو؟" آهي، هيءَ صورتحال هڪ اڻ اُتساهيندڙ دنيا ئي ڏيک پيدا ڪري ٿي، جيئن هڪ هندوگروءَ چيو آهي، "مغرب جا نوجوان ماڻهو اسان وٽ هڪ جواب لاءِ اچن ٿا ۽ اسان جا نوجوان ماڻهو، آمريڪا هڪ جواب لاءِ وڃن ٿا ۽ اڪثر ڪري ٻنهي مان ڪوبه اهو نه ٿو لهي سگهي ته هو ڪهڙي شيءِ جي تلاش ڪري رهيو آهي."

هن تلاش جو هڪ نتيجو، نوجوانن کي ڪمزور ڪندڙ بي حسي ٿي سگهي ٿو. بيو ڪنهن هڪ يا ٻئي قسم جي فرقي (Cult) ۾ اڪيون بوتي داخل ٿيڻ ٿي سگهي ٿو، جيڪو لڳندو آهي ته ڪين يقيني ۽ تحفظ پيش ڪري ٿو پر آخر ۾ اهو سندن ضرورتن کان گهٽ ثابت ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن ته بدعنوان نڪرندو آهي. نوجوانن جي اهڙين سوچن جو اجا بيو اظهار، نراسائي جي هڪ قدم طور انتها پسنديءَ کي وڃي ڳلي لڳائڻ هوندو آهي. آخر ۾ هر شيءِ کان نفي ڪرڻ واري نظرئي (Nihilism) جي خطرناڪ بند ڳلي وڃي ٻچندي آهي، جنهن ڏانهن ڪيترائي نوجوان ماڻهو جو ڪجهه وٽن هوندو آهي، ان جو ڪو به مقصد نه ناهي سگهڻ جي واحد نااميديءَ ڪري، گهليا ويندا آهن. نوجوانن ۾ خودڪشي ۽ منشيات جي واهپي جو دڪدائڪ اضافو، ان ڳالهه جو پڪو ثبوت آهي ته اسان هنن کي زندگي جي اهميت جو احساس يا ڪا به مطمئن ڪندڙ معنيٰ ڏيڻ ۾ ناڪام ويا آهيون.

جيستائين مجيل مذهبن جو تعلق آهي، ته نوجوان ٻن بنيادي طور مختلف رستن ۾ وڃي رهيا آهن. انهن مان ڪي انتها پسند بنيادپرستيءَ ڏانهن موٽي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته اها پاڻ وٽ مڪمل سچ هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿي، جيڪا شيءِ نوجوانن ۾ موجود عدم تحفظ کي هميشه پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي، پر بيا، جيڪي لڳي ٿو ته تمام گهڻي تعداد ۾ آهن، وجود جي روايتي مذهبي تشريح کي پنهنجي پٺي ڏئي رهيا آهن. برطانيه جي آزاد ٽيليويزن اٿارٽي، طرفان مذهبي عقيدن ۾ ڪيل انڪوائري ۾، اهو نوجوان ماڻهن جو ڏڙو ئي هو، جنهن خدا جي وجود ۾ پنهنجو يقين گهٽي ياگي وڃائي ڇڏيو آهي.

خدا جي وجود ۾ يقين ڪندڙ	عمر 16 کان 24 سال	55-64 سال
خدا جي وجود ۾ يقين ڪندڙ يا نہ محيندڙ	37 سيڪڙو	60 سيڪڙو
	63 سيڪڙو	40 سيڪڙو

تازو ڪيل هڪ سروي "80 جي ڏهاڪي ۾ نوجوان ماڻهو" اهو معلوم ڪيو آهي تہ 70 سيڪڙو نوجوان چرچ جي سرگرمين ۾ حصو نہ ٿا وٺن.

نوجوانن جو هي بدليل نقطہ نظر اٽڪل هڪ هزار شاگردن مٿان ڪيل هڪ وڏيڪ کوجنا مان بہ ظاهر ٿيو. شاگردن کان اهو سوال ڪيو ويو تہ هڪ بي ايمان، سخت يا خود غرض انداز ۾ عمل ڪرڻ جي لالچ کان روڪڻ لاءِ، هنن وٽ بہ سڀ کان وڌيڪ اهم سبب ڪهڙا هئا. هنن کي اهو انتخاب ڪرڻ لاءِ پنج سبب پيش ڪيا ويا.

1. ڇاڪاڻ تہ توهان پنهنجي مذهب جي اصولن مطابق زنده رهڻ چاهيو ٿا.
2. ڇاڪاڻ تہ توهان پنهنجن دوستن جو توهان جي باري ۾ قائم ڪيل سٺو رايو وڃائڻ نہ ٿا چاهيو.
3. ڇاڪاڻ تہ توهان اهو ڪرڻ چاهيو ٿا، جيڪو توهان پاڻ سان ٿيڻ پسند ڪندؤ.
4. ڇاڪاڻ تہ توهان محسوس ڪيو ٿا تہ مٿان ان جي سزا يا انتقام توهان کان ورتو وڃي.
5. ڇاڪاڻ تہ توهان محسوس ڪيو ٿا تہ اهڙو ورتاءُ توهان کي سونهي نہ ٿو.

رڳو 14 سيڪڙو نوجوانن مذهبي سبب کي پنهنجي "پهرين چونڊ" قرار ڏنو، 70 سيڪڙو يا تہ ٽيئن قسم جي جواب، "ڇاڪاڻ تہ توهان اهو ڪرڻ پسند ڪيو ٿا، جيڪو توهان پاڻ سان ٿيڻ پسند ڪندو" يا آخري جواب، "ڇاڪاڻ تہ توهان محسوس ڪريو ٿا تہ اهڙو ورتاءُ توهان کي سونهي نہ ٿو" جي حق ۾ فيصلو ڏنو. اسان کي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ٽيون جواب ان سونهري اصول برابر آهي، جيڪو دنيا جي سمورن وڏن مذهبن ۾ هڪ يا ٻي شڪل ۾ موجود ڏنو ويو آهي.

روايتي عيسائيت ۾ مونجهارا

سونهري اصول جو ذڪر عيسائي خدا جي مخصوص غور ويچار ڏانهن وٺي وڃي ٿو، اهو ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته عيسائيت مغربي تهذيب جو تاريخي اڪثريتي مذهب آهي، اهو برطانيه ۾ پڻ قانوني طور قائم ٿيل مذهب ۽ اسڪولن ۾ مذهبي تعليم جو هڪ مکيه مقصد آهي. حضرت عيسيٰ اها تعليم ڏني ته خدا جا ٻه عظيم احڪامات آهن: خدا سان پيار ڪر ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جيان پيار ڪر، هنن ٻن احڪامن تي سمورا قانون ۽ اصول لٽڪن ٿا. اسان کي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ٻئي عظيم حڪم جي معنيٰ، پنهنجي پاڙيسريءَ سان ايترو پيار ڪر، جيترو پيار، تون پنهنجو پاڻ سان ڪندو آهين." ناهي پر اها آهي ته "جڻ ته هو/ هوءَ خود تنهنجو حصو آهي." هي انسان ۽ انسان وچ ۾ هڪ رحمدلانه همدردي پيدا ڪرڻ جي ڪوٺ آهي، جيڪا جديد ذهن لاءِ مڪمل طور تي قابل قبول آهي، ان کي جيئن اسان ڏسي چڪا آهيون. شاگردنءَ جي مثال ۾ سڀ ڪان مٿاهين جڳهه تي رکيو ويو هو، پهريون عظيم حڪم بهرحال مشڪل پيدا ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته جيئن اسان اڳ ئي ڏسي چڪا آهيون ته ڪائنات جي خالق خدا - عيسائي عقيدي جي مرڪز جو وجود هاڻي شڪ ۾ آهي. اهو تصور هن زماني لاءِ تمام گهڻو قبائلي تمام گهڻو مرداڻو ۽ آپيشاهاڻو آهي. انجو هن ڪائنات متعلق نقطه نظر تمام گهڻو محدود ۽ علائقائي آهي، جڏهن ته انسان متعلق بائيبل جو خيال يعني ٻي سموري زندگيءَ مٿان هن جي حق بجانب نموني حاوي هجڻ جو خيال، ڪيترن ماڻهن جي نظر ۾ خدا طرفان لعنت آهي."وڌو ۽ ويجهو ۽ ڌرتيءَ کي وري ڀري ڇڏيو ۽ انکي زير ڪريو ۽ سمنڊ جي مڇيءَ مٿان ۽ هوا جي پکيءَ مٿان ۽ ڌرتيءَ مٿان چرندڙ، هر زنده شيءَ مٿان غلبو حاصل ڪريو." (پيدائش باب پهريون) ڪيترا ماڻهو ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندا ته ابراهيم ۽ موسيٰ جو خدا يعني پراڻي عهدنامي (توريت ۽ زبور) جو خدا. عيسائيت ۾ عيسيٰ جي خدا طرفان منسوخ ٿي ويو، نه رڳو هڪ قادر مطلق خدا پر هڪ سراپا محبت ڪندڙ خدا پڻ. اهو اسان کي خدا جو هڪ پرجوش، رحمدل ۽ وڌيڪ گهرائپ وارو تصور ڏئي ٿو پر اهو به جديد ڄاڻ جي مقابلي ۾ مشڪلاتن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. سينٽ جان اسان کي ٻڌائي ٿو، "سموريون شيون هن (خدا) طرفان ٺاهيون ويون آهن ۽ هن کانسواءِ ڪابه اهڙي شيءِ نه ٺاهي وئي جيڪا ٺاهي وئي." ان ڪري خلقيل شين ۾ اسان کي لازمي طور پليگ جو بئڪٽيريا، ڪتي جي چڪ جي

بيماريءَ جو وائرس، ماتا جو وائرس، (جيڪو هاڻي خوش قسمتيءَ سان ميڊيڪل سائنس طرفان سڄي دنيا مان ختم ڪيو ويو آهي) زي زي (tsetse) مک ۽ جيري جو مفت خور جيوڙو شامل ڪرڻا پوندا، جيڪي ٻين ڪيترن ئي مفت خور جيوڙن سان گڏ انسان توڙي جانورن، ٻنهي لاءِ، صديءَ پنيان صديءَ ۾ زبردست اذيتون ۽ تباهيون آڻي چڪا آهن. زندگيءَ جا اهي ننڍڙا روپ به اوترئي خلقيل شيون آهن جيترا هاٿي، ظراف، مور ۽ وهيل مڇيون آهن. سينٽ جان جي چوڻ مطابق، اهي به خدا جي، سندس قادر مطلق هجڻ جي ڪردار ۾ اوترا ئي ذميوار آهن، جيترا وڏا جيو، پر انهن جو وجود هڪ خيال ڪندڙ سخي خدا سان ٺهڪندڙ نه آهي. يسوع مسيح لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن جتي ڪٿي به اذيت ڏني ان ڪي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪوڙهه، نابينائي ۽ ٻيون بيماريون جن لاءِ هو پريشان هو، ڪٿان آيون؟ مطلب ته هڪ پيار ڪندڙ خالق جي تصور کي، ڪمزور ڪندڙ ۽ تباهه ڪن بيماريءَ جي جيوڙن جي وجود سان ملائڻ جو ڪوبه رستو ناهي. يا وري هاڻي جيئن ته اسان وٽ رڪارڊنگ ۽ مواصلات جو هڪ عالمي نظام موجود آهي، ان ڪري اسان دنيا ۾ ڪٿي به رونما ٿيندڙ خشڪ سالين، ڏڪرن، ٻوڏن، طوفانن، زلزلن ۽ ٻرندڙ جبلن جي ڦاٽڻ جو لڳ ڀڳ هڪ لاڳيتو سلسلو معلوم ڪري وٺون ٿا. انهن کي سرڪاري طور خدا جا عمل چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته انسان کي انهن لاءِ ذميوار نه ٿو ٻڌائي سگهجي. ماضيءَ ۾ انهن آفتن کي غير معمولي سمجهيو ويندو هو ۽ اڪثر ڪري انهن کي خدا جي ناراضگيءَ جي نشاني ليکيو ويندو هو. اسان کي معلوم آهي ته اهڙيون وضاحتون هاڻي قابل قبول ناهن. هر سال اٽڪل هڪ عظيم زلزلو، ڏهه وڏا زلزلا هڪ سو تباهه ڪن جهٽڪا ۽ هڪ هزار نقصان پهچائيندڙ جهٽڪا اچن ٿا. 1906 ۾ آيل مشهور سان فرانسسڪو زلزلي ۾ ست سو ماڻهو مري ويا. هزارين ماڻهو بي گهر ٿي ويا. شهر جي مرڪز ۾ 3000 ايڪڙ زمين باهه جي ڪري تباهه ٿي ويئي؛ ٽوڪيو ۾ 1923 ۾ موت جي شرح تمام گهڻي هئي هڪ لک ٻاينتاليهه هزار ماڻهو يا ته مري ويا يا لاپتا ٿي ويا. 1960 ۾ اگادر زلزلي 12000 ماڻهو ماري ڇڏيا. 1983 ۾ ترڪيءَ ۾ آيل زلزلي ۾ 2000 ماڻهو مري ويا. هن سال ميڪسيڪو شهر ۾ زلزلو آيو. ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ گهڻ عام آهي، جيئوٽيڪ دنيا ۾ 430 ڦاٽي سگهندڙ ٻرندڙ جبل موجود آهن. 1883 ۾ جڏهن ڪراڪتنا جبل ڦاٽو، گهٽ ۾ گهٽ 36 هزار ماڻهو بيشمار جانورن سان گڏ مري ويا. اهو جبل اڃا تائين ٿهڪي رهيو آهي. 1902 ۾ ويسٽ انڊيا مارٽينڪ ٻيٽ ۾ جڏهن پيلي جبل اوچتو ڦاٽو، 28000 ماڻهو مري ويا. خشڪ ساليون ۽ ٻوڏون هڪ يا ٻئي ملڪ ۾ تقريباً مسلسل اچي رهيون آهن، اهي زلزلن ۽ ٻرندڙ جبلن کان به اڃا وڌيڪ برباد ڪندڙ قتلام آڻن ٿيون. طوفان هر سال ڪنين موت

۽ تباهي پيدا ڪن ٿا. قدرتي آفتون ۽ مفت خور جيوڙن، بئڪيٽريا ۽ وائرس طرف پيدا ٿيندڙ، بيماريون گڏجي تاريخ ۾ ٿيل سموريون جنگين کان وڌيڪ ماڻهو ماريا آهن. ظاهر آهي ته اهي حقيقتون هڪ قادر مطلق ۽ خيال ڪندڙ خدا جي عيساني تصور سان هم آهنگ نه ٿيون ٿين، جيتوڻيڪ اهي سڀ آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ آهن. اهي ڌرتيءَ جي متاچري جي نرڻ، خطرناڪ جيون جي ارتقا ۽ هوا جي لهرن جي تبديلين مان فطري طور ڦٽن ٿيون. هڪ دفعو وري هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جو تصور حقيقتن سان نهڪي اچڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو. اسان ڏسون ٿا ته روايتي عيساني سوچ جي وهڪري ۾ ايتريون ته ابتيون سبتيون لهرون آهن، جو اها همعصر ذهن جي آسانيءَ سان سفر ڪرڻ لاءِ موزون نه آهي. اسان کي پنهنجي وجود لاءِ هڪ اهڙو نقطہ نظر کپيِ جيڪو سائنسي وضاحت کي بلندتر ڪري ۽ جديد ڄاڻ سان نهڪندڙ هجي. روايتي عيساني سوچ ان معيار تي پوري نه ٿي لهي. ساڳي حالت وري ٻين مذهبن جي به آهي، جيڪي هڪ خالق خدا جي تعليم ڏين ٿا ، جيڪو دنياوي واقعن تي اثرانداز ٿئي ٿو.

هڪ نئين نقطہ نظر جي تلاش

هن سڄي معاملي جو خلاصو اهو آهي ته مغربي معاشرو پنهنجي هاٿوڪي مونجهاري واري حالت ۾ جاري نه ٿو رهي سگهي، جنهن ۾ اهو مڪر ڪري رهيو آهي ته پراڻا عقيدا مضبوط بيٺا آهن. اسان جي سياري ڌرتيءَ کي تمام وڏن مسئلن ـــ سياسي، اقتصادي، موسمي، فوجي، ماحولياتي، سماجي، خوراڪي، تحقيقاتي، قانوني ۽ آدمشماريءَ جي مسئلن سان منهن ڏيڻو آهي. ان ڪانسواءِ اڄ اسان دنيا جي چوڌاري اخلاقي بيچينيءَ جي هڪ خطرناڪ ۽ مايوس ڪندڙ حالت ڏسون ٿا. جيئن جيئن دنيا غاصبن، ٺڳن، چورن، بدعنوانيءَ، تشدد ۽ ظلم خلاف جدوجهد ڪري پنهنجو رستو ٺاهيو آهي، ان جدوجهد ۾ ڏنو ويو آهي ته وڏن توڙي ننڍن رتبن تي هميشہ ڏوهه ٿيندا پئي رهيا آهن. اڄ فرق اهو آهي ته ڪي به واضح اخلاقي مثالي نقطا موجود ڪونهن، جنهنڪري ماڻهن کي اها خبر ڪانهي ته هو ڪهڙن اصولن تي پنهنجو موقف ناهن، جيتوڻيڪ ٻين ماڻهن لاءِ اونو اڳي ڪڏهن به ايڏو گهٽو نه رهيو آهي، جيترو اهو اڄ آهي. هن صورتحال ماڻهن کي نڌڪائيءَ جي هڪ احساس ڪري ابتريءَ جي حالت ۾ ۽ حد کان وڌيڪ مستقل مزاج بڻائي ڇڏيو آهي، جو ته هڪ ياٻني ملڪ ۾ انتهائي ظلم ٿين ٿا، پوءِ ترديدون ڪيون وڃن ٿيون ۽ اقتصادي جواز يا سهوليت جي جواز کي اخلاقي اصول جي جاءِ تي آڻي بيهاريو وڃي ٿو. تنهنڪري ائين ٿئي ٿو ته باوجود فردن طرفان ۽ تنظيمن طرفان ٻين ماڻهن لاءِ وقف ڪيل گهڻي ڪم جي، دنيا جي صورت اخلاقي ابتريءَ

واري صورت آهي، جنهن ۾ مختلف مذهب ۽ مذهبي ڌڙا، سياسي ليڊر ۽ سندن پارٽيون تجارتي ارب پتي ۽ سندن تنظيمون انسانذات جي ڀلي لاءِ مختلف، متصادم ۽ متضاد دعويٰ ڪن ٿا، تان جو آخر ۾ هڪ عام انسان کي اها خبر پوي ٿي ته "ڇا صحيح آهي" ايترو ڪنهن اصول مٿان بيٺل نه هوندو آهي جيترو اهو گروهي فائدي جي تلاش تي بيٺل هوندو آهي، نه ئي هن سياري جي تنظيم جي ڪنهن به دائري ۾ صاحب اقتدار ماڻهن مان گهڻن کي ان ڳالهه جو ڪو چِٽو تصور آهي ته اهي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن، سندن ديد، فوري بحرانن مٿان غلبو پائڻ تائين محدود آهي ۽ آخري نتيجن جي گهٽي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ رڳوفوري فائدن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. عالمي روحاني ڏيوالپڻي جي هيءَ صورتحال، اهو بنياد نه آهي، جتان انسان ذات کي پيش آيل مسئلن کي حل ڪجي. اسان کي هڪ قسم جي اخلاقي صفائيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا ايڏي سخت نه هجي پر مضبوط اصولن تي بيٺل هجي، جيڪا اڳي هڪ پالڻهار خدا جي وجود ۾ عالمگير ايمان رکڻ مان ايندي هئي، جيڪو اسان جي ۽ اسان جي سياري جي سارسنڀال لهي ٿو ۽ غلط ڪم ڪندڙن کي سزا ڏئي ٿو. اسان کي هاڻي هن روايتي نقطه نظر جي جاءِ تي ڪو ٻيو نقطه نظر آڻڻو آهي. ان نقطه نظر کي اسان جي زماني سان ٺهڪندڙ پوندو ۽ جديد علم سان سهمت ٿيڻو پوندو ۽ مان ۽ اهميت لاءِ انسانذات جي جذباتي ۽ روحاني ضرورتن کي پڻ پورو ڪرڻو پوندو، اهو هڪ اهڙو نقطه نظر هجڻ گهربو آهي، جنهن تي اسان پنهنجو آئيندو اڏي سگهون. قطعي حقيقت جنهن کي اسان کي منهن ڏيڻو آهي، اها آهي ته ڀلي ماڻهو خدا جي ٻيهر تشريح ڪن ۽ اهڙي طرح هن کي ٻيهرجيئارن پر مداخلت ڪندڙ خداجو روايتي تصور تاريخ مان غائب ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجي پٺيان غير يقينيءَ جو هڪ نشان ڇڏي وڃي رهيو آهي.

اسان کي ڪيئن به ڪري پنهنجي وجود ۽ پنهنجي شعور جي خمير مان ان خدا جو هم منصب جوڙڻو پوندو. اسان کي اهو رخ ڳولڻو پوندو جنهن ۾ ان نعم البدل خدا کي ڳولڻ لاءِ اسان کي نهارڻ جي ضرورت آهي. اها البت وضاحتن جي هڪ ڳولا کان ضرور وڌيڪ هجڻ گهرجي. انسان رڳو ڄاڻ ذريعي زنده نه ٿو رهي سگهي، سندس نقطه نظر تشڪيل ڪرڻ ۾ علم ته اهم آهي ئي پر هن کي شموليت، وابستگي ۽ ان تخليقي عمل سان ڀرپور رشتا پڻ کپن، جنهن جو هو هڪ حصو آهي ۽ جنهن ۾ هو هڪ شريڪ آهي. هن کي اهو محسوس ڪرڻ جي ضرورت آهي ته هو هڪ مربوط ڪائنات ۾ مربوط نموني جي رهيو آهي، هي ڪتاب بلڪل ان احساس متعلق ئي آهي. پهرين حصي ۾ اهو ڪائنات جي اصليت جيئن اسان هاڻي انکي سمجهون ٿا، شعور جي واڌ، انساني صلاحيتن جي مثبت ۽ منفي پاسن، اخلاقي قدرن جي بڻ بنياد ۽ اسانجن هاڻوڪن مسئلن تي هڪ عملي نقطه نظر جو جائزو وٺندو. ان جو ٻيو حصو ان ڳالهه مٿان نظر وجهندو ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي هنن سمورن معاملن سان ڪيئن ڳنڍي سگهن ٿا.

دماغ چرخ ڪندڙ ڪائنات

انسان پنهنجي چوڌاري ۽ پنهنجي اندر جو ڪجهہ ڳولي لهي ٿو ۽ ان ڳولا جي حوالي سان هو پنهنجي جيڪا اهميت محسوس ڪري ٿو، ان جي تشريح تي هو پنهنجا عقيدائي نظام ٺاهي ٿو. تنهنڪري هڪ نئون نقطہ نظر تشڪيل ڪرڻ لاءِ اسان جو شروعاتي نقطو لازمي طور هن ڪائنات تي، زندگيءَ تي ۽ اسان آڏو موجود امڪانن تي اسان جو جديد نقطہ نظر هجڻ گهرجي. هي باب اسان جي ان بنيادي جديد نقطہ نظر بابت هوندو. جيڪو هڪ اهڙو نقشو آهي، جنهن مان ڪائنات ۾ اسان جي مقام ۽ ڪردار متعلق وڌيڪ چٽا تصور تعمير ڪري سگهبا.

اسان ڪٿي آهيون؟

اسان هڪ بي چين، بي حد تخليقي ڪائنات ۾ رهون ٿا. ان ۾ ڪابہ شيءِ ڪڏهن بہ ساڪت نہ آهي. جيئن توهان هي ڪتاب پڙهو ٿا، توهان محسوس ڪريو ٿا تہ توهان نسبتاً غير متحرڪ يا ٻيٺل آهيو پر توهان جي مرضي هجي يا نہ هجي توهان جيئن هيءَ ڌرتيءَ گردش ڪري ٿي هزار ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهيا آهيو. ان ۾ 18 ميل في سيڪنڊ جي هڪ ٻي حرڪت بہ شامل ڪيو جيڪا ڌرتيءَ جي سج جي چوڌاري رفتار آهي. ان ۾ اجا وڌيڪ شامل ڪيو، هن سڄي ڪهڪشان جي رفتار جيئن اها پنهنجي مرڪز جي چوڌاري گردش ڪري ٿي، جنهن ۾ اها اسان جي سج کي بہ هڪ وڏي دائري ۾ 150 ميل في سيڪنڊ جي اسپيڊ سان گڏ کڻي هلي رهي آهي. آخر ۾ اسان کي هن ڪائنات جو ڌماڪيدار ڦهلاءُ ڌيان ۾ رکڻو پوندو، جنهن ۾ سموريون ڪهڪشائون ڪنهن وڏي ڦوڪڻي جي مٿاچري تي موجود داغن جيان، جنهن کي تيزيءَ سان ڦوڪيو ويندو رهجي، ٻاهر ۽ هڪٻئي کان پري، تمام وڏي رفتار سان چرپر ڪري رهيون آهن.

داخلي طور تي اسان ائين محسوس ڪريون ٿا تہ اسان هڪ هنڌ بيٺل آهيون پر معروضي طور تي اسان هڪ عجيب نموني ور وڪڙ ٿيل پيچري تي تيزيءَ سان گهلبا پيا وڃون، جيئن اسان خلا مان ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ رفتار سان گذرون

پيا. جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ گهمون ته پوءِ خلا ۾ اسان جو رستو اجا وڌيڪ عجيب هوندو. حقيقت ۾ چا ٿي رهيو آهي، اهو ان کان بلڪل ئي مختلف آهي، جيڪو اسان جا حواس اسان کي ٻڌائن ٿا. اسان ائين محسوس ڪري سگهون ٿا ته اسان قطعي طور ساڪت آهيون ۽ پنهنجي فوري گردو نواح جي حوالي سان اسان ائين ساڪت هجون به سهي، پر ڪائنات جي حوالي سان اسان ساڪت نه آهيون. اسان جي حقيقي صورتحال کي سمجهڻ جو عمل اڪثر اسان جي حواسن جي محدود حد کان اڳتي نڪري وڃي ٿو. شين جي ظاهري صورت جي پنيان جنهن کي اسان جا حواس جهٽين ٿا، زبردست ڦڙت سرگرميءَ جو هڪ هينيون ڍانچو هميشه ڪم ۾ لڳل رهي ٿو، هيءَ اونهي حقيقت اسان جي وُجدان ۽ تصور لاءِ هڪ مستقل للڪار آهي. جهڙي طرح ستارن، ڪهڪشائن ۽ ڪهڪشائن جي جهرمٽن ۾ چرپر روان دوان آهي، اهڙي طرح جسامت جي پيمانن جي ٻئي چيڙيءَ تي پڻ اها چرپر جاري و ساري آهي، جتي ناقابل فهم ننڍڙا ذرڙا موجود آهن، جن مان ڪائنات ۾ موجود سمورو مادو بشمول اسان جي پنهنجن جسمن جي، ٺهيل آهي. هتي پڻ اسان کي اها مستقل حرڪت ۽ تبديلي نظر اچي ٿي. هڪ سنيءَ جو مٿو، مٽيءَ جو هڪ ذرو، پوٽي جو هڪ داڻو، انساني وار جو هڪ ٽڪرو، انهن سڀني ۾ اندر هڪ زبردست سرگرمي جاري آهي. هڪ بلور يا عام خوردبينيءَ هيٺ چڪاسڻ سان به مٿين ڪنهن به ننڍڙي شيءِ ۾ چرپر جي ڪابه علامت نظر نه ايندي آهي. اها سڄو هڪ ٽڪرو لڳندي آهي، بلڪل جيئن ماڪيءَ جي مکين جو ميڙ پري کان هڪ واحد ڪارو گولڙو يا ڏبو لڳندو آهي. پر حقيقت ۾ ان جي ظاهري خاموشي ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ حرڪت ڍڪيون وٺي آهي. مادي جي بنيادي ذرڙن جو معائنو ڪرڻ سان اسانکي هڪ دفعو وري اها خبر پوي ٿي ته هن ڪائنات ۾ ڪابه شئي ڪڏهن به ساڪت نه آهي، تبديلي ان سڄي نظام جو فطري معاشرتي ماحول آهي. پنهنجي نقطہ نظر تي ٻيهر سوچڻ لاءِ اسان لاءِ ٻي ڪا وڏي چئينلج نه ٿي ٿي سگهي، سواءِ ڪائنات جي هن متحرڪ خاصيت جي. 1920 تائين اڪثر ماڻهو ڪائنات کي هڪ آواز ٿي، نه تبديل ٿيندڙ ۽ بيٺل سمجهندا هئا. هڪ بدلجندڙ ڪائنات جو تصور خدا جي لعنت، گهٽي پاڳي ٻي حرمتي ڪندڙ ليکيو ويندو هو، هاڻي اسان کي خبر آهي ته ڪائنات مختلف بدلجندڙ ۽ مسلسل سرگرم آهي، تنهنڪري حقيقت جيئن اها اڄ اسان سمجهون ٿا، ان حقيقت کان تمام گهڻي مختلف آهي، جيڪا رميسز يا سقراط يا جيوليس سيزر يا سينٽ آگسٽين يا راڻي ايلزبيٿ يا چارلس ڊڪنس يا هن صديءَ جي شروعاتي حصي تائين ڪنهن به زماني ۾ رهندڙ ڪنهن ماڻهوءَ طرفان ڏني وڃي. اهو سڀ ان ڪري آهي ته گذريل ڪجهه ڏهاڪن ۾ حقيقت متعلق اسان جو نقطہ نظر ايترو ته تبديل ٿي چڪو آهي جو هاڻي اسان کي پنهنجي لاءِ هڪ اهڙو نقطہ نظر تخليق ڪرڻو آهي جيڪو ان

سان نهڪي اچي. تہ پوءِ اسان کي هن نئين نقطہ نظر جون خدون وڏيڪ تفصيل سان ڳولڻ شروع ڪرڻ گهرجن، اسان اتان کان شروع ڪنداسين تہ انسان شين کي ڪيئن ڏسڻ شروع ڪيو ۽ اتان کانپوءِ اهو مشاهدو ڪندا اڳتي هلنداسين تہ ڪائنات جي باري ۾ انسان جي تصور ڪيئن هن جي خود پنهنجي باري ۾ تصورن کي متاثر ڪيو آهي.

بدلجندڙ دنيائي منظر

اها ڳالهہ فطري هئي تہ انسان اوائلي زماني ۾ ني بحيثيت هڪ جنس جي پنهنجي برتريءَ کان واقف هوندي، ضرور اهو فرض ڪيو هوندو تہ هيءَ دنيا ۽ اُن جا سمورا بوٽا، جانور، جبل، سمنڊ، بيلا ۽ زمينون خاص طور تي هن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ واسطي موجود آهن. شيون، هن لاءِ ايتريون سهنجيون نہ هيون پر ان ڳالهہ تي ڪوبہ شڪ نہ ٿي ڪري سگهيو تہ هو بي سموري مخلوقات مان خاص هو، ان ڳالهہ هن کي سندس ڪمزورين ۽ ناڪامين ۾ آٿت ڏني. ساڳئي نموني اهو فرض ڪرڻ بہ هن لاءِ فطري هو تہ سج ۽ چنڊ هن جي خاص فائدي لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. ان کان وڌيڪ اهو فرض ڪرڻ بہ هن لاءِ فطري هو تہ هن جي چوڌاري موجود سمورين غيريقينيون ـــــ ڌرتيءَ جي زرخيزي، موسم جون لاهيون چاڙهيون، طوفان ۽ ٻوڏ جون دهشتون، بيماريءَ جو اڻ ڏٺل، ناقابل وضاحت خطرو، حادثي جو پڙ، مافوق الفطري وسيلن جون پيداوارون آهن. ان ڪري هن ناخوشگوار حادثن کي دشمن روحن يا انتقامي خدائن يا ڪاوڙيل بزرگن ڏانهن منسوب ٿي ڪيو. هن انهن کي مختلف رسمن ۽ قربانين وسيلي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اوائلي زماني ۾ جڏهن داناءَ ماڻهن اهو احساس ڪيو تہ فطرت جا هي سمورا زور ۽ طاقتون فائديمند يا نقصانڪار، هڪ واحد وسيلي ۾ مرڪوز ٿيل ڏسڻ گهرجن، تڏهن انسان آهستي آهستي گهڻ ـــ خدائي عقيدي کان هڪ ـــ خدائي عقيدي ڏانهن ڦري آيو. اهڙي طرح خدا... خالق، انسان جي ذهن ۾ پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ محفوظ ڪري ورتي، ۽ ان ني عقيدي جي منطقي نتيجي طور انسان اهو فرض ڪري ڇڏيو تہ ڌرتي جنهن تي هو رهي پيو، ڪائنات جو مرڪز آهي، هي هڪ خوشامدڙيو پر غلط نقطہ نظر هو!

هاڻي اسان کي خبر آهي تہ شيون ائين ناهن، اسان کي وري هڪ دفعو ان جاچ پڙتال ڏانهن واپس ورڻ گهرجي تہ اسان ڪٿي آهيون ۽ اسان ڇا آهيون. فرض

ڪريو تہ هڪ ڪاري انڌاري صاف رات جو اسان شهر جي روشنين جي بي جا مداخلت ڪندڙ جڳمڳاهٽ ڪان پري هڪ ڪليل ٻهراڙيءَ ۾ هليا وڃون تہ ۽ مٿي آسمان ڏانهن نهاريون تہ ، اسان جي آڏو ستارن جي هڪ چمڪندڙ نمائش ڦهليل هوندي آهي. اسان جيڪي ستارا ڏسندا آهيون، اهي اسان جي پنهنجي ڪهڪشان ۾ موجود 100 ارب ستارن منجهان رڳو چند هوندا آهن (هڪ ارب جو مطلب هڪ هزار ضربيان ڏهہ لک) پر 1925 ڌاري وڏين جديد دوربينين هڪ تمام مختلف شيءِ دريافت ڪئي. پاڙيسري ستارن جي وچ ۾ موجود وٿيءَ ۾ ڏيمي روشنيءَ جا ڪجهہ ٽيا نشان نظر آيا ، پهرين نظر ۾ اهي تمام پرانهن ستارن جيان يا اسان جي ڪهڪشان ۾ اندر موجود گئس جي ڪڪرن جيان لڳا ، پر وڌيڪ کوجنا اهو ظاهر ڪيو تہ انهن مان گهڻا مڪمل ڪهڪشائون هئا جيڪي ايترو تہ پري هيون جو اهي روشنيءَ جي هڪ واحد ٽِڪي جيان نظر اچي پيون. 1932 تائين هارورڊ رصدگاهہ اهڙن 5 لکن ڪهڪشائن ڪان ٻاهر وسندڙ نيبولن.... جي هڪ فهرست تيار ڪري چڪي هئي. ڪتاب ايڪسپلورين آف سائنس (1967) مطابق اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ "دنيا جي وڏي ۾ وڏين نظري دوربينين جي دائري ۾ بہ لازمي طورهڪ ارب ڪهڪشائون موجود هونديون." تڏهن ڪان وٺي جديد ريڊيائي دوربينين ۽ انفراريڊ ڊٽيڪٽرس ان تعداد ۾ اجا وڌيڪ اضافو پئي ڪيو آهي. آسمان جيڪو اسان جي دنيا کي وڪوڙيون بيٺو آهي، اسان کي مختلف قسمن جي 100000000000 X 100000000000 ستارن جي نمائش ڏيکاري ٿو. ڪائنات ۾ البت ستارن ڪان علاوه ٻيون شيون بہ موجود آهن، جهڙوڪ ڪنسار، پڇڙ تارا، مٽيءَ جا ڪڪر، ننڍا گرهہ، ڪرندڙ تارا، ۽ ڪارا ڳڙکا... زبردست ڪشش واريون جڳهون، سندن پسگردائيءَ ۾ موجود ڪوبہ مادو انهن ڏانهن ائين ڇڪجي ايندو آهي، جيئن ڪنهن زبردست چقمق ڏانهن لوهہ جا ذرڙا ڇڪجي ايندا آهن. اسانجو سج، جيڪو 10 هزار ارب ستارن جي وسيع مجموعي مان هڪڙو آهي، هڪ چمڪندڙ ٻرندڙ گولڙو آهي، جيڪو هڪ ائٽمي عمل ذريعي هائيڊروجن جي 6 ڪروڙ ٽنن کي هر سيڪنڊ ۾ هيليم ۾ تبديل ڪندو رهي ٿو، اهو اسان جي پنهنجي ڪهڪشان جي 100 ارب ستارن مان ڪو خاص ستارو ناهي پر ان کي ڪهڪشان جي وروڪڙ ٽيل ٻانهن مان هڪ جي مٿاڇري تي سنئين سڌي بيهڪ آهي. هن نهايت ئي معمولي ستاري، جيڪو اسان جو سج آهي، جي چوڌاري هڪ وچٿري جسامت وارو سيارو.... اسان جي زمين گردش ڪري رهي آهي، جيڪا خلا جي سمنڊ ۾ هڪ ڦڙي مثل آهي. پوءِ بہ بهرحال اها اسان جي لاءِ خوبصورت ننڍڙو گهر آهي، آسمان ۾ هڪ سحر انگيز نيرو گولڙو، جيئن اها چنڊ تان آرمر اسٽرانگ ۽ سندس ساٿين کي ڏسڻ ۾ آئي، "خلائي جهاز زمين"! زمين تي تهذيب جي 10 هزار يا ان جي لڳ ڀڳ سالن دوران، اسان جو نسل اهو ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو

پني رهيو آهي تہ ڪائنات ڇا آهي، اها ڪيئن وجود ۾ آئي، اهو ڪيئن ٿئي ٿو تہ اسان خلا ۾ هڪ وچٿري جسامت واري سياري تي ڇرير ڪندا پيا وجون، پنهنجين اکين ۽ دماغن سان گڏ. جيڪي ان سموري ماجرا کي ڪا معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريِ رهيا آهن. جيئن اسان، هن ڌرتيءَ جا هاڻوڪا باشندا بيٺا آهيون، نهاربون ٿا ۽ عجب ۾ پئون ٿا تڏهن اسان خود ان جاچ پڙتال ڪندڙ ٽيم جا رڪن آهيون، جيڪا ان صديون پراڻي تلاش ۾ رڌل آهي تہ هي سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو آهي؟ اسان کي هاڻي ان سوال جي همعصر جواب کي ڏسڻ گهرجي، جيڪو اجا مڪمل ناهي پر ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گهرين بصيرتن ڏانهن وڌي وڃي رهيو آهي.

هي سڀ ڪيئن شروع ٿيو؟

هڪ غير معمولي نقطہ نظر اسان آڏو ڪلي ٿو، اٽڪل 15 ارب سال اڳ ڪجهہ ٿيو، جنهن جي وضاحت نہ سائنسدان ۽ نہ ئي ديني عالم پيش ڪري سگهن ٿا. مادي - توانائيءَ جو هڪ بي انتها ننڍڙو بي انتها گهاٽو گولڙو، هيءَ ڪائنات ناهڻ لاءِ ڦاٽي پيو. هي ئي آهي، جنهن کي ڪائنات جي تخليق جو "بگ بئنگ نظريو" (Big Bang) ڪوٺيو وڃي ٿو. موجوده زماني جي هر معيار کان ٿي سگهي ٿو تہ اهو قياس کان ٻاهر لڳي پر اها اسان جي زبردست تيزيءَ سان ڦهلجندڙ ڪائنات جي حقيقتن سان ٺهڪندڙ سڀ کان بهترين وضاحت آهي.

اسان کي بهرحال اجا پڪ نہ ٿي ٿي سگهي تہ "بگ بئنگ" هن ڪائنات جي شروعات آهي. ڪائنات بطور ڦهلاءَ ۽ سوس جي هڪ دائري جي عمل ڪري ٿي، پهريان اصلي ڳوڙهي گولڙي جو مادو ڌماڪيدار زور سان هر طرف پري پري تائين ڦهلجي ويو هوندو ۽ اهڙي طرح ان مان ستارا ۽ ٻيا آسماني جسم ٺهيا هوندا. هي اهو مرحلو آهي، جنهن ۾ اسان هاڻي آهيون ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪائنات ۾ ايترو گهڻو مادو ڪنو ٿي ويندو جو پوءِ اهو وري ان جي ابتڙ تبديلي آڻي سگهي (اسانکي اجا تائين خبر ناهي تہ ايترو مادو ڪنو ٿي چڪو آهي) تڏهن ٻاهرين حرڪت ڍري ٿيڻ لڳندي ۽ عالمگير ڪشش جي اثر هيٺ بيهجي ويندي،ن جيئن اها عالمگير ڪشش پنهنجو اثر وڌائيندي ويندي، ڪائنات ۾ موجود سمورو مادو هڪ دفعو وري پاڻ ۾ گڏجڻ شروع ڪندو، تان جو ڳچ وقت گذرڻ کان پوءِ، اهو وري مهامادي (Supermass) جي هڪ گولڙي ۾ ڪٺو ٿي ويندو ۽ وري پوءِ پنهنجي اندر موجود زبردست بوسٽ مان پيدا ٿيندڙ اندروني قوتن جي ڪري ڦاٽي پوندو. بي صورت اها ٿي سگهي ٿي تہ ڪائنات جو ٻاهر تي ڦهلاءُ هميشہ جاري وساري

رهي. بنهي صورتن ۾ ڪائنات کي بطور هڪ اهڙي شيءِ جي ڏسڻو آهي، جيڪا هڪ اهڙي شيءِ مان ڦٽي رهي آهي، جنهن ۾ اندر اها موجود هئي يا ان کان اڳ اها شيءِ موجود هئي ۽ اها شيءِ ڇا آهي؟ ڪي ماڻهو چوندا اها "خدا جو ذهن" آهي، پر اها ڪا گهڻي مطمئن ڪندڙ وضاحت نہ آهي. اها رڳو "اڃا تائين اڻ ڄاتل" جي جاءِ تي "خالق جي خدا" (God of gaps) کي آڻي بيهاري ٿي، پر اسان هن بنيادي سوال کي محض هڪ معمي طور ڇڏي نہ ٿا سگهون. اسانکي ان ڳالهہ مٿان هڪ ڳهري نظر وجهڻ گهرجي، تہ اسان جا حيرت انگيز جديد تصور ڪيئن پندا ٿيا.

سچ جو تعاقب

19 صديءَ جي سائنسدانن اهو سوچيو ٿي تہ هيءَ طبعي ڪائنات ائٽم تي تعمير ٿيل آهي، جنهن کي مادي جو ننڍي ۾ ننڍو ممڪن ذرو سمجهيو ٿي ويو، هڪ قسم جو پتڪڙو بليرڊبال! صبر آزما ڪوجنا اهو ثابت ڪيو تہ 90 کان وڌيڪ مختلف قسمن جا ائٽم وجود رکن ٿا ۽ اهو تہ ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ... زنده يا مرده، انهن ائٽمن جي مجموعن جي ٺهيل آهي. هن ڪوجنا ڪائنات کي هڪ قسم جي وڏي مشين ۾ بدلائي ڇڏيو، جنهن ۾ ائٽم ان مشين جا ننڍڙي ۾ ننڍڙا پرزا هئا. ان زماني جي سائنسدانن اهو سوچيو ٿي تہ اهي ان سوال جي آخري جواب کان رڳو ٿورڙوئي پري آهن تہ ڪائنات ڇا آهي؟ پر ائين نہ هو! هنن مشڪل سان اڃا مس شروعات ڪئي هئي. هاڻوڪي صديءَ ۾ طبعي سائنسدانن وٽ اهو ايجاد جو مادو ۽ اوزار هئا، جنهن سان هو "اڻ ٽٽندڙ" ائٽمن جي بناوت کي پنهنجن وڏن "پارٽيڪل ايڪسيلريٽرس" ۽ ٻين وسيلن ذريعي سمجهي سگهن. هنن ائٽم کان بہ ننڍن ذرڙن (تحت الائٽمي)، واقعن ۽ لاڳاپن جا اکين کي خيرو ڪندڙ پيچيده نظام دريافت ڪيا آهن. جيڪو ڪجهہ لڌو ويو آهي، اهو پراڻن سائنسدانن طرفان تصور ڪيل ڪنهن بہ شيءِ کان تمام گهڻو اڳتي آهي. هن انتهائي اهم پتڪڙي دنيا جي ڪوجنا اڄ ڏينهن تائين تمام گهڻي جوش سان جاري و ساري آهي: جيترو گهڻو سائنسدان فطرت جي تخليقي ڪوجنا ڪندا وڃن ٿا، اوترو وڌيڪ غير معمولي سندن دريافتون ٿينديون وڃن ٿيون. ڪئانٽم طبعيات جي ميدان ۾ اچڻ سان اها حقيقت ساپيان ٿيڻ لڳي آهي تہ ٻاهرين دنيا (ٻاهر) ۽ اندروني ذاتي دنيا (اندر) هڪٻئي سان ڳنڍيل ۽ هڪٻئي تي ڀاڙيندڙ آهن ۽ نہ ڪہ "فاعل" ۽ "مفعول" جي طور تي الڳ الڳ ۽ آزاد آهن، جيئن پراڻي طبعيات، انهن کي ائين فرض ڪيو ٿي.

هن نٽين نقطہ نظر جي اسان آڏو ڪلي پوڻ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي هڪ گهڙيءَ لاءِ آئن اسٽائن وٽ ترسڻ گهرجي، جيڪو هڪ غريب عالم ۽ سست اوسر ڪندڙ هو، جنهن 1905 ۾، 26 سالن جي ڄمار ۾، ڪائنات جي باري ۾ اسان جو تصور بدلائي ڇڏيو. آئن اسٽائن، جيڪو مکيہ طور تي پنهنجي ذاتي تجسس ۽ تصور جي بنياد تي پاڻ تعليم ورتل هو، پنهنجي وقت جي سائنسي دنيا کي، اهو ثابت ڪري ڇڏڻ سان تہ مادو ۽ توانائي هڪٻئي ۾ تبديل ٿي سگهندڙ آهن، اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. هن اهو ثابت ڪيو تہ مادو جڻ تہ اوجل ٿيل (باجسم) (Crystallized) توانائي آهي ۽ مادي جي تمام ننڍڙي ذرڙي ۾ بہ توانائيءَ جا وڏا انبار لڪل هجن ٿا. جيڪڏهن پڙهندڙ جي آڱر جي ننهن جو مادو مڪمل طور تي توانائيءَ ۾ بدلايو وڃي تہ ان مان نڪرندڙ ڌماڪيدار طاقت هڪ گهر کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ اڏائي سگهي ٿي ۽ ان کان گهٽ وڌيڪ بہ نقصان ڪري سگهي ٿي. ان کي ٻين لفظن ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو تہ اسٽيشن تي اسان جيڪا ٽڪيٽ خريد ڪندا آهيون، ان ۾ اينتري تہ توانائي لڪل هوندي آهي جو جيڪڏهن اسان ان توانائيءَ کي حاصل ڪرڻ جي قابل هجون، تہ اها هڪ وڏي ريل گاڏيءَ کي دنيا جي چوڌاري ڪيترائي چڪر ڏياريائي سگهي ٿي. خوش قسمتيءَ سان هن سياري تي مادي جو گهٽو حصو تنظيم جي هڪ پائيدار صورت ۾ آهي، نہ ڪہ ٻيئل صورت ۾. آئن اسٽائن جي کوجنا جا ڪيترائي فلسفياڻہ ۽ عملي نتيجا هئا. گهٽ ۾ گهٽ نيوٽن (1642 کان 1727) جي زماني تائين مادي کي گهٽيا ۽ هيچ ليکيو ويندو هو، جڏهن تہ توانائيءَ کي اُتم ۽ روحاني سمجهيو ويندو هو. آئن اسٽائن جي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ (1955) تائين، اهي فرق ڪمزور ٿي چڪا هئا. هيءَ ڳالهہ اسان کي ان حالت ۾ آڻي بيهاري ٿي تہ اسان ڪائنات جي بطور مادي يا روحاني جي، وضاحت ڪري سگهون. پراڻي دور جي مادي يا روح جي دوغلي نظرئي جي زبان ۾، ڪائنات ٻئي آهي.

ان بنياد کان تہ مادو ۽ توانائي هڪٻئي ۾ تبديل ٿي سگهندڙ آهن، اسان ان حالت ۾ آهيون جو سائنسدانن جي ڳالهين کي، جيئن جيئن اهي ائٽم جي بناوت ۾ تحقيق ڪندا وڃن ٿا، سمجهون. پڙهندڙ کي اتفاقاً ان تحقيق جي تفصيلن تي عبور حاصل ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي، جيڪڏهن هو انهن کان ايڏو واقف نہ آهي.

شيون ڪيئن آهن، انهن جي باري ۾ هڪ عمومي تصور بہ ڪافي آهي. انٽمي نظام کي هيئن تصور ۾ آڻي سگهجي ٿو، تہ وچ تي واڌو پرتيءَ جو هڪ مرڪز آهي، جنهن جي چوڌاري ڪاٺو پرتي وارا اليڪٽران مخصوص مفاصلن تي گردش ڪندا رهن ٿا. اهڙي طرح اهي مرڪز جي چوڌاري اليڪٽراني دائرا ناهن ٿا: خود مرڪز، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروٽان ۽ انهن سان گڏ هڪ يا وڌيڪ نيوٽرانن

جو نهيل ٿئي ٿو، نيوٽران بہ اوترا ئي وزني ٿين ٿا، جيترا پروٽان پر کين ڪا بہ بجليءَ جي پر تي نہ هوندي آهي. هاڻي پروٽانن ۽ نيوٽرانن کي بہ اجا وڏيڪ پتڪڙن ذرڙن، جن کي "ڪنارڪ" سڏيو وڃي ٿو، جو نهيل سمجهيو وڃي ٿو، جيڪي "گلوئان" ذريعي هڪٻئي سان گڏ جهليا بيٺا هوندا آهن. ۽ انهن کان هيٺ ڇا آهي؟ ان جو جواب لڳي ٿو تہ غير شڪلي توانائي هوندو. هن پتڪڙي پر پتڪڙي دنيا ۾ هر شيءِ هڪ مستقل تبديليءَ جي حالت ۾ آهي. توانائي اوچتوئي اوچتو هڪ ذري جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿي، جيڪو پاڻ کي هڪ لهر جي صورت ۾ بہ ظاهر ڪري سگهي ٿو. مخالف بجليءَ جي پرتين وارا ذرڙا هڪٻئي کي تباهہ ڪري سگهن ٿا، ان تباهيءَ دوران هوشعاعن جو هڪ ڌماڪو پيدا ڪندا آهن، جيڪو سڪڙجي وري ذرڙن جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو، جيڪي پوءِ وري ويجهڙائيءَ ۾ موجود ڪن بہ ٻين ذرڙن سان ٽڪرائجي تباهہ ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو تمام تيز رفتارن سان جاري وساري رهي ٿو. هنن ابتدائي ذرڙن جي دنيا ۾ هڪ سيڪنڊ بہ تمام وڏو وقت ٿئي ٿو!

هڪ جديد نقطہ نظر جا چار اهم ترڪيبي جزا، ڪائنات ۾ موجود بنيادي شين ۽ قوتن جي اپياس مان ڦٽا آهن.

پهريون: اسان ڏيکائن جي هڪ دنيا ۾ رهون ٿا، ظاهري صورتن پٺيان هميشہ ڪانہ ڪا شيءِ ٿئي ٿي، جنهن جو مشاهدو رهجي وڃي ٿو.

ٻيو: هر شيءِ چرپر ۽ تبديليءَ ۾ آهي، تحت الاثنمي دنيا جي اندر هلندڙ اٿڪت باهمي عملن کان وٺي ستارن جي آسماني رقص تائين، تبديلي ۽ باهمي عمل سموري وجود جا انداز آهن.

ٽيون: ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ اسان جي ٽي وي اسڪرين تي موجود تصوير کان وٺي اسيمبلي بلڊنگ تائين، اسان جن پنهنجن جسمن تائين، چنڊ تائين ۽ چنڊ کان منعڪس ٿيندڙ روشني تائين، باعمل توانائيءَ جي پيداوار آهي.

چوٿون: ڪائنات هڪ آهي، سرشتن جو هڪ واحد پيچيده نظام؛ توانائيءَ جو هڪ وسيع ڳنديل جار، اسان جو دماغ جنهن جو هڪ حصو آهي.

هي خلاصو هڪ بنيادي سوال ڇڏي وڃي ٿو جيڪو جواب لاءِ زور ڀري رهيو آهي. سوال اهو آهي تہ آخر اها توانائي ڪٿان آئي؟ ان لاءِ وڏ ۾ وڏ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اها نج سگهہ جي غير ترقي يافتہ حالت مان اوچتو ئي اوچتو ڦٽي ٻاهر نڪتي، شايد اها ئي واحد جمود واري حالت هئي، اهو ئي اهو پس منظر هو جنهن آڏو ڪائنات جي زبردست سرگرمي عمل ۾ آئي. جهڙي طرح اسان کي ائين چوٿو پوي ٿو تہ اسان ان متعلق "ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻون" تہ بگ بئنگ کان اڳ ڇا

هو، تهڙي طرح اسان اهوني جواب ڏني سگهون ٿا ته "اسان ڪجهه به نه ٿا ڄاڻون" نه هر مشاهدي لائق ۽ ڄاڻ لائق شيءِ پنيان ڇا آهي. هن نج سگهه جي حالت کي ٿي بڌڙرم وارا "اڻ هوند" (Nothingness) ڪوٺن ٿا. جديد سائنس اسان کي واپس ان ساڳئي نقطي ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

ائٽم ۽ دنيائون

اسان مادي/ توانائيءَ جي تنظيم جو ائٽمي بناوت کان وٺي نج توانائي ۽ عالمگير سگهه تائين پيڇو ڪيو آهي. ان تصوير کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اسان کي ٻئي رخ ۾ به سفر ڪرڻ گهرجي: تمام وڏين شين جي دنيا ۾: ستارن نهڻ جي عمل ۾. مادي/ توانائي جو وسيع ڦاٽندڙ بلبلو.... جيڪو بگ بئنگ مان ٺهڪي ٻاهر نڪتو، ٻن انتهائي سادن ائٽمن..... هائيڊروجن ۽ هيليم جي صورت ۾ ٿڌو ٿيڻ لڳو، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، هن پٽڙي مادي جا ڪوڙ ڪشش ثقل جي اثر هيٺ ڪهڪشائن ۽ ستارن جي روپ ۾ پاڻ ۾ گڏجڻ شروع ٿيا. هنن اوائلي ستارن ۾ هڪ سو ملين ڊگرين يا ان کان وڌيڪ گرميءَ جي درجي تي سادڙا ائٽم ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ ضم ٿي وڏا ائٽم پيدا ڪرڻ لڳا. اهڙا ستارا جن وڌيڪ پيچيده مادو رکيو ٿي، هڪ دفعو وري ڦاٽي پيا ۽ اهڙي طرح انهن پنهنجا ائٽم خلا ۾ هر طرف ڦهلائي ڇڏيا. اهي ائٽم ڪنهن ٻي ڪشش ثقل جي اثر ۾ اچي، وري مادي جي ٽڪرن ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. هن عمل ڪيترائي دفعا دهرائجڻ کان پوءِ نيٺ آخر ۾ اسان جي شمسي نظام کي پيدا ڪيو، اسان جي ڌرتيءَ ۽ ٻين سيارن کي آسماني عملن جي ڏماڪيدار افراتفريءَ مان جمي ٻاهر نڪرڻ ۽ سج جي محفوظ ڦيڌين طور آباد ٿيڻ ۾ اٽڪل 10 ارب سال لڳي ويا. سج جي چوڌاري گردش ڪندڙ نون سيارن (يا اهي ڏهه ٿي سگهن ٿا، جو نه پلوٽو کان ٻاهر هڪڙي ٻئي سياري جي وجود جا ڪجهه اهڃاڻ مليا آهن) منجهان رڳو ڌرتي ئي زندگيءَ جي وجود لاءِ موزون آهي، جيئن اسان کي هاڻي خبر آهي. اسان هاڻي ان سوال جي بلڪل ني ويجهو پهچي رهيا آهيون. جنهن ۾ انسان جي مذهبي نقطہ نظر سميت، اسان جي انساني نقطہ نظر لاءِ گهريون معنائون آهن. ڇا ڪائنات ۾ موجود ٻين ستارن سان لاڳاپيل ٻيا سيارا به آهن ۽ جيڪڏهن آهن ته پوءِ انهن مان گهٽ ني اهڙيون حالتون موجود آهن جيڪي زندگيءَ جي تخليق ۽ ارتقا جي اجازت ڏينديون؟ بدقسمتيءَ سان اسان جي نظام شمسيءَ کان پري واقع ستارن کي گهيريندڙ سيارا زمين تان ڏسڻ ۾ تمام گهٽو ننڍا آهن پر ان ڳالهه جي شاهدي

ملي رهي آهي تہ ٻين ستارن کي بہ پنهنجي چوگرد سيارن جو نظام آهي. اسان اڳ ۾ ڏسي چڪا آهيون تہ ڄاڻل ڪائنات ۾ ڏهہ هزار ارب ارب جي لڳ ڀڳ ستارا موجود آهن. جيڪڏهن هڪ ارب مان رڳو هڪ ستاري کي ئي پنهنجي چوگرد گردش ڪندڙ هڪ سيارو هجي، جيئن اسان جي ستاري ..... سج کي پنهنجي چوڦيرگردش ڪندڙ سيارو.... زمين آهي، تہ پوءِ اها ڳالهہ زندگيءَ لائق دنيائن جو هڪ وڏو انگ اسان کي ڏئي ٿي، جن مان ڪيترين اسان جي پنهنجي ڪهڪشان ۾ ئي موجود ٿي سگهن ٿيون. اسان هن مسئلي کي ٿوري دير ڪانپوءِ ٿوري وڌيڪ تفصيل سان ڪنداسين.

زندگي نمودار ٿئي ٿي

جيئن انڊن ۽ ڪهڪشائن، سج ۽ دنيائن جي ڪهاڻي عجيب آهي، ان ڪان بہ عجيب زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي. يقيناً زندگيءَ جو ڦٽڻ، تخليق جو هڪ خاص الاخاص عمل رهيو هوندو. بهرحال اهو ائين ناهي جيئن لڳي ٿو تہ ائين ٿيو هوندو. ڪجهہ انڊن کي هڪٻئي لاءِ هڪ ڪشش ٿيندي آهي. اهي هڪٻئي کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيندا آهن، پنهنجن گردشي اليڪٽرانن جي متاسنا ڪندي، هو گهڻ . انڊي نظام يا ماليڪيول ناهيندا آهن. مختلف ماپن جا ناميا تي ماليڪيول.... کي تمام گهڻو پيچيده، سمورين زنده شين جا مکيہ ترڪيبي جزا ٿيندا آهن، بئڪٽيريا کان وٺي هاٿين تائين، ڪانڊيري کان وٺي شاهہ بلوط جي وڻن تائين! ڪنهن وقت اهو سمجهيو ٿي ويو تہ غير ناميا تي مان ناميا تي ماليڪيولن ۾ تبديلي لازمي طور هڪ معجزاتي واقعو رهيو هوندو. پر هاڻي اسان اهڙيون تبديليون ليبارٽريءَ اندر اهي ساڳيون حالتون وري پيدا ڪرڻ ذريعي، آڻي سگهون ٿا، جيڪي تازي ڄاول زمين جي ساموندي علائقن جي گرم تراڪڙن پاڻين ۾ ان وقت موجود هيون. نامياتي مرڪب پنهنجو پاڻ کي مهيا ڪيل ڪيمياڻي شوروي ۾، بجليءَ جي هڪ ڪرنٽ، جهڙوڪ ننڍڙي آسماني بجلي، جي اثر هيٺ خودبخود ناهيندا آهن. ان کان علاوه تازو ئي نامياتي مرڪب، ڪائنات جي وسيع خالي هنڌن ۾ تڙيل پکڙيل لڌا ويا آهن. جتي ڪٿي بہ حالتون سازگار هونديون آهن، ناميا تي مرڪب پنهنجو پاڻ کي گڏ ڪري وٺندا آهن، جيڪا ڳالهہ ڪائنات ۾ پوشيده تخليقي حرڪت جو اظهار آهي. ائين لڳي ٿو تہ فطرت پنهنجو پاڻ کي پنهنجي اندران ئي تخليق ڪري ٿي. زندگيءَ جي ڏاڪڻ تي وڏو قدم وڌن نامياتي مرڪبن کان هڪ زنده گهرڙي (Cell) تائين جو آهي، جيڪو سمورين زنده شين

جو ايڪو آهي. انساني جسم پنهنجن سمورن عضون ۽ حصن جي صورت ۾ اهڙن هڪ سو مليـن مليـن گهرڙن جو نهيل آهي، جن مثال دماغ ۽ رطوبتي سرشتي جي معرفت ضابطو رکيو وڃي ٿو، جيڪي خود به انهن گهرڙن جا نهيل ٿيـن ٿا. نامياتي مرڪب ٺيڪ ٺيڪ ڪهڙي نموني هڪ زنده گهرڙي ۾ ترقي ڪري ويا، اجا تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي پر ڊي اين آي ۽ آر اين اي ..... اهي مرڪب جيڪي نامياتي مرڪبن جي دهرائجڻ جي عمل ۽ وراثت تي ضابطو رکندا آهن، مثال ٿيندڙ تحقيق، سائنسدانن کي اهو عمل سمجهڻ جي ڏينهون ڏينهن ويجهو آڻيندي پئي وڃي. مادي، توانائيءَ ۽ زندگيءَ ۾ پنهان ايتري ته زبردست اندروني همه گيري موجود ٿئي ٿي جو سائنسدان هاڻي اهو سوچڻ تي مجبور آهن ته جڏهن به تبديليءَ جي هڪ چال لاءِ حالتون سازگار ٿيـن ٿيون ته هڪ نئين شيءِ نمودار ٿئي ٿي. هڪ دفعو جڏهن حياتياتي گهرڙو پيدا ٿي چڪو ان کان پوءِ ارتقائي عمل زندگيءَ کي وڌ کان وڌ اعليٰ جاندارن جو روپ ونرائيندو ويو، جيستائين وڃي دنيا جي اسٽيج تي انسان نما مخلوق نمودار ٿي، اهو سڀ ڪجهه اٽڪل ڏهه لک سال اڳ ٿيو، جينوٽيڪ تازيون پنڌ پهڻي دريافتون ان کان به پراڻو وقت تجويز ڪن ٿيون. زندگيءَ جي لڏل اوائلي ترين نشانين کان پهرين انساني باقيات تائين سوا ٽي ارب سالن جو عرصو آهي، اسان کي پيدا ڪرڻ ۾ فطرت کي تمام ڊگهو وقت لڳو!

ارتقا

هتي اسان کي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ارتقا جي باري ۾ شاهدي، باوجود ڪن حلقن ۾ ظاهر ٿيل ان جي مخالفت جي، هاڻي تمام گهڻي موجود آهي. دليل ان باري ۾ نه آهي ته آيا ارتقا ٿي آهي يا نه پر ان باري ۾ آهي ته اها ڪيئن ٿي آهي. ان جي شاهدي ٻئي آهي هڪ ته اسان وٽ پنڌ پهڻي (Fossil) رڪارڊ آهي، جيڪو هر سال وڌيڪ مڪمل ٿيندو پيو وڃي، ٻيو ته اسان وٽ گذريل ارتقائي مرحلن جون، اڄ اسان سان گڏ رهندڙ باقيات آهن. مثال طور اسان جي چوڏاري موجود دنيا ۾ هڪ گهرڙيا جاندار آهن ۽ وري اهڙا جاندار به آهن جيڪي ساڳين گهرڙن جا چڙو ڳوڙها هوندا آهن، جيئن جيلي مڇي، اسان وٽ تمام سادڙي مخلوق جهڙوڪ مٽيءَ جو ڪينئون (Earthworm) آهي ۽ اسان وٽ قبل از تاريخ جي ٻچي ويل مخلوق جهڙوڪ مانگر مڇ، سيلوڪنٿ، ڪوئي جهڙو جانور (Shrew) ۽ چمڙو، به آهي. اسان وٽ گهوڙو پڻ آهي، جنهن جي پنڌ پهڻي تاريخ 5 ڪروڙ سال پراڻي آهي؛ اسان وٽ تمام پراڻي نسب جا پڪي آهن ۽

اسان وٽ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ انتهائي اهم ۽ قديم پائيوار جيت آهي، جنهن جي ٻج چٽڻ جي مهارتن ڪانسواءِ زندگي جيڪر سمندن کان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪري سگهي ها، جتي ان شروعات ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي مڪمل طور بي قاعده مخلوق آسٽريلوي ٻجدار جانور (Platypus) ملي ٿي، جنهن جي ارتقائي تاريخ ان کي هڪ غير معمولي ۽ پياري امتزاج ڏانهن وٺي وئي آهي.

اسان کي اجا تائين ان ڳالهه جي پڪ نه آهي ته ارتقائي عمل جا سمورا پهلو ڪهڙا آهن پر اها حقيقت هاڻي مڃجي چڪي آهي ته ارتقا ڌرتيءَ مٿان زندگيءَ جي اوسر ۾ هڪ مکيه ڪردار ادا ڪري ٿي. زندگي آخر ۾ ڌرتيءَ جي تقريباً هر ڪنڊڪڙڇ ۾ ڦهلجي وئي. جڏهن حالتون زندگيءَ لاءِ سازگار ٿيون، جيئن گرم برساتي ٻيلن ۾، اها زبردست نموني هر طرف ۽ حد کان وڌيڪ وڌي ويجهي. زندگي بنيادي طور کاڌو ڳولڻ، کائڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ نسل پيدا ڪرڻ متعلق آهي. جتي ڪٿي به ڪو اهڙو هنڌ آهي، جتي اهي شيون جاري رهي سگهن ٿيون، اتي زندگي آهي، پوءِ چاهي ان کي ماحول ۾ جو ڪجهه موجود آهي، ان مان فائدو وٺڻ خاطر هڪ عجيب وغريب صورت ڇو نه اختيار ڪرڻي پئي ٿي، جهڙوڪ اهڙي مخلوق.... جيڪا اونداهين غارن ۾ زنده رهي ٿي يا اهڙيون مڇيون جيڪي جيتن کي پاڻيءَ جي هڪ ڦوهاري سان ماري پنهنجو گذران ڪن ٿيون يا ڪينئان جن ٻين جانورن جي معدن ۾ رهڻ جو سمجهوتو ڪري ڇڏيو آهي يا پکي جيڪي ٻرن ۾ رهن ٿا ۽ ڪڏهن به اڏن نه ٿا.

زندگيءَ سان ڀريل ٻيون دنيائون

ٿوري دير اڳ اسان ان نقطي تي بيٺا هئاسين، جتي ڪائنات ۾ موجود ٻين سج - ستارن سان واڳيل ڌرتيءَ - نما سيارن جي امڪان کي هڪ حقيقي اميد طور ڏيکاريو ويو هو. جيڪڏهن اهڙا سيارا وجود رکن ٿا، ته پوءِ ان ڳالهه جو ڪيترو امڪان آهي ته انهن تي زندگيءَ، ذهين زندگيءَ سميت، ايئن ئي ارتقا ڪئي آهي، جيئن ڌرتيءَ مٿان ان ڪئي آهي؟ اسان جي سياري تي زنده شيون هماليه جي برفاني چوٽين تي - 16 ڊگري سينٽي گريڊ جي گرميءَ جي درجي تي ۽ سمنڊ جي اونهن، وڏي داٻ وارن تيل جي چشمن ۾ به ڏٺيون ويون آهن، جتي گرميءَ جو درجو 250 ڊگري سينٽي گريڊ کان به وڌيڪ ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته زندگي ايڏي گهڻي غير معمولي همه گيريت جو مظاهرو ڪري ٿي، ان ڪري اهو فرض ڪرڻ غير منطقي لڳي ٿو ته ان ٻين شمسي نظامن تي پنهنجو ديرو نه وسايو هوندو. اسان اهو پڻ ڄاڻون ٿا ته جڏهن هڪ دفعو زندگيءَ جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو، اهو پوءِ وقت

گذرڻ سان وڌ ۾ وڌ پيچيده روپ اختيار ڪندو وڃي ٿو، تنهنڪري هن سڄي مشاهدي مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ڪائنات ۾ ٻني ڪنهن هنڌ به باشعور زندگيءَ جو وجود تمام گهڻو ممڪن آهي. ته پوءِ اڃا تائين اسان "هنن" کي ڇو نه ٻڌو آهي؟ ان جا ڪجهه ممڪن سبب آهن. گهڻا ستارا اسان کان ڪيترائي نوري سال (هڪ نوري سال ۾ اٽڪل 6000000000000 ميل ٿين ٿا) پري آهن، ويجهي ۾ ويجهو ستارو به ڌرتيءَ کان سوا چار نوري سال پري آهي ۽ مشهور قطبي ستارو لڳ ڀڳ 700 نوري سال پري آهي. ان ڪري اشارو ڏيندڙ وسيلي ۽ موافق جهٽڻ (Receiver) ٻنهي کي طاقتور ۽ پنهنجي نشاني تي صحيح صحيح مرڪوز ٿيڻو پوندو. ٻنهي کي برق مقناطيسي رابطي جو ساڳيو نظام (يعني ريڊيو ۽ ٽي وي) استعمال ڪرڻو پوندو، جيئن اسان هتي ڌرتيءَ تي اهي استعمال ڪريون ٿا، رابطو ڪندڙ سيارن کي هڪٻئي سان مٽاسٽا ڪرڻ لاءِ موزون زمانن ۾ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي ساڳي سطح تي هجڻو پوندو. ان ڪانسواءِ آسمان جي ڊيڄاريندڙ ڦهلاءَ کي به پار ڪرڻو آهي. آخري ڳالهه اها ته اسان غير زميني (Extraterrestrial) اشارن کي اڃا هاڻي مس تلاش ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ سو به اڃا ناڪافي گهٽ پئسن سان؛ پوءِ به جڏهن اسان خلائي اسٽيشن تان سلسليوار ۽ لاڳيتي تلاش شروع ڪئي سين يعني جديد دنيا جي بدترين ريڊيائي شوروغل کان مٿي، ته پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اهڙين مخلوقن سان اسان جو رابطو ٿي وڃي. اسان پڇي سگهون ٿا ته جيڪڏهن ٻين دنيائن سان رابطو قائم ٿي وڃي ته ان ڳالهه جو ماڻهن ۽ خيالن تي ڪهڙو اثر پوندو؟ هڪ اهڙي حاصلات جنهن کي سائنسدان جيئن ڪارل ساگان، هاڻي رڳو "ڪجهه وقت جو معاملو" قرار ڏين پيا، ڪي ماڻهو ان ڳالهه تي ناراض ٿي سگهن ٿا ته ان طرح سان ڪين ڪائنات ۾ واحد باشعور زندگي هجڻ جي سندن "خاص رتبي" تان هيٺ ڪيرايو وڃي ٿو. ٻيا پوائنٽ افسانن معرفت ٻاهرين خلا بابت ڄاڻ هجڻ ڪري خوفزده ٿي ويندا. ان سوچ تي ته ذهين هستيون (خلائي مخلوق) سموري ڪائنات ۾ ڦهليل آهن، اڪثر ماڻهو جوش ۾ اچي ويندا. اها ڳالهه پنهنجي سياري زمين لاءِ ماڻهن جي ذميواريءَ جي احساس کي اڃا به وڌيڪ تيز ڪندي. ان جو ٻيو اثر اهو ٿيندو ته انساني حالت ڏانهن هڪ بدليل مذهبي/ فلسفيانه رويي کي ترقي وٺرائڻي پوندي. جيڪڏهن هڪ ذهين سيارو موجود آهي ته پوءِ ڇو نه اهڙا ڏهه لک سيارا موجود آهن؟ پوءِ تصورن جي هڪ خدا، هڪ دنيا واري خيال تي مڪمل طور تي ٻيهر نظرثاني ڪرڻي پوندي. ڇا اسان خدا جي اهڙي پٽ جي باري ۾ تصور ڪري سگهون ٿا جيڪو نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ هلندڙ اڻٽر جنگ ۾ مثال طور ڏهه لک دفعا صليب تي ٽنگيو ويو هجي، انهن سمورن سيارن تي جتي زندگي آهي؟ ڇا اسان اهڙي پيغمبر لاءِ تصور ڪري سگهون ٿا، جيڪو

ڏهہ لک تهذيبن کي قرآن ڏيندو هجي؟ هنن سوالن جو مقصد حضرت عيسيٰ يا حضرت محمد طرفان اسان جي تهذيبن کي ڏنل مثبت واڌارن کي گهٽائڻو نہ آهي، يا اهڙن ٻين مذهبي رهنمائن جي مثبت واڌارن کي گهٽائڻو نہ آهي، جن پنهنجي لاءِ ٻي مثل هجڻ جي دعويٰ ڪئي يا انهن لاءِ اهڙي دعويٰ ڪئي وئي هئي. اهي سوال بهرحال انهن دعوائن کي هڪ مڪمل طور تي مختلف روشنيءَ ۾ ضرور آڻي بيهارن ٿا.

ٻين زندگي بخش دنيائن بابت ڳالهائيندي اسان هڪ مجيل حقيقت کان چڱي خاصي حمايت ڪيل هڪ مفروضي ڏانهن وڌي چڪا آهيون، پر اهي خيال هڪ جديد نقطہ نظر ۾ ضرور شامل ڪيا وڃڻ گهرجن. امڪانن جو توازن اڄ اهو آهي تہ انسان هڪ دفعو وري شايد ٻي جا غرور منجهان مرڪزي اهميت جي هڪ دعويٰ سان چنبڙي رهيو آهي، جنهن جو هن کي ڪوبہ حق نہ آهي. انسان خاص آهي ڇاڪاڻ تہ هو باشعور، ذهين ۽ تخليقي آهي، ان جو امڪان گهٽ آهي تہ هو ڪائنات ۾ يگانو پڻ آهي.

هڪ همعصر ايماني سرشتو

ڪائنات، زندگي ۽ انسانذات جي باري ۾ هميشہ وڌندڙ ڄاڻ، گهٽ ۾ گهٽ هڪ نئين ايماني سرشتي جو خاڪو ڏئي ٿي، سچي کي جوڙڻ هميشہ جيان پراسرار آهي، پلڪ اڄ اهو ايڏو وڌيڪ پراسرار آهي، جو اڳ اڻين ڪڏهن نہ رهيو هو. پر ان سچي کي "خدا" تي چڙهي ڏيڻ سان غيب ختم نہ ٿو ٿئي. ناقابل يقين سچ اهو لڳي ٿو تہ جي فطرت کي توانائي ۽ امڪان ڏنا وڃن تہ ان جا تعميري باهمي عمل وڌيڪ پيچيده سرشتن کي وجود ۾ آڻي ڇڏن ٿا. انهن نتيجن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ ٻاهرئين اثر جي ضرورت نہ آهي. اهي ڪائنات ۾ اندر پيوست ٿيل آهن. جيڪا جينٽ ايرچ جينش (1980) ڏيکاريو آهي تہ خود ـ تنظيمي (Self Orga-nizing) آهي. سو اهڙي طرح فطرت جي هڪ سادڙي تشريح جي جاءِ تي، جيڪا مافوق الفطري قوتن جي تصور سان ڀريل آهي، جتان اسان پنهنجي نسل جي ٻالپڻي واري دورم شروعات ڪئي هئي، اسان هاڻي پاڻ کي هڪ اهڙي فطرت سان وڪوڙيل ڏسون ٿا، جيڪا هيل تائين وهم گمان ۾ نہ آيل تخليقي صلاحيت سان ٽمٽار ٿيل آهي: لچڪيدار، اڻٿڪ، همہ گير، عالمگير ۽ اهو سڀ اسان کي ڪٿي آڻي بيهاري ٿو؟ اسان جون ذميواريون هن نئين نقطہ نظر ڪري تمام گهڻيون وڌي

ويون آهن. هن صديءَ ۾ جينوٽيڪ اگهه گڏهن بہ نہ. اسان وٽ ان ارتقائي عمل جا، جيڪو اينترو پراڻو آهي، جيترو وقت جي شروعات، ثمرات تباهہ ڪرڻ لاءِ علم ۽ ٽيڪنالاجي موجود آهن. اسان جيٰ هاڻوڪي حالت جو بيو چهرو اهو آهي تہ اسان وٽ پنهنجي سياري کي انهن تباهين کان بچائڻ لاءِ، جن جو انکي خطرو لاحق آهي، ان کي وڌ کان وڌ خوبصورت بڻائڻ لاءِ، انکي هڪ اهڙي صورت ۾ حوالي ڪرڻ لاءِ جيڪا نہ رڳو ڪنهن بہ رڪاوٽ ڪانسواءِ هجي پر بُلند ٿيل هجي، جنهن ۾ ايندڙ نسل زندگيءَ جي مشعل کي نہ رڳو مٿي کڻي سگهي پر اڳتي کڻي وڃي، علم ۽ ٽيڪنالاجي موجود آهن. هن نقطي تي ان ڳالهہ جو ايپاس تہ اسان ڪٿي آهيون ۽ اسان ڇا آهيون ۽ جن عقيدن کي اسان بحيثيت سياري ..... ڌرتيءَ جي باشندن جي؛ ايمانداريءَ سان مڃون ٿا. اسان جي واضح ذميوارين ۾ شامل آهن. ڇا اسان پنهنجي دنيا کي سنواريون يا ان کي تباهہ ڪريون؟ هاڻي جڏهن تہ سائنس اسان کي خدائي جي طاقت ڏني ڇڏي آهي، ڇا اسان وٽ ان کي سمجهہ سان استعمال ڪرڻ جي ڏاهپ آهي؟ ايندڙ باب ۾ اسان ان سوال تي شروعات. انساني شعور جي ارتقا کي جانچڻ سان ڪنداسين، ڇاڪاڻ تہ شعور اسان جي احساس جو سرچشمو آهي ۽ شعور خود ارتقا ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه اسان اهو بہ ڏسي چڪا آهيون تہ شعور ڪائنات جي دور ترين ڪهڪشائن تائين پهچي سگهي ٿو. اسان انسان، بقول ٿامس ڪارلائل جي "عظيم وسعتن جي مرڪز ۾ آهيون" اسان جي شعور کي ان حقيقت کي پهچڻو آهي.

باب ٽيون

شعور جي واڌ

جنهن حيرت انگيز ڪائنات ۾ اسان رهون ٿا، ان ۾ اسان کي هڪ هم آهنگ، سڀ کان وڌيڪ اهم مقصد جي شاهدي نہ ٿي ملي، ان ڪم لاءِ ترقيءَ جو عمل تمام گهڻو ٽٽل ۽ الڳ الڳ ٿيل آهي، پر اها هڪ رخ جي پڪي شاهدي ضرور ڏئي ٿي. ارتقا گهٽ پيچيده کان وڌيڪ پيچيده ڏانهن، گهٽ ذهين کان وڌيڪ ذهين ڏانهن، جاندارن طرفان ماحول جي گهٽ ضابطي کان وڌيڪ ضابطي ڏانهن، هڪ جنس جي ڀاتين وچ ۾ گهٽ انفراديت کان وڌيڪ انفراديت ڏانهن ۽ گهٽ شعور کان وڌيڪ شعور ڏانهن سفر ڪري ٿي. ترقيءَ جي انهن سمورن رخن ۾ هڪ ڪونو، هڪ ڪينئين کان وڌيڪ مڪمل آهي، هڪ ڪتو وري هڪ ڪوئي کان وڌيڪ مڪمل ٿيل آهي، هڪ ڀولڙو هڪ ڪتي کان وڌيڪ اڳتي وڌيل آهي ۽ انسان، ٻين سمورين مخلوقن کان وڌيڪ اڳتي وڌيل آهي. هن ارتقائي حرڪت جو اعليٰ ترين موتي بلند ٿيل شعور آهي. اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ انسان معرفت ۽ هن سان پيت لائق ڪنهن ٻي مخلوق معرفت، جيڪا ٿي سگهي ٿو اسان جي نظام شمسيءَ کان ٻاهر موجود سيارن تي وجود رکندي هجي، ڪائنات خود پنهنجي متعلق وقت جي جُڳن ڪانپوءِ باشعور ٿي آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ مشاهدو ڪندڙ جي موجود هجڻ کانسواءِ، جيڪو ان ڳالهہ جو ڪاٿو ڪري سگهي ها تہ ڇا ٿي رهيو آهي، ڪئين واقعا، جاندار ۽ زمانا آيا ۽ ويا. هڪ دفعو انسان ڌرتيءَ تي پيدا ٿي چڪو ۽ وقت گذرڻ سان شين جي اصليت سمجهڻ ۾ سوين هزارين سال صرف ڪري چڪو، هن جي وڌندڙ جاڳرتا نيٺ هن کي خود پنهنجي شعور جي ارتقا سميت، مستقبل جي سيارتي ارتقا تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ اها اهليت بخشي. هي اهو هنڌ آهي، جتي اسان هاڻي موجود آهيون. بدقسمتيءَ سان شعور جو هڪ اڻٽر نتيجو انسان کي اهو فريب ڏيڻ هو تہ هو ڪُل کان الڳ آهي. ڪائنات پنهنجن لاتعداد مظهرن سان گڏ ٻاهر موجود محسوس ڪئي ٿي وئي، جڏهن تہ انسان ان کان ٻاهر موجود هو جيڪو ان کي ڏسي پيو، هن روبي انسان کي فطرت کان آهستي آهستي ڪٽي ڇڏيو، جنهن هن کي وجود ۾ آندو هو. ڪنانتم مشينيات...... تحت الاتمي فطرت جي علم، جي ڦٽڻ ڪانپوءِ دوريءَ جو هي رويو ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. مشاهدو ڪندڙ ۽ مشاهدي هيٺ شيءِ، ٻنهي کي گڏجي هڪ ئي واحد

نظام جا حصا ڪري ليکٺو آهي. پر الڳپٺي جو هي عادي رويو، ڪيترين ئي صورتن ۾ اجا زنده آهي. ڪائنات کان، فطرت کان، ٻين ماڻهن کان، جانورن کان ۽ هڪ عالمگير عمل جي طور تي زندگيءَ کان جدا هجڻ جي هڪ ذاتي احساس ۾. اهڙي طرح شعور... جنهن انسان کي خود پنهنجي شعور جي باري ۾ واقفيت حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني، هڪ عجيب انداز ۾ مڪمل شعور جي حاصلات لاءِ هڪ رڪاوٽ طور به ڪم ڪيو ڇاڪاڻ جو ڪنهن شيءِ کي مڪمل طور سمجهڻ لاءِ ماڻهوءَ کي لازمي طور سموري تجربي ۾ داخل ٿيڻ گهربو آهي، جڏهن ته الڳ هجڻ جو احساس ان ڪم کان باز رکي ٿو. جيئن ته انسان کي هاڻي زبردست ٽيڪنالاجيڪل قوتون عطا ٿيل آهن ۽ نتيجتاً زمين جي آئيندي جي ذميواري به هن مٿان آهي، ان ڪري هن کي، هن کان ٻاهر ڪائنات ۾ جو ڪجهه به موجود آهي، ان سان هڪ هجڻ جي هڪ گهري سجاڳيءَ جي به ضرورت آهي. سجاڳيءَ ۾ هي ڦهلاءُ، شعور جي ارتقا جو اڳلو ڏاڪو آهي. ان ۾ اسان سڀ پنهنجين زندگين جي حوالي سان حصو وٺي سگهون ٿا. هن باب جو مقصد هڪ جديد نقطہ نظر ۾ شعور جي ڪردار کي، ان جي ارتقائي ترقيءَ جو مختصر پتو لڳائيندي، جڳهه وٺي ڏيڻ آهي.

شعور جو ڦٽڻ

زنده شيون حالتن کي منهن ڏيندڙ ٿينديون آهن: گل سج ڏانهن منهن ڪندا آهن، وليون سهارن کي گهيري ٻيهنديون آهن، پاڙون زمين مان گهربل پاڻي ۽ نمڪيات جي تلاش ۾ چرپر ڪنديون آهن، اوپر جي برفاني هوا، ٻوٽن کي سڪائي ڇڏيندي آهي پر جڏهن انهن کي اندر جاين ۾ آندو ويندو آهي ته ساڳيا ٻوٽا ساوا ٿيڻ لڳندا آهن. ڪي ٻوٽا مکين کي، هڪ ڏيڏر يا هڪ ساندي جي زبردست فينسٽائيءَ سان پڪڙي سگهندا آهن. اهي روشني حاصل ڪرڻ جي جنگ ۾ به مستقل مزاجي ڏيکاريندا آهن. ڪي ٻوٽا سج جي روزاني لهڻ ۽ اُڀرڻ مطابق کلندا ۽ بند ٿيندا آهن.

حيواني دنيا، پنهنجي واري ۾، ارتقا جي ترقيءَ سان گڏ سجاڳيءَ جو هڪ بتدريج ڦهلاءُ ڏيکاري ٿي، جانورن جا گهرڙا ائين ڪم ڪن ٿا، ڄڻ اهي ان شيءِ کان باشعور هجن ته هنن ۾ اندر ۽ سندن چوگرد ڇا وهي واپري پيو، اميبا ۽ مٽيءَ جو ڪينئون اهو ڄاڻيندا آهن ته پنهنجي گهربل خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ هنن کي ڪيئن تلاش ڪرڻي آهي. اهي پنهنجي چوڌاري ماحول ۾ موجود نقصانڪار شين

جهڙوڪ تيزاب يا تمام گهٽي لوڻ يا خشڪيءَ کان به حساس هوندا آهن. زندگيءَ جي پڇماني تي تڪڙي نظر ڊوڙائڻ سان اسان ڏسون ٿا ته پکي، موزون وقتن تي اهو سڄ جهتي سگهندا آهن ته کين اتر يا ڏکڻ طرف اڏامڻ گهرجي، پوپٽ به طويل سفر ڪندا آهن ۽ ڪيترين ٻين مخلوقن مثال طور سامن مڇي، گوج مڇي حرڪت جا خوبصورت چڪر ڏيڻ، پنهنجي زندگيءَ جي انداز طور قائم ڪري ڇڏيا آهن. ڪبوتر، ماکيءَ جي مکين وانگر علائقن جا ابتدائي نقشا پنهنجن دماغن ۾ ڪٽي هلندا آهن. جانورن جي هيڙي ورثاءَ جو گهڻو حصو خودڪار رد عمل کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندو آهي ۽ تڪڙي صورتحال سان سمجهوتو ڪرڻ جي ڪجهه صلاحيت جي موجودگي، جيڪا ويندي هڪ بنڪٽيريا ۾ به ڏٺي وئي آهي، اهو فرض ڪري وٺڻ خلاف هڪ احتياط آهي ته خودڪاري ئي سڀ ڪجهه ناهي، مثال طور پکين مٿان ڪيل اها تازي تحقيق ته اهي سمنڊ ڪيئن پار ڪن ٿا، اهو تجويز ڪري ٿي ته اهي ان مقصد خاطر ڪنهن قسمن جون حڪمت عمليون استعمال ڪندا آهن، جنهن جو مطلب اهو آهي ته مختلف وقتن تي کين اها چونڊ ڪرڻي پوندي آهي ته ڪهڙي اشاري جي تقليد ڪرڻ کپي.

ڊيڪارٽ جي غلطي

جيئن جيئن اسان ارتقائي وڻ تي مٿي چڙهندا وڃون ٿا، جذباتي ردعمل اندر داخل ٿيندو وڃي ٿو ۽ ان سان گڏ اهو سوال به ڪر کڻڻ لڳي ٿو ته آيا جانور انهن جذبن کان واقعي ۾ باخبر ٿين ٿا، جيڪي اهي ڏيکاريندا آهن. هي هڪ اهم مسئلو آهي، هڪ اهڙي وقت تي جڏهن ماڻهو قدرتي نظم اندر پنهنجي ڪردار ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن. بدقسمتيءَ سان حيواني دنيا متعلق انسان جو تصور 17 صديءَ ۾ هڪ بااثر فرانسيسي ڏاهي ۽ رياضي ڏان ريني ڊيڪارٽ طرفان هڪ غلط رستي تي رکيو ويو. ڊيڪارٽ پاڻ کي هڪ تمام گهٽي ڏکي صورتحال ۾ قائل ڏٺو. هن محسوس ڪيو ته جانورن کي به انسان وانگر جسماني بناوت ۽ محسوساتي عضوا آهن. ان مان اها ڳالهه منطقي طور ثابت ٿيڻي پئي ته جڏهن انسانن لاءِ اهو مڃيو ٿي ويو ته هنن کي دماغ ۽ روح آهن ته پوءِ جانورن کي به گهٽ ۾ گهٽ انهن شين جون ڪجهه باقيات ضرور هجڻ گهرجن. 17 صديءَ ۾ هيڙو خيال بهرحال مڪمل طور تي ناقابل قبول هو، ان زماني ۾ اهو تجويز ڪرڻ ته جانورن کي به ڪنهن قسم جو ذهن يا روح ٿئي ٿو، مذهبي عالمن کي مچرائي وجهي ها، جڏهن ته ڊيڪارٽ هنن سان سٺا تعلقات رکڻ چاهي پيو. هن اهو خال هي عجيب نظريو گهڙي، پريو ته انسانن ۽ جانورن ٻنهي کي ساڳيا جسم آهن ۽

بني ماحولياتي اثرن کان هڪ جيترو متاثر ٿين ٿا، پر انسان کي پنهنجي روح لاءِ پنيل غدود (Pineal Gland) ۾ جيڪو دماغ اندر هڪ ننڍڙو غدود ٿئي ٿو، هڪ خاص مرڪز هوندو آهي. سو ڊيڪارٽ مطابق جانور ذهنن يا روحن کانسواءِ آهن، ڪنهن به سوچ يا احساس جي قابل نه آهن، اهي ڇڙو خودڪار جيو آهن. هن تصور حيواني دنيا لاءِ انساني احترام کي تمام گهڻو نقصان رسايو، بهرحال تازن سالن ۾ اهو عام فهم خيال ته جانور به هڪ نامڪمل انداز ۾ ضرور محسوس ڪن ٿا، جانورن جي ورتاءَ جي وڏيڪ همدردانه اڀياس جي نتيجي ۾ مضبوط ٿيندو پيو وڃي.

حيواني دنيا ۾ احساس ۽ سوچ

حيواني دنيا سان اسان جو ناتو انهن طريقن جي سڃاڻپ تي دارومدار رکي ٿو، جن ۾ جانور اسان وانگر ٿين ٿا ۽ خاص طور تي ان تي ته آيا جانور انسان جهڙي انداز ۾ محسوس ڪري سگهن ٿا. ڪي ۽ جانور جوش، بي صبري، ڪاوڙ ۽ خوف ڏيکاريندا آهن. اهي فخر ۽ محبت پڻ ڏيکاريندا آهن ۽ غمزده پڻ ٿي سگهندا آهن. اهو تجويز ڪرڻ ته هڪ هنس پکي گوز، پنهنجي وڇڙيل ساٿيءَ لاءِ زبردست رنج وغم ڪندي، ڪجهه به محسوس نه ڪندو آهي، ايتروئي گمراهه ڪن آهي، جيترو اهو فرض ڪرڻ ته هڪ ننڍڙو ڪتو سور جي ڪري بيهوش ٿي ويندو آهي، جڏهن اهو لتاڙجي وڃڻ تي رڙيون ڪندو آهي. گهڻائي جانور ۽ ڪجهه پکي کيڏندا آهن، يعني کيل تماشو ڪري پنهنجو پاڻ کي لطف اندوز ڪندا آهن. وڏا جانور خواب ڏسندا آهن ۽ جيئن ته سندن دماغن جا پويان حصا (دماغ جا اهي حصا جيڪي ديد سان لاڳاپيل هوندا آهن) ڪافي بهتر نموني وڌيل آهن، انڪري اهي شايد پنهنجي دماغ جي اک ۾ خواب ڏسڻ مهل تصويرون ڏسندا آهن، بلڪل ائين جيئن اسان خواب ۾ ڏسندا آهيون. باقي جيستائين انسان جهڙي ذهانت جو تعلق آهي، ڪوهلر (1925) اهو ڏيکاريو آهي ته باندر ننڍڙا مسئلا هڪ ڳجهارتي صورتحال جو اڀياس ڪندي، ممڪن حلن سان پرشور انداز ۾ تجربا ڪندي ۽ هٿن ۾ موجود شين جو معقول استعمال ڪندي، حل ڪري سگهندو آهي؛ جيڪو ڪم خياني سوچ کان بلڪل ئي مختلف هوندو آهي ۽ اهي اهڙن ڪارنامن ۾ واضح لطف ڏيکاريندا آهن. ڪي جانور ۽ پکي ذهين ۽ حاضر شعور جي ثبوت طور غير معمولي حالتن سان پاڻ کي نڀائڻ جي هڪ زبردست قابليت ڏيکاريندا آهن. نواحي ڳاڙهيون جهرڪيون پنهنجن آکيرن لاءِ متبادل سامان ۽ هنڌ ڳولڻ ۾ وڏي

حرفت ڏيکاريندڙ آهن. ڪي هيٺيان جاندار هنگامي صورتحال ۾ پنهنجون غذائي عادتون تبديل ڪندا آهن، جڏهن ته ڪي جانور جيئن پانڊا، آسٽريلوي ڪوئا ۽ رڇ مخصوص ڪاڏن تي اينترو ته هريل هوندا آهن جو اهي پنهنجي عادت بدلائڻ بدران فاقن ڪڍڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. پنجاهه سال اڳ برطانوي لومڙيءَ کي هڪ انتهائي هيٺو جانور ليکيو ويندو هو، جيڪا انساني وسندين کان لهرائيندي هئي، توڙي جو ڪڏهن ڪڏهن اها ڪڪڙن جي آکيرن تي رات جو حملا ڪندي هئي، اڄ اها لومڙي شهر جي نواحي علائقن ۾ واضح تدبير سان آباد ٿي رهي آهي. هي سڀ موافقتون اينترو ته تيزيءَ سان ٿيون ٿيون جو انهن جو بطور "ٺلهي جبلت" جي جواز نه ٿو پيش ڪري سگهجي.

حيواني شعور جي پيماني جي چوٽيءَ تي پولڙو چمپينزي اچي ٿو، ڪتن جي ابتڙ، چمپينزي کي ان ڳالهه جو ترت احساس ٿي ويندو آهي ته جو ڪجهه هو آئيني ۾ ڏسندا آهن، اهي هو پاڻ ئي هوندا آهن، اهي نشانين کي سڃاڻڻ جي به اهليت ڏيکاريندا آهن. چمپينزي - واشو (Washoe) خاص تربيت ڪانپوءِ 34 هٿ جي اشارن واري هڪ سادي اشارتي زبان ۾ رابطو قائم ڪرڻ سکي ويو. ساره، هڪ ٻي چمپينزي، 130 لفظن تي عبور حاصل ڪري ورتو، جنهن هن کي پنهنجيون ضرورتون بيان ڪرڻ جي قابل بڻايو. جيڪڏهن ضرورتون اظهاري سگهجن ٿيون، ته پوءِ اهي شايد محسوس به ڪري سگهجن ٿيون. جڏهن ساره هڪ صوف گهريو، هوءَ جڻ ڄاڻي پئي ته هن ڇا چاهيو ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ان کي تصور ۾ به آڻيندي هجي: ڊولفن مڇيءَ جا وڏا دماغ اهو تجويز ڪن ٿا ته اهي پڻ رابطي قائم ڪرڻ جي ضرور لائق هونديون، جيتوڻيڪ انهن ۽ انسانن جي وچ ۾ ڪيل تجربا هيل تائين مطمئن ڪندڙ نه پئي رهيا آهن. بهرحال ڊولفن مڇيون پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تکي آواز واري چرچر ضرور ڪنديون رهنديون آهن.

البت اسان کي ضرور محتاط رهڻ گهرجي ته اسان اهو فرض نه ڪريون ته جانورن جي ذهني دنيا به ساڳي آهي جيئن اسان جي ذهني دنيا، اسان جي ذهني فطري صلاحيت ۽ تهذيبي تجربو، جانورن کان تمام گهڻو اڳتي وڌيل آهي. نقطو هي آهي ته اسين ۽ جانور ڪيترن ئي اعتبارن کان هڪجهڙا آهيون. اسان ڊيڪارٽ جي انداز ۾ هاڻي وڌيڪ اهو فرض نه ٿا ڪري سگهون ته جانور فقط هڪ خودڪاريءَ جو نالو ٿئي ٿو. اڄ ماڻهن زندگيءَ جي سموري ٻي دنيا سان هڪ هجڻ جي احساس ۾ لطف وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اهي اهو مڃن ٿا ته انساني شعورذات، جانورن جي جزوي خود شناسيءَ کان تمام گهڻو اڳتي وڌيل آهي پر ساڳئي وقت هو اهو به مڃن ٿا ته انسان ۽ جانورن ۾ وٿي ايڏي وڏي ناهي جو اها اسان انسانن کي پنهنجو پاڻ کي هڪ واحد مظهر يعني ارتقا ڪندڙ زندگيءَ ۾ شرڪت ڪندڙ ذر جي حيثيت ۾، ڏسڻ کان روڪيندي هجي. ٻوٽا، جانور ۽ انسان

سپ، سندن گهرڙن ۾ موجود ساڳئي قسم جي ڊي اين اي جي جينياتي پروگرامن طرفان تشڪيل ٿيل آهن.

پنهنجي هستيءَ جو شعور (شعورِ ذات)

اسان پنهنجي هستيءَ جي شعور کي اهڙي شيء طور فرض نه ٿا ڪري سگهون جيڪا انساني ذهن ۾ هميشه کان مڪمل ٿيل موجود رهي آهي. ڪنهن زماني ۾ ماڻهن پنهنجن خيالن ۽ خوابن کي پنهنجي اندر مان پيدا ٿيندڙ شين طور نه ٿي ليکيو، ان بدران هنن انهن کي ديوتائن يا خدا طرفان موڪليل پيغامن طور تصور ڪيو ٿي. توريت جي ڪتاب پيدائش جي باب ٻارهين ۾، اسان پڙهون ٿا.

"خدا ابراهيم کي چيو، تون پنهنجي ملڪ مان پنهنجن مٽن مائٽن کان ۽ پنهنجي پيءُ جي گهر کان ٻاهر هڪ اهڙي سرزمين ڏانهن هليو وڃ، جيڪا مان توکي ڏيکاريندس."

اڄ اسان اهڙي مجبور ڪندڙ خيال کي خود پنهنجن ذهنن مان ڦٽندڙ هڪ طاقتور وجدان جي طور تي ليکيون ٿا، پراڻين ان زماني ۾ نه پيو ڪري سگهجي، جڏهن ڪتاب پيدائش لکيو ويو هو. جولين جينس (1979) پنهنجي ڪتاب "ٻن طبقن واري ذهن جي ورهاست ۾ شعور جو ڦٽڻ" ۾ ٻڌائي ٿي ته "هومر جي ڏهاڙن ۾ سمورا فيصلا ديوتائن کان ايندڙ سمجهيا ويندا هئا. اهو هڪڙو ديوتا آهي، جيڪو اڪائيلس کان اهو وعدو ڪرائي ٿو ته هو لڙائيءَ تي نه ويندو، اهو ٻيو ديوتا آهي، جيڪو هن کي وڃڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو ۽ اهو اڃا ٻيو ديوتا آهي، جيڪو هن کي آسمان چهندڙ سونهري ٻاهه ۾ وڪوڙي ٿو ۽ هن جي نڙيءَ مان، تروجنس مٿان، انهن کي برداشت کان ٻاهر خوف ۾ مبتلا ڪندي رت واري کاهيءَ تان رڙيون ڪري ٿو. حقيقت ۾ ديوتا شعور جي جاءِ والارين ٿا."

هڪ عقلي ڪم جو مطلب عقل جي ديويءَ جو انسان مٿان عمل ڪرڻ ورتو ويندو آهي ۽ هڪ خراب ڪم کي شيطاني اثر جو نتيجو سمجهيو ويندو آهي. ماڻهوءَ جي خود پنهنجي ورتاءَ ۾ سندس سڌي سنئين ذاتي شرڪت جو تصور اڃا شعور ۾ اڀريو هو. انسانن کي ان احساس پيدا ڪرڻ ۾ تمام گهڻو طويل عرصو لڳي ويو ته خيال، خواب، وجد، فيصلا ۽ اُتساهه سندن پنهنجن ئي سرگرم ذهنن جا اظهار آهن ۽ جن لاءِ ڪين ذاتي ذميواري قبول ڪرڻي آهي. سجاڳيءَ جي هن سست عمل ۾، شعورِ ذات، جيئن هاڻي اسان انکي محسوس ڪيون ٿا، ڦٽو.

شعور ذات کان اڳتي

شعور ذات جي هڪ معقول اعليٰ سطح، جيڪا خودشناسي تئي ٿي، آخرڪار حاصل ٿي چڪي، جيتوڻيڪ ذهن جي اندروني سرگرمي سڌي سنئين مشاهدي ۾ نہ ٿي اچي سگهي. پر خودشناسيءَ جي حاصلات ارتقائي عمل کي مڪمل نہ ٿي ڪري ڇڏي. سماجي شعور هميشہ وڌندڙ سماجي لڳاءُ ۽ ٻين ماڻهن سان لهہ وچڙ، ڪي بہ وڌيڪ ارتقا لاءِ، هڪ شرط جي طور تي لاڳو ڪرڻو پوندو. سماجي شعور... ٻين ماڻهن لاءِ اُونو، سماجي جانورن ۾ ابتدائي شڪل ۾ ڏٺو ويو آهي پر سمورن انساني سماجن ۾ وڌيڪ ڀرپور نموني ڏٺو ويو آهي. سموري انساني تاريخ دوران سماجي شعور آهستي آهستي ارتقا ڪندو پئي رهيو آهي. شروع ۾ اهو خاندان يا قبيلي جي خيال تائين محدود هو. ڌارين جي ضرورتن کي ليکيو ئي نہ ويندو هو، ڌارين ماڻهن خلاف ڏوهن کي ڏوهہ ئي نہ سمجهيو ويندو هو. رڳو هن صديءَ ۾ چڱن خاصن ماڻهن اهو مڃڻ شروع ڪيو آهي تہ سمورن انسانن سان مساوي انصاف ۽ رحم سان ورتاءُ ڪيو وڃڻ گهرجي. بي رحميءَ مٿان هي هڪ عظيم واڌارو آهي، جيڪا ماضيءَ ۾ اسان جي گهڻي زندگيءَ جو امتيازي گڻ رهي آهي. حضرت عيسيٰ جي مثال ۾ سندس هڪ سٺو غريب نواز هئڻ اسانکي ان شيءِ جو هڪ مثال ڏني ٿو تہ وقت سان گڏ سماجي شعور ڪيئن نہ وڌيو ويجهيو آهي. اڄ اسان اها اميد ڪري سگهون ٿا تہ ماڻهو هڪ ويران روڊ پار ڪري، روڊ جي ٻئي پاسي تي پيل هڪ ڦريل ۽ زخمي ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ، هن جي نسل ۽ مذهب کي ڌيان ۾ نہ آڻيندي ويندا. جڏهن ماڻهو ان انداز ۾ ورتاءُ نہ ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي ملوث ٿيڻ نہ چاهيندا آهن، اسان کي تمام گهڻو صدمو رسندو آهي. اها ڳالهہ تہ هڪ ماڻهوءَ کي مدد جي ضرورت هوندي آهي، هنکي اها مدد فراهم ڪري ڏيڻ لاءِ اسان سمجهون ٿا تہ اهو ئي ڪافي سبب آهي. حضرت عيسيٰ جي زماني ۾ غريب نواز هجڻ جي روايت جي ابتڙ هڪ يهوديءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ وڃڻ کي غير معمولي انسانيت جو هڪ ڪم ليکيو ويندو هو. اڄ بہ دنيا ۾ تمام گهڻي بي رحمي ۽ بي حسي موجود آهي پر پوءِ بہ اهو سچ آهي تہ ٻين ماڻهن لاءِ فڪر صدين پٺيان صديون وڌندو پئي رهيو آهي. تڏهن ئي آڪسفئم، وار آن وانٽ، يونيسيف ۽ ٻيون خيال ڪندڙ تنظيمون ايري آيون آهن، تڏهن ئي تہ ڪنهن بہ اهڙي ضرورت ڏانهن، جيڪا مشهوري ماڻيندي آهي، ايڏي سخاوت ڏسڻ ۾ ايندي آهي، تڏهن ئي تہ سرڪاري بربريت جيئن وڪٽورين برطانيہ ۾ چوريءَ لاءِ ڦاسي ڏيڻ ۽ تمام خسيس ڏوهہ لاءِ

ڏوھارين ۽ فوجين کي بي رحم نموني ڪوڙا ھڻڻ ۾ بتدريج گھٽتائي آئي آھي. 1820 تائين برطانيہ ۾ عورتن کي قانوني طور ڪوڙا ھنيا ويندا ھئا.. اڄ وڏي ۾ وڏو فرق اھو آھي تہ جيتوڻيڪ ظلم اڃا تمام گھڻو ڦھليل آھي، پر اھو تمام گھٽو نديو پئ وڃي ٿو، جيئن انساني حقن جي عالمي پڌرنامي ۾ ۽ جانورن جي تحفظ جي قانونن ۾. اڳي ماضيءَ ۾ زندہ شيين پوءِ اھي انسان ھجن يا جانور، مٿان ظلم کي ھڪ طئي شدہ ڳالھہ سمجھيو ويندو ھو پر پوءِ بہ ان جي ابتڙ ڪجھہ دعوائن جي باوجود سماجي شعور جي مشق اڃا تمام ٿورڙي آھي. دنيا ۾ ڪروڙھا ماڻھو غذا جي ڪميءَ ۾ مبتلا، بکايل، بيمار، بي گھر، بنا سارسنڀال جي ۽ اٽڙھيل آھن... شاھوڪار ۽ طاقتور قومون اڃا تائين ان مسئلي بابت ايترو رحمدل نہ آھن، اھي انھن ڀيانڪ حالتن کي ختم ڪرڻ لاءِ پنھنجي دولت جو تمام مختصر حصو مھيا ڪري رھيون آھن ۽ ان لاءِ زحمت گوارا نہ ڪرڻ جا سولا بھانا ڳولي رھيون آھن. ھي سڀ تبديل ڪرڻو آھي، ان وچ ۾ اسان جيئن سال گذرن پيا، انساني احساس جي وڌندڙ حد مان ڪجھہ اميد حاصل ڪري سگھون ٿا.

سياراتي شعور

شعور ۾ ٻيو تازو واڌارو سياراتي شعور ڏانھن واڌ جو آھي. ھي رجحان ڪيترين ئي تنظيمن ۾ عيان آھي. ماڻھو نہ رڳو سموري زندگيءَ سان پر ھن سياري سان بطور زندگيءَ جي ماحول جي، لڳاءَ جي ھاڻي دعويٰ ڪري رھيا آھن. ھيءَ ڳالھہ ڌرتيءَ بابت فڪر ۾ ھڪ وڏو اضافو آھي، جڏھن ان کي اڄ کان پنجاھہ سال اڳ واري صورتحال سان ڀيٽجي ٿو، جڏھن برطانيہ جي وزيراعظم اھو اعلان ڪيو ھو تہ يوگوسلاويہ ايترو تہ ننڍڙو ملڪ ۽ ايڏو تہ پري آھي جو ان بابت فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناھي. اڄ ماڻھو پنھنجو پاڻ کي ڌرتيءَ سان سڃاڻڻ سگھي رھيا آھن. قومپرستي، دنياپرستيءَ کي جاءِ ڏئي رھي آھي. ھاڻي تہ عالمي باھمي رابطو پھچي چڪو آھي. نئون مقصد ڌرتيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ، ان کي ڪم آڻڻ، ان کي وڌڻ ويجھڻ ۾ مدد ڪرڻ آھي، نہ ڪہ ان جو استحصال ڪرڻ آھي. زرخيز زمين ۽ زرخيز سمنڊ جي سنھي پٽي، جيڪا اسان جي ننڍڙي دنيا جي چادر آھي، آھستي آھستي اھا عزت ماڻي رھي آھي، جنھن جي اھا بحيثيت اسان جي وجود جي سرچشمي جي، حقدار آھي. جڏھن تہ اڄ انھن تجويز ڪرڻ تہ "سمورا انسان پاڻ ۾ ڀائر آھن" محض ھڪ مقدس اميد ناھي رھي. سماجي ۽ سياراتي شعور ان ڳالھہ جي وڌندڙ احساس ۾ پاڻ ۾ گڏ آھن تہ اسان، جان ڊون جي لفظن ۾ "انسانذات ۾ ٻيھي ويل آھيون" ، ھي موجودہ دنيا لاءِ شعور جو جائز ۽ ضروري واڌارو آھي.

فلڪياتي شعور

۽ هاڻي انساني ذهن، سياراتي شعور کان به اڳتي ڪجهه وڌيڪ جي نندڙي ادراڪ ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن کي ڪڏهن "فلڪياتي شعور" به ڪوٺيو وڃي ٿو، جيڪو دنيوي معاملن جي خبرگيريءَ کان متاهون آهي. سموري تاريخ ۾ تمام ٿورڙن ماڻهن حقيقت کان متاهين حقيقت — ڪُل جي تجربي کي محسوس ڪرڻ متعلق ڳالهايو آهي. هي اڳي ناياب تجربو هاڻي لڳي ٿو ته وڌيڪ ڪثرت سان وقوع پذير ٿي رهيو آهي. نفسياتدان ابراهم مَسلو، جنهن جن کي هو چوٽيءَ جا تجربا ، ڪوٺي ٿو، جو اڀياس ڪيو آهي، چئي ٿو ته هي خاص تجربا ، اڪثر ماڻهن جي پهچ ۾ هوندا آهن ۽ بيشڪ اها ڳالهه بلڪل به غير معمولي نه هوندي آهي ته اونهاري جي شام جي پرامن ماحول ۾ يا جبلن ۾ اڪيلي سر يا موسيقي ٻڌندي يا خوبصورت شيءِ کي نيڻ اکين سان ڏسندي، اهو لهجي ته عام رواجي محسوسات اوچتو ئي اوچتو صاف ٿي وڃي ۽ شعور، بلنديءَ جي هڪ وڌيڪ مطمئن ڪندڙ سطح تائين پهچي وڃي. شديد محسوسات جون هي قيمتي گهڙيون گهڻو وقت جاري نه رهنديون آهن، نه ئي انهن کي ارادي جي هڪ عمل سان وجود ۾ آڻي سگهجي ٿو، جيتوڻيڪ سکيا ، سجاڳيءَ کي وڌائي سگهي ٿي. بنا ٻڌائي اچڻ ۽ وڃڻ اهڙن تجربن جو انداز هوندو آهي. سو شعور ڪائنات جي هر ٻئي پهلوءَ وانگر اڻ ڪٽ چرپر ۾ آهي. وليم جيمس، آمريڪي نفسياتدان ۽ فلاسافر، انساني محسوسات جي هن نازڪ باريڪ دنيا جي باري ۾ سوچي رهيو هو، جڏهن هن هيئن لکيو:

"اسان جو عام رواجي شعور، جنهن کي اسان "معقول شعور" سڏيون ٿا ، رڳو هڪ خاص قسم جو شعور آهي، جڏهن ته ان جي چوڌاري ۽ ان کان باريڪ ترين پردن ذريعي الڳ ٿيل شعور جا ڳجها روپ موجود آهن، جيڪي ان کان مڪمل طور تي مختلف آهن."

شعور جي هن "ٻيءَ" انداز کي لڳي ٿو ته پنهنجي ڪم ڪار لاءِ دماغ ۾ مخصوص هنڌ ٿين ٿا (آرنسٽين 1977). شعور جو هي قسم پاڻ کي وجدان ذريعي ظاهر ڪندو آهي، جيڪو ڪُل ۾ تعميري مهارت جو احساس هوندو آهي، ان منطقي، سڌي سنئين، شين کي ڌار ڌار ڪري ڏسندڙ شعور جي ابتڙ، جنهن کي جيمس "معقول شعور" ڪوٺيو آهي. جهڙي نموني سماجي شعور، عمومي سمجهاڻيءَ ۾ غير واضح شروعاتن کان هڪ مجيل حيثيت تائين وڌيو آهي، تهڙي

نموني اسان اهو فرض ڪري سگهون ٿا ته هيءَ باريڪ سجاڳي... فلڪياتي شعور ايندڙ سالن ۾ طاقت ۽ وضاحت ۾ وڌندي ويندي. اهو شعور آهستي آهستي پاڇن مان نڪري عام انساني تجربي جي دنيا ۾ ايندو ويندو. ان وچ ۾ ان جو ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ٿيڻ اسان ڪي اڳتي وڌي وڃڻ ۾ مدد ڪندو، جيئن ميٿيو آرنولڊ چيو آهي:

"اسان ٻري نه ٿا سگهون، جيستائين اها باهه نه ٿي پڙڪي، جيڪا اسان جي دل ۾ رهي ٿي، روح ڦوڪجي ٿو ۽ اسان جو روح اجا تائين اسرار ۾ رهي ٿو، پر بصيرت جي گهڙين دوران ارادو ڪيل ڪم، اداسيءَ جي گهڙين دوران ئي پورا ڪري سگهجن ٿا."

شعور جي حد

اسان هاڻي دنيائي واقعن جي فوري للڪار ڏانهن وري واپس اچون ٿا. انسان کي وڏيڪ موثر ٿيڻ خاطر جيڪو حاصل ڪرڻو آهي، اهو شين ۽ پنهنجن مسئلن کي، انهن جي مڪمل ترتيب ۾ ڏسڻ جي صلاحيت آهي، نه ڪه انهن کي هڪ محدود ۽ گمراهه ڪندڙ انداز ۾ ڏسڻ آهي. مسئلن جا حد کان وڏيڪ سادا بڻايل حل، اسان جي دور جي لعنت آهن، جيئن مثال طور ڏوهه جي مسئلي جو حل سخت ترين سزا ۾ لڪل فرض ڪيو وڃي ٿو يا اقتصادي تڪليفن لاءِ اها توقع ڪئي وڃي ٿي ته اهي سڀ هڪ واحد نظرئي سان حل ٿي ويندا. هڪ همعصر شعور کي، ان ڳالهه جو جائز تاثر حاصل ڪرڻ لاءِ ته شيون حقيقتاً ڪيئن آهن، هيءَ دنيا مڪمل طور تي ڏسڻي آهي... ان جي سمورن مختلف پهلوئن ۽ باهمي لاڳاپن ۾. اسانکي گهڻ ـــ مُنهين انداز ۾ سوچڻ جي عادت پيدا ڪرڻي آهي. ان سلسلي ۾ هتي هڪ مثال هر شيءِ جي عام پيچيدگي ڏيکاريندو. فرض ڪريو ته اسان سرڪس ۾ سنهي تار تي گهمندڙ ماڻهوءَ بابت هيءَ پڇا ڪريون ٿا ته ان ماڻهوءَ کي ڪهڙي شيءِ هوا ۾ اڀين اُيو رکي ٿي؟ ان جو ظاهري جواب آهي. تار! پر ان جواب جو ناڪافي هجڻ تڏي تي ئي ظاهر آهي. جيڪڏهن ماڻهو، تار ۽ تار کي جهليندڙ ٿنڀن کي خلا ۾ ڪٿي وجهجي ته پوءِ ماڻهو ۽ تار هڪٻئي کان ٻري ٿيندا ويندا. ٿنهنڪري ڪشش ثقل، جيڪا ماڻهوءَ جي پيرن کي تار تي مضبوطيءَ سان هيٺ ڇڪيندي رهي ٿي، ان ماڻهوءَ جو تار مٿان توازن رکڻ لاءِ اوتري ئي اهم آهي، جيتري اها تار خود ۽ هن جي جوتن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟ جيڪڏهن هن کي چمڙي جي جوتن جو هڪ نئون جوڙو پاتل هجي ها ته پوءِ ڇا هو تار تي بيهڻ لائق

هجي ها؟ ٽينهنڪري هن جا جوتا به خاص جوتا آهن ۽ اهي جوتا تيار ڪرڻ ۾ ڪم آيل سموري منصوبہ بندي ۽ ڪاريگري به هن کي هوا ۾ اٿين بيهي رهڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن. اسان کي ان ماڻهوءَ جي توازن برقرار رکڻ جي حواس ۽ سندس ڪنن پنيان موجود اڌ گول نلڪين جي پيچيده سرگرميءَ کي به ڌيان ۾ رکڻو پوندو، جيڪي توازن مٿان ضابطو رکنديون آهن. ان ڪم لاءِ گهربل ضروري همت به ان جي حاصلات ۾ ڳڻڻي پوندي ۽ وراثت ۽ همت پيدا ڪندڙ تجربي جو ميلاپ به ان ۾ شامل ڪرڻو پوندو ۽ ان ماڻهوءَ جا اهي سمورا ابا ڏاڏا پڻ ان ۾ شامل ڪرڻا پوندا، جن اها وراثت مهيا ڪري ڏني: سڪيا پڻ ان ۾ اچي ٿي ۽ سڪندي رهڻ جي مستقل مزاجي، جيستائين تار تي گهمڻ جي فن ۾ مهارت نہ ٿي حاصل ٿي وڃي، بہ ان ۾ شامل ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾ نہ اسان انهن مشڪن کي نظرانداز ڪري سگهون ٿا جيڪي ان ماڻهوءَ کي اُبي بيهڻ لائق بڻائن ٿيون، نہ ئي ان ماڻهوءَ جي جسم جي اندروني ڪيميات کي نظرانداز ڪري سگهون ٿا، جيڪا انهن مشڪن کي طاقت مهيا ڪري ڏئي ٿي، نہ ان کاڌي کي نظر انداز ڪري سگهون ٿا، جيڪو هن رت ۾ کنڊ مهيا ڪرڻ لاءِ کاڌو هوندو آهي، جنهن تي هو پنهنجو مظاهرو برقرار رکڻ لاءِ ڀاڙيندو آهي، اهڙي طرح شين جو هي سلسلو هلندو ئي ويندو. سو ڪنهن بہ شيءِ تي نظر ڊوڙائڻ، جيڪا پنهنجي مڪمل پس منظر ۾ وجود رکندي آهي، نيٺ اسان کي ان سڄي ڏانهن وٺي ويندي آهي، جيڪو وجود رکندو آهي. هر شيءِ هر ٻي شيءِ ۾ وسي ٿي ۽ سڄو ماضي هر گهڙيءَ جي واقعن ۾ وسي ٿو. اسان ڪنهن بہ وقت تي ڪنهن بہ شيءِ ڏانهن جيڪو توجهہ ڏيندا آهيون، اهو اثر جي هڪ پيچيده مرڪب جي مرڪز تي هوندو آهي، جيڪو سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويندو آهي ۽ پوئتي سموري وقت ۾ ڦهلجي ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان پنهنجو پاڻ کي آزاديءَ جي حالت ۾ ڏسندا آهيون، جيئن وليم بليڪ هيٺين لفظن ۾ اظهاريو آهي. "دنيا کي واريءَ جي هڪڙي ذرڙي ۾ ۽ آسمان کي هڪ جهنگلي گل ۾ ڏسڻ لاءِ، لامتناهيت کي پنهنجي هٿ جي ترڙيءَ ۾ ۽ ابديت کي هڪ ڪلاڪ ۾ جهليو."

پوءِ بہ اسان ان ڳالهہ جو احساس ڪندي تہ سڄي دنيا اسان جي ذميواري آهي، هر سوال کي ان جي آخري جوابن تائين نہ ٿا وٺي وڃي سگهون. اسان کي ائين ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ شين جي واسطيدار پيچيدگين کي ڌيان ۾ رکون، اڳ موجود سوچ جي (روايتي) سولڙي سبب ۽ نتيجي واري سرشتي جي پيٽ ۾، هي سچ جو هڪ نشون انداز آهي. ان جي بدران اڄ جيڪڏهن اسان کي پنهنجا جواب درست حاصل ڪرڻا آهن، تہ پوءِ اسان کي سببن ۽ نتيجن جي ڦقرن ۾، جن جو هڪ پورو جار ٿئي ٿو، سوچڻو آهي.

انساني سگهه

هيءَ ڳالهه اسان کي گذريل باب جي آخر ۾ پڇيل سوال ڏانهن وري وٺي اچي ٿي. ڇا انسان اها شيءِ حاصل ڪري ورتي آهي، جيڪا ڌرتيءَ تي موجود زندگيءَ جي ارتقا کي اڳلي پيش قدمي ڪاميابيءَ سان ڪرائي؟ اسان اهو ڏسڻ شروع ڪري رهيا آهيون تہ ڇا ڪرڻو آهي، ڇا انسان اهو ڪري سگهي ٿو؟ ايچ جي ويلس پنهنجي آخري ڪتاب "ذهن پنهنجي انتها جي پڇاڙيءَ تي" (1945) ۾ پنهنجي عام طور تي پراميد نقطہ نظر کان هٽي ڪري، ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ انسان تبديليءَ جي رفتار سان ٻجڻ جي پنهنجي صلاحيت کان اڳتي نڪري چڪو آهي ۽ هو صفحہ هستيءَ تان مٽجڻ وارو آهي."

اسان اهو تجويز ڪري چڪا آهيون تہ انساني بقا کي جديد دنيا جي مخصوص تباهيءَ ۾ ڪرڻ کان پاڻ کي روڪڻ ۽ پوئتي ڪرڻ لاءِ شعور جي هڪ ٽپي جي ضرورت آهي. اهو نقطو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪو بہ مداخلت ڪندڙ خدا اڳتي اچڻ ۽ اسان کي اسانجين غلطين کان بچائڻ جو انتظار نہ ڪري رهيو آهي. ڇا اسان پنهنجيون محسوساتون ڦهلائي سگهون ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائي سگهون ٿا؟ ويلس طرفان بيان ڪيل تباهيءَ جي نراسائيءَ واري اڳڪٿي ۽ اسان جي زماني ۾ عام ڪيل تباهيءَ جي باوجود اسان وٽ اها اميد رکڻ جو سٺو سبب آهي تہ اسان مستقبل کي ڪاميابيءَ سان تبديل ڪري وينداسين، جيتوڻيڪ لڳي ٿو تہ اها ٿورڙي فرق سان ڪٿيل هڪ شيءِ هوندي. اميد جو ذريعو اهو آهي تہ انسان مشڪل سان اڃا هاڻي مس پنهنجيون لڪل صلاحيتون استعمال ڪرڻ شروع ڪيون آهن. آئن اسٽائن جو اهو خيال هو تہ انساني صلاحيتن جو رڳو ڏهون حصو هيل تائين آزاد ٿيل آهي. سرجولين هڪزلي بہ ساڳئي نموني محسوس ڪيو ٿي:

"اسانکي هاڻي ان ڳالهہ جو احساس ٿي رهيو آهي تہ وڏ ۾ وڏ خوشقسمت ماڻهو بہ پنهنجي صلاحيت کان ڪافي هيٺ جي رهيا آهن ۽ اهو تہ اڪثر انسان پنهنجي لڪل ذهني ۽ روحاني اهليت جي هڪ تمام ننڍڙي حصي کان وڌيڪ، ڪي نہ ٿا اُپارن. حقيقت ۾ انساني نسل اڻ ساڻيپيان ٿيل امڪانن جي هڪ وڏي علائقي سان وڪوڙيل آهي."

اسان وٽ حياتياتي ثبوت بہ موجود آهي، جنهن کي پڻ ڌيان ۾ رکڻو آهي. انساني دماغ چمپينزيءَ جي دماغ کان جسماني وزن جي نسبت طور ٽيڻو وڏو آهي. اهو ڏهہ ارب گهرڙن کان وڌيڪ گهرڙن جو ٺهيل آهي، جنهنجو مطلب اهو آهي تہ

اسان جي صوابديد تي ذهني صلاحيت جا وڏا ذخيرا موجود آهن. اسان چئن هڪ طاقتور ڪار وانگر ڪم ڪريون ٿا، جنهن کي چالو ڪرڻ جا بٽڻ منجهيا پيا آهن. ان ۾ تمام گهٽي طاقت موجود آهي پر ان جو گهڻو حصو فضول نڪائن ۽ ڏماڪن ۾ ضايع ڪيو وڃي ٿو. اسان اهو پڇي سگهون ٿا ته انسان پنهنجي صلاحيت کان ايترو گهٽ ڪم ڇو ڪري رهيو آهي؟ ان جو هڪ جواب هي ٿيندو ته هن جي صلاحيتن کي سندس شعور ۽ تخليقي قوتن مٿان مڙهيل پابندي ذريعي گهٽيو ويو آهي. هڪ پختو شعور رڳو سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي آزاديءَ واري فضا ۾ ئي وڌي ويجهي سگهي ٿو. تاريخ جي گهڻي حصي ۾ اڪثر ماڻهن کي ان آزاديءَ کان محروم رکيو ويو آهي. ۽ اڄ به ڌرتيءَ تي موجود اڪثر ماڻهو اهڙي آزاديءَ کان اڃا تائين وانجهيل آهن. سوچ جي آزادي جو ۽ تنهنڪري تخليقي شعور جي آزاديءَ جو دشمن، ڪنهن به قسم جو آپيشاهاڻو نظام هوندو آهي. سموري انساني تاريخ ۾ جمهوريت هڪ ڪمزور ٻوٽو رهندي پئي آئي آهي. اڪثر ڪري ماڻهو، برسر اقتدار ڪنهن هڪ يا ٻني شخص طرفان ٻڌايا پئي ويندا رهيا آهن ته ڪين ڇا سوچڻو آهي، ڇا محسوس ڪرڻو آهي ۽ ڇا ڪي مڃڻو آهي، رڳو تازوئي ۽ اهو به محدود علائقن ۾ ماڻهن کي اها اجازت ملي چڪي آهي ته هو پنهنجا ذهن استعمال ڪن. هن ذهني پهري جو هڪ نتيجو هي نڪتو آهي ته هر عام انسان ۾ فطري طور موجود تخليقي صلاحيت، ٿوري يا گهڻي حد تائين رڪجي وئي آهي. هڪ ماڻهوءَ کان اها توقع نه ٿي ڪري سگهجي ته هو پنهنجي تخليقي صلاحيت کي بطور علائقائي، قومي ۽ دنيائي معاملن ۾ شرڪت ڪندڙ جي، اُجاگر ڪري سگهي، جيڪڏهن هن کان ان زندگي بخش تعميري تجربي جو انحراف ڪيو ويو آهي ته هو جنهن به صورتحال ۾ هجي، ان سان نهڪندڙ هن کي ڇا به لڳي، اهو سوچڻ ۽ بحث ڪرڻ لاءِ هو آزاد آهي. ذاتي شعور مٿان پابنديءَ جي هن طويل تاريخ جا اڃا تائين اثرات يا ته حد کان وڌيڪ اطاعت يا حد کان وڌيڪ بغاوت يا مونجهاري جي شڪل ۾ موجود آهن. جديد طرز عمل، جيڪو پاڻ کي ڪيترن ئي ميدانن ۾ ثابت ڪري رهيو آهي، اهو آهي ته هر ماڻهوءَ جي تخليقي سوچ کي گڏيل مسئلن جي حل لاءِ ڪتب آڻجي. جديد زماني جا اڪثر عظيم ڪارناما فردن طرفان نه پر گڏيل ڪم جو نتيجو آهن. جيڪڏهن ماڻهن کان اهو پڇيو وڃي ته ريل جي انجڻ، هوائي جهاز، جيٽ انجڻ، وائرليس ۽ ٽيليوزن ڪنهن ايجاد ڪئي ته اڪثر ماڻهو انجو جواب صحيح ڏيندا پر فرض ڪريو ته اسان اهو پڇون ته ربڙ، خلائي مهمون، ڪنڪارڊ جهاز، مواصلاتي سيارا ۽ اليڪٽرانڪ ڪمپيوٽر ڪنهن ايجاد ڪيا آهن؟ ان سوال جا جواب ڳولڻ تمام گهڻو مشڪل ٿيندا ڇاڪاڻ ته اهي سڀ ايجادون گهڻن ماڻهن طرفان ڪيون ويون جن هڪٻئي جي خيالن کي پاڻ ۾ ونڊيو ورهايو ۽ گڏجي ڪم ڪيو. اهو هاڻي ظاهر ٿيندو پيو وڃي ته مسئلن کي حل ڪرڻ جو سڀ کان مؤثر

طريقو هر واسطيدار ماڻهوءَ جي تخليقي صلاحيت کان ڪم وٺڻ آهي.

صاحب اقتدار ماڻهن مان ڪيترائي، ان ڪان اڄا تائين ڏنل آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجا حقيقي ارادا ڳجها رکڻ پسند ڪندا آهن ۽ پنهنجن زيردستن کي رڳو ٿوري ۾ ٿوري معلومات ڏيڻ پسند ڪندا آهن. هي چپ سبيل ورتاءُ انساني تخليقي صلاحيت کي دٻائڻ جو عمل، ان ڳالهہ جي ذميوار ماڻهن ۾ شعور جي ناڪاميءَ کي ظاهر ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ بيں ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائڻ جي ڪوشش بي اعتمادي پيدا ڪندي آهي، جيڪا آخر ۾ نيٺ هٿ چراند ڪندڙ جي مقصد کي مات ڏني ڇڏيندي آهي. هنن مرٽينگ سماجي ورتائن جي مقابلي ۾، نئون نظام آهستي آهستي قٽڻ شروع ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ ڪم جا شرط آهن: ورهايل مقصد، خيال ۽ احساس ۽ تنهنڪري تمام گهڻو جهجهو ٿيل اعتماد. اسان روشن خيال انتظاميہ، روشن خيال هيڊ ماسترن جي باري ۾ ڳالهايون ٿا، جيڪي اهڙا ماڻهو آهن جن صورتحال کان آگاهي حاصل ڪرڻ جي تجربي ماڻي ڇڏڻ ڪانپوءِ پنهنجي گڏيل مقصد جي حاصلات ۾، بين ماڻهن جي باشعور شرڪت کي تحرڪ ۾ آڻن ٿا.

دنيا ۾ اڄ تمام ٿورڙا سياسي رهنما آهن، جيڪي ان اعتبار کان روشن خيال آهن- بهرحال پوءِ بہ اها سوچ تہ شعور جو ڦهلاءُ، سوچ جي آزادي ۽ دنيائي معاشري جي تخليقي ڦيرڦار سڀ هڪ ٻئي جا ٻي پهلو آهن، پنهنجا پير کوڙي رهي آهي.

ذاتي شعور

اسان کي وري شعور ڏانهن بطور ذاتي زندگيءَ جي مرڪزي پهلوءَ جي، واپس اچڻ گهرجي. جڏهن کان انسان هڪٻئي سان رابطو قائم ڪرڻ جي قابل بڻيا آهن، اسان مان هر هڪ، هڪ ذهني لهر ۾ حصو وٺي رهيو آهي، جيڪا وقت منجهان چوليون هڻندي پئي رهي آهي.

هر شيءِ جي پيڙهي جيڪا انسان سوچي ٿو يا محسوس ڪري ٿو يا مڃي ٿو، انساني وقت جي شروعات ڏانهن وڃي ٿي. اسان پنهنجي شعور معرفت، ان ذهني لهر ۾ هڪ اضافو ڪريون ٿا ۽ اهڙي طرح انهن ماڻهن جي شعور کي تشڪيل ڪرڻ ۾ مدد ڪريون ٿا، جيڪي اسانجي چوڌاري موجود آهن ۽ جيڪي اسان کان پوءِ ايندا. انساني شعور واحد متحرڪ هستي آهي، جيڪا مستقل طور تي تشڪيل ٿيندڙ، آهستي آهستي ڦهلجندڙ، ڏنڌلي ماضيءَ کان حال تائين پهچندڙ ۽

اڻ ڄاتل مستقبل ڏانهن ڦهلجندڙ آهي، اها سموري انساني عمل ۽ تجربي جو وسيلو آهي. اسان جي رهڻي ڪهڻي ان ذهني لهر يا باعمل شعور طرفان سڄي جو سڄي هڙپ ڪيل نه ٿي ٿئي. زندگيءَ جو ڪجهه حصو، عادت يا معمول به آهي، جيڪو اڌ ستل شعور يا ان جي مڪمل غير موجودگيءَ ۾ ٿئي پيو. پر هر ان گهڙيءَ ۾ جنهن ۾ ڪا نئين شيءِ يا اڻ تجربي ڪيل يا للڪاريندڙ شيءِ اسانجي وجود جي دائري ۾ داخل ٿئي ٿي، اسانجو شعور سجاڳ ٿي وڃي ٿو. اهو شعور ڪيترو مڪمل ۽ شاهوڪار آهي، ان ڳالهه تي دارومدار رکي ٿو ته ماضيءَ ۾ اسانجي تجربي هيٺ ڇا آيو آهي، ۽ ان تجربي کي اسان پنهنجي شعور ۾ ڪيئن هضم ڪري چڪا آهيون.

مستقبل ۾ ٿيڻ ڏيڻ جو تختو هڪ ڀرپور نموني سجاڳ ٿيل انساني شعور، هن سڄي دنيا کي ادراڪ ۽ ارادي ۾ هڪ ڪري ڇڏيندو! ساڳئي وقت پاڻ کي تعميري اختلاف راءِ لاءِ کليل به رکندو. انسانذات اڳو موجود مسئلن جا حل ڳولڻ لاءِ، هي آهي حال ۽ مستقبل جو پروگرام. انفرادي ۾ بند ڪيل اڪيلي ۽ مستقل طور تي ٽٽل مقصدن سان جيئڻ بدران، اسانکي پاڻ ۾ ورهايل ديد ۽ پاڻ ۾ ورهايل مقصد لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. ڪي ماڻهو مقصد جي هن تخليقي بڌيءَ کي، جڏهن اها حاصل ٿي چڪي هوندي آهي، خدا جي منشا جي پوئواري سمجهندا آهن. ٻيا ماڻهو ان کي، ارتقا جي ڌاري سان گڏ هلڻ، چوڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. بهرحال ان کي گهڙي به وضاحت ڏجي، اها، هن ڌرتي تي موجود زندگي جي معيار کي بدلائڻ لاءِ اسانجي هم آهنگ ڪوشش ۾ اسانجي مقصد جي صورت نه ٿي بدلائي. ان وچ ۾ بنيادي ذاتي ۽ سماجي گهرج اها آهي ته اسان پنهنجي اندر ۽ ٻين ۾ شعور جي واڌ جي پرورش ڪريون، ڇاڪاڻ ته ارتقا جي رستي کي وڌائڻ جي ٻي ڪا به واٽ ناهي سواءِ ان واڌ جي ۽ ان واڌ منجهان ۽ ان مان ڦٽندڙ تخليقي صلاحيت جي.

هڪ ڏنگو سوال پوءِ به رهي ٿو، اهو سمجهجي به ته انسان پنهنجي اصلي صورتحال کي سمجهڻ جي لائق آهي ۽ تخليق، جنهن جو هو هڪ حصو آهي، سان تعميري انداز ۾ ڪم ڪرڻ جي وٽس صلاحيت به آهي. ته پوءِ ڇا ائين ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪرڻ کپي، هن ۾ اهو احساس ۽ نيڪي موجود آهن؟ يا هو لاعلاج طور تي لالچي ۽ تباهي ڦهلائيندڙ آهي؟ ان مسئلي تي اسان ايندڙ باب ۾ غور ڪنداسين.

باب چوٿون

انسان ڪيترو پاپي آهي؟

جديد انسانن لاءِ هڪ نقطہ نظر، جيڪو اسانجي هاڻوڪي صورتحال ۾ ذميوارين کي خيال ۾ رکندو، پنهنجي بنياد طور، انساني سڀاءُ جو هڪ جائز تصور گهري ٿو. ڇا انسان بنيادي طور تخليقي آهي يا بنيادي طور تباهي ڪندڙ آهي، رحمدل آهي يا ظالم آهي، ترس کائڻ وارو آهي، يا ڪنور دل آهي، خود پسند آهي يا سهڪار ڪندڙ آهي؟ انسان هڪ ڳجهارت آهي، ڇو تہ هو مٿين سمورن ورتائن جي قابل آهي. هو امڪاني طور تي ٻنهي يعني پارسا بہ آهي، تہ شيطان بہ آهي. جي ائين آهي تہ پوءِ توازن ڪهڙي پاسي آهي؟ ان تي ئي اسان جي مستقبل جي تقدير جو دارومدار آهي. جيڪڏهن ان جو مثبت پاسو حاوي هوندو، تہ پوءِ انسان ذات جو مقدر اميد افزا ڪان وڌيڪ آهي. پر جيڪڏهن توازن يقيني طور تي منفي آهي، تہ پوءِ اسان سڀ تباهہ آهيون. عظيم ٽيڪنالاجيڪل طاقت جيڪا اڄ اسان وٽ آهي، اسان ۾ اندر موجود اخلاقي بي راهہ روي سان گڏجي رڳو تباهيءَ ڏانهن ئي وٺي وڃي سگهي ٿي، جيڪا آخري، نيست و نابود ڪندڙ مڪمل تباهي هوندي. اسانجي ماضيءَ جو ڪجھ حصو ڪارو، رتورت، لالچي ۽ بي رحم رهيو آهي، تہ پوءِ اسانجي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ هن وقت اهو ڪيترن ئي محاذن تي خطري ۾ آهي. ڇا انسان هڪ بهتر دنيا وجود ۾ آڻي سگهن ٿا؟ ڇا اسان وٽ اها لياقت آهي، جيڪا ذاتي ۽ فرقيوارانہ لالچ ڪان عام فائدي کي مٿاهون رکي؟ ڇا اسان پنهنجي اندر ۾ سماجي جيوَ آهيون يا لاعلاج خود غرض شيطان آهيون؟ هن باب ۾ اسان انهن ڳالهين کي توربنداسين ۽ تڪينداسين.

مذهبي انسان

روايتي صورت ڪافي اداس آهي. مغربي چرچ انساني سڀاءَ جي باري ۾ هميشہ تمام گهڻو نااميد رهندا پئي آيا آهن. روايتي عيسائيت انسان جو تفصيل بطور گُناهہ ۾اپندا ٿيل، ۽ ڪنهن بہ نيڪيءَ جي قابل نہ هجڻ ڏنو آهي، جيڪڏهن

خدا جي ٻاجهہ رستي هن کي نجات نہ ٿي ڏني وڃي. رڳو سندس جنسي لاڙن جي آڌار تي ني هن کي پيدائشي طور ظالم قرار ڏئي هن مٿان لعنت وڌي وئي آهي، سندس طبيعت جي باقي حصي جو ذڪر تہ پري رهيو. چرچ آف انگلينڊ جي مذهب جي جزن مان جزو نائون چئي ٿو، " شهوت جي خواهش خدا جي قانون ماتحت نہ آهي." جنس کي گناهہ سان برابر سمجهڻ جي هن روش اوريجن (origen) ٽيئن صدي عيسوي جي هڪ ذهين مذهبي عالم کي ايترو تہ پريشان ڪري ڇڏيو، جو هن پنهنجو مرداڻو عضوو ئي، پنهنجين جنسي خواهشن کي ختم ڪرڻ جي مقصد سان، ڪپي ڇڏيو. پر "جنس" کي انساني برائيءَ جو صرف هڪ پاسو سمجهيو ٿي ويو، هن جي ڪريل سڀاءَ جو محض هڪ پهلو!

هيڙي سراسري نراسائيءَ کي بطور چرچ جي نظرئي جي، هڪ جدوجهد ڪانپوءِ ئي قبول ڪيو ويو. پيلاجيس (Pelagius) چوٿين صديءَ جي هڪ انگريز پادريءَ اهو خيال اڳتي وڌايو تہ هڪ انسان کي پنهنجي اندر پاڻ کي بدلائڻ جي طاقت موجود ٿئي ٿي. سينٽ آگسٽين، ان زماني جي عظيم مذهبي عالم هن نظرئي کي قطعي طور رد ڪري ڇڏيو ۽ پيلاجيس ۽ هن جي پوئلڳن مٿان ڏمرجي پيو ۽ کين ڪافر قرار ڏنائين. تمام گهٽي بحث مباحثي کان پوءِ سن 418 عيسويءَ ۾ معاملي کي نبيرڻ لاءِ ڪارٿيج ۾ هڪ ڪائونسل ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ 214 پادرين شرڪت ڪئي، جن مان 18 پادرين پيلاجيس جي حمايت ڪئي. اسانکي خبر ناهي تہ انهن پادرين مان ڪيترا ان معاملي تي ٻڌتر جو شڪار هئا. اهڙي طرح ووٽنگ هارائڻ کانپوءِ پيلاجيس کي روم مان نيڪالي ڏني وئي ۽ هو پوءِ گمناميءَ ۾ مري ويو. سڌارڪ پادرين استعفائون ڏئي ڇڏيون يا انهن کي سنڌن عهدن تان لاٿو ويو ۽ ان کانپوءِ دقيانوسي عيسائي دينيات ان نظرئي هيٺ دٻجي وئي تہ انسان الاهي نجات کانسواءِ پنهنجي ليکي ٻرو آهي. مذهب جي انهن جزن، جيتوڻيڪ اڄڪلهہ انهن جو گهٽو ذڪر نہ ٿو ڪيو وڃي، کي ڪڏهن بہ منسوخ نہ ڪيو ويو آهي. انهن جو مفهوم اڄا تائين چرچ آف انگلينڊ جي عام عبادت جي ڪتاب ۾ نقش ٿيل آهي. "اسان اهي شيون اڻ ڪيل ڇڏي ڏنيون آهن، جيڪي اسان کي ڪري ڇڏڻ گهربيون هيون، ۽ اهي شيون ڪري ڇڏيون آهن، جيڪي اسان کي نہ ڪري ڇڏڻ گهربيون هيون ۽ اسان ۾ ڪابہ صحت ناهي." اسان مٿين فقري ۾ "نہ" جو لفظ نوٽ ڪري سگهون ٿا، روايتي چرچ، انسانذات ۾ پيدائشي طور موجود نيڪي جي ڪنهن بہ امڪان کي نہ ٿي مڃيو.

البت اڄ عيسائي برادرين جا اهڙا رڪن موجود آهن، جيڪي حقيقت ۾ پيلاجين آهن. انهن ۾ ڪنيڪرس ۽ جديد چرچمين شامل آهن. بهرحال چرچ جي اڪثريت اڄا تائين غالباً "ابدي پاپ" جي مڃيندڙ آهي. سندن ووٽ انساني سڀاءَ جي، بطور پروسي لائق، ذميوار، خيال ڪندڙ ۽ ايماندار جي، سختيءَ سان خلاف آهي.

نفسياتي انسان

هن صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ مذهبي انسان جي جاءِ تي نفسياتي انسان آئي بيهارڻ کان پوءِ به، انسانيت کي لاڳيتو هڪ خراب پريس ملي.

هن نئين ڪاري تصور لاءِ مکيه طور تي سگمنڊ فرائيڊ ذميوار هو. فرائيڊ هڪ عظيم مستقل مزاجي ۽ همت وارو ماڻهو هو، جنهن وڪٽورين دور جي اونداهيءَ منجهان انساني واڌ ويجهه ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ جنسيت لاءِ هڪ جڳهه ڪٽي ٻاهر ڪڍي. هن ماڻهن کي پنهنجن ڪليل احساسن ۽ ورتاءَ مٿان پنهنجن لاشعوري خواهشن، خوفن ۽ احساسِ جرم جي طاقتور اثرن بابت سجاڳ پڻ ڪري ڇڏيو. بهرحال بدقسمتيءَ سان انساني شخصيت ڏانهن هن جو رويو جبري هو. هن انسان کي ڪچين جبلتن ماتحت هلندڙ ڏٺو تي، جن کي ذهن جون اعليٰ سطحون مشڪل سان ضابطي ۾ رکي سگهيون ٿي. مجموعي تصوير اهڙن انسانن جي هئي، جيڪي جنسي ۽ غصي وارن احساسن جي غلبي هيٺ ڪم ڪن پيا. هن صورتحال انساني تخليقي صلاحيت لاءِ هن جي پنهنجي حق طور ڪا به جڳهه نه ڇڏي. جڏهن ته بي غرضيءَ کي اُتم جنس سمجهيو ٿي ويو. ان ڪان علاوه فرائڊ جي پوئلڳن هتان انسان ۾ غصي جي لهر سان پڻ جنسي لهر جهڙو ورتاءُ ڪيو ٿي ويو، جڻ ماڻهن کي پنهنجو غصو ڪڍڻ لاءِ هڪ نيڪال جي ضرورت هئي، اهڙي طرح غصي کي شخصيت جي هڪ حصي جو مرتبو عطا ڪيو ويو. فرائڊ لکيو "انسان شريف، دوستاڻي مخلوق ناهن جيڪي محبت لاءِ خواهش رکندا هجن........ غصي جي خواهش جي هڪ طاقتور پنماني کي انهن جي جبلتي فطرت جي هڪ حصي طور ليکڻو پوندو." ٽن اصلي عظيم هستين- فرائڊ، ايڊر ۽ زونگ مان، ايڊلر ۽ زونگ، فرائڊ کان وڌيڪ پر اميد هئا پر فرائڊ کي هن صديءَ جي پهرئين اڌ تي سڀ کان وڌيڪ اثر هو. فرائڊ جي نراسائيءَ وارن خيالن کي (1950 ۽ 1960) جي ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جي خيالن طرفان هٿي ملي. اهڙو هڪ ليکڪ پروفيسر ريمنڊ ڊارٽ هو، ڏکڻ آفريڪا ۾ جنهن جي کوٽائين هن کي اهو مڃڻ تي مجبور ڪيو ته انسان جا ابا ڏاڏا قاتل- باندر هئا. ان ڳالهه جي شاهدي انهن جڳهن تي، جيڪي اوائلي انسانن طرفان استعمال ڪيون ويون، ٻبون باندر جي کوپڙين،جن کي انتي اندر ماريو ويو هو، ۽ هرڻن جي هڏين جي موجودگي هئي، جن کي لڳي ٿو ته مارڻ جي لئين طور استعمال ڪيو ويو هو. هيءَ شاهدي ته قتل جا هٿيار انسان جي ارتقا کان اڳ ئي موجود هئا، صحافي، ڊرامه نويس ۽ مصنف رابرٽ آرڊري طرفان وڏي شوق سان پڪڙي ويئي جنهن ان نظرئي کي ڪتاب "آفريقي پئدائش" (1961) ۾ مشهور عام ڪيو. هڏن جي کوڙن تي وڌيڪ کوجنا، جيئن ان جو خاڪو جانسن ۽ ايڊي (1981) طرفان ڏنو ويو آهي، آرڊري جي پيانڪ نتيجن مٿان شڪ ظاهر ڪيا پر تيستائين انسان جي عزت کي اڳ ئي نقصان پهچي چڪو هو. 1966 ۾

سڀ کان عمدي فطري ماهر ڪونراڊلو رينز جيڪو انسان جي باري ۾ بنيادي طور پر اميد هو پر پوءِ به هن اهو فرض ڪرڻ ۾ ته اسان جي نسل ۾ غصو پيدائشي ضرورت ٿئي ٿو، فرائڊ جي حمايت ڪئي، اهو سڀ چڻ ته اجا ڪافي نه هو جو دردمند ۽ ڏاهو آرٿر ڪوئسلر پنهنجي ڪتاب "مشين ۾ راڪاس" (1967) جي معرفت اها تجويز رکندي ته ارتقا، انسان کي هڪ ناقص دماغ ڏئي چڪي آهي، ان جتي ۾ اچي شامل ٿيو، البت ڪوئسلر پنهنجن لفظن تي زور نه ڏنو، "جڏهن ماڻهو انساني تاريخ مان گذرندڙ پاڳل پڻي جي لهر کي ڏسي ٿو پوءِ اها ڳالهه تمام گهڻي ممڪن لڳي ٿي ته انسان هڪ حياتياتي عجيب الخلقت آهي، ارتقائي عمل ۾ ڪنهن وڏي غلطيءَ جو نتيجو آهي."

ڪوئسلر پنهنجي نظرئي جو بنياد دماغي حياتيات جي ماهر (Neurophysiologist) پال منڪلين جي ڪم تي رکيو، جنهن بڌايو ته انساني دماغ، ٽن دماغن جو نهيل آهي------------ ريڙهيون پائيندڙ جانورن جي دماغ، پراڻن ٿڃ پياڪ جانورن جي دماغ ۽ نون ٿڃ پياڪ جانورن جي دماغ جو. چاڪاڻ ته "جذبا" پراڻي دماغ" ۾ ڦٽن ٿا، ڪوئسلر اهو فرض ڪيو ته اهي نئين دماغ جي ضابطن مٿان سبقت حاصل ڪري وٺندا- ڪوئسلر جي خيال ۾ هيءَ ڳالهه انسان کي مستقل طور تي هڪ نيتم پاڳل حالت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿي، جنهن ۾ عقل ۽ جذبا، هڪ ٻئي مٿان فوقيت حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهندا رهن ٿا. ان ويڙهه ۾ جذبا تمام قديم اصليت وارا ٿين ٿا ۽ سندن غالب ٿيڻ جو امڪان گهڻو ٿئي ٿو. اسانکي هيءَ ڳالهه هڪدم ڏيان ۾ رکڻ گهرجي، ته هي نظريو دماغ جي حياتيات کي غلط نموني پيش ڪري ٿو. دماغ جي اڳين پُڙن (Frontal lobes) کي--------- جيڪي دماغ جو وڌ ۾ وڌ انساني حصو آهن ۽ مهذب ورتاءَ سان لاڳاپيل سمجهيا ويندا آهن، دماغ جي پراڻن حصن سان، جيڪي اوائلي جذبن جو هنڌ آهن، طاقتور تنتي لاڳاپا ڳنڍيندا آهن، ان ڪري ضابطي لاءِ ڪافي موٽ (Feedback) به موجود هوندي آهي. نه ئي اها ڳالهه انسان جي قدر ۽ شان کي هٿي ڏئي ٿي ته اها انسان کي مشيني ڪائنات مان حادثاتي طور تي نڪل ڪو ٽڪرو سنمجهي پيش ڪري، جيئن ڪي سائنسدان ائين سمجهن ٿا. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته ان کي قبول ڪرڻو پوندو. پر ڇا اهو سچ آهي؟ جيئن اسان اڳتي هلي ڏسنداسين ته هي خشڪ خيال ان علم سان نهڪندڙ ناهي جيڪو اڄ اسان ڪائنات سان انسان جي رشتي بابت ڄاڻون ٿا. بهرحال هي خيال ڪيترن ئي سالن تائين پُراثر رهيو.

انسان جي توهين ڪرڻ لاءِ بلند ڪيل هي رڳو چند آواز آهن- ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪي ماڻهو اهو چوڻ ۾ هڪ گمراهه ڪن لذت محسوس ڪن ٿا ته سندن پنهنجي جنس (انسان) به ڀلي ناهي، جيئنوٽيڪ هو پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجن دوستن کي ان تجزئي مان اڪثر ٻاهر رکن ٿا. هيءَ ملامت ذات جي نفسيات ڀليءَ پت سمجهه ۾ ايندڙ آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي فطرت طرفان لاعلاج طور تي اپاهج تيل

قرار ڏيون ته پوءِ اسان خودغرض ورتاءَ ۽ انسان جي عمومي ناڪاميءَ لاءِ ذاتي طور ذميوار نه بڻايا ويندا سين، اها ڳالهه ڪيڏي نه آرامده آهي!

مارڪسي انسان

هڪ ماڻهو اهو فرض ڪري ٿي سگهيو ته 19 ۽ 20 صديءَ مٿان مارڪسزم جو اثر عيسائي ملائيت، فرائڊ جي منفيت ۽ انسان دشمن دانشورن طرفان مشهور ڪيل انسان جي ڪريل سڀاءَ بابت نراسائيءَ وارن خيالن خلاف هڪ طاقتور رد-نسخي (Antidote) طور ڪم ڪندو، پر اهو ائين نه ٿيو. مارڪس هڪ انسان دوست ماڻهو هو، جنهن انهن الڳ ڪندڙ قوتن کان نفرت ٿي ڪئي، جن مردن ۽ عورتن کي محض وجود جي شرط طور اُجر تي غلام بڻجڻ تي مجبور ڪيو. هن جو تصوراتي معاشرو هڪ اهڙو معاشرو هو، جنهن ۾ رياست نه پر انساني ضررتون ئي فيصلن تي حڪمراني ڪن ۽ فرد پنهنجين لياقتن موجب ڪم ڪن. بدقسمتيءَ سان ان ڳالهه جو سبب ڳوليندي ته انسان جي حالت اهڙي ڇو آهي، جهڙيَ اها آهي، ۽ اها سماجي طور انصاف واري شڪل ۾ ڪيئن بدلائي سگهجي ٿي، مارڪس، انسان جا ٻه تصور اڳتي وڌايا جيڪي آخر ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ ٿي پيا. هڪ تصور اهڙي شخص جو هو جيڪو شعور، تصور ۽ تخليقي قوت سان نوازيل هو، جنهن جي معرفت پين پاڻيوار انسانن جي سهڪار سان سموريون انساني ضرورتون انصاف سان پوريون ڪري سگهجن پيون. ٻيو تصور هڪ اهڙي شخص جو هو جيڪو هڪ خودڪار مشين هو، جيڪا پيداواري قوتن جي اپتري ته غلبي هيٺ هئي جو هن جا خيال، احساس، رشتا ۽ سياست سڀ مڪمل طور تي معاشري جون اقتصادي حالتون ئي تشڪيل ڪن پيون. هن تصور کي اڳتي وڌائڻ ۾ مارڪس لڳي ٿو ته هي مشورو ڏئي رهيو هو ته انسان سواءِ اقتصادي قوتن جي پيدائش جي، ٻيو ڪجهه به ناهي. مارڪس انسان جي هنن ٻن تصورن جي وچ ۾ رشتي کي ڪڏهن به صحيح نموني واضح نه ڪري. جان مڪ مرڻي پنهنجي ڪتاب "مارڪس جي دنيائي نقطه نظر جي بناوت" (1978) ۾ مارڪس ۽ اينگلس جي ڪتابن ۾ انسان ذاتهن بطور هڪ آزاد ۽ تخليقي هستيءَ جي ڪيل حوالن ڳولڻ لاءِ انهن جي تلاشي ورتي آهي، جنهن دوران هن اهڙا ڪافي حوالا لڌا. پوءِ به اهي حوالا، پيداواري قوتن ۽ اهي ڪهڙي نموني انساني تقدير مٿان ضابطو رکن ٿيون، جي باري ۾ سندن تمام وسيع تحرير ۾ رڳو مختصر راين جي طور تي وجود رکن ٿا. نتيجتاً انسان بحيثيت هڪ فرد جي ان عام نظريي ۾ گم ٿي ويو. جيئن هڪ تبصري نگار هيئن لکيو آهي، "انسان جو تصور ٿي لڳي ٿو ته ڪڙڪيءَ مان ٻاهر نڪري ويو آهي."

بدقسمتيءَ سان مارڪسزم، جيئن ان انقلاب جي هڪ نظرئي مان وڌي حقيقي رياستن جي سياسي نظامن جو روپ ڌاريو، ان، انسان جو انفرادي تصور ان

انسان جي حق ۾ مڪمل طور تي لاهي ڦٽو ڪيو. جيڪو تاريخ جو گڏو هو، جنهن جو ڪردار صرف تاريخي عمل جي خدمت ڪرڻ هو، جيئن ان وجود رکيو ٿي يعني رياست جي شڪل ۾: ٻين لفظن ۾ انهن ماڻهن جي شڪل ۾، جن ان رياست کي هلايو ٿي. هيءَ ڳالهه فرد کي ڪنهن به طاقت يا اهميت کان سواءِ ڇڏي ڏني ٿي. سو مارڪسزم ۾ پڻ انسانن کان سندن ذاتي قدر ۽ شان کسيندي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو آهي.

سماجي انسان

اسانجي پنهنجي نسل کي گهٽ ڪرڻ جي رجحان جو رد- نسخو ان ۾ آهي ته اسان فرد کي هڪ الڳ ٿلڳ ٿيل هستي قرار نه ڏيون، جيڪا، رغبتن ۽ گناهن جي هڪ پيدائشي ڳنڍڙيءَ جي، بري حڪمرانيءَ هيٺ ٿئي ٿي، نه ئي اسانکي هن کي مڪمل طور تي اقتصادي قوتن جي غلبي هيٺ آيل سمجهڻ گهرجي ۽ ڪيس معاشري جو هڪ امڪاني تخليقي رڪن سمجهڻ گهرجي، جيڪو ٻين ماڻهن ۽ عام ثقافت جي اثرن ڏانهن جوابده هجي ٿو. هي سماجي انداز، اڳئين روين کان تمام گهڻو مختلف آهي. اهو انسان جي بطور هڪ الڳ ٿلڳ ۽ پنهنجين اندروني خواهشن يا ٻيروني طاقتن جي رحم ڪرم تي هجڻ واري تصور کي، انسان بطور هڪ انوکي انداز ۾ نوازيل شخص جي تصور سان مٽائي ٿو. جيڪو ٻين ماڻهن سان ۽ پنهنجي چوڌاري موجود دنيا سان باهمي عمل ڪندي، هڪ ڀرپور شخصيت جو روپ اختيار ڪري ٿو. اهڙي طرح هڪ مخصوص سماج ۾ پيدا ٿيل هڪ فرد پنهنجي ثقافت جي جاري چرپر مٿان خود اثر ڪري ٿو ۽ ان کان متاثر به ٿئي ٿو، بيحثيت هڪ تخليقي فرد جي، جنهن وٽ خود پنهنجو ذهن ٿئي ٿو. هن کي هڪ غلام يا هڪ شڪار ٿي رهڻ جي ضرورت ناهي، هو پنهنجو پاڻ کي ۽ سماج کي بدلائي سگهي ٿو.

انسانيت جو هي تصور، فرد کي، نه گناه ۾ ڇاول، نه ئي جنس ۽ غصي جي جبلتن جي غلبي هيٺ ڏسي ٿو پر اهو هن کي جمڻ وقت اخلاقي طور غير جانبدار ڏسي ٿو. هر فرد ۾ ڳجهي صلاحيت...... جسماني، ذهني، جذباتي، جمالياتي ۽ اخلاقي موجود ٿئي ٿي. هڪ ماڻهو بالغ ڪيئن ٿئي ٿو، ان تي دارومدار رکي ٿو ته هن جي اوسر جي عمل دوران ڪهڙا واقعا ۽ رشتا هن جي تجربي مان گذريا هوندا آهن. اهو دليري ۽ اعتماد تي پڻ دارومدار رکي ٿو، جيڪي ان عمل طرفان پيدا ڪيا ويندا آهن: هن صورتحال ۾، بهرحال سماج- دشمن ورتاءَ بدران سماجي ورتاءَ جي اوسر ڏانهن هڪ تعصب موجود ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اسان انسان، سماجي هستيون آهيون ۽ رڳو ٻين سان پائدار رشتن معرفت ئي وجود رکي سگهون ٿا. تنهنڪري ٻين جو خيال رکڻ لاءِ اسان مجبور آهيون. "خود ناهيل" ماڻهوءَ جي نالي سان ڪا به هستي نه ٿيندي آهي. اسان هڪٻئي جا ڀاڱا آهيون. اسان ٻين کي تشڪيل ڪريون ٿا ۽ ٻيا اسانکي تشڪيل ڪن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهه هڪ

سماج جي دائري اندر ٿئي ٿو، جيڪو خود بہ ماڻهن، واقعن ۽ گڏ ٿيندڙ علم جي اثر هيٺ ارتقا پذير آهي.

جڏهن هڪ فرد پيدا ٿئي ٿو، هو، هوءَ اهڙي سماج کي منهن ڏيئي ٿو، جيئن اهو ان گهڙيءَ هوندو آهي. ان کانپوءِ هو يا تہ سماج جو تاثر قبول ڪري جي سگهي ٿو (مفاهمتي موقف) يا هو سماج کي بهتر بنائڻ لاءِ ان کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو (تخليقي موقف) يا هو سماج کي ماڳهين پنهنجن خودغرض مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو (استحصالي مؤقف). ان مان ظاهر آهي تہ هڪ استحصالي شخصيت پاڻ کي هڪ استحصالي سماج ۾ موجود ڏسندي آهي، اها پنهنجن ذاتي مقصدن جي پورائيءَ ۾ ٻين ماڻهن کي تمام گهڻو نقصان پهچائي سگهندي آهي. ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ هڪ استحصالي سماج اندر هڪ مفاهمت ڪندڙ شخصيت، پنهنجن دوستن ۽ واقفڪارن جي استحصال کي ڇڏي ڪري، باقي ٻين ماڻهن جي استحصال کي عام رواجي ۽ جائز قرار ڏيندي آهي. اسان اها ڳالهہ هلندي هلندي نوٽ ڪري سگهون ٿا تہ جديد مغربي سماج فرئنڪ جُد آڪسفئمر جي ڊائريڪٽر جنرل، جي لفظن ۾ اصل ۾ خود پرستانہ قومپرستيءَ جي ريتن رسمن جي حڪمرانيءَ هيٺ هڪ استحصالي سماج آهي.

اهميت لاءِ تلاش

انسان جي اخلاقي سياءَ جي تلاش ۾ هن عام پس منظر آڏو، انساني نفسيات اندر عمل ڪندڙ ٽن طاقتور قوتن کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو، جيڪي انهن رشتن جي قسم جو تعين ڪنديون آهن، جيڪي فرد، معاشري سان پيدا ڪري ٿو. هڪ آهي محبت ۽ جذباتي تحفظ جي ضرورت، ٻي آهي پاڻ کي عملي جامو پهرائڻ جي خواهش يعني هڪ مڪمل ۽ مؤثر شخصيت بڻجڻ جي جستجو، جيئن اها ايرڪ فرام (1949)، ڪارل راجوس (1961)، ابراهم ماسلو (1962) ۽ ٻين دانشورن طرفان تفصيلي وئي آهي؛ ٽين جيڪا اڪثر ڪري نظرانداز ڪئي ويندي آهي، فرد جي مقصد لاءِ تلاش آهي جيڪا هميشہ ساڳئي شيءِ نہ هوندي آهي جيئن پاڻ کي عملي جامو پهرائڻ جي جدوجهد، جيتوڻيڪ خيالي طور اهي ٻئي پاڻ ۾ گڏجنديون. ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ، مڃتا ڪٽڻ، "ڪجهہ خاص بڻجڻ" جي هيءَ انساني بک الفريڊ ايڊلر جي خاص دلچسپيءَ جو موضوع هو، جنهن ڪنهن زماني ۾ فرائڊ ۽ جنگ سان گڏ ڪم ڪيو هو پر پوءِ هن فرد جي نفسيات جي اسڪول جي نالي سان خود پنهنجي اداري جو بنياد وڌو، جنهن کي پنهنجي نالي جي باوجود، انسان جي بحيثيت هڪ سماجي هستيءَ جي اڀياس ۾ مهارت حاصل هئي، هتي اهو مناسب لڳي ٿو تہ ايڊلر جي واڌاري جو خاڪو ڏيڻ لاءِ هڪ مختصر ڪوشش ڪجي، جيئن هو انسانن ۾ پُرتشدد ۽ تخريبي ورتاءُ پيدا ڪندڙ مڪيہ

عنصرن مان ڪن کي خاص طور تي چٽي نموني واضح ڪري ٿو، جڏهن ته ٻنهي مان ڪنهن کي به هو پنڊانشي نه ٿو قرار ڏئي.

ايڊلر هي خيال سامهون آندو ته زندگيءَ جا سماج دشمن ڍنگ، احساسِ ڪمتريءَ مان ڦٽن ٿا، جنهن کي هن سمورن انسانن ۾ موجود سمجهيو ٿي. ايڊلر ڪمتريءَ جي انهن احساسن کي اثتر ليکيو ٿي، ڇاڪاڻ ته اسان دنيا ۾ ننڍا ۽ ڪمزور پيدا ٿيون ٿا، جيڪا مڪمل طاقتور راڪاسن سان ڀري پئي آهي. هي تجربو ٻار ۾ انهن سان ٻچڻ لاءِ، پنهنجي ڪمزوريءَ تي غالب پوڻ لاءِ، پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ هڪ تکڙي چٽنگ ٻاري ڇڏي ٿو. هيءَ شيءِ پنهنجو پاڻ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ قيمتي اُتساهه آهي. ايڊلر چيو، "زندگي هڪ منفي ڪان هڪ مثبت ڏانهن چرپر ڪندي رهڻ جو نالو آهي" ، تنهنڪري ڪمتريءَ جي احساس جي هڪ ڊگري، ڪوشش لاءِ هڪ قيمتي اُتساهه آهي، پر ان جا اثرات منفي به ٿي سگهن ٿا.

جيڪڏهن ٻار سان پيار ڪيو وڃي، هن جي همت افزائي ۽ مدد ڪئي وڃي پر خيال سان ان جو تحفظ ڪيو وڃي ته پوءِ هن جون نمايان ڪاميابيون ۽ ذاتي اثرا اندازيءَ جو احساس سندس شروعاتي ڪمتريءَ مٿان غالب پوڻ جي هن جي ضرورت کي مطمئن ڪندا. پر جيڪڏهن ٻار کي ڌتڪاريو ويندو، سندس دلشڪني ڪئي ويندي ۽ ڪيس نيچو ڪيو ويندو، واقعي ۾ يا ٻار جي خود پنهنجي ٻاري ۾ لڳايل اندازي ۾، ته پوءِ هو جنهن برتريءَ جي تانگهه ۾ رهي ٿو، اها حاصل ڪرڻ جي صلاحيت ۾ پنهنجي دل هاري ويهندو. پوءِ هو جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويندو، هو ڪا به اهڙي شيءِ ڦري سگهي ٿو، جيڪا هو سمجهندو ته هن جي ناقابلِ برداشت احساس ڪمتريءَ جو ازالو ڪري سگهي ٿي. هو زندگيءَ جو هڪ ڪوڙو انداز اختيار ڪري سگهي ٿو، پنهنجي عزت ڪوڙي نموني وڌائڻ لاءِ، جيڪا هو هونئن سڌي سنئين سماجي شرڪت ۽ حصي داريءَ رستي جيتڻ جي اميد نه ٿو ڪري سگهي. هڪ دفعو هو جڏهن غلط رستي تي اچي وڃي ٿو، پوءِ هو زندگيءَ جي ان انداز جو لازمي طور عادي بڻجي وڃي ٿو، هو ڏوهه جي هڪ دنيا ۾ داخل ٿي سماج کان اڳتي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو يا ذاتي اهميت جو هڪ ڪوڙو احساس حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي چوڌاري موجود ماڻهن تي غلبو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو يا هو پاڻ ڏانهن توجهه ڇڪرائي سگهي ٿو. هڪ يا ٻئي قسم جي سرگرمين جي حد کان وڌيڪ نمائش ڪرڻ ذريعي جيئن تباهي ڦهلائڻ؛ ايڊلر آڏو، خود- نمائيءَ جا سمورا بناوتي انداز يا برتريءَ جي دعويٰ، ڪمتريءَ جي ڀاري احساس سان ڳنڍيل ٿين ٿا. ايڊلرس تجزيو، ناڪام نوجوانن جي برتشدد ٿي وڃڻ جي لاڙي ۾ ڪا به عجيب شيءِ نه ٿو ڏسي. جيڪڏهن سماج هن جو قدر نه ٿو ڪري، ته پوءِ پنهنجي جسماني طاقت کي جارحانه نموني استعمال ڪرڻ، فوري ڌيان ڇڪائڻ جو هڪ شاهاٺو رستو آهي، ٻي صورت ۾ هڪ شخص، جنهن کي اهميت حاصل ڪرڻ جي ڪنهن به اميد کان پري ٿائين

دلشڪستو ڪيو ويو هوندو آهي، زندگي ڪان ڪناره ڪش ٿي، ڪاميابيءَ جي فريبن ۾ داخل ٿي سگهي ٿو، يا شراب يا نشي دار دوائن ۾ تسڪين ڳولهي سگهي ٿو. ايڊلر اهو سمجهيو ٿي ته نا اهليءَ جو هڪ شديد احساس ۽ ان جو ازالو ڪرڻ لاءِ فرد جون ڪوششون گهٽي سماج دشمن ورتاءَ جو بنياد ٿين ٿيون. بهرحال پوءِ به ايڊلر انسانن متعلق پراميد هو. آسٽريا جي چرين نوجوانن مثان ڪيل اڀياس مان، هو ان نتيجي تي پهتو ته ڪوبه فرد ناڪاره اظهارن ڏانهن پنهنجي شان جي وسيلي طور تيستائين نه ٿو مڙي وڃي، جيستائين هو انکي زندگيءَ جي ڪارائتي پاسي تي حاصل ڪرڻ جي اميد وڃائي نه ٿو ڇڏي. ايڊلر انسان ۾ پيدائشي طور موجود سماج دشمن لاڙن، مذهبي يا فرائيڊين لحاظ ڪان، جي حمايت نه ٿو ڪري. ايڊلر مطابق هڪ سماج دشمن فرد کي پنهنجي زندگيءَ جو انداز بيهر مرتب ڪرڻ لاءِ مدد جي ضرورت ٿئي ٿي.۰هن جو خيال هو ته انفرادي حاصلات ۽ سماجي صحت- بنهي سماجي ذلچسپيءَ مٿان دارومدار رکيو ٿي، جيڪا شين جي اڳتي چرپر ۾، هڪ منفي کان هڪ مثبت ڏانهن، ذاتي ۽ معاشرتي زندگي ------- بنهي ۾ مدد ڪرڻ ۾ بين سان فڪرمند نموني حال پنائي ٿيڻ جي هڪ سرگرمي آهي.

ايڊلر اهو پڻ مڃيو ٿي ته ماڻهو ڪنهن به جسماني ڪمزوريءَ جو ازالو ڪرڻ لاءِ، جيڪا سندن ذاتي اهميت جي احساس کي پريشان ڪندي آهي، هڪ جذبي تحت به جي سگهن ٿا. عظيم حاصلات لاءِ آها جسماني ڪمزوري هڪ محرڪ ٿي سگهي ٿي. عظيم مقرر ڊيمو سٿينز کي پنهنجي هڪ مٿان قابو پائڻو هو، بيٿوون ٻوڙو هو، يا جسماني نقص، ناپسنديده محنت ڪرائي سگهي ٿو. مثال طور بندرا ماڻهو اڪثر نمايان طور تي چيڙاڪ، شوباز، ڊاڙيل ۽ جارحانه ٿيندا آهن؛ قاتل ۽ زناڪار اڪثر جسماني طور غير دلڪش ٿيندا آهن. مشهور فوجي ليڊرن مان ڪيترائي قد جا ننڍا ٿي گذريا آهن. اسانجا جسم اسانجي متعلق هڪ پيغام ڏيندا آهن ۽ اسان ان پيغام جو جواب ڏيندا آهيون. شايد مثبت انداهه سان، شايد منفي ازالي سان. تنهن ڪري ايڊليرن بصيرتن کي انسان جي سندس سماجي ۽ سماج دشمن پهلوئن ۾ اڀياس ۾ هڪ واڌارو ڪرڻو آهي. جٿي ڪٿي به نفسيات ۾ پاليل ڪمتري جو هڪ شديد احساس هوندو آهي، اتي طاقت لاءِ هڪ بي حد بک، ڪمتريءَ جي احساسن جي ازالي طور پڻ موجود ٿي سگهندي آهي.

مٿين سمورين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻو آهي، جڏهن اسانکي انساني سياءَ جي عجيب مرڪب يعني پاڻ ۾ اٿيل محبت ۽ نفرت کي سمجهڻو آهي، جنهن هميشه کان فلاسافرن ۽ مذهبي عالمن کي پريشان پئي ڪيو آهي. انسانن ۽ سماجن کي اصل ۾ ڪهڙي ڳالهه متحرڪ ڪري ٿي؟

اوائلي انساني معاشرا

جڏهن ماڻهو، انسان جي پيدائشي طور.پاڻي طبيعت متعلق ڳالهائن ٿا،

تڏهن اهي جزوي طور انسان جي ان جڳ ٻراڻي ذلت، جنهن جو اڳ ۾ ٻه ذڪر ڪيو ويو آهي، جي اثر هيٺ ٽين ٽا ڀر هنن جي ذهنن ۾ انسان جي وحشيانيت ۽ جنگ جي طويل تاريخ ٻه موجود ٿني ٿي. ڇا اهو رت پياسو ورثاءُ اسانجي جنس لاءِ فطري آهي يا جنگ ڪي هڪ سماجي بيماري ڪري ليکڻو آهي ۽ تنهنڪري ان ڪي "علاج لائق" سمجهڻو آهي؟ اسانجا اوائلي ابا ڏاڏا حقيقت ۾ ڪيئن هئا؟ اهو ضروري آهي ته شروع ۾ ئي هڪ ڪوڙڪي ناڪاره ٻڌائجي. جڏهن ڪان ماڻهن دنيا ڪي جانچڻ شروع ڪيو آهي ۽ اوائلي انساني آباديون ڳولي ڪڍيون آهن، انهن اهو مغرور مفروضو گهڙي ڇڏيو آهي ته اوائلي ماڻهو، پنهنجي طبيعت ۾، وحشي، ظالم، رت پياڪ ۽ اخلاقي طور پست هئا. وڪٽورين ماڻهو تهذيب جي چمڪدار نقاب بابت ڳالهائڻ جا شوقين هوندا هئا. اهو چيو ويندو هو ته ڪنهن ٻه مهذب ماڻهوءَ جي ڪل ڪرڙي ڏسو ته توهان ڪي ان جي اندران هڪ قابو ڪان ٻاهر درندو ملندو. نام نهاد غير اهل ڪتاب ماڻهوءَ (Heathen) ڪي وصف ۾ انسان ڪان هيٺ سمجهيو ٿي ويو. اها سموري ڳالهه بولهه جهالت تي ٻيٺل هئي. هن صديءَ ۾ جڏهن ماهر بشريات اوائلي انساني برادرين جي حقيقتن جي ڏيان سان تلاش شروع ڪئي، تڏهن هنن وحشياڻي افراتفريءَ ۾ رهندڙ نادان بگڙيل ماڻهو نه لڌا پر بي ضرر، باضابطہ معاشرا لڌا. جيڪي معقول ۽ پائدار سرشتن ۽ باهمي رشتن ۽ فرضن ذريعي هليا پئي. ڪتاب "اوائلي دنيا ۽ ان جون تبديليون" (1953) ۾ ماهر بشريات رابرٽ رَبڊ فيلڊ لکي ٿو "تهذيب ڪان اڳ وارو هر سماج گهٽي پاڳي اڻ اعلانيل پر مستقل طور تي محسوس ٿيندڙ اخلاقي تصورن ذريعي" پاڻ ۾ ڳنڍيو بيٺو هو. غير ذميوار، دهشت ناڪ، جاهل، درندو هڪ ڏندڪٿا آهي ۽ هميشہ ڪان رهندو پيو اچي.

ميلنو وسڪي (1926) مٿين ڳالهه جي پڪ ميلانيشيا جي ٽرو برياند جزيري جي رهاڪن ۾ ساحلي ۽ خشڪيءَ وارن ڳوٺن جي وچ ۾ موجود لاڳاپن جي پنهنجي تفصيل ۾ ڪئي آهي.

"خشڪيءَ وارو ڳوٺ، مهاڻن ڪي سبزيون پهچائيندو آهي، ساحلي برادري ان جي موٽ ۾ ڪين مڇي ڏيندي آهي. اهو انتظام بنيادي طور تي اقتصادي قسم جو آهي. ان ڪي هڪ تقريبي پهلو پڻ آهي ڇو ته اها مٽاسٽا هڪ عمدي رسم مطابق ٿيٽي هوندي آهي. پر ان ۾ هڪ قانوني پاسو ٻه هوندو آهي، باهمي فرضن جو هڪ نظام، جيڪو مهاڻي ڪي بدلي ۾ ڪجهه ڏيڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي، جڏهن ٻه اهو خشڪيءَ تي رهندڙ پنهنجي ڀائيوار ڪان ڪو تحفو حاصل ڪندو آهي، ساڳيو شرط خشڪيءَ تي رهندڙ ڳوناٽي مٿان ٻه لاڳو ٿيندو آهي. ٻنهي ڀائيوارن مان ڪو ٻه انڪار نه ٿو ڪري سگهي، نه ئي ڪو بدلي ۾ ڏيندڙ پنهنجي تحفي ۾ ڪنجوسي ڪري سگهي ٿو، نه ئي ڪو ان مٽاسٽا ۾ دير ڪري سگهي ٿو......"

ان باهمي ڏيتي ليتيءَ جي هر ڪڙيءَ ڪي مشترڪ عملن جي هڪ مڪمل نظام جو اٽوٽ حصو بڻائيندي وڏيڪ پابند ڪيو ويندو آهي. ديانتداري ۽ باهمي

ڏي وٺ جو ميلاپ ئي اوائلي انساني برادرين اندر ڏيتين ليتين جي خصوصيت هوندا آهن. اڄ غير ترقي يافته سماج تيزيءَ سان گهيري ۾ ايندا پيا وڃن ۽ انهن جون ثقافتون سرڪاري مداخلت ۽ جارحانه تجارت پسنديءَ رستي بگاڙيون ۽ بدعنوان بڻايون پيون وڃن. پر اهي جيڪي ان يلغار کان نسبتاً بچي ويا آهن يا جن جا طور طريقا سٺي نموني محفوظ ڪيا ويا آهن، اوائلي وسندين (Communities) جي بنيادي انسانيت جي شاهدي ڏين ٿا.

لارنس وان ڊرپوسٽ (1958) پنهنجي ٻالڪپڻ جي تجربن مان نام نهاد جهنگلي ماڻهن (Bushmen) جا تفصيل ڏنا آهن، جيڪي ڪارن ۽ گورن آبادڪارن جي حملن مان بچي ويا آهن. جهنگلي ماڻهو شريف ۽ ذهني ماڻهو هئا جيڪي پنهنجي چوڌاري موجود دنيا سان دوستانه هم آهنگيءَ (Symbiosis) ۾ رهندا هئا. انهن کاڌي لاءِ شڪار ڪيو پر ڪڏهن به بي دريغ نموني نه ۽ هنن پاڻ کي فطرت خلاف نه، بلڪه ان جو حصو سمجهيو ٿي. هنن جهنگلي جانورن، پکين ۽ جيتن جو "اوائلي نسل جي ماڻهن" طور ذڪر ڪيو ۽ باندرن (Baboons) کي، جيڪي سندن ساڳيني علائقي ۾ گڏ رهيا ٿي، "ماڻهو جيڪي پنهنجين ڪڙين تي ويهندا آهن" سمجهيو ٿي. هنن پنهنجي علائقي تي چڙهائي ڪري ايندڙن سان ويڙهه ڪري ڪين ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان کان اڳ يا پوءِ هو جنگجو نه رهيا ٿي. انهن ماڻهن جون غارن ۾ چٽيل تصويرون، ڏکڻ آفريڪا جي وسيع علائقن ۾ لڌيون ويون آهن.

جهنگلي ماڻهن جي باقيات ڪُنگ (Kung) ماڻهو هاڻي ڪلهاري رڻ پٽ ۾ شڪار ڪندڙ آبادين جي شڪل ۾ رهن ٿا. اهي رت پياڪ قاتلن وانگر بلڪل به ورتاءُ نه ڪندا آهن، جيڪي هونئن ڊارٽ ۽ آرڊري اسانکي مڃرائن ها ته اسان جا اوائلي ابا ڏاڏا اهڙا هئا. شڪار ڪرڻ هنري ۽ مشڪل ڪم آهي ۽ مردن طرفان ڪيو ويندو آهي، عورتون اکروٽ ميڙينديون آهن، جيڪي کائڻ لائق ٻوٽن جي قسمن، ميوي ۽ ٻيرن سميت مُک غذا مهيا ڪندا آهن.

گربن پنهنجي ڪتاب "پيدائش" (1981) ۾ تجويز ڪيو آهي ته ان خوراڪ جي ڪري اوائلي انسان ضرور شڪاري ــ ميڙيندڙ بدران هڪ ميڙيندڙــ شڪاريءَ طور زنده رهيو هوندو يعني هڪ قاتل بدران هڪ گڏ ڪندڙ جي طور تي. اهو تخمينو لڳايو ويو آهي ته شڪاري ــ ميڙيندڙ جي کاڌي جو 75 سيڪڙو، ڪنو ڪيل هوندو، نه ڪه قتل ڪيل. (فرومر1973) ڪُنگ کاڌو ڪنو نه ڪندا آهن پر زمين تي روزاني جي حساب سان زندگي ڪاٽيندا آهن. کاڌو ضرورت مطابق ڪنو ڪيو ويندو آهي يا شڪار ڪيو ويندو آهي، ۽ ورهايو ويندو آهي. ڪُنگ اتڪل تيهن جي جٿن ۾ رهندا آهن، ڪنهن به پاڻيءَ طرفان مخصوص رتبي جي دعوي ڪرڻ کانسواءِ، اهو سوال پڇڻ تي ته ڪُنگ مٿان ڪينن حڪمراني ڪئي وڃي ٿي، قبيلي جي هڪ رڪن رچرڊ کي ٻڌايو، جيڪو هڪ اهڙو بشرياتي ماهر هو جنهن ڪُنگ جي غير معمولي حد تائين ڏکي ٻوليءَ مٿان عبور حاصل ڪيو هو، "اسان

۾ چڱا مڙس ضرور ٿيـن ٿا. حقيقت ۾ اسان سڀ چڱا مڙس هوندا آهيون. اسان مان هر هڪ پنهنجي مٿان چڱو مڙس ٿيندو آهي." ڪنگ ماڻهو عاليشان قسم جا نباتياتي ماهر ۽ فطرتدان هوندا آهن. جن کي پنهنجي ماحول جي هڪ گهري ڄاڻ هوندي آهي. ڪُنگ ماڻهو جشن جا شوقيـن پڻ هوندا آهن. رچرڊ ليڪي، پنهنجي ڪتاب "انسانذات جو نهڻ" (1981) ۾ اسانکي ٻڌائي ٿو، "جڏهن خشڪ موسم ايندي آهي، ڪُنگ ماڻهو هڪ سئو يا وڌيڪ ياتين جي جٿن ۾ پاڻيءَ جي مستقل ڳڙکن چوڌاري هڪ ميڙو لڳائيندا آهن، سندن زندگيءَ جو هي عوامي مرحلو تمام گهڻو اهم هوندو آهي. اهو وقت هوندو آهي هڪٻئي سان گهري ڪچهري ڪرڻ، وڏي پشماني تي وجداني ناچ ڳائو ڪرڻ ۽ علاج معالجو شروع ڪرڻ، ڪهاڻيون ٻڌائڻ، تحفا مٽاسٽا ڪرڻ ۽ شاديـن جو بندوبست ڪرائڻ جو. جيڪڏهن هڪ ماڻهو اونهاري جون اهي ٽڙيل پکڙيل ڪئمپون، مٽي مائٽيءَ، دوستيءَ ۽ حقيقي فرض شناسيءَ جي هڪ نظر نہ ايندڙ ڄار سان ڳنڍيل ڏسي ٿو تہ وري سيارو هن لاءِ اهڙو وقت ٿئي ٿو، جڏهن ڄار کي ڇڪيو وڃي ٿو، ٻنڌڻ کي مضبوط بڻايو وڃي ٿو ۽ نوان اتحاد جوڙيا وڃن ٿا. آسٽريليا جا قديم باشندا (Aboriginals) توڻي جو پنهنجن ڪيترن ئي قبيلن وچ ۾ ثقافتي فرقن جي هڪ وڏي حد ڏيکارين ٿا، پوءِ بہ اهي بنيادي ضرورتن ۾ ڪُنگ ماڻهن سان مشابهہ آهن . اهي شڪار ۽ ڪاڏيَ ڪٺي ڪرڻ ذريعي جيئندا آهن. اهي پاڻ ۾ ورهاست کي فرض سمجهندا آهن. انهن کي پنهنجي ڌرتيءَ تي موجود جانورن ۽ ٻوٽن جي قسمن جي هڪ مڪمل ڄاڻ هوندي آهي. اهي سهڪار ڪندڙ هوندا آهن. اهي فطرت سان هم آهنگيءَ جو هڪ لاڙو پڻ ڏيکاريندا آهن، جيڪو سمورن اوائلي ماڻهن جو هڪ عام گڻ آهي. سندن رويي جو تفصيل گرفٽ ٽيلر جيڪو يونيورسٽيءَ آف ٽورنٽو جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو سربراهہ هو، هيٺين ڏنو آهي، "(جيئن قديم باشندا ايئن سمجهندا آهن) ماڻهو ٻين مخلوقن سان زندگيءَ جي حصيداري ڪري ٿو ۽ انهن جو مائٽ بڻجي ٿو ۽ تنهنڪري هن سان هڪ گڏيل زندگيءَ جي حصيدارن طور ورتاءُ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيل ٿئي ٿو."

آسٽريلوي قديم باشندن وچم جهڳڙا طئي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ويڙهاند ٿيندي آهي پر فتح جون جنگيون يا لٽ مار لاءِ جنگيون هنن ۾ اڻ لڀ آهن. اختيار بزرگن وٽ هوندو آهي، جن کي سندن علم ۽ ڏاهپ ڪري وڏي عزت ڏني ويندي آهي. هڪ ٻئي قديم ثقافت ايسڪيمو ماڻهن جي آهي. انهن لاءِ زندگي تمام گهڻي ڪٺن هوندي آهي ۽ سندن رهڻ رسمون ڪافي سخت هونديون آهن. ڪوڙ ڳالهائيندڙن کي حقير سمجهيو ويندو آهي ۽ هميشہ ڪوڙ ڳالهائيندڙن کي لمبي بحث مباحثي ڪانپوءِ ڦاسي بہ ڏئي سگهبي آهي. (هوبيل 1954) روايتي ايسڪيمو زندگيءَ ۾ اڻ پيروسي جوڳا ۽ ڦرڻا گهرڻا ماڻهو اجتماعي بقا لاءِ هڪ خطرو هوندا آهن، جنهن کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهجي. نون ڄاول ٻارن کي مارڻ هن جي عملي ضرورت هوندي آهي. ايسڪيمو ٻار ماءُ جي ٿڃ گهٽ ۾ گهٽ بہ سال ۽

ڪڏهن تہ چار يا ان کان بہ وڌيڪ سال پيئندا رهندا اهن. پر ماءُ جڏهن سفر ڪري رهي هوندي آهي يا ڪم ڪندي هوندي آهي، ان وقت هوءَ پنهنجي ٻوٽريءَ ۾ ڪا هڪ ٻار کڻي هلي سگهندي آهي. تنهنڪري اها ڳالهہ سماجي طور قابل قبول ليکي ويندي آهي تہ اهي اضافي ٻار جن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪي بہ والدين نہ ملي سگهن، ماري سگهجن ٿا. خودڪشي بہ ڪن حالتن ۾ منظور ڪئي ويندي آهي. مثلاً جڏهن ڪو پوڙهو ماڻهو مرڻ جي خواهش ڪندو آهي ڇاڪاڻ تہ هو يا هوءَ جتي ۾ ڪو ڪارائتو واڌارو نہ ڪري سگهندو آهي. يا جڏهن هڪ شڪاري پارٽيءَ ۾ ٻڍي مرڻ جو فوري خطرو محسوس ڪندو آهي، تڏهن هو پنهنجي ٻچي کي ڇڏيندو آهي. قتل جيڪو اڪثر ڪري ساڙ يا بي عزتيءَ سبب ڪيو ويندو آهي، عام طور تي ازالي ڪرڻ لاءِ مقتول جي وارثن مٿان ڇڏيو ويندو آهي، انهن ماڻهن ۾ بيا تنازعا بہ ٿيندا آهن. جيڪي ضابطي هيٺ ڪرايل مقابلي يا گيت ڳائڻ جي دوبدو مقابلي ذريعي نبيريا ويندا آهن، جنهن جو مقصد نقصان پهچائڻ نہ بلڪہ ڪنهن کي زير ڪرڻ يا ان جي مذاق اڏائڻ هوندو آهي. جيئنوٽيڪ ايسڪيمو ماڻهن کي شڪاري ـ گڏ ڪندڙ سماج سان شديد نموني لاڳاپيل خود پنهنجيون ڪيتريون ئي رسمون هونديون آهن پوءِ بہ اهي عام طور تي ڪاڏو گڏ ڪندڙ آباديءَ سان ويجهيون ثقافتي هڪجهڙايون رکندا آهن. سمورن فطري وسيلن کي گڏيل ملڪيت سمجهيو ويندو آهي، جانورن کي انسان جو مائٽ سمجهيو ويندو آهي، شين کي پاڻ ۾ ورهائڻ کي زندگيءَ جو مجيل ڍنگ تسليم ڪيو ويندو آهي، شڪار جو ٻچيل سڄيل حصو مختلف فردن ۾ شڪار ۾ ادا ڪيل سندن حصي مطابق تقسيم ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ورهاست جو اختيار بزرگن ۽ عام راءِ کي هوندو آهي. سماجي ايڪو ننڍو هوندو آهي، علائقي تي ڪوبہ جهڳڙو نہ ٿيندو آهي، نجي ملڪيت ذاتي ملڪيت تائين محدود هوندي آهي، ماهر بشريات ڪولن ٽرنبل پنهنجن ڪتابن "انساني چڪر" (1984) ۽ "پهاڙي ماڻهو" (1973) ۾ اهو ڏيکاريو آهي تہ اڻ چيڙيل شڪاري ـ ميڙيندڙ وسنديءَ ۾ زندگي ڪيڏي نہ عاليشان ۽ رحمدل ٿئي ٿي ۽ سندن زندگيءَ جي سموري طريقي ۽ ذاتي ورتاءُ لاءِ اها ڳالهہ ڪيڏي نہ تباهہ ڪن تي سگهي ٿي، جيڪڏهن هنن کي پنهنجي ڌرتي ماءُ ڇڏڻ تي ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ آباد ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي. ٽرنبل انهن گڻن جي فهرست ڏئي ٿو، جيڪي زندگيءَ جي شڪاري ميڙيندڙ طريقي ۾ موجود آهن: "شفقت، سخاوت، ڏيان، محبت، ايمانداري، مهمان نوازي، ڪَهل خيرات ۽ ٻيا." هو ٻڌائي ٿو تہ گهڻي قدر اٿين ناهي تہ شڪاري ـ ميڙيندڙ نيڪ هوندا آهن. سندن زندگيءَ جو طريقو انساني قدرن ۽ پنهنجي ماحول جي عزت ڪرڻ تي دارومدار رکندو آهي. اهڙين برادرين ۾ فرد بہ انهن اصولن پٺاندڙ ورتاءُ ڪندا آهن. انساني قدر انهن جا بقا جا قدر ۽ پنهنجي دنيا سان لاڳاپو قائم ڪرڻ جو سندن طريقو هوندا آهن. زائر جي مُبو تي لاءِ "جهنگل مقدس ٿيندو آهي" اهي ان سان ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار ۾ رهندا آهن.

هن عمومي ثقافتي اصولن جي حق ۾ بين اوائلي سماجن جا مثال به ڏني سگهجن ٿا پر اڳواٽ ئي ڪافي ڪجهه چنجي چڪو آهي. اهو ڏيکارڻ لاءِ ته انسان ذات جي ارتقا ۾ شڪاري ميڙ ٻنڌڙ ڌاڪو، جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن اهو اهڙن عملي قدمن جيئن نون ڄاول ٻارن جو قتل ڪرڻ، ڌانهن وٺي ويو ٿي، ظالماڻو ۽ رت ــ هاڻو نه هو پر سني ظابطي وارو ۽ ايترو بي ضرر هو جيترو حالتن ان کي اجازت ڏني ٿي. ڪن اوائلي قومن ۾ جهيڙو ضرور ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪو ڦڏو نبيرڻ لاءِ، اڪثر ڪري نمائش خاطر ۽ مردانگي ڏيکاءَ کي ڪو نيڪال ڏيڻ لاءِ مثال طور جيئن سولومن بيٽ وارن طرفان پيڙين تي چڙهي ڇاپا هڻڻ. رٿ بينڊيڪيٽ (1935) هڪ نفسياتي طور بري قبيلي ---------- ڊوبو جو تفصيل ڏنو آهي، پر اوائلي فضول جهيڙا اڪثر ڪري ڪافي حد تائين بي ضرر هوندا آهن. فروم (1977) ان سڄي صورتحال جو تت هيئن ڪڍي ٿو: "سماجي طور غير موتمار جنگ، گهڻي حد تائين مهم جوئيءَ جو هڪ اظهار تني ٿي ۽ انعام حاصل ڪرڻ ۽ ساراهه ڪني وڃڻ جي هڪ خواهش تني ٿي پر اها ماڻهن ياعلائقن کي فتح ڪرڻ، انسانن کي زير ڪرڻ يا انهن جي جياپي جي بنياد کي تباهه ڪرڻ جي نيت سان نه ڪني ويندي آهي."

رائيٽ (1965) جو ڪم به ان سلسلي ۾ اهم آهي، فروم لکي ٿو ته "رائيٽ جا نتيجا اهو تصور سچو ثابت ڪن ٿا ته اڪثر اوائلي ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ جنگجو ٿين ٿا ۽ اهو ته جنگ پسندي تهذيب جي نسبت سان وڌي ٿي. جيڪڏهن تباهي ڪرڻ انسان ۾ پيدائشي هجي ها، ته پوءِ نتيجو ان جي ابتڙ نڪري ها." اهڙي طرح اسان ڏسون ٿا ته استحصالي جنگ اسان جي رت ۾ شامل ٿيل نه آهي. اها جنهن شيءِ کي اسان تهذيب، ڪوٺيون ٿا، ان جي هڪ واڌاري شيءِ آهي.

انساني ثقافت جي بڻ بنياد جو هي مختصر خاڪو اوائلي سماجن سان مڪمل انصاف نه ٿو ڪري، ان هن جي خانداني ۽ شاديءَ جي طور طريقن تي بحث نه ڪيو آهي، جيڪي اڪثر ڪري تمام گهڻو پيچيده هوندا آهن؛ نه ئي ان هن جي مذاق جي حس، ڪل خوشيءَ لاءِ چاهت، مذهبي عقيدن، رسمن ۽ هنرن تي بحث ڪيو آهي. بلڪل سادي نموني جيڪو نقطو هتي ثابت ڪيو ويو آهي، اهو هي آهي ته اوائلي انسان هڪ درندو نه هو ۽ اهو ته جيڪڏهن جديد انسان پنهنجي معاشري ۾ موجود بدنظمي ۽ اخلاقي بگاڙ متعلق پريشان آهي ته ان جو الزام هو پنهنجن آواره ۽ قاتل اوائلي ابن ڏاڏن مٿان نه ٿو اڇلائي سگهي، اسان جا انساني بڻ بنياد ائين نه هئا. هيل تائين مليل شاهدي اهو ٻڌائي ٿي ته اوائلي انسان ڏهه لک سالن کان وڌيڪ عرصي تائين سهڪاري، شرافت سان هلايون ويندڙ شڪاري ميڙ ٻنڌڙ برادرين جي صورت ۾ رهيو، اهو نه هڪ بدعنوان ۽ نه ئي بد عنوان بڻايندڙ تجربو هو. ته پوءِ اُن حالت ۾ انسان جا خراب رجحان، بعد ۾ ايترا حاوي ڇو ٿي ويا؟

جارحيت جا ٻه چهرا

اسان اڳ ۾ اهو نوٽ ڪري چڪا آهيون ته انساني نسل ۾ اڳتي وڌڻ جي، غالب پوڻ جي، قبضي ڪرڻ جي، زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي، سڀ کان اڳيرو نڪرڻ جي تڙپ موجود هوندي آهي. جيڪڏهن اها تڙپ موجود نه هجي ها ته اسان اڄا تائين غارن ۾ رهندا هجون ها! لاطيني لفظ ايگريڊير جنهن مان انگريزي لفظ "ايگريشن" (جارحيت) ورتل آهي، جي معنيٰ "اڳتي وڌڻ"، "شروع ڪرڻ" ۽ پڻ "حملو ڪرڻ" آهي. جنهن کي مثبت جارحيت سڏي سگهجي ٿو، اها ڪم ڪرائڻ جي ماهر ٿيڻ جي، ڪجهه حاصل ڪرڻ جي همت ٿئي ٿي. جارحيت رڳو تڏهن منفي ٿئي ٿي، جڏهن ڪجهه حاصل ڪرڻ جي هيءَ همت، ٻين ماڻهن خلاف ٿي بيهي ٿي. ان سان لاڳاپيل هڪ جذبو آهي اهڙي جارحيت، جيڪا محروميءَ جي ردعمل طور ڀڙڪائي وجي ٿي. اسان جيڪي ڪجهه ڪرڻ چاهيندا آهيون، جيڪڏهن ان جي رستي ۾ ڪا شيءِ اچي رهي هوندي آهي، ته پوءِ اسان ۾ ان رڪاوٽ کي دور ڪرڻ لاءِ توانائي ڪٺي ٿيڻ لڳندي آهي. اسان اهو ڏسي سگهون ٿا ته اسان پنهنجي ارتقا جي سفر ۾ اهو ردعمل ڪيئن حاصل ڪيو ورتو آهي. زنده رهڻ لاءِ رڪاوٽ منجهان پنهنجو رستو ناهڻ لاءِ انسانن کي هڪ چُنڪيءَ ۾ تيار ٿيڻو پوي پيو. اسان کي ڪڏهن پاڻ کي ان شيءِ کي ڌڪ هڻي ڪڍڻ جي شديد خواهش کي دٻائڻو پنجي ويندو آهي، جيڪا اسان کي چُڀندي آهي! بقا جو هي ردعمل رڳو تڏهن ئي خراب بڻجي ٿو، جڏهن اسان ٻين ماڻهن کي به شيون سمجهون ٿا ۽ انهن کي پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ تباهه ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا: هي تڏهن واقع ٿي سگهي ٿو، جڏهن ٻين ماڻهن يا انهن جي خيالن کي ڌمڪي تصور ڪيو ويندو آهي. ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته جڏهن مايوسيءَ وارو ردعمل زندگيءَ جي سماج دشمن طريقي سان گڏجي ٿو؛ ته ان جو آسانيءَ سان نتيجو تخريبي ورتاءَ جي شڪل ۾ نڪري ٿو، ته اسان کي اها ڳالهه ضرور ذيان ۾ رکڻ گهرجي ته منفي جارحيت، هڪ صورتحال ڏانهن رد عمل هوندي آهي. اها شخصيت ۾ هڪ ديرپا عنصر جي طور تي موجود نه هوندي آهي جيئن بک يا جنس جي خواهش هوندي آهي. اسٽيون روز پنهنجي ڪتاب "باشعور دماغ" (1973) ۾ جارحيت ۽ غضي جا مثال ڏنا آهن جيڪي جانورن ۾ سنڌن دماغ جي غصي واري مرڪز کي بجليءَ جا ڪرنٽ پهچائي، بتڻ دٻائڻ ۽ بند ڪرڻ سان

مرضيءَ مطابق اُپاري سگهبا آهن. اسان کي بہ پنهنجن دماغن ۾ ساڳئي قسم جو هڪ مرڪز آهي. جارحيت/ غصو، روئڻ وانگر هڪ حاضر انساني ردعمل آهي، جيڪو حالتن طرفان اپاريو ويندو آهي پر ان کي هونئن پنهنجو پاڻ لاءِ ڪو نيڪال نہ گهرجي. اهوئي سبب آهي جو ڪي سماج ٻين سماجن کان گهٽ جارحيت ڏيکاريندا آهن. زندگيءَ جو انداز جيترو وڌيڪ بي ضرر ۽ مڪمل هوندو، اوترو گهٽ جارحيت وارو رد عمل سڌي نموني يا محروميءَ ذريعي اڪسايو ويندو.

جنگجو مرد

اسان کي هاڻي اهو پڇڻو آهي تہ انسان جيڪو واضع طور تي دلڪش ۽ سهڪاري سماجن ۾ فردن مان ارتقا ڪري، هيستائين پهتو آهي، هي ڪتاب لکڻ وقت هزار ها سالن کان دنيا ۾ هتي يا هتي جاري لڳ ڀڳ مستقل جنگ کان پوءِ بہ پنهنجو پاڻ کي هڪ عالمي ائٽمي جنگ جي دوراهي تي چو آڻي بيهاريو آهي، ساڳئي وقت شهري تشدد ۽ ڏوهہ جو هڪ عالمي مسئلو بہ اسانجي سامهون ڪر کنيو بيٺو آهي، چو؟

شروعاتي نقطو ضرور اهو هجڻ گهرجي تہ اهي مرد ئي آهن جيڪي جنگيون لڙن ٿا. تہ پوءِ اهو مردن جي نفسيات ۾ ئي آهي جو اسان جنگ لاءِ ۽ بي شڪ ڏوهہ لاءِ پڻ ذاتي محرڪات ڳوليون. سموري حيواني دنيا ۾ نر جنس غالب، جارحانہ، جسماني طور پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ واري جنس آهي. ان ڪردار لاءِ هن کي خاص طور تي نوازيو ويو آهي. هو عام طور تي مادي جنس کان ڳورو ۽ وڏو ٿئي ٿو ۽ اڪثر ڪري سڱدار، ڏندن وارو ۽ پنهنجو ڪردار اداڪرڻ لاءِ مضبوط گوشت وارو ٿئي ٿو. هو مادي جنس کان وڌيڪ چيڙاڪ بہ ٿئي ٿو ۽ پنهنجي برتريءَ کي پيش ايندڙ ڪنهن بہ خطري کي منهن ڏيڻ ۾ ڦڙت ٿئي ٿو. حيواني دنيا ۾ هي نر خاصيتون، نسل جو معيار برقرار رکڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. اهي انساني وراثت ۾ تشدد جون پاڙون پڻ پيدا ڪن ٿيون. انساني نر پنهنجي اندر پنهنجي ڳالهہ مڃرائڻ، نمائش ڪرڻ ۽ غالب پوڻ جو اهو ساڳيو رجحان رکن ٿا، جيڪو جزوي طور تي سندن ان احساس مان اڀري ٿو تہ ڪين اڻپورو سمجهيو وڃي ٿو. اهي مرتبي ۽ برتريءَ لاءِ بلڪل ساڳئي نموني چالاڪي ڪندا آهن، جيئن جانور ڪندا آهن. نرن ۾ خود ــ ثنائي هڪ مستقل محرڪ ٿئي ٿي. اهي پنهنجي بيعزتي برداشت نہ ڪري سگهندا آهن ۽ اڪثر ڪري انهن کان انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪي ڪين حقير ليکيندا آهن. سموري انساني تاريخ ۾ مردن هٿيار ڪڻي هلڻ ۾ فخر پئي محسوس ڪيو آهي، تلوارون آقائن لاءِ، ڪاٺ جون تختيون يا خنجر هيٺين ماڻهن

لاءِ اهي هٿيار، بظاهر بچاءَ خاطر هوندي، ڪنهن فيصلي ۾ زبردستي جيت مڃرائڻ لاءِ يا بيعزتيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ يا ڪو ڏوهه ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ واسطي تڏي تي موجود هئا. انهن هٿيارن مرداڻي سخت گيريءَ جي هڪ عاليشان نمائش ٿي ڪئي.

هي جنگجوئاڻو رجحان نوجوان نرن ۾ خاص طور تي وڌيڪ عيان ٿين ٿا. نوجوان ماڻهو عام طور تي گوڙ ڪندڙ، جارح ۽ مهم جُو ٿيندا آهن. انهن ۾ جٿن ناهڻ جو لاڙو به هوندو آهي. اهي ويڙهه ۽ طاقت جي بين مظاهرن ۾ پنهنجو پاڻ کي آزمائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن ۽ انهن ماڻهن خاطر چٽيون وفاداريون جوڙڻ ۾ تڪڙا هوندا آهن جيڪي سندن ذات جي ترقيءَ جي تلاش ۾ سندن رهنمائي ڪندا آهن، پوءِ چاهي اها تلاش هڪ سماج دشمن صورت ڇو نه اختيار ڪندي هجي. انهن نوجوان ماڻهن کي اهين ورتاءُ ڪرڻ تي، جيئن اهي ڪن ٿا، جيڪا شيءِ مجبور ڪري ٿي، اها جارحيت جي جبلت نه آهي پر دنيا ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي، پنهنجي آڏو ۽ پنهنجن دوستن آڏو پاڻ کي سرخرو ڪرڻ جي سندن خواهش آهي. ان حد تائين جنگ جو خام مال هميشه تيار حالت ۾ موجود پئي رهيو آهي. ليڊرن کي رڳو نوجوانن جي پنهنجي مرضي مڃائڻ واري خاصيت کي "عظمت جي اميد" يا "اعليٰ مقصد" ڏانهن رخ ڪرائڻو هوندو آهي ۽ رضاڪار پرتي ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. اهي سڀ ماڻهو جيڪي هڪ سحر انگيز ليڊر جي پٺيان هوندا آهن يا هڪ جٿي ۾ شامل هوندا آهن، ڪاميابيءَ جي منعڪس ٿيندڙ عظمت ۾ پاڻ کي حصيدار سمجهندا آهن.

هن صورت ۾ غيرمتذلذل وفاداريءَ کي بطور سيني جي حصي ۾ آيل شان جي بنياد جي، تمام وڏو مان ڏنو ويندو آهي. اهڙي قسم جي سڃاڻپ سان جٿي ۾ شامل هر ماڻهو، گهٽ ۾ گهٽ عارضي طور تي هڪ اوچي ماڻهوءَ وانگر محسوس ڪندو آهي. عزت ۽ مرتبي لاءِ نوجوان مردن جي بک کي بهرحال، جنگ بطور هڪ نيڪال جي، نه ٿي گهرجي. سادن سماجن پنهنجن نوجوانن جي شديد چٽاڀيٽيءَ واربن جسماني توانائين کي، نوجوانن جي مهم جُو ڪارروايـن جي صورت ۾، ماني ڪرڻ جا مختلف طريقا ڳولي ڪڍيا. مثال طور روايتي طور تي. ڪينيا جي مسائي قبيلي جي نوجوانن کي سندن بلوغت وارن سالن ۾ جهاڙين ۾ چڙهي اچبو هو ته جيئن هو پنهنجي لاءِ پاڻ جهيڙو ڪن. ٽرانسڪائي علائقي جي ربد کوسا قبيلي جي ماڻهن ۾ اهو طريقو رائج هو ۽ اجا تائين ڪنهن حد تائين آهي ته نوجوانن جي هڪ ثقافت قائم ڪري ڇڏجي، جنهن کي نوجوان ماڻهو پاڻ ئي هلائن، ان ۾ شامل هئي. قاعدن سان ٿيندڙ لٺين جي ويڙهه جيڪا جوانيءَ جي طاقت ۽ غصي لاءِ هڪ اظهار هوندي آهي، جنهن ۾ نوجوانن جي باضابطه شموليت کان پوءِ ان ويڙهه کي ترڪ ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته "رڳو ڇوڪرائي

لٺ سان معاملا نبيرينداآهن." اڻ سڌريل سماجن جي نوجوان نرن لاءِ باضابطه شموليت جا نظام تمام وڏي تعداد ۾ رهندا پئي آيا آهن پر اهي سڀ بهادريءَ کي للڪار پيش ڪندا آهن، جنهن ڪانپوءِ قبيلي ۾ سندن مرتبي ۾ اضافي جي پڪ ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح هنن احساس ڪمتريءَ کي ختم ڪرڻ جو هڪ عاليشان نسخو مهيا ڏنو ٿي. اهو فرض ڪرڻ لاءِ سنو سبب آهي ته اسانجي شهري سماجن ۾ به ساڳي شيءَ جي ضرورت آهي، ته جيئن اسانجي نوجوان ڇوڪرن جي غير استعمال شده طاقت ۽ مرتبي جي کوٽ کي بي معنيٰ تخريبيت ۽ ڏوهه ۾ وهي وڃڻ کان روڪي رکجي. هن پر تشدد ورتاءَ کي ضرور سمجهڻ گهرجي ته اهو ڇا آهي، محرومي ۽ ذلت ڪار جو ردعمل آهي، اٿپوري هئڻ جي احساس جو ازالو آهي، نه ڪه ڇائي جمر ڪان موجود برائيءَ جي شاهدي آهي.

جنگ جا بڻ بنياد

مردن، خاص طور تي نوجوان مردن جي لڪل جنگجوئانه ذهنيت ۽ مرتبي لاءِ مستقل جدوجهد، جيڪا مرداڻي سماج کي بحيثيت مجموعي شيطاني بڻائي ڇڏي ٿي، پنهنجي سر جنگ جي بيماريءَ جا ذميوار نه آهن، جن انساني تهذيب کي صدين کان گهيري پئي رکيو آهي، جيتوڻيڪ انهن جنگ کي جاري رکڻ ۾ مدد ضرور پئي ڪئي آهي. هڪ بيو طاقتور عنصر پڻ سرگرم رهيو آهي. برونو وسڪي پنهنجي ڪتاب "انسان جي چڙهائي" (1973) ۾ ٻڌائي ٿو ته رچرڊ ليڪي ۽ ٻين ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته انساني معاشري ۾ هڪ گهرو بحران پيدا ٿي ويو جڏهن انسانن خانه بدوش (اڻ آريائي) شڪاري ــ ميڙيندڙ مان ڦري زمين ناهڻ ۽ کيتي باڙي ڪرڻ شروع ڪيو. خانه بدوش قبيلن ۾ زمين جي مالڪيءَ جو رواج نه هو، انهن رڳو ڪاڏي جي نشانن جو پيڇو ڪيو ٿي ۽ شڪار جي ميدانن ۾ ٻين ماڻهن جي موجودگيءَ تي ورلي ڪڏهن اعتراض ڪيو ٿي. انهن جي نظام ۾، قلت جي پيشگي خطري ڪري ڪاڏي جا انبار ڪٺا ڪري رکڻ جي ڪابه گنجائش نه هئي، بلڪه جنهن به ڪاڏو ڪٺو ڪيو ٿي، قبيلو ان تي شڪ ڪرڻ لڳندو هو ۽ اڪثر ڪري ان ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته اضافي ڪاڏو فوراً سيني ۾ تقسيم ڪيو وڃڻ گهرجي.

جيئن ڪاڏي ميڙڻ جي جاءِ فصل پوکڻ ورتي، هر قسم جا جهڳڙا اڀرڻ لڳا. هاري، زمين جي پنهنجي ٽڪري مٿان دعويٰ ڪرڻ لڳو، جيڪا مروج رواج جي بلڪل ابتڙ هئي. ان کان علاوه هن ماضيءَ ۾ خراب سمجهي ويندڙ ڪاڏو گڏ ڪري رکڻ جي ڪرت به شروع ڪري ڏني جنهن ۾ هو اوترو گهڻو ڪاڏو ڪٺو ڪري رکڻ

لڳو، جيترو هو سنڀالي سگهيو ٿي تہ جيئن هو پنهنجي خاندان جو ڍڪين ڍينهن ۾ پيٽ پالي سگهي يا ان جو سودو ڪري سگهي يا اهو وڪڻي سگهي. هن جانورن کي وقت ضائع ڪندڙ طريقي سان شڪار ڪرڻ بدران هاڻي پالڻ شروع ڪيو ۽ هن ٻين ماڻهن کي پنهنجو مال مارڻ ۽ کائڻ جي اجازت نہ ٿي ڏني.

نتيجتاً گڙٻڙ تيڻ اٿتر هئي. خانہ بدوشن، هارين جي ڪاڏي جي زخيرن تي حملا شروع ڪيا، جڏهن تہ هارين، خانہ بدوشن کي پنهنجين وسندين ۽ زمينن کان اينترو پري ڌڪي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي، جيترو هنن کان ممڪن ٿي سگهيو. سو ڍڪار جو خوف ۽ لٽ مار جو خوف هڪٻئي جي مدمقابل اچي بيٺا. هڪ ٻيو مسئلو پڻ پيدا ٿيو. هڪ دفعو جڏهن آباديون قائم ٿي ويون، زمين انساني معاملن ۾ هڪ مڪمل طور تي مختلف اهميت حاصل ڪري وئي. زمين جي حاصلات هڪ تمام گهڻي پسنديده موڙيءَ جي صورت ۾ دولت، طاقت، مرتبو ۽ سلامتي مهيا ڪئي ٿي. ان ۾ ئي اهميت لاءِ انسان جي تلاش جو لالچي حل موجود ٿئي ٿو. جيڪا هو ٻهريان ذاتي اهميت لاءِ ۽ پوءِ قومي شان لاءِ ڪري ٿو. لٽ مار ۽ بچاءَ ٻنهي تنظيم لاءِ سڏ ڏنو ۽ تنظيم ليڊرن جي ضرورت ٿي. لٽ مار واري پاليسي تي، انسان جنگي جٿن جي قيادت ۾ مهارت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي ۽ نوجوان ماڻهو ساٿن شامل ٿي ويا_ رتبي، جوش ۽ حملن جي ڦل حاصل ڪرڻ لاءِ. لٽ مار ۾ هو جيترو مال پڪڙي ۽ ورهائي ٿي سگهيا، ليڊرن جو قدر بہ ان حساب سان تيئڻ لڳو. ٻئي پاسي آباد ٿيل ماڻهن پاڻ کي هٿياربند ڪيو ۽ پنهنجي دفاع لاءِ مسلح جٿا ناهيا. هڪ دفعو نهي وجڻ ڪانپوءِ اهڙن مسلح جٿن کي ٻين برادرين جي دولت ڦرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي پيو. اهڙن مرحلن ذريعي ئي جديد جنگ پيٺا ٿي. وقت گذرندي اها زندگيءَ جي هڪ طريقي ۽ شان حاصل ڪرڻ جي هڪ وسيلي ۾ ترقي ڪري وئي، اهڙي طرح جنگ حالتن ڏانهن رد عمل هو، پوءِ اهو حملو هو يا بچاءُ هو. ان کي انسان جي انساني بناوت ۾ وڏيڪ گهري اهميت ناهي. برونووسڪي، پنهنجي ڪتاب "انسان جي چڙهائي" ۾ لکي ٿو،

"جنگ، باقاعده جنگ، هڪ انساني جبلت ناهي. اها چوريءَ جو هڪ اعليٰ نموني رٿيل ۽ سهڪاري روپ آهي ۽ چوريءَ جو اهو روپ اڄ کان ڏهہ هزار سال اڳ شروع ٿيو، جڏهن ڪٽڪ اُپائيندڙن ڪٽڪ جو هڪ اضافي مقدار ڪٺو ڪري رکيو ۽ خانہ بدوش ماڻهو رڻ پٽ مان نڪري هنن کان اهو ڦرڻ آيا، جيڪو هو خود پاڻ نہ ٿي پيدا ڪري سگهيا." بدقسمتيءَ سان اهي جنگي ليڊر ئي هيا، نہ ڪ ڳوناٺين برادرين جا بزرگ جن جنگ مان، گهڻي ڀاڱي سندن ڦهلايل دهشت ڪري مشهوري ماڻي . چنگيز خان جو نالو اڄا تائين رت کي ولوڙي ٿو. هو ۽ هن جا ساٿاري، گڙنگ ڦورو جٿن مان بچيل رڳو آخري جٿا هئا، جن پاڻ ڪجهہ بہ نہ اپايو ۾ جو ڪجهہ هنن ڏندي جي زور تي يعني وڏي پئماني تي چوري ڪرڻ ذريعي

حاصل ڪيو، ان تي شاهوڪار ۽ طاقتور بڻجي ويا. هن ڳالهه کي انسانذات جي مستقبل جي تاريخ لاءِ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي ته اهو انهن جنگي ليڊرن ڇهڙوڪ چنگيز خان وغيره وٽان ئي ٿيو جو موروثي بادشاهتون ۽ نواب شاهيون (Aristocracies) ڦٽيون. اهڙن جنگي سردارن جي لٽ مار ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن کي وڏين سلطنتن ۾ ضم ٿيڻ تي مجبور ڪيو. انهن اقتداري سرشتن منجهان ئي جديد تهذيب ڦٽي نڪتي. چنگيز خان جو پوٽو قبلا خان هو، جيڪو چين ۾ هڪ آباد ٿيل آزاد خيال شهنشاه هو، جنهن جي تصور اتي، تعميراتي پروگرام جي شاعر ڪولرج تمام گهڻي ساراهه ڪئي آهي. بهرحال قبلا خان به جنگ ذريعي پنهنجن علائقن ۾ توسيع ڪئي. اسانکي اهو ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته فتح، ڪن حالتن ۾ امن جي هنرن ۾ تخليقي ماڻهن کي سندن موقعو فراهم ڪندي، واڌارو ڪري ٿي، بلڪل جيئن اها بين حالتن ۾ دٻاءُ ۽ نراسائيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿي. ان مناسبت سان تهذيب جي سموري تاريخ ۾ رهزني ۽ سياسي رهنمائي اڪثر پاڻ ۾ ٻت رهندا پئي آيا آهن. ڇا سڪندر اعظم هڪ تهذيب ڦهلائيندڙ قوت هو يا هڪ لٽيرو هو. يا هڪ ئي وقت ٻئي هو؟ ڇا هينري پنجون، فرانس، مٿان حملو ڪرڻ لاءِ حق بجانب هو؟ ڇا ڊريڪ هڪ محب وطن هو يا هڪ قذاق هو؟ ۽ نيپولين؟ ۽ هٽلر؟ ڇا شهنشاهتن جو ڪردار بنيادي طور تي مهذب بڻائڻ يا تباهه ڪري ڇڏڻ پئي رهيو آهي؟

تهذيب جو هڪ واضح نتيجو ماهر پيدا ڪرڻ هو ۽ تنهن ڪري وڌيڪ انفرادي ڪردار. باهنر ۽ لائق ماڻهو ڪنهن به وڃهي شرڪتداريءَ جي پابندين کان سواءِ پنهنجو رستو ناهڻ لاءِ آزاد هئا. جيڪا هونئن اوائلي انساني معاشرن جي خاصيت هئي. انفراديت، سماجي شرڪت ۽ ذميواريءَ جي دائري ۾ اندر انساني ارتقا ۾ هڪ اضافو ٿئي ٿي پر ان جي ابتڙ هڪ اجهل انفراديت پسندي هڪ خطرناڪ سماجي بيماري ٿئي ٿي. اجهل انفراديت پسندي جنگ جي بڻ بڻياد کان ڪڏهن به پري نه ٿئي ٿي.

جنگ جي پڄاڻي؟

جنگ هڪ دفعو ايجاد ٿي وڃڻ کان پوءِ قومن اندر پاليسيءَ جي هڪ هٿيار طور برقرار رهي، جيڪي جزوي طور جنگ جون ئي تشڪيل ڪيل هيون. هر قوم پنهنجي هڪ الڳ جنگي مشين جوڙي، جنهن کي زمين يا رتبو هٿ ڪرڻ يا پنهنجي علائقي يا قومي عزت جو دفاع ڪرڻ ۾ استعمال ڪري سگهجي پيو. اصل ۾ جنگ غلبي حاصل ڪرڻ جو هڪ اوزار هئي ۽ تنهنڪري ان انساني ڪٽڪ جي

سردار مردن کي بطور ليڊرن جي اڳيان آندو. هن ڳالهہ هڪ خطرناڪ ملاوت ناهي. اڳئين زماني جي بي ضرر ليڊرن کي، جن کي سندن تجربي ۽ ڏاهپ جي ڪري چونڊيو ويندو هو ۽ عزت ڏني ويندي هئي، اقتدار جي بکايل فرزدن جي حق ۾ دستبردار ٿيڻو پوندو ويو، جن شان وشوڪت جي پنهنجي ذاتي ڳولا کي قومي وقار جي جارن ۾ ويڙهي ڇڏيو. قومن جي وچم جنگيون انهن قومن جي ماڻهن طرفان نہ شروع ڪيون ويندون آهن پر نسبتاً ننڍن، طاقتور ڌڙن طرفان شروع ڪيون ويندون آهن، جيڪي انهن مٿان حڪمراني ڪندا آهن. نظريئن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ بہ جنگيون استعمال ڪيون پئي ويندون رهيون آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان کي مذهبي (صليبي) جنگيون ۽ نظرياتي تنازعن جهڙوڪ سرمائيداري بمقابلہ سوشلزم جا مثال ملن ٿا. بنهي پاسن جا ليڊر، پنهنجي پنهنجي ڌر کي هر اعتبار کان پلو پيش ڪندا آهن. جڏهن تہ پنهنجي مخالف ڌر کي غدار، بدمعاش ڪري پيش ڪندا آهن، هر ڌر پاڻ کي ٻي ڌر کان خوفزده محسوس ڪندي آهي. بنهي مان ڪا بہ پنهنجو شان وجائڻ لاءِ تيار نہ هوندي آهي. البت نظريئن جو بچاءُ ٻين محرڪن کي بہ لڪائي سگهي ٿو، جهڙوڪ علائقي جو ڦهلاءُ، ذاتي وڏائي يا فطري وسيلن تي قبضو. اٿين هوندي بہ، جنگ پوءِ اها آيا ايمانداريءَ سان يا بي ايمانيءَ سان ڪئي وڃي، انسان جي بگڙيل سڀاءَ جو هڪ ثبوت نہ آهي. جيئن اسان ڏسي چڪا آهيون تہ جنگ کي هڪ سمجهہ ۾ ايندڙ بڻ بنياد هو ۽ ان وقت کان وٺي ان کي غالب پوڻ جي مردائي اُج جي خدمت ۾ وڌايو ۽ مان مرتبو ڏنو ويو آهي. اها ڳالهہ برابر آهي تہ ڪي جنگيون دفاعي ٿين ٿيون پر هر دفاعي جنگ ڳان اڳ هڪ جارحانہ جنگ ٿئي ٿي ۽ ان جي پنيان هر مثال ۾ هڪ اقتدار جو بکيو مرد يا مرد بالادستيءَ واري پارٽي ٿئي ٿي. چاڪاڻ تہ چند اقتدار جا بکيا ماڻهو، ڪنهن بہ وقت جنگ چيڙي سگهن ٿا، اهو ڪو سبب ناهي تہ سڄي انساني نسل کي رت سان ٿڦجي. پوءِ جينوٽيڪ اسان ۾ اندر موجود اهو ننڍڙو جيت، جيڪو فتح جي آس لڳايو ويٺو رهي ٿو، شان و شوڪت جي هڪ وسيلي طور جنگ کي جنم ڏئي ٿو. جڏهن اٿين ضرور ٿئي ٿو، تڏهن اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي ٿئي ٿي تہ جنگ کان بيزاري جلد ئي (فتح جو) جهنڊو لهرائڻ جي جاءِ والاري ٿي.

محبت جي طاقت

جيڪو ڪجهہ اڳ چيو ويو آهي، ان مان اهو مطلب نڪري ٿو تہ سماج جي اصليت جنگ کي وڏائي يا دٻائي سگهي ٿي. فروم لکي ٿو، "هڪ تمام وڏو فرق ٿئي ٿو، انهن ثقافتن، جيڪي پنهنجي سماجي بناوت سبب، لالچ، حسد ۽

استحصال کي زوز وناڻين ٿيون ۽ سندن همت افزائي ڪن ٿيون ۽ انهن ثقافتن وچ ۾، جيڪي ان جي اُڀار ڪن ٿيون." چنانچه واري مادي پرستي جيڪا مغربي سماج جو مذهب آهي، واضح طور تي پنهنجي اندر تنازعي جا ٻج رکي ٿي، پر سموري جنگ پرستي ۽ مادي پرست ڏاڙ جي اندران انساني دل ۾ ڪابلڪل ٿي مختلف شيءِ جاري وساري آهي.

تعميراتي صنعت ۾ ڪم ڪندڙ فورمين جي هڪ گروپ کان سندن تربيت جي حصي طور پنهنجو نالو ٻڌائڻ ڪانسواءِ، گهر جي ماحول جيان پاڻ ۾ رلي ملي وڃڻ ڪانپوءِ، هيٺين سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ چيو ويو:

"فرض ڪريو ته توهان هيٺ ڏنل شين منجهان رڳو ٻه پاڻ وٽ رکي سگهو ٿا. ته پوءِ توهان انهن مان ڪهڙيون ٻه پاڻ وٽ رکندؤ؟ مهرباني ڪري اهي ٻه شيون جيڪي توهان رکڻ چاهيندو، ڏنل ڪاغذ جي ٽڪري تي وڏن اکرن ۾ لکي، محفوظ ڪريو، ڪنهن ٻه صحيح جي ضرورت ناهي بس رڳو ڪاغذ کي ٻيڙايو ۽ اسان جي حوالي ڪريو. هي ڪوبه امتحان ناهي!"

1. پنهنجي آمدني جو ٽيون حصو.
2. پنهنجو گهر.
3. اهو ماڻهو جنهن سان اوهين پيار ڪيو ٿا.
4. اهو ماڻهو جيڪو توهان سان پيار ڪري ٿو.
5. پنهنجو ڪيو هٿ.

هيٺين جوابن مان جواب 3 ۽ 4 ٻين سمورن جوابن کان وڌيڪ ۽ گهڻا هئا. ٻين گروپن جيئن ورڪرس ايجوڪيشن ايسوسيئشن ڪلاسز ۽ ڪم سکندڙ شاگردن جي گڏجاڻين کان ورتل جوابن جا نتيجا به ساڳياني هئا. اڪثر مثالن ۾، اهي گروپ خود پنهنجن نتيجن تي حيران هئا. ڪن سڪ جو ساهه کنيو.

جيئن هڪ شاگرد چيو، "مان ڄاڻان ٿو ته مان ايڏو سخت نه آهيان پر مون سوچيو هو ته ٻيا ائين هوندا."

هڪ ٻئي سوالنامي هي روپ اختيار ڪيو جنهن کي شاگردن کي اهو نقطو سمجهائڻ لاءِ گهڙيو ويو هو ته پئسو ئي لازماً سڀ ڪجهه نه ٿو ٿئي.

"فرض ڪريو ته توهان ۽ هڪ تمام وڏو شاهوڪار نوجوان ٻئي، هڪ ساڳي ڇوڪري سيليءَ سان محبت ڪريو ٿا؛ اها به لڳي ٿو ته توهان ٻنهي کي پسند ڪري ٿي. شاهوڪار نوجوان هڪ شام جو توهان وٽ لنگهي اچي ٿو ۽ چئي ٿو: جيڪڏهن تون وچ ۾ نه هجين ته مون کي پڪ آهي ته سيلي مون سان شادي ڪندي، ان ڪري مان چاهيان ٿو ته تون منهنجي رستي تان هٽي وڃ، منهنجو مطلب آهي، هاڻي جو هاڻي هتان هليو وڃ، ان لاءِ تون جيتري دولت چوندين، مان توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ٻڌاءِ تنهنجي ڇا قيمت آهي؟"

شاگردن کان پڇيو ويو تہ ھو اھا رقم لکن، جيڪا ھو انھن ڪرڻ لاءِ گھرندا. ھڪ کان سواءِ باقي سڀني جٽن لکيو: " ان شيءِ جي ڪابہ قيمت ناھي" يا ان سان ملندڙ جلندڙ جواب، رڳو ھڪ ماڻھوءَ لکيو" اٺ ھزار پائونڊ". تنھن ڪري شايد اسان پنھنجي اندر ۾ اوترا پئسي جا پوڄاري ۽ مادي پرست نہ آھيون، جيترو سماج اسان کي سمجھي ٿو. شايد تمام گھڻي مبالغہ آرائيءَ کان ڪم ورتو پيو وڃي. شايد گھڻائي ماڻھو ڪليل مادي پرستانہ قدرن کي سچو سمجھڻ ۾ منجھيل آھن. پڙھندڙ کي ان ڳالھہ جي دعوت ڏني وڃي ٿي تہ ھو ماڻھن جي موزون جٿن مٿان اھي ساڳيون آزمائشون ڪري ڏسي. اھا ڳالھہ مڃڻ ڪڏھن ڪڏھن تمام گھڻي ڏکي لڳي سگھي ٿي تہ ھن سموري پھلواني ڏيکاءَ، ڏاڍ، ڌاڙ، نفرت ۽ تخريبي ورتاءَ پٺيان محبت ڪرڻ ۽ محبت ڪني وڃڻ جي عالمگير بک موجود ھوندي آھي. پوءِ بہ بھرحال ائين لڳي ٿو ۽ ان ۾ ئي اسانجي اميد آھي. انسانذات لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو انساني نفسيات ۾ پنھان ھڪ بيماريءَ (اھڙي ڪابہ بيماري ڪانھي!) کي صاف ڪرڻ ۾ نہ آھي پر ان محبت کي آزاد ڪري ڇڏڻ ۾ آھي، جيڪا رد ٿيڻ جي ڀوَ کان ھر ماڻھوءَ جي ڪل ھينان ٽڙڪي ٿي پئي.

فيصلو

انساني رڪارڊ جي ھن تڪڙي جائزي کي اسان ڪھڙي پڄاڻي ڏيون؟ اڄ دنيا ۾ امن ۽ ڀڏيءَ لاءِ ھڪ عظيم اميد ۽ ڏيتين ليتين ۽ رشتن ۾ کُلي پن ۽ اعتماد لاءِ ھڪ بک وڌي رھي آھي. ھي اُڀار پڻ انساني آھي ۽ پوئتي ماضيءَ ۾ اسان جي سھڪاري اصليت سان تعلق رکي ٿو. ڪي فرد ھتي يا ھتي ڏوھہ ڏانھن لڙي سگھن ٿا پر ان ڳالھہ جي ڪابہ شاھدي نہ ٿي ملي تہ انسان بحيثيت ھڪ جنس (Species) جي لاعلاج طور پاپي ٿئي ٿو. ڏوھہ ۽ تشدد کان بغير رھڻ لاءِ ھن کي جيڪو گھرجي، اھو آھي ھڪ انصاف ڀريو سماج، جيڪو ھن جي انساني سڀاءَ ۾ جو ڪجھہ بھترين آھي، ان کي ھمٿائي ۽ مڃتا ۽ تڪميل لاءِ ھن جي ضرورتن کي پورو بہ ڪندو ھجي. فروم لکي ٿو، "تباھي ھڪ اڻ گھاربل زندگيءَ جو نتيجو آھي." اسانجو بنيادي انساني ۽ ذھني سازو سامان اڄان تائين گھڻو ائين ئي آھي، جيئن اھو گھٽ سٽريل بھتر منظم ٽيل، وڏيڪ قريبي، پرامن شڪاري - ميڙيندڙ برادرين ۾ ھو، جنھن ۾ انسان ذات پنھنجي تاريخ جو گھڻو حصو گذاريو آھي. موجوده ذمو (Task) فطرت سان اسان جي پراڻي ھم آھنگي انساني ارتقا جي ان مرحلي وارو سھڪار، ڪليوين، بي ضرر ليڊرشپ ۽ اشتراڪيت ڏانھن واپسيءَ جو

رستو ڳولي هٿ ڪرڻ آهي پر هاڻي هڪ بي حد ڦهليل علم ۽ ڏاهپ سان ليس ٿيل ۽ هڪ وسيع نموني ڦهليل ڪينواس يعني سڄي دنيا ۽ ان تي موجود سموري زندگيءَ تي عمل ڪندي، اهو حاصل ڪرڻ لاءِ اسانکي اخلاقي پختگيءَ ۾ هڪ برانگهڻي ڏيڻي پوندي. ٿورڙو وقت اڳ ماڻهن پنهنجو پاڻ ڪي خدا ۽ شيطان وچ ۾ هلندڙ لڙائيءَ جو هڪ ميدان سمجهيو ٿي. جڏهن هنن ڪا غلطي ٿي ڪئي. ته ائين سمجهيو ٿي ويو ته شيطان سوڀارو ٿي ويو آهي ۽ جڏهن هنن ڪا نيڪي ٿي ڪئي، ته ان جو مطلب اهو سمجهيو ٿي ويو ته خدا جو پلڙو ڀاري ٿي ويو. اڄڪلهه مغربي سماج ۾ رڳو هڪ اقليت ئي هڪ ذاتي شيطان ۾ يقين رکي ٿي. هيءَ هڪ عظيم اخلاقي پيش قدمي آهي. ماڻهن هاڻي اهو ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ته گناهه جي رجحانن جي پاڙ خود هنن ۾ اندر ئي موجود آهي ۽ تنهنڪري هنن پنهنجن گناهن جي ذاتي ذميواري قبول ڪري ڇڏي آهي، پر پوءِ اڃا تائين هو پنهنجي نيڪيءَ کي خدا ڏانهن منسوب ڪن ٿا. شايد هاڻي انسان لاءِ اهو وقت اچي ويو آهي جو هو مڃي ته سندس نيڪي به خود هن جي پنهنجي اندر مان اڀري ٿي.

جيئن بليڪ چيو آهي، "محبت کي پنهنجو گهر انساني دل ۾ هوندو آهي." زندگي ان محبت تائين پهچڻ ۽ ان کي ورهائڻ جي هڪ جستجو آهي. اسان سڀني کي ويندي اسان مان وڌ ۾ وڌ غصي وارن ۽ ظالم ماڻهن کي به محبت لاءِ هڪ بک هوندي آهي پر ڪي ماڻهو، مڪيه طور تي روحاني طور اپاهج ڪندڙ تجربي باعث محبت ڏيڻ يا قبول ڪرڻ ۾ ڏاڍي دشواري محسوس ڪندا آهن. هڪ دفعو نيچي وڃڻ ۽ آزاد ٿي وڃڻ ڪانپوءِ محبت سموري وجود کي پنهنجي تخليقي پاڪر ۾ پري سگهي ٿي.

باب پنجون

جديد اخلاقيات جو ڦُٽڻ

پر انسان جو اخلاقي مونجهارو برقرار آهي. انساني تاريخ ۽ قبل از تاريخ، انسان جي اخلاقي ۽ بامقصد نموني رهڻ جي اهليت ڏيکارن ٿا. هن جي ناقابل شڪست مستقل مزاجي ۽ همت تي ڪوبہ شڪ نہ آهي، هن جي تخليقي صلاحيت جي شاهدي اسانجي چوڌاري موجود آهي پر پوءِ بہ اڄ سڄي دنيا ۾ اسان اخلاقي ناپائيداريءَ جي هڪ حالت ۾ مبتلا ٿيل آهيون. ثابت قدمي ۽ وعدي جون، منزلون جن کي ماڻهن هڪ طئي شده شيءِ سمجهي ڇڏيو آهي، ڪنهن قدر ختم ٿي چڪا آهن. اسان مسلسل اهڙن ماڻهن جي باري ۾ پڙهندا رهون ٿا، جيڪي سماج ۾ تمام اوچن عهدن تي هوندي بہ پنهنجن گهرن کي بدعنوانيءَ جي پئسن سان عيش ڪرائيندي پڪڙيا وڃن ٿا. نوجوان انهن مشڪوڪ سرگرمين منجهان اهو نتيجو اخذ ڪن ٿا تہ صاحب اقتدار ماڻهو، نيڪيءَ جا مجسما نہ آهن. جيڪي ڪنهن زماني ۾ هوندڙ انهن سمجهيا ويندا هئا. اخلاقي پستيءَ جي هڪ ٻي بہ پريشان ڪندڙ شاهدي موجود آهي. بين الاقوامي واپار تمام گهٽي بيهودگيءَ سان هلايو وڃي ٿو، يا ان کي ڪنهن بہ قيمت تي ڪاري ناٿي ذريعي هلايو وڃي ٿو. خطا ڪان بغير عزتون جيئن مثلاً سوئس بينڪ يا لانڊس جون آهن. جيڪي ڪڏهن قطعي ايمانداريءَ جون علامتون سمجهيون وينديون هيون، اوچتوئي اوچتو داغدار ٿي وڃن ٿيون. جيل قيدين سان پرجي سڄي رهيا آهن، ڏوهہ هڪ وڌندڙ صنعت آهي، غنده گردي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. اوترو ئي پريشان ڪندڙ هيءَ حقيقت آهي تہ تشدد ۽ ڏوهہ. گذريل سالن ڪان ننڍي عمر ۾ داخل ٿيندا پيا وڃن. حڪومتون پڻ داغدار آهن. هڪ اهڙي وقت تي جڏهن قومن جي وچ ۾ ايمانداري خاص طور تي اهم آهي، ڇاڪان تہ جيڪا شيءِ خطري ۾ آهي، اها هڪ مجبل، بلڪ تقريباً متوقع چال آهي.

اخلاقي بدحاليءَ جي هيءَ تصوير اهو تجويز ڪري ٿي تہ سماج هڪ تيزيءَ سان وڌندڙ پستيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي، ان جي نعم البدل وضاحت، جنهن جي هن ڪتاب پذيرائي ڪئي آهي، هيءَ آهي تہ موجوده سماج اخلاقيات جي هڪ پيڙهہ ڪان ٻي پيڙهہ ڏانهن تبديليءَ جي سفر ۾ آهي. هي انداز انسانذات کي هڪ اهڙي اخلاقيات ڳولڻ جي جدوجهد ۾ رڌل ڏسي ٿو، جيڪا اهڙي قسم جي دنيا لاءِ

موزون آهي، جنهن ۾ انسان رهون ٿا، اهڙي قسم جي ڪائنات لاءِ موزون آهي، جنهن ۾ انسان پاڻ کي موجود ڏسون ٿا ۽ اهڙين نين طاقتن لاءِ موزون آهي، جن کي سنڀالڻ انسانکي سکڻو آهي. هيءَ جدوجهد پراڻي دور جي بند ٿيل آپيشا هاڻ نظامن تي ٻڌل اخلاقيات کان، ڪنهن قسم جي ڪليل، جمهوري عالمگير اخلاقيات ڏانهن ڦرڻ جي، اهڙن طريقن جي تلاش جو روپ اختيار ڪري رهي آهي، جيڪا درست نموني انساني قدرن، تجربي، انسانجي نسل جي ذميوارين، عزتِ نفس ۽ هڪ ٻئي لاءِ فڪر جي بنياد تي ٻڌل آهي.

اخلاقي قدرن جو ذريعو

جيڪڏهن انسان کي پنهنجي زماني جي اخلاقي مونجهاري جي جاءِ تي ڪنهن اهڙي شيءِ کي آڻڻو آهي، جيڪا اخلاقي هم آهنگيءَ جي بلڪل نئي ويجهو هجي، ته پوءِ انسانکي ان معاملي تي بلڪل چٽو ٿيڻو پوندو ته اخلاقي قدر ڇا آهن ۽ اهي ڪٿان آيا آهن. هي ڪو وڏو مسئلو نه آهي، جيئن ئي انسان اخلاقي قدرن لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظن سچ، ايمانداري، بي غرضي، محبت، رحم، انصاف ۽ ٻين نه ڪيترن تي غور ڪرڻ شروع ڪندا آهيون، ته انسان هڪدم اهو ڏسندا آهيون ته اخلاقي قدر انهن رشتن جا نالا آهن، جن تي هڪ پائدار، خوشحال ۽ پيداواري معاشرو قطعي طور دارومدار رکندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو هميشه هڪ ٻئي سان ڪوڙ ڳالهائن، هڪٻئي جي چوري ڪن، هڪٻئي کي ڌوکو ڏيندا وتن، پنهنجا وعدا نه پاڙن، رڳو پنهنجي خودغرض مفاد ۾ دلچسپي رکندا هجن، ٻين ماڻهن جي حقن جو ڪوبه خيال نه ڪندا هجن، انهن جي احساسن کي نظرانداز ڪندا رهن، ۽ صاف راند (Fair Play) جي تصور کي رد ڪندا هجن ته پوءِ معاشرو تباهه تي ويندو، ڇاڪاڻ ته سمورا تخليقي رشتا ذاتي ۽ سماجي اعتماد تي ٻڌل ٿين ٿا ۽ اخلاقي قدرن جي نظراندازي، اعتماد کي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي. ماڻهن کي پارسا ٿيڻو ناهي پر هنن کي انهن قدرن جي، جيڪي ماڻهن ۽ معاشرن کي پاڻ ۾ ڳنڍي جهلن ٿا، هڪ صاف دماغ واري ۽ مضبوط دل واري عزت ضرور ڪرڻ گهرجي. هي ضروري سماجي/ اخلاقي/ انساني قدر آخرڪار هتي ڪيئن پهتا؟

اخلاقي قدرن بابت روايتي نقطه نظر اهو هو ته اهي مافوق الفطري وسيلن کان، الاهي طور اُتساهيل هستين معرفت انساني معاشري ۾ آندا ويا، جن استادن ۽ وضاحت ڪندڙن (Interpreters) طور عمل ڪيو. اهوئي سبب آهي جو عهڙن اخلاقي ليڊرن جيئن ابراهيم، موسيٰ، زرتشت، ٻُڌ، عيسيٰ، محمد، گرو نانڪ، بهاؤالله ۽ ٻين کي ايڏي تعظيم ڏني وئي آهي. هي نقطو اٿارڻ ته اخلاقي قدر ڪن

۽ مافوق الفطري ذريعن وٽان ڪونہ آيل آهن، جو مطلب انهن اخلاقي ليڊرن جي ڪارنامن کي ڪنهن بہ طرح گهٽائڻ نہ سمجهيو وڃي. جڏهن اهي نيارا اخلاقي رهبر دنيا جي اسٽيج تي نمودار ٿيا، ان وقت اخلاقي سوچ ويچار اڳ ئي ڪافي موجود هئي، ڇاڪاڻ تہ اخلاقيات جي زبان طويل عرصي کان وجود ۾ هئي، انسان رڳو انهن شين جا لفظ ڳولي ٿو، جڏهن هو انهن شين کان باخبر ٿئي ٿو. هي لفظ جيئن محبت، نفرت، سچ، پروسو، ظلم، رحمدلي، بهادري، ايمانداري، انصاف ۽ ڪيترا ٻيا تمام قديم ٻولين ۾ بہ موجود آهن ۽ شايد ايترا قديم آهن جيترو خود ٻولي قديم آهي. اهي انسان جي ڦهلجندڙ ذهن ۽ شعور جي مختلف پاسن طور وڌيا ويجهيا آهن. اهڙن لفظن جي صرف موجودگي ئي اهو ڏيکاري ٿي تہ انسان شروع کان ئي هڪ اخلاقي هستي رهيو آهي. بائيبل ۽ ٻين عظيم مذهبن جي پاڪ لکيتن لکجڻ کان بہ گهڻو وقت اڳ اخلاقي گفتگوءِ جي زبان قائم ٿي چڪي هئي ۽ استعمال لاءِ تيار هئي. تاريخ جي اخلاقي رهبرن جو ڪردار، اخلاقي قدر شروع ڪرڻ نہ هو پر انهن کي چٽو ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ۽ ماڻهن جي سجاڳيءَ کي هڪ نئين سطح تائين اُڀارڻ هو. اخلاقي قدرن جي انسان طرفان ڪوجنا، ان حقيقت مان ورتل آهي تہ هو هڪ سماجي جانور آهي. اوائلي زمانن کان ئي انسان کي ٻين ٻانيوار انسانن جي سهڪار تي پنهنجي دارومدار جو احساس رهيو آهي. گهريلو زندگي، پوءِ ڇاهي اها تمام سادڙي قسم جي ئي هجي، حقيقت ۾ هڪ امداد باهمي ڏنتو هوندي آهي. ساڳئي طرح شڪار بہ هوندو آهي، جيڪڏهن شڪارين کي پنهنجي شڪار کي آسانيءَ سان مارڻ لاءِ موتمار سامان فطري طور مهيا ٿيل نہ هوندو آهي. مثلاً زهريلا ڏند ۽ چنبا. هڪ آشيانو ٺاهڻ لاءِ بہ گڏيل ڪم (Team Work) جي ضرورت پوندي آهي. ساڳئي نموني خونخوار جانورن کان بچاءُ بہ هڪ سهڪاري عمل آهي، ساڳئي نموني ڪم سادي ۽ سادو سماج بہ معاملن کي انصاف سان (Fair Play) نبيرڻ کانسواءِ وجود نہ ٿو رکي سگهي، جيڪو متحارب دعوائن وچ ۾ فيصلي ڪرائڻ جي هڪ منجهيل طريقي جي ضرورت منجهان ڦٽي ٿو. انساني تاريخ جي شروعات ۾ ئي جنس بہ شادي بياهہ جي رشتن تي ضابطو رکندڙ اصول لازمي طور ڦٽا هوندا ۽ مڃيل هوندا.

ڪن اوائلي سماجن جا رت جي رشتن وارا اصول سهائي پيچيدہ آهن. انساني اخلاقيات جي واڌاري ۾، فرض (Obligation) جو احساس جي طرف تمام اهم آهي، ڇوتہ اهو سهڪار ۽ فڪر کي پاڻ ۾ ملائي ٿو ۽ باهمي اعتماد جو بنياد ٿئي ٿو. اهو بہ لازمي طور اوائلي ڏينهن ۾ ڦٽو هوندو، اسانکي اهو وڏ ۾ وڏ قديم انساني برادرين ۾ بہ، جن جي ماهر بشريات کي خبر پئجي سگهي آهي، حفاظت سان قائم ڪيل ۽ مان ڏنل ملي ٿو، مليلو وسيلي اسان کي ان جو مثال هڪ قديم مڇي ماريندڙ ڳوٺ جي هڪ ٻيڙيءَ جي ڪم ڪار مٿان ضابطو رکندڙ رسمن

مان ڏني ٿو:

" هر ٻيڙيءَ ۾ اهو ڏٺو ويندو تہ هڪ ماڻهو ٿئي ٿو، جيڪو ان جو حقيقي مالڪ هجي ٿو، جڏهن تہ ٻيا سڀ ماڻهو ان جو عملو ٿين ٿا. هي سمورا ماڻهو، جيڪي اصولي طور تي هڪ ئي ويڙهي سان تعلق رکندا آهن، هڪ ٻئي سان ۽ پنهنجن پائيوار ڳوناٽن سان ٻاهمي ذميوارين ذريعي ٻڌل هوندا آهن. جڏهن سموري برادري مڇي مارڻ لاءِ نڪرندي آهي، تڏهن ٻيڙيءَ جو مالڪ پنهنجي ٻيڙي ڏيڻ کان انڪار نہ ڪري سگهندو آهي. هن کي يا تہ خود پاڻ کي وڃڻو پوندو آهي يا پنهنجي جاءِ تي ڪنهن ٻئي کي اينس ڪرڻ جي اجازت ڏيڻي پوندي آهي. ٻيڙيءَ جي عملي کي پوءِ اَن نئين ماڻهوءَ آڏو بہ هڪ جيترو جوابده ٿيڻو پوندو آهي؛ هر ماڻهو پنهنجي مخصوص جاءِ تي ويهندو آهي ۽ پنهنجي ڪم لاءِ ذميوار هوندو آهي. هرماڻهو پڪڙيل مڇيءَ جي ورهاست ۾، پنهنجي ڪيل خدمت جي برابر منصفاڻو حصو پڻ حاصل ڪندو آهي. اهڙي طرح ٻيڙيءَ جي مالڪي ۽ استعمال مخصوص جوابدارين ۽ فرضن جي هڪ سلسلي جا نهيل هوندا آهن، جيڪو ماڻهن جي هڪ جٿي کي هڪ ڪم ڪندڙ ٽيم ۾ ڳنڍي ڇڏيندو آهي. سچائي ۽ ايمانداري اهڙن رشتن جا اڻ ٽر جزا آهن.

اوائلي زندگيءَ کي لاحق خطرا، پوءِ اهي زمين تي هجي يا سمنڊ ۾، پڻ ٻاهمي دارومدار جي هڪ اعليٰ سطح گهرندا آهن. طوفانن کي يا خطرناڪ جانورن کي منهن ڏيڻ وقت بهادري ۽ بي غرضي جٿي جي بقا لاءِ اشد ضروري هوندا آهن. ٻارن ۽ سندن مائرن جي سارسنڀال ڪرڻ جي ضرورت پڻ عالمگير هوندي آهي ۽ پڻ اهڙا محبت عالمگير هوندي آهي، جيڪا اهڙي سار سنڀال سان لازمي طور جڙيل هوندي آهي، جيڪڏهن ٻارن کي نفسياتي طور صحت مند نموني وڌڻو هوندو آهي. ڪيترن ئي اوائلي سماجن ۾ ٻارن ۾ موجود خوشي ۽ پاڻ تي پاڙڻ جي خوبي ان پيار ۽ جذباتي تحفظ جي شاهدي ڀريندا آهن، جنهن ڪين سندن اوائلي سالن ۾ ضرور گهيري رکيو هوندو آهي. جيئن اسان سادن سماجن جو مشاهدو ڪريون ٿا، اخلاقي اصول اسانجن قديم ابن ڏاڏن جي سماجي نظام ۾ زندگيءَ ۽ رشتن جي اڻ ٽر حالتن طور، جيڪي اڄ بہ اڄا تائين اسانجي ذميواري آهن، هڪ هڪ تي ڦٽن ٿا. اهوئي سبب آهي جو رابرٽ ريڊ فيلڊ هي نتيجا اخذ ڪيا آهن:

پنجهتر يا پنجاهہ هزار سال اڳ جي زماني ۾ انسان ذات جي جينياتي ارتقا هڪ اهڙي نقطي تي پهچي چڪي هئي، جتي هڪ مڪمل انساني زندگيءَ جي اوسر لاءِ ضروري حسناتي خاصيتون حاصل ٿي چڪيون هيون. هيءَ ڳالهہ ان نتيجي ڏانهن وٺي وڃي ٿي تہ تهذيب جي سچي عرصي جي گهٽ ۾ گهٽ پنجون وقت جي عرصي تائين انسان وٽ اهڙي زندگيءَ جي اهليت هئي، جيڪا اهڙن اخلاقي ضابطن تحت هلائي وبندي هئي، جيئن اسان اڄ ڪنهن قديم سماج ۾ ڏسون ٿا. اهي

ماڻھو جيڪي التا ميرا جون تصويرون پوئتي ڇڏي ويا آھن، مڪمل طور تي انسان ھئا ۽ اسان کان ڪو گھڻو مختلف نہ ھئا."

ڇا غلط ٿيو ؟

جيڪڏھن اخلاقي اصول قديم انساني وقت کان ئي اينترو سنئي نموني قائم ٿيل ھئا تہ اينترو پوءِ ڇو خصيص ۾ خصيص اخلاقي رشتا بہ اڄ خطري ۾ آھن؟ ان جي جواب جو ڪجھہ حصو ھي آھي تہ ھڪ دفعو جڏھن انسانذات آباد ٿيل وسندين جي صورت ۾ منظم ٿي چڪي، اخلاقي ربط جي سنئين سڌي ارتقا، تھذيبي سخت گيريءَ ۽ ان جي نتيجي ۾ مختلف مذھبي تصورن وچ ۾ اپرنڌڙ دشمنيءَ جي ڪري رڪجي وئي. اسان ھن اخلاقي مونجھاري جو اوائلي انساني معاشرن کان وٺي اڄوڪي دور تائين پيرو کڻي سگھون ٿا.

قديم انسان جيڪو زندگي بخش سج کي ڏيندھن جو آسمان ۾ ڦرندي ڏسي ۽ رات جو پنھنجي مٿان ڦھليل آسمان جي وسعت کي ڏسي جنھن ۾ ڦرڻو گھرڻو چنڊ، ڪيس مھينن جو حساب ٻڌائيندو ھو، اچرج کائيندو ھو، اتي ھو مستقل اڻ ڄاتل خطرن جھڙوڪ، خشڪ سالي، ڏڪر ۽ بيمارين ۾ بہ وڪوڙيل رھندو ھو. تنھنڪري ھن انھن قوتن سان رابطو قائم ڪرڻ جي فوري طور تي ضرورت محسوس ڪئي، جن سندس زندگيءَ کي ڪنٽرول ڪيو ٿي. ان سلسلي ۾ ھن کي اڳتي وڌائيندڙ محرڪ ھئا: ڀو، دھشت، احترام ۽ راضي ڪرڻ جي ضرورت. اھڙي طرح ديوتائن ۽ روحن کي خوش ڪرڻ لاءِ، جن لاءِ ھن سمجھيو ٿي تہ اھي سندس چوڌاري موجود آھن، رسمون، تقريبون ۽ تحفا ھر قديم انسان جي زندگيءَ جو ۽ قبيلي جي تھذيب جو ھڪ حصو بڻجي ويا. ان سان گڏ مضبوط ڏندڪٿائون، جادوئي عمل ۽ ممنوع ٿيل شيون ۽ وڙناءَ پڻ ھنجي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويا.

جڏھن معاملا گڙٻڙ ٿي ٿي ويا، جيڪي اڪثر ڪري ٿيندا ھئا، تہ ان کي قبيلي جي ڪنھن ماڻھوءَ جي ڪنھن بدتميزيءَ مٿان ديوتائن، روحن يامري ويل ابن ڏاڏن جي ڪاوڙ سمجھيو ٿي ويو. (قديم انسان بہ غالباً اوتروئي احساس گناھ ۾ ورتل ھو جيترو جديد انسان!) اھو ئي سبب آھي جو جادوئي ڊاڪٽر (Witch- doctors) ۽ نام نھاد طبيب پيدا ٿيڻ شروع ٿيا، جيڪي تباھيءَ جو الزام مڙھڻ ۽ معاملن کي درست ڪرڻ جي رستن جي سفارش ڪرڻ ۾ ماھر بڻجي ويا، پوءِ چاھي ڪو ماڻھو بيمار ٿيو ھجي يا ڳئون اوچتو ئي اوچتو مري وئي ھجي يا اھڙو ڪو بيو معاملو ٿيو ھجي، ان طريقي سان مذھبي عقيدو ۽ درست ورتاءُ... اھڙو ورتاءُ جيڪو سماجي ربت رسم ۽ بزرگن طرفان منظور ڪيل ھو، پاڻ ۾ سخت الجھيل

انداز ۾ ملي ويا. ان جو هڪ عملي پهلو پڻ آهي، مينهن جو وسڻ، افزائشي رقص، زمين جي پئداوار وڌائڻ لاءِ ان مٿان رت ڇٽڪائڻ ۽ اهڙيون ٻيون رسمون. قديم ماڻهن آڏو مقدس ۽ غير مقدس چٽي نموني ڌار ٿيل نه هوندا آهن. آسٽريليا جي قديم باشندن جا تراشيل چرنگا.... تراڪڙا پٿر يا ڪاٺ جا ٽڪراجن کي بي حد مقدس سمجهيو ويندو آهي، ان خوابن جي زماني جي ڪهاڻي ٻڌائن ٿا، جڏهن ديوتا زمين مٿان گهمندا هئا. پر اهي پڻ ڪاميابيءَ سان پوکڻ جو هڪ مثالي نمونو به پيش ڪري سگهن ٿا.

زنده رهڻ جا عملي وسيلا قديم انسان لاءِ مقدس هوندا آهن. هيءَ ڳالهه اخلاقي قدرن کي مقدس شين ۾ ضم ڪري ڇڏڻ جو ۽ انهن کي الاهي اصليت وارو تصور ڪرڻ جو جواز پيش ڪري ٿي. هي سڀ ڳالهيون هڪ منجهيل صورتحال ڏانهن وٺي ويون. جيئن سماجي ماهر (Sociologist) مورس گنسبرگ چيو آهي، "اخلاقي اصول، فرقن باوجود، بنياديات ۾ هر هنڌ زبردست هڪ جهڙايون ڏيکارن ٿا."

اسان ڏسي چڪا آهيون ته اٿتر نموني ائين ڇو آهي؟ ان حقيقت پٺاندڙ هر قبيلي کي انهن عالمگير انساني قدرن لاءِ عزت حاصل ڪرڻي هئي. پرائين ڪرڻ جو مطلب هو هنن کي رسم، ريت رواج ۽ مذهبي منظوريءَ واري سماج ۾ ٻڌي رکڻ ۽ ان ڳالهه ۾ ئي مصيبت لڪل هئي، ڇاڪاڻ ته هر برادريءَ پنهنجي شناخت تهذيب جي پنهنجي الڳ انداز سان ڪرائي ٿي ۽ ان سان موافقت جي توقع رکي ٿي، جڏهن ته هر تهذيب هر بي تهذيب ڪان ٿوري يا گهڻي حد تائين مختلف هئي، بنيادي انساني قدرن ۾ نه پر تهذيبي بناوت ۾ جيڪي انهن کي قائم رکڻ لاءِ اڏيون ويون هيون. هاڻي ڇاڪاڻ جو هر تهذيب پنهنجي مخصوص انداز کي صحيح ۽ باقي ٻين کي غلط سمجهيو ٿي، ان ڪري اها سوچ ان يقين ڏانهن وٺي وئي ته بنيادي طرح مختلف اخلاقي نظام وجود رکن پيا ۽ ان بدقسمت نتيجي ڏانهن ته هر تهذيب اهو ايمان رکيو ٿي ته ان کي پنهنجي قطعي طور تي صحيح نظام کي ٻاهرين يلغار کان ضرور بچائڻو آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ هن سوچ نه رڳو جهڳڙا پيدا ڪيا پر هڪٻئي جي تهذيبن مان ڪنهن حدتائين ڪي شيون اوڌر تي ورتيون به، بهرحال جيئن جيئن انساني جٿا وڏا ٿيندا ويا ۽ تهذيبون يا ننڍيون تهذيبون پنهنجي صحيح هجڻ جو وڌ ۾ وڌ جنوني طور تي يقين ڪرڻ لڳيون، تهذيبي ڇڪتاڻ جو امڪان وڌندو ويو. هن قسم جو تنازعو سموري انساني تاريخ ۾ موجود رهيو آهي ۽ اجا تائين مذهبن اندر ۽ انهن جي وچ ۾ سخت دشمنيون پيدا ڪري ٿو، جيڪي ڪڏهن ته رتو ڇاڻ واريون ٿين ٿيون، جيئن بيروت جا قتل عام ۽ ايران ۾ قدامت پسند ملن طرفان بهائي فرقي جو بي رحماڻو خاتمو. هي نااتفاقيون صحيح ۽ غلط ورتاءَ بابت نه اپريون آهن، جيئن اهي عالمگير شين طرفان ظاهر ڪيل آهن، پر خدا جي سڀاءُ، عقيدي ۽ نماز جي تفصيلن، عبادت جي منظور ڪيل طريقي، رسم، روزي،

مذهبي لباس، تنظيم سازي ۽ موت کانپوءِ زندگيءِ بابت خيالن متعلق آهن. تمثيل يا تفصيل جي ثوري بہ معمولي ڳالهہ شديد دشمنيءَ لاءِ جوڳو بنياد بڻجي سگهي ٿي. اسانجي دؤر جي سڀني عيسائي فرقن کي گڏ ڪرڻ جي تحريڪ (Ecumenical) عيسائيت جي مشترڪ بنياد جي هڪ هنڌ تائين پهچڻ جي هڪ ڪوشش آهي، پر اها هڪ طويل، سست جدوجهد ثابت ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي شيون بنيادي اخلاقي قدرن جي فقرن ۾ غير ضروري آهي. انهن سان اهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو، جڻ اهي بنيادي هجن، جڏهن تہ اهي قدر جيڪي عالمگير نہ آهن، اينئن سمجهيا وڃن ٿا، جڻ اهي عالمگير هجن، ثانوي قدر بشمول شرفائن جي قدرن جي ڪڏهن ڪڏهن بطور عالمگير قدرن جي ڇمڙاپوشي ڪري سگهن ٿا، اهڙي طرح اخلاقي اتفاق حاصل ڪرڻ ڪي اهي اجا وڏيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏن ٿا.

غير عالمگير قدر

عالمگير قدرن سان ملي ويل ۽ انهن کي سمجهڻ ۾ مونجهارو پيدا ڪندڙ مقامي ۽ شايد عارضي قدر هميشہ کان موجود پئي رهيا آهن، جن کي بهرحال تمام گهٽي عزت ڏني وني آهي. ڏنارن جي قبيلن پنهنجي چوپائي مال لاءِ هڪ عزت پيدا ڪئي، جيڪا مثال طور مڇي ماريندڙ برادرين جي سمجهہ کان ٻاهر هئي؛ عورتن جي طهر جي رسم، انهن قبيلن ۾ مقدس ليکي ويندي آهي، بلڪہ هوندي آهي جيڪي اها باقاعده طور تي ڪندا رهندا آهن تہ جيئن هڪ ڇوڪري جيڪا ان جسماني بگاڙ مان نہ گذري هوندي آهي، پاڻ کي بطور هڪ عورت جي اڻپورو، بلڪہ گندو سمجهڻ لڳي.

زمين جي اهميت متعلق مونجهاري پڻ اڻڪٽ غلط فهمين کي جنم ڏنو آهي. ـ گورن ماڻهن جي اچڻ کان اڳ، اتر آمريڪا جي رهواسين آڏو سموري فطري دنيا، عظيم روح طرفان آيل سمجهي ويندي هئي. تنهنڪري جيتوڻيڪ هڪ قبيلو شڪار جي ميدانن مٿان پنهنجا حق جتائي سگهي پيو پر ڪو بہ فرد حقيقت ۾ زمين جو مالڪ نہ پيو ٿي سگهي. اهڙو خيال ڪرڻ بہ ڪفر هو. ساڳين سببن ڪري نيوزيلنڊ جي مائورس قبيلي ۽ پهرين گورن آبادڪارن وچ ۾ شديد غلط فهمي پيدا ٿي پئي. ڪڏهن آبادڪارن اهو سمجهيو ٿي تہ هنن قبيلي جي سردار کان زمين خريد ڪري ڇڏي آهي جڏهن تہ هنن صرف زمين استعمال ڪرڻ جو حق خريد ڪيو هو . اسان کي هنن سمورن غير عالمگير قدرن کي بہ ڌيان ۾ رکڻ جي ضرورت آهي، ڇو تہ اهي هميشہ عالمگير قدرن سان گڏ ٿي انهن ڳنڍڻ ۾ لڏا وجن ٿا جن کي انساني برادريون گڏ ڪري رکن ٿيون ۽ پنهنجي زندگيءِ جي طريقي طور

انهن جو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. مغرب ۾ هڪ خاص مونجهارو شر فائن جي آپيشاهاڻن قدرن ڪي عالمگير قدرن طور سمجهڻ جو رهندو پئي آيو آهي، هيءَ غلطي آساني سان آهستي آهستي داخل ٿي چاڪاڻ ته مک ڌاري واري عيسائيت ۽ مک ڌاري وارو اسلام بطور موروثي آپيشا هاڻن نظامن جي وڏيا ويجهيا ، جن بغير سوال ڪنڌ اطاعت ذريعي، ان کي بطور هڪ قطعي قدر جي پيش ڪندي وڏو ذخيرو قائم ڪيو جيڪو اهو نه آهي. ان ڪري طاقتور ماڻهن جي هڪ اقليت جي مفادن ۾ مڙهيل قدر ائين پيش ڪري سگهجن ٿا جڻ اهي ڪي عالمگير اخلاقي قدر هجن .... ان جو هڪ مثال انگليند جي چرچ جي سوال جواب ذريعي تعليم ڏيڻ جي نظام (Catechism) جي سوال "پنهنجي پاڙيسريءَ ڏانهن توهان جو ڪهڙو فرض آهي؟" جي طئه ڪيل جواب ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن کي پڪو ڪرڻ لاءِ سيني اميدوارن کان رسمي توقع ڪئي پئي وئي. ان جو مضمون بيانن جو هڪ عجيب مرڪب آهي، جيڪي عالمگير اخلاقي قدرن جو احاطو ڪن ٿا ۽ شرفائن جي قدرن جي به حمايت ڪن ٿا.

بيان ڪيل فرض جيڪي عالمگير اخلاقي قدرن تي ٻيڻل آهن

- پاڙيسريءَ ڏانهن منهنجو فرض اهو آهي ته مان هن کي پاڻ جيان پيار ڪريان ۽ سيني ماڻهن سان اهو ورتاءُ ڪريان جيڪو مان چاهيندس ته هنن ڪي مونسان ڪرڻ گهرجي.
- ڪنهن به ماڻهوءَ کي زبان يا هٿ سان اهنج نه پهچايان.
- پنهنجي سموري ڏيتي ليتيءَ ۾ سچو ۽ انصاف وارو هجان.
- پنهنجي دل ۾ نه ڪا مندي ۽ نه ڪا نفرت سانديان.

بيان ڪيل فرض جيڪي شرفائن جي قدرن تي ٻيڻل آهن

- پنهنجن سمورن گورنرن، استادن، روحاني پادرين ۽ مالڪن آڏو پاڻ کي نوايان.
- پاڻ کان بهتر سمورن ماڻهن آڏو پاڻ کي هيڻاهون ۽ ادب واحترام سان ڪڙو ڪريان.
- ٻين ماڻهن جي مال متاع تي حرص نه ڪريان پر پنهنجي روزي هٿ ڪرڻ لاءِ سکان ۽ سچي دل سان محنت ڪريان ۽ زندگي جي ان حالت ۾ پنهنجي نوڪري تيستائين ڪريان جيستائين خدا خوش ٿي مون کي سڏ ڪري.

معزز مذهبي عالم جن هي سوال جواب نامو ناهيو، لڳي ٿو ته ان حقيقت کان بلڪل اڻ واقف هيا ته اهي قدرن جي ٻن متضاد نظامن کي پاڻ ۾ گهنجرائي رهيا آهن. هيءَ ئي اها الجهيل سوچ ۽ مونجهارو آهي، جنهن انسان ذات لاءِ قدرن جي هڪ اهڙي نظام تائين پهچڻ کي بي حد ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي جنڪو نه رڳو سماج کي يا قوم کي پر هن سموري سياري کي اخلاقي پائداري ڏئي سگهي ٿو.

اخلاقي رهبرن جو ڪردار

هن نقطي تي اسان کي وري هڪ دفعو پنهنجي نسل جي اخلاقي ڪهاڻي، عظيم اخلاقي استادن جي زماني ڏانهن واپس ٿيندي، ڪٺ ڪپي يعني مکيہ طور تي (13) صدي قبل مسيح کان (15) صدي عيسوي تائين جو عرصو. ان زماني دوران انساني سماج تمام گهڻا وڏا ۽ وڏيڪ پيچيده ٿي ويا. ان جو نتيجو ماڻهن جي وڏندڙ انگ لاءِ قريبي سماجي بندڻن جي ڀڄڻ ۾ نڪتو، جنهن انفرادي آزاديءَ جي امڪانن کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو پر ان زندگيءَ جي خود پسند طور طريقن تي ٻيڻل سماج دشمن وحشت کي بہ ممڪن بڻائي ڇڏيو. هڪ سادي، گهڻي حد تائين اڻ ورهايل سماج ۾ هر فرد، ان سماج جي روايتن، ريتن، فرضن ۽ ڏيتين ليتين ذريعي پنهنجي جاءِ تي ٻيڻل هوندو آهي. هڪ ڍلي سماجي بناوت اندر فرد گهڻي ۾ گهڻو پنهنجي مرضيءَ وارا ٿين ٿا. ۽ تنهنڪري گهڻي ۾ گهڻو غير محفوظ بہ ٿين ٿا. پوءِ جڏهن هو ٻيروني طور تي هڪ اخلاقي ڪرنگهي جو هڏو وڃائي چڪا هوندا آهن. ۽ ڪين ان جي جڳهہ پنهنجي اندر جو حصو بڻايل اخلاقي اصولن کي ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. هي عمل اخلاقي ورثاءُ جي بنياد طور نندي پنماني واري تهذيبي شناخت کان هڪ وڏيڪ عالمگير نقط نظر ڏانهن پيش قدمي گهري ٿو.

اهڙي تبديلي بن لاڳاپيل اثرن ذريعي حاصل ڪئي وئي. هڪ اهو هو تہ انساني سوچ هن عرصي دوران قبائلي خدائن جي عقيدي کان هڪ خدا جي عقيدي ---- سڀني مٿان غالب هڪ خدا، ڏانهن اڳتي وڌي. ٻيو اثر خود عظيم اخلاقي رهبرن جو اثر هو. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين اهي پنهنجي پنهنجي تهذيب ماتحت هئا، پر سندن پيغام سموري انسان ذات لاءِ هو. هنن عالمگير قدرن کي هڪ نئين قوت ۽ چٽائي سان ٻيهر بيان ڪيو: سچ ۽ انصاف لاءِ عزت، ڏيتي ليتي ۽ رشتن ناتن ۾ ايمانداري، ٻين ماڻهن جو فڪر، بي غرضي، سچائي، رحمدلي، سخاوت، خود ضابطگي، معافي ڏيڻ، محبت.

هيءَ نئين سر تشريح تمام گهڻي ملهائتي هئي. ماڻهن لاءِ هاڻي اهو وقت اچي چڪو هو تہ هو انهن قدرن کان واقف ٿين، جن ذريعي هنن کي زنده رهڻو هو. عظيم اخلاقي استادن جو مکيہ ڪارنامو هنن قدرن کي مڪمل شعور ۾ آڻڻ هو ۽ ڪين انساني زندگيءَ جي نين حالتن سان نهڪائڻ لاءِ انهن کي ڦهلائڻ هو. سمورن

عظيم مذهبي فرد جي خود پاڻ ڏانهن ۽ ٻين ڏانهن ذميواريءَ تي زور ڀريو آهي. هڪ پاسي فرد کي اهو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، جيڪو جيڪڏهن قدر، رويا ۽ پائدار عقيدا سچا هئا، روشن خياليءَ، نجات يا مڪمل پڻي ڏانهن وٺي ويندو. ٻئي پاسي هن کي، پاڻ کي ٻين ماڻهن لاءِ فڪرمند رهندي ڏسڻو هو. هي سماجي فرض مختلف استادن طرفان ڏنل "سنهري اصول" جي مختلف بيانن ۾ ڏيکاريل آهي.

هندو ڌرم:

"سچي خوشي ٻين کي خوش ڪرڻ ۾ هوندي آهي." (قبل از تاريخ)

يهوديت:

"محبت توراھ (Torah) جي شروعات ۽ پڄاڻي آهي." (تيرهين صدي قبل مسيح)

زرتشت ازم:

"اهو سڀاءُ صرف تڏهن ئي ڀلو هوندو آهي، جڏهن اهو ٻئي ڪنهن سان اهو نہ ڪري جيڪو خود هن لاءِ ڀلو نہ هوندو آهي." (ستين صدي قبل از مسيح)

تائو ازم:

"پنهنجي پاڙيسريءَ جي فائدي کي پنهنجو فائدو ڪري سمجهہ ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ جي نقصان کي پنهنجو نقصان ڪري سمجهہ." (ڇهين صدي ق.م)

ڪنفيوشيئنزم:

"سچي ڀلائي، پنهنجن پاڻيوار انسانن سان پيار ڪرڻ آهي." (ڇهين صدي ق.م)

ٻڌ ڌرم:

"ٻين کي ان سان ايذاءُ نہ رسايو جيڪو خود توهان کي درد پهچائيندو هجي." (ڇهين صدي ق.م)

عيسائيت:

"پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ وانگر پيار ڪر." (پهرين صدي عيسوي)

اسلام:

"ٻين سيني ماڻهن سان اهو ڪريو جيڪو توهان چاهيندو ته هنن ڪي توهان سان ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين ماڻهن لاءِ اها شيءِ رد ڪريو، جيڪا توهان خود پنهنجي لاءِ رد ڪندو." (ستين صدي عيسوي)

سڪ ازم:

"ٻين سان اهين ورتاءُ ڪريو، جيئن خود توهان سان ورتاءُ ڪيو ويندو." (پندرهين صدي عيسوي)

هن زماني جو هڪ ٻيو نئون خيال اهو هو ته انسان ۽ ڪائنات هڪ آهن. ٻڌ ڌرم چيو "تون اهو ئي آهين." ۽ اسلام چئي ٿو، "تون سوچين ٿو ته تون هڪ ننڍڙي شيءِ آهين، جڏهن ته تو ۾ پوري ڪائنات سمايل آهي."

چيمپين ۽ شارٽ (1951) تائوازم متعلق هيئن لکن ٿا: "انسان جي زندگيءَ جو مقصد پراسرار تائو ڪي ڳولڻ، مجڻ ۽ ان سان ٻڌيءَ ۾ رهڻ آهي، جيڪو ڪا اهڙي شيءِ آهي، جنهنجي وضاحت يا نالو نه تو ڏئي سگهجي، پر پوءِ به اها ئي واحد حقيقت آهي."

مٿين سيني ڳالهين کي مختصر ڪندي، اهو چئي سگهجي ٿو ته عظيم اخلاقي موجدن هڪ ٽپنو پيغام پيش ڪيو. هنن ماڻهن کي سيکاريو ته هنن کي ڪيئن زندگي گهارڻ گهرجي، هنن کي هڪ ٻئي سان ڪيئن ورتاءُ ڪرڻ گهرجي ۽ لامحدود سان هنن کي ڪيئن ناتو ڳنڍڻ گهرجي. هنن سڪيائن گڏجي، انسانذات لاءِ هڪ مڪمل طور تي نئون نقطہ نظر پيش ڪيو، جيتوڻيڪ هنن بنيادي اخلاقي اصولن کي ڪو گهڻو نه بدلايو، جيڪي اوائلي زماني ۾ سماجي تجربي ذريعي گهڙيا ويا هئا. انسان ذات لاءِ عظيم فائدو انهن اصولن جي چٽائي ۽ نقطہ نظر ۾ هو يعني اخلاقي ارتقا ۾ هڪ ٻئي ڏاڪي تي پهچ ٿي چڪي هئي. چا اسان هاڻي شايد انساني اخلاقيات جي تخليق ۾ تبديليءَ جي هڪ وڏيڪ دور تائين پهچي چڪا آهيون، جنهن لاءِ اسان مافوق الفطري منظورين تي نه پر ماضيءَ جي ڏاهپ ۽ تجربي تي پاڙيندي، خود پاڻ ذميواري قبول ڪريون ٿا.

اخلاقيات زمين تي اچي ٿي

انسان کي وري سڀ ڪجهه دهرائڻ کپي. انسان ڏسي چڪا آهيون ته عالمگير قدر جن مثان معاشرو ۽ باهمي ذاتي لاڳاپا دارومدار رکن ٿا، انسانجي اوائلي ابن ڏاڏن طرفان، عمل دوران دريافت ڪيا ويا. اهي ننديون، گهريون برادريون جي طرز زندگيءَ جو روپ اختيار ڪري ويا. ساڳئي وقت تي مذهبي عقيدا اڀريا، جن انهن قدرن کي، جن مٿان سماجي بقا جو دارومدار هو، الاهي منظوريءَ جي ڇاپ ڏني. قدرن سان گڏوگڏ مختلف رواج اسريا، جن نظرياتي ۽ ثقافتي تنازعن کي جنم ڏنو، جيڪي اڄا اڄ ڏينهن تائين جاري و ساري آهن. عظيم مذهبن جي زماني دوران غير معمولي بصيرت وارن ماڻهن طرفان عالمگير قدر نئين سر بيان ڪيا ويا، سنواريا سڌاريا ويا؛ اهڙن سماجن لاءِ جيڪي ان ڏاڪي تائين وڌي چڪا هئا، جتي تهيل تڪيل اخلاقي نظامن کي ڪليل اخلاقي سجاڳيءَ سان وڌيڪ مضبوط ٿيڻو هو. بهرحال قدر ۽ مافوق الفطري عقيدا اڃا تائين زندگي ۽ ڪائنات ڏانهن انسان جي اختيار ڪيل انداز ۾ پاڻ ۾ گڏ اٿيل هئا. ان ڪانپوءِ انسان هاڻوڪي زماني تي پهچون ٿا، جڏهن مافوق الفطري منظوريون ختم ٿي رهيون آهن، ڇاڪاڻ ته انسانجي اوائلي ابن ڏاڏن وارو خدا، ڪائنات جي حقيقتن سان هاڻي وڌيڪ نٿو نڀڪي. ڇا انسان، ايترن سارن سالن ڪانپوءِ جنهن دوران اخلاقي قدرن کي سڌو آسمان مان لٿل سمجهيو ويندو هو، انهن قدرن جي، زندگي گهارڻ ۽ گڏجي گهارڻ جي اصولن طور، خود پنهنجي لاءِ عزت ڪرڻ سکي سگهي ٿو؟ اهڙو ڪوبه سبب ناهي ته هو ائين ڇو نه ڪندو. هڪ زماني ۾ سموري زندگيءَ کي هڪ مذهبي پس منظر ۾ ڏنو ويندو هو. جيڪڏهن فصل تباهه ٿيندا هئا، ته اها خدا جي ناراضگيءَ جي نشاني هئي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿي ٿي پيو، ته ان کي خدائي سزا تصور ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪا شئي پڇي پوندي هئي ته اها واسطيدار روح جي بدخواهيءَ ڪري ائين ٿيندي هئي. گرهڻيون، آسماني بجليون، ٻوڏون ۽ خشڪ ساليون، خدا جي ڪاوڙ جون علامتون هيون.

اڳي جنهن شيءِ کي عمل ۾ مافوق الفطري ڪري ليکيو ويندو هو، هاڻي آهستي آهستي عمل ۾ فطري سمجهيو وڃڻ لڳو آهي. ان وچ ۾ انسان فطرت متعلق ڪافي ڪجهه سکڻ جي جدوجهد ڪئي آهي، فطري قوتن تي ضابطو حاصل ڪرڻ لاءِ يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو علم ڪئي ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي آهي، جو اهو ايندڙ تباهيءَ جو انسان کي اڳواٽ اطلاع ڏئي سگهي. تنهنڪري هاڻي جيڪڏهن فصل

ناڪام ٿيون ٿا، ته ان کي درست ڪرڻ لاءِ انسان آبپاشي ۽ پاڻيءَ جو سوچن ٿا، نه ڪي رسمن، قربانين ۽ دعائن جو. مشيني ناڪاميءَ جو سبب، طريقي ۾ ڪنهن نقص يا انسان جي غلطي سمجهيو وڃي ٿو، هڪ بيمار ماڻهوءَ کي علاج ڏنو وڃي ٿو، غير متوقع موت لهڻ لاءِ پوسٽ مارٽم ڪيو وڃي ٿو. هنن سمورن ميدانن ۾ ۽ بين ۾ جيڪي اڳ مافوق الفطري تصورن جي غلبي هيٺ هئا، انسان شين کي درست ڪرڻ ۽ آفت جي دهراءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ پنهنجي ذميواري قبول ڪري ورتي آهي. انساني اخلاقيات مافوق الفطري جي دائري ۾ بچندڙ آخري شعبو آهي. اٿين لڳي ٿو ته وقت اچي ويو آهي جو انسان هن شعبي ۾ پڻ پنهنجي ذميواري قبول ڪن. اخلاقي ورثاءَ ڏانهن اهڙي روش ڪنهن به طرح سان ڪائنات مان غيب ٻاهر نه ٿي ڪڍي ڇڏي. زندگي جي غيب متعلق اسانجي ڄاڻ اڄ تمام گهڻي وڌيڪ آهي، بنسبت جڏهن اها بهشت — ڌرتي — دوزخ جي تصور تي ٻيٺل فلڪياتي علم جي زماني ۾ ڪڏهن هئي پر انساني اخلاقيات ان غيب جو لازمي حصو نه آهي. قدرن جي ڪردار کي سمجهڻ ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ هاڻي انسان لاءِ هڪ سٺي سياراتي گهر — سنڀال (House-keeping) جو هڪ حصو بڻجي چڪا آهن. هن ڳالهه جي ضرورت فوري آهي. جديد انسان اها اخلاقي سگهه گهڻي پاڳي وڃائي چڪو آهي، جيڪا هن اڳي نندين قريبي برادرين مان حاصل ڪئي هئي ۽ هو اهو اخلاقي يقين به گهڻي حد تائين وڃائي چڪو آهي، جيڪو هڪ ذاتي خدا ۾ پڪي ايمان رکڻ سان لاڳاپيل هو، ته پوءِ اهو خال ڇا سان پرجڻو آهي؟ اٿين لڳي ٿو ته هن جي اخلاقي صلاحيتن لاءِ نئون بنياد ارتقائي عمل ۾ هن جي ذميوارين جي وڌ ۾ وڌ قبوليت ۾ لڪل آهي، جيڪو هڪ سرگرم ،ڳنڍيل همعصر انسان پرستيءَ ۾ قائم ٿيل آهي.

زندگيءَ جا اصول

پر ڇا اهو اٿيئ ڪندو؟

اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي اها صلاح ڏين ٿا ته ان ڳالهه جو علم ته اخلاقي اصول ڇا آهن ۽ اهي ڇو اهم آهن، انساني ورثاءَ کي متاثر ڪرڻ لاءِ الاهي منشائن کان طاقت ملڻ کانسواءِ ڪافي نه آهن. شاهدي بهرحال ان ڳالهه جي پنيرائي نه ٿي ڪري، جيئن اسان پهرين باب ۾ ڏٺو، عزت نفس، ورثاءَ مٿان ضابطو رکڻ جو هڪ طاقتور عنصر هوندو آهي. سنئون سڌو عام فهم (Common Sense) پڻ هڪ ڪردار ادا ڪري ٿو. هاڻي جڏهن غذائي قانون معلوم ٿي چڪا آهن ۽ سمجهه ۾

اڇي چڪا آهن. اڪثر ماڻهو ايترا سياڻا آهن جو انهن ڏانهن پنهنجو ڌيان ڏين ٿا ۽ ڪي ته پنهنجي جسماني شڪل وصورت کي سنهڙو ڪرڻ لاءِ يا پنهنجو رت جو دٻاءُ گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڻ مٿان زبردست ضابطو رکن ٿا. ساڳئي نموني هڪ دفعو جڏهن ماڻهن کي اخلاقي اصولن تي ڌيان نه ڏيڻ جي نتيجن جو احساس ٿيندو، پوءِ ايئن فرض ڪرڻ لاءِ ڪوبه سبب نه بچندو ته اهي زندگيءَ جي هنن اصولن ڏانهن ان ڪان گهٽ توجهه ڏيندا، جيترو هو غذا جي اصولن ڏانهن ڏيندا آهن. ان ڪان علاوه اڪثر ماڻهو چاهيندا آهن ته ڪين پيار ڪيو وڃي ۽ هو دوست بڻجڻ ۽ مددگار ٿيڻ به پسند ڪندا آهن. ماڻهن اهو سمجهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ته بغير ڏاهپ جي زندگي گذارڻ پنهنجي سزا پاڻ آڻي ٿي، پوءِ اهو خوراڪ ۾ عادتاً تمام ٿوري سبزي کائڻ هجي يا انساني رشتن جي اخلاقي بنياد کي عادتاً نظرانداز ڪندو رهڻ هجي. اخلاقي قدرن جي نظراندازي آخر ۾ نيٺ ذاتي ٽوڙڦوڙ ڏانهن نه نئي ٿي. ايمانداري، احساسِ ذميواري ۽ انساني اُوني ڪان وانجهيل هڪ فرد ٻين ماڻهن کي پاڻ ڪان پري ڀڄائي ڇڏيندو آهي ۽ خود تنها رهجي ويندو آهي، جيڪا ڳالهه نفسياتي طور تباهه ڪن هوندي آهي.

ظالم حڪمران جيڪي اخلاقي قدرن کي اهميت نه ڏيندا آهن، جيڪڏهن اهي واقعي ۾ ڇريا نه ٿيندا آهن ته سندن آخري انجام مصيبت زده اڪيلو ذليل ماڻهن طور ٿي نڪرندو آهي.اخلاقي برابريءَ جو هڪ ٻيو پهلو به آهي، جنهن کي ماڻهو عملي طرح معقول سمجهي سگهن ٿا. هرشيءَ انهن قانون موجب ڪم ڪري ٿي، جيڪي خود ان شيءَ جي هستيءَ مٿان ضابطو رکندا آهن. انهن قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو مطلب ذاتي آزادي ماڻڻ نه هوندو آهي پر ان کي وڃائڻ هوندو آهي. ميري پارڪر فوليٽ، جنهن هن صديءَ جي اوائلي سالن ۾ صنعتي انتظاميه کي انسان دوست بنائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪم ڪيو اڪثر، "صورتحال جي قانون" (Law of the Situation) تي زور ڀريندي هئي، جيڪڏهن ڪنهن به صورتحال ۾ ماڻهو اهو تجزيو ڪري ته قانون ڪهڙا آهن ۽ انهن جو صحيح صحيح خيال ڪري، ته معاملا سڌي نموني هلندا. يعني ماڻهو فطرت سان هم آهنگيءَ ۾ ڪم ڪندو، انهن قانونن کي نظر انداز ڪريو ۽ پوءِ هر قسم جو مسئلو ترقيءَ کي روڪيندو. واقعاتي اخلاقيات کي اخلاقي نسبتيت (Relativism) سان منجهائڻ نه گهرجي، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته "توهان اهو ڪيو جو توهان کي پسند هجي، جيڪڏهن توهان ڪامياب ٿيڻ چاهيو ٿا."

واقعاتي (Situational) اخلاقيات چاڻ، شعور، احساس، تصور ۽ خود ضابطگي گهرندي آهي. اخلاقي اصول پوءِ موثر رهڻ لاءِ هڪ بنياد بڻجي وڃن ٿا، جيڪي اسان جي اصلي انساني صورتحال جي هڪ سجاڳ سمجهاڻيءَ تي ٻڌل هوندا آهن. انهن اصولن کي انساني زندگيءَ جي قانون طور مڃُ ڏيڻو آهي. ان مان

اهو ثابت ٿئي ٿو ته ماڻهن کي اخلاقي طور بااحساس بنائڻ لاءِ همٿائڻ، تعليم جو هڪ مسئلو وڌيڪ آهي، بنسبت هنن ۾ الاهي منظورين جو خوف داخل ڪرڻ جي.

جيئن ڪتاب "وڪيڊنيس" (1984) ۾ ميري مجلي زور ڀريو آهي ته اخلاقي هلت چلت گهڻي ڀاڱي اسانجي پيدائشي طور موجود محرڪن کي سمجهڻ ۽ انهن کي خود پنهنجي ۽ ٻين جي ڀلي لاءِ استعمال ڪرڻ سکڻ جو نتيجو آهي. اخلاقي اصول هن عمل کي هڪ بناوت ڏين ٿا.

نوان عالمگير قدر

اسان کي هڪ وک اڳتي کڻڻي آهي. انسان پنهنجي ارتقا جي اوائلي ڏينهن ۾ جيڪي اخلاقي قدر دريافت ڪيا، جن جي بعد ۾ عظيم مذهبن تصديق ڪئي ۽ ڪين چٽو ڪيو، اهي اڃا تائين ذاتي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ مرڪزي حيثيت وارا ٿين ٿا. پوءِ به اڄوڪو انسان اهڙن مسئلن ۾ ڦاٿل آهي جن جو ماضيءَ ۾ڪو وهم گمان به نه هو. ڏهن احڪامن ۾، يا ماضيءَ جي ٻين اخلاقي سرشتن (Codes) ۾ اهڙي ڪا به شيءِ ڪانهي، جيڪا اسانکي انهن مسئلن ۾ مدد ڪري، جيڪي اڄ اسانکي درپيش آهن. حد ڪان وڌيڪ آدمشماري، قريبي وسندين جو خاتمو، سياري جي طبعي لئمار، حياتياتي ٽيڪنالاجي جي اخلاقيات يا عورتن جي مقام ۽ حصي کي وڌائڻ جي ضرورت ... اهي انهن مسئلن مان رڳو چند آهن، جن کي اسانکي منهن ڏيڻو آهي. اسان اڄ هڪ نازڪ دنياوي صورتحال ۾ آهيون، جيڪا ان سان منهن ڏيڻ لاءِ عالمگير اخلاقي اصولن جو هڪ وڌيڪ شعور ۽ وڌيڪ ڦهلاءُ گهري ٿي. اسان کي دنيا لاءِ هڪ اخلاقي اتفاقِ راءِ گهرجي.

انساني قدرن جو هڪ عالمي پڌرنامو

هن نئين نقطه نظر ۾ شريڪ ٿيڻ سان ئي اسان ان اخلاقي بدحاليءَ کان متي ابري سگهون ٿا، جنهن جو هن باب جي شروعات ۾ حوالو ڏنو ويو هو. پر البت اسانجي اخلاقيات تي ڀيهر سوچ ويچار ڪرڻ کان وڌيڪ ڪم گهربل آهي. اسانجا اڄوڪا اخلاقي مسئلا اسانجي دنيا کي هاڻي درپيش تبديليءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ واري ڪوشش جو صرف هڪ ٽڪرو آهن. انهن مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي، ان تي اسان ايندڙ باب ۾ غور ڪنداسون.

باب ڇهون

عملي نقطهِ نظر

ان ڳالهہ جون سموريون نشانيون موجود آهن تہ اسان عالمي معاشري ۾ هڪ وڏي تبديليءَ جي ڪناري تي بيٺا آهيون. دٻاءُ ۽ ڇڪتاڻون... خطرناڪ حد تائين وڌي رهيا آهن. ائين هميشہ ٿيندو آهي، جڏهن وڏي پئماني واري ڪا تبديلي اچڻ واري هوندي آهي يا جيئن جڏهن ڏڪٽيون، گرجون ۽ رڙيون جبل جي اوچتي آخري گسڪڻ کان اڳ ڪنيون ٿيڻ لڳنديون آهن، جيڪي زلزلو پيدا ڪنديون آهن. هڪ جديد نقطهِ نظر جو هڪ اهم حصو لازمي طور ان مونجهاري کي ڪا معنيٰ ڏيڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو رستو ڳولڻ جي هڪ ڪوشش هجڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ هڪ ضروري شروعات ان ابتريءَ متان هڪ ڪليل نظر وجهڻ آهي، جيڪا اسان کي گهيريو ويٺي آهي.

نسلن کان دنيا اقتصادي مشينن، سياسي مشينن، آفسر شاهيَ مشينن ۽ جنگي مشينن ذريعي هلائي پئي وئي آهي، جيڪي سڀ مرداڻي موروثيت جي قبضي هيٺ آهن ۽ تنهنڪري انهن متان مرداڻن قدرن جو تسلط آهي. هي نظام ڪم نہ ڪري رهيو آهي ۽ تباهي ڏانهن وڃي رهيو آهي. اهو دنيا جي حقيقي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي رهيو آهي. شيون هاڻي وڌيڪ ڪابہ معنيٰ نہ ٿيون رکن. اسانکي انهن بيهودگين مان ڪجهہ تي نظر وجهڻ گهرجي، جن جي وچ ۾ اسان جي رهيا آهيون. اسان حد کان وڌيڪ موثر زراعتي نظام پيدا ڪيا آهن پر 80 ڪروڙ ماڻهو اڄ بہ فاقہ ڪشيءَ جي ڪناري تي آهن. اڃا وڌيڪ تعداد ۾ ماڻهو گهٽ غذا جو شڪار ، گهٽ ڪپڙن سان، ۽ گهٽ جاءِ ڏنل آهن. ڪئين لک ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ٿيل نہ آهي. اسانجي سياري جا وسيلا هوندي سموريون دنياوي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. اسانجي رحم ڪرم تي جهجهي جاءِ موجود آهي، پوءِ بہ سالهو سال انساني زندگي ۽ خوشيءَ جي نظر اندازي ۽ زيان جاري آهي. ساڳئي قسم جي بدنظمي اقتصادي نظام ۾ بہ موجود آهي. دنيا اڄ ايتري شاهوڪار آهي، جيتري اها ڪڏهن بہ نہ هئي پر ڊيوالپڻو آهستي آهستي ڌرتيءَ کي وڪوڙي رهيو آهي، انفرادي تجارتي ادارا هزارن ۾ مري رهيا آهن، سڄيون سڄيون حڪومتون ۽ ڪجهي طرح چندوڏنل تنظيمون جيئن اي اي سي، لڳاتار ڊيوالپڻي جي ڌاري تي لڙڪنڌائي رهيون آهن. ڪم ناقابل قبول

بدنظميءَ جو هڪ بيو مثال آهي.

ساڳئي ملڪ ۾ توهانکي لکين اهڙا ماڻهو ملندا، جن ڪم ڪري ڪري پاڻ کي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيو آهي ۽ ٻيا لکين ماڻهو اهڙا ملندا، جيڪي ڪنهن روزگار جي تلاش ۾ در در ڀٽڪندا رهن ٿا. ڪم جي دٻاءَ ۽ ڪم نه هجڻ جي دٻاءَ، نفسياتي ماهرن جا معاشي وارا ڪمرا ڀري ڇڏيا آهن. سڀني براين کان وڏي برائي اها آهي ته سمورا ملڪ، ننڍا ۽ وڏا، جنگي مشينون وڌائڻ ۾ پنهنجون قوتون آخري حد تائين ڇڪي تاڻي رهيا آهن، جڏهن ته دنيا پروسي ۾ تعاون لاءِ رڙيون ڪري رهي آهي، جيڪي انهن هٿيارن کي غير ضروري بڻائي ڇڏيندا. ان کان وڌيڪ اهو ته اقتدار جا اسلحه خانه بي ڪار ثابت ٿين ٿا، جڏهن حڪومتون جنوني دهشتگرديءَ سان مهاڏو اٽڪائن ٿيون. هي واضح مونجهارو انڪي رد نه ٿو ڪري جيڪو ڪجهه انسان جي صلاحيت جي شاهوڪاريءَ ۽ يقينيءَ بابت اڳ ۾ چيو ويو آهي، هي ڪنهن به سوال کان بالاتر آهي. اهو البت جيڪا ڳالهه ظاهر ڪري ٿو، اها اها آهي ته عالمي سماج تبديليءَ (Transition) ۾ آهي ۽ اهو ته اسان هڪ مرندڙ دور جي پڇاڙيءَ ويجهو جي رهيا آهيون. ساڳيون حالتون اڳ به ٿي گذريون آهن مثال طور چوڏهين صديءَ واري يورپ ۾ "ڪاري موت" سماجي ۽ اقتصادي بحرانن جو هڪ سلسلو ڪڙو ڪري ڇڏيو هو. ائين پئي لڳو جڻ دنيا ختم ٿي وئي. حقيقت ۾ ان جو نتيجو غلاميءَ جي پڄاڻي جي شروعات ۽ عام ماڻهوءَ لاءِ آزاديءَ جو ڦهلاءُ هو. 15 صديءَ جي برطانيه ۾ بحرانن جي ساڳئي ئي مجموعي ايلزبيٿ پهرين جي وسيع طاقتور انگليند لاءِ رستو هموار ڪيو. سماجي ارتقا اهڙن چالن سان ڀري پئي آهي. هاڻي به ائين لڳي ٿو ته اسان وري هڪ وڏي تبديليءَ ڏانهن وڌي رهيا آهيون.

مستقبل جي ايجنڊا

ڀر اسان غلط رستي کان صحيح رستي ڏانهن ڪيئن مڙون، جڏهن اسان سڀني آڏو هڪ ئي وقت ايترا سارا مسئلا موجود آهن؟ بهرحال دل هارڻ جي ضرورت ناهي، مسئلن جي گهڻائي ايندڙ تبديليءَ جو ثبوت آهي ۽ ان ڳالهه جو به ثبوت آهي ته اسان مسئلن جي حل لاءِ غلط رستي ڏانهن نهاري رهيا آهيون. جيترا اسان سوچون ٿا، حقيقي مسئلا ٿي سگهي ٿو ان کان ٿورا هجن.

هڪ يا به خصيص مثال اهو نقطو ثابت ڪندا ته هڪ اهم غلطيءَ جو پنو لڳائڻ گڏ ٿيندڙ دشوارين کي نيڪ ڪري سگهي ٿو. لنڊن جي چيزي تي موجود هڪ فيڪٽري معمولي تخريبڪاريءَ جي عملن سبب مصيبت ۾ هئي. ڪارن

بيهارڻ جي علائقي ۾ مخصوص جايون اهڙن ماڻهن طرفان والاريون ويون هيون، جن کي ان ڳالهہ جو ڪو حق نہ هو. صفائيءَ جي عملي غسل خانن جي تمام خراب حالت جي شڪايت ڪئي، ڪينٽين جو عملو، ڪينٽين جي فرش تي ڦٽي ڪيل ڪاڏي جي بچيل ٽڪرن ۽ ٿيلهين تي اعتراض ڪرڻ لڳو. آفيس جي عملي اها شڪايت ڪئي تہ جيڪڏهن هنن ڪنهن مزدور کي فورمين کي ڪونياپو ڏيڻ لاءِ چيو، چوتہ فورمين ان وقت غير حاضر هو، تہ اهو نياپو هن تائين اڪثر ڪري نہ ٿي پهچايو ويو. هر طرف هڪ طرح جي وڏندڙ لاتعلقي موجود هئي.

چڪاسون ڪيون ويون، رپورٽون لکيون ويون، جتي جتي ممڪن هو اتي پابنديون لڳايون ويون، گاڏين بيهارڻ لاءِ مخصوص ڪيل جڳهن آڏو تالن سان بند ٿيندڙ ڏنيا ڪڙا ڪيا ويا. پوءِ بہ ماڻهن جو اخلاق ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندو ويو. فئڪٽري جي هڪ مئنيجر اهو پتو لڳائڻ تي پنهنجو توجهہ مرڪوز ڪيو تہ ايترن سارن غير سهڪاري رد عملن پٺيان آخر ڪهڙي شيءِ لڪل آهي، هن ڪيترن ئي ماڻهن سان ان معاملي تي بحث مباحثو ڪيو پر ڪنهن بہ نتيجي ڪان سواءِ، نيٺ آخر هن هڪ مزدور جي اتفاقي گفتي مان اهو اشارو جهٽي ورتو تہ اصل مصيبت هئي پندا واري مزدورن ۾ ان ڳالهہ مٿان پائي ويندڙ ناراضگي تہ فئڪٽريءَ جي آفيس عملي مٿان وقت تي اچڻ جي پابندي نہ هئي ۽ ان ڪانسواءِ هنن کي ٻيون بہ رعايتون حاصل ٿيل هيون. ان ڪان پوءِ آفيسر عملي ۽ پنداوار مزدورن سان جتي بہ ممڪن هو، مساوي سلوڪ اختيار ڪيو ويو ۽ پوءِ تعلقات هر پاسي نيڪ ٿيڻ لڳا.

جيڪو مسئلن جو هڪ انتشار لڳو ٿي، حقيقت ۾ رڳو هڪ مسئلو هو. مڪ مسئلي کي وڃائي ويهڻ جو ان ڪان، اچا وڏيڪ سادو مثال ڪنهن بہ گاڏيءَ واري جي تجربي ۾ آسانيءَ سان اچي سگهي ٿو، جنهن وٽ چئن سالن کان وڏيڪ عرصي تائين ڪا ڪار موجود هجي. سمجهو ڪٿي تہ ڪار ۾ خرابين جو هڪ پريشان ڪندڙ سلسلو پندا ٿي پئي ٿو جيئن چالو ٿيڻ ۾ خرابي، ڏڪ هڻڻ، حد کان وڏيڪ گرم ٿي وڃڻ، خطري جون گهنٽيون وڄائڻ ٺڪاءُ جا آواز ڪيڻ، بجلي ختم ٿيڻ. هي سڀ نقص واري واري سان مناسب علاج ذريعي نيڪ ڪيا ويندا آهن. پکي جي نئين پٽي سان، نئين بيٽري سان، پاڻي جي نئين پمپ سان، گرميءَ تي ضابطي رکڻ جي نئين اوزار سان، پاڻيءَ جي ٽئينڪي کي صاف ڪرڻ سان، يا مٽائڻ سان. پرڪار پوءِ بہ صحيح نہ هلندي آهي. آخر نيٺ مستري مٿئين سلنڊر گئسڪيٽ ۾ هڪ ننڍڙو سوراخ پڪڙي وٺندو آهي، انکي صحيح ڪرڻ سان سمورا مسئلا صاف ٿي ويندا آهن. طب جي دنيا(Medicine) اهڙن مثالن سان پري پئي آهي. مريض ۾ مرض جون ڪئين علامتون ظاهر ٿينديون آهن ۽ انهن جو علاج ڪيو ويندو آهي پر مريض پوءِ بہ ناچاڪ رهندو آهي، نيٺ پوءِ آخر ۾ هڪ الرجي يارطوبتي ڪمزوري دريافت ڪئي ويندي آهي، جنهن جو علاج ڪرڻ سان

سموريون علامتون دور ٿي وينديون آهن. تنهنڪري اسانجو پهريون ڪم انهن مک مسئلن (Key Issues) کي ڳولي لهڻ آهي، جن ذريعي اسان ڪيترن ئي مسئلن کي هڪدم صاف ڪري سگهون ٿا ۽ هڪ بيمار دنيا جي صحت ۽ توانائي بحال ڪري سگهون ٿا. هي هڪ اهم قدم آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي مسئلن ڏانهن هاڻوڪو انداز انهن کي ذرا ذرا ڪري منهن ڏيڻ ۾ آهي.

دنيا ۾ هتي يا هتي هڪ يا ٻئي مسئلي مٿان وڏيون وڏيون ڪانفرنسون ڪوٺايون وڃن ٿيون. بحث مباحثن ۾ ڏينهن گذري وڃن ٿا ۽ پوء شرڪت ڪندڙ پنهنجي پنهنجي گهر پيڙا ٿين ٿا، ٿورڙي يا ڪنهن به شيء حاصل ڪرڻ کان سواء ۽ هر ڪو هڪ وڏيڪ ناڪاميء کان دل برداشته ٿي وڃي ٿو.

دنيا جي هاڻوڪي بحران ۾ بنيادي مسئلا ڪهڙا آهن؟ اچو ته اسان هڪ مختصر ايجنڊا سان شروعات ڪريون، جنهن کي هن دنيا جي آئيندي بابت سڏايل ڪانفرنس اڳيان پيش ڪري سگهجي ٿو، جيڪڏهن ڪڏهن ڪا اهڙي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي.ايجنڊا ڪجهه هن طرح جي هوندي:

ايجنڊا

1. دنيا ۾ هٿيارن کي روڪڻ ۽ گهٽائڻ.
2. دنيا مان غربت جو خاتمو ڪرڻ.
3. هڪ اهڙو اقتصادي نظام نافذ ڪرڻ جيڪو جديد دنيا لاء موزون هجي.
4. عالمي افراط زر جو علاج ڪرڻ.
5. سياري ڌرتيء ۾ ان جي فطري وسيلن جو تحفظ.
6. آلودگيء تي ضابطو آڻڻ.
7. رڻ پٽ ۾ ڪاڇي ويل خشڪ علائقن کي پنهنجو ڪرڻ.
8. غذا ۽ ٻين وسيلن جي مساوي ورهاست کي يقيني بنائڻ.
9. سڄي دنيا ۾ صاف پاڻيء جي فراهمي.
10. بنيادي انساني حق ۽ آزاديون برقرار رکڻ.
11. تعليم جو معيار وڌائڻ.
12. هر ماڻهوء لاء سٺو گهر فراهم ڪرڻ.
13. طبي سهولت جو معيار وڌائڻ.
14. ٻارن ۽ پوڙهن جي سار سنڀال يقيني بنائڻ.

15. وڏن شهرن جي مسئلن کي سلجهائڻ.
16. نسل پرستيءَ جو خاتمو ڪرڻ.
17. عورتن جو مرتبو وڌائڻ.
18. توانائي جي وري استعمال تي سگهندڙ وسيلن کي وڌائڻ ويجهائڻ.
19. بيروزگاريءَ کي منهن ڏيڻ.
20. صنعت ۾ ڪم ڪندڙن وچ ۾ تعلقات بهتر بنائڻ.
21. جرمءِ ڏوهه تي ضابطو آڻڻ.
22. دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ.
23. نجي زندگيءَ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اپاءُ وٺڻ.
24. عالمي جاڳرتا کي وڌائڻ ويجهائڻ.
(هي نقطا ترجيح مطابق لکيل نہ آهن)

فوري ڪمن جي فهرست اجا وڌائي سگهجي پئي. هڪ سماجي ماهر اهڙن ۵۴ نقطن تي پهتو پر مٿين ننڍڙي فهرست مثال ڏيڻ جي مقصد لاءِ ڪافي آهي. پر هيءَ ايجنڊا جيئن اها موجود آهي، منهن ڏيڻ کان تمام گهٽي آهي. ان ڪري اسانکي مرڪزي مسئلن کي ڳولڻ جي ضرورت آهي، جن جي چوڌاري ٻيا مسئلا ٻينا آهن.

ا

هڪ مسئلا

تہ پوءِ اهي ڪهڙا اهم شعبا آهن جن مٿان عالمي مسئلن جي پندار کي هڪ حل تي سگهندڙ حد ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪم ڪرڻو آهي، تہ جيئن ترقي ممڪن ٿي سگهي؟ انساني ترقيءَ لاءِ عالمي ايجنڊا تي مڪ نقطا ڪهڙا هجڻ گهرجن؟ مختلف ماڻهو بي شڪ مختلف مختصر فهرستون پيش ڪندا.

بهرحال ڇهہ مرڪزي طور تي اهم مسئلا موجود آهن، جيڪي توجهہ لاءِ واضح نموني پڪاري رهيا آهن، اهي اسانجي مونجهاري کي هڪ وڌيڪ هم آهنگ ۽ تخليقي انساني معاشري سان بدلائيندي گهڻن ني نتيجن جو يقين ڏين ٿا. هاڻي اسانکي انتهائي اهم تبديليءَ لاءِ ضروري انهن ڇهن شعبن جو جائزو وٺڻ گهرجي.

(1) تعاون کي ڦهلائڻ

گذريل ٻہ سؤ سالن کان وٺي مقابلي کي انساني ترقيءَ جي عظيم محرڪ قوت طور وڏي پيماني تي اشتهاربو پيئي ويو آهي. اسان هاڻي ڏسون ٿا تہ مقابلي ۾ هي عقيدو غلط هو ۽ آهي. اهو مقابلو نہ آهي پر تعاون آهي جيڪو نتيجا حاصل ڪري ٿو. هيءَ ڳالهہ نام نهاد چٽا پيٽيءَ واريون رانديون لاءِ بہ سچي آهي. فٽبال جي ڪابہ ٽيم، ڪاميابيءَ لاءِ ٽيم ورڪ تي دارومدار رکندي آهي. ڊڪ ڊوڙ واريون رانديون (Athletics) ۾ پڻ وڏي ڪاميابي اڪثر ڪري سهڪار جو ئي نتيجو هوندي آهي، جيئن مثلاً هڪ پنس سيٽر جي تعاون سان هڪ رڪارڊ قائم ڪيو ويندو آهي، جنهن کان هو خود انڪار ڪندو آهي.

جديد صنعت، سهڪار جو قدر و قيمت هاڻي سمجهڻ شروع ڪيو آهي. اڳي هر اداري پنهنجي الڳ تحقيق ۽ ترقي ڪئي ٿي ۽ پوءِ جيڪا بہ ڪارائتي ڄاڻ حاصل ٿئي پئي، ان کي لڪائي رکيو وڃي پيو. هيءَ ڪرت نقصانده هئي، ان صنعتي جاسوسيءَ ۽ ٻين ناپسنديده چالن کي پڻ جنم ڏنو. ان جو متبادل طريقو آهي تحقيق جي نتيجن کي ورهائڻ ۽ پوءِ صنعتي شين جي پيداوار کي انفرادي بنائڻ، جيڪي ان تحقيق جي دريافت کي ڪتب آڻينديون آهن. مثال طور مائڪرو ٽيڪنالاجي جي مٿاهين سطحن تي، ٻارهن آمريڪي ادارن گڏجي هڪ مشترڪ غير نفعي واري تحقيقي تنظيم جوڙي آهي، جنهن جا نتيجا عام و خاص لاءِ پڌرا ڪيا ويندا آهن. اسان اها ڳالهہ نوٽ ڪري سگهون ٿا تہ ان منصوبي کي هلائيندڙ تحقيقي ماهر دوستاڻي باهمي ذاتي رقابت جي ٿوري گهڻي موجودگيءَ جي باوجود بہ سائنسي دلچسپيءَ کان متاثر ٿيا آهن، ڪنهن بہ مقابلي کان نہ. موٽرن جي صنعت ۾ پڻ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪندڙ ادارن هاڻي هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ڪجهہ وقت کان دنيا تعاون جي انتهائي اهم ڪردار کي يقيني بڻائي رهي آهي. ريڊيو ۽ ٻيا مواصلاتي رابطا هڪ دنيائي سهڪاري چار تي دارومدار رکن ٿا. دنيا جون هوائي ڪمپنيون هڪ پروسي جوڳي سهڪاري نظام ذريعي پنهنجون پروازون هلائن ٿيون، جهازن جو ٻارڻ ۽ تيل هڪ معيار جا بڻايا ويا آهن.

سامونڊي سفر بحران جي وقت ۾ مدد جي بين الاقواميت تي ٻاڙيندو آهي. سائنسي برادري هڪ جماعت آهي جيڪا جيڪڏهن سرڪاري مداخلت ذريعي روڪي نہ وبندي آهي تہ پنهنجون ڪوجنائون آزاديءَ سان پاڻ ۾ ورهائيندي آهي.

عالمي صحت تنظيم (WHO) ڪيترائي سال اڳ دوائن جي معيار جي يڪسانيت حاصل ڪئي آهي، ته جيئن دنيا ۾ ڪٿي به لکيو ويندڙ هڪ نسخو، دنيا ۾ ٻئي ڪهڙي به هنڌ جتي هڪ منظور ٿيل فارميسي موجود هجي، بلڪل صحيح نموني ناهيو وڃي. هي رڳو ٿورڙا مثال آهن، تعاون جي ان قسم جا جيڪو اڳوات ئي موجود آهي، جنهن کي ٻين ميدانن ۾ ڦهلائڻ جي، مستقبل جي دنيا کي ضرورت پوندي، جيئن خلائي تحقيق ۽ طلب جي خاتمي ۾. تعاون نه رڳو ڪارائتو ۽ پنداواري آهي، پر اهو ڇڪتاڻ کي به ختم ڪري ٿو. شايد مشرق مغرب وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ کي حل ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو نه آهي ته اسلحو ختم ڪرڻ جي ڪانفرنس ۾ هوشيار عملو موڪلجي جيڪو بحث ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، پر اهي رستا ڳولڻ ۾ آهي، جن ۾ عالمي قوتون هڪ ٻئي سان تعاون ڪري سگهن. هن رخ ۾ ڪابه ترقي تعلقات کي عمومي طور تي کير کنڊ بڻائڻ ۾ مدد ڪندي . تعاون جي هجڻ سان ماڻهن جي دل هميشه وڏي ٿيندي آهي، جڏهن ته شديد ڇتاپيتي ماڻهن کي مايوس ڪندي آهي.

سهڪاري عالمي منصوبا، جيڪي پنهنجي اندر فائدي وارا ٿين ٿا، انهن ماڻهن کي متبادل روزگار پڻ فراهم ڪندا، جيڪي هاڻي اسلحه سازيءَ جي صنعت سان لاڳاپيل آهن. اهڙو سهڪار انساني هوش مندي آهي، جڏهن ته هٿيارن جي ڇتاپيتيءَ واري ڊوڙ انساني چريائپ آهي. اسان چريائپ کان هوش منديءَ ڏانهن اچي سگهون ٿا، جيئن ئي ڪا اڳواڻ قوم، هن رخ ۾ هڪ مثبت منصوبو ۽ هڪ مثبت قدم کڻندي.

سهڪار کان انڪار ڪرڻ ۾ ڪو به تڪ نه آهي. غريب علائقن ۾ زندگيءَ جو معيار وڌائڻ سان، شاهوڪار قومون پنهنجين شين لاءِ نوان مارڪيٽ قائم ڪنديون. هيءَ ڳالهه صنعت کي بحيثيت مجموعي هڪ اتساهه ڏيندي. بهتر نموني تشڪيل ڪيل سهڪار هميشه فائدو ڦهلائيندو آهي. اهو مستقبل لاءِ هڪ منطقي انداز آهي. ڇتاپيتي جڏهن اها حد کان وڌيڪ نه هجي، هڪ اتساهه ٿي سگهي ٿي پر اهو سهڪار ئي آهي جيڪو ڪمن کي هلائي ٿو.

(2) اڪثريت جي اقتصاديات

مثبت تبديليءَ کي هٿي ڏيڻ جو مکيه عنصر، هڪ نئين اقتصادي نظام جي تخليق آهي. بلڪل ويجهڙائيءَ تائين دنيا ۾ کاڌي، ڪپڙن، گهرن ۽ ضرورت جي ٻين شين جو مقدار ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن لاءِ حقيقت ۾ يا امڪاني طور ايترو ڪافي ناهي، جو ان مان گذارو ٿي سگهي. گذريل صديءَ ۾ مالٿس جهڙن مايوس

ڪندڙ پيش گوئيون تہ دنيا جي وڌندڙ آدمشماري، ڌرتيءَ تي موجود وسيلن کان هميشہ اڳتي نڪري ويندي، ڪنهن بہ شڪ کان متاهين لڳي ٿي. جڏهن ڪن حالتن ۾ ڪي ماڻهو سگهيا ٿي چڪا هوندا آهن، تہ پوءِ اهو ڏسڻ اٿئہ بلڪہ دڪدائڪ هوندو آهي، تہ طاقتور قومون اها پڪ ڪنديون وتنديون آهن تہ اهي سندن شهري تہ نہ آهن. هن ساڳئي ئي زماني ۾ انساندات ڪوٽ جي اقتصاديات پيدا ڪئي آهي. ان نظام تحت مارڪيٽ ۾ ضرورت کان وڌيڪ مال پيري ڇڏڻ جو خوف رهي ٿو، چاڪاڻ تہ قيمتن ۾ زوريءَ لاٿ ڪرائي سگهجي ٿي. جڏهن افراط مال ٿئي ٿو، ڪاڏي جي لازمي طور ذخيره اندوزي شروع ٿي وڃي ٿي، اڪثر وڏي قيمت تي بجاءِ ان ڪي سستي اگهہ تي وڪڻڻ يا انهن ماڻهن کي ڏئي ڇڏڻ جي، جن جي ان کي ضرورت هوندي آهي. اقليت جي اقتصاديات جي جاءِ تي اسانکي هاڻي اڪثريت جي اقتصاديات جي ضرورت آهي. بڪمنسٽرفلر، ڪتاب "يٽو پيا آر آبليوين" ۾ ۽ پٺي هنڌ بہ اهو ڏيکاري چڪو آهي تہ ڦلتون غير ضروري آهن. هو چوي ٿو دولت، هاڻي عملي حدن کان سواءِ آهي.

هاڻوڪو اقتصادي نظام هن جهجهانپ جي جوانيءَ کي روڪي رهيو آهي. سالن کان وٺي هاڻي اقوام متحده جي ڪائونسلن مان هڪ نئين اقتصادي نظام لاءِ آواز اٿندا پئي رهيا آهن، جيڪو تمام غريب قومن لاءِ انصاف وارو هجي ۽ ساڳئي وقت اهو موجود جهجهانپ کي روڪي رکڻ بدران ان کي آزاد ڪري ڇڏي. اها اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن نہ آهي تہ اهو نئون اقتصادي نظام تفصيل ۾ ڪيئن هوندو پر ان جاڪي پهلو، موجوده بد بدنظميءَ مان اڳ ئي ڦٽي ٻاهر نڪري رهيا آهن.

هڪ شيءِ جنهن کي ختم ٿيڻو ئي آهي، اها آهي پئسي جي حاڪميت. جيئن جان گلبريٿ (1977) ۾ سان گڏ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي پئسي کان هپناٽائيز ٿي وڃڻ جي چوٽ ڏئي ڇڏي آهي، جڻ تہ اها ڪا هڪ قطعي شيءِ هجي، بجاءِ ان پئسي کي سندس مختلف روپن ۾، شين ۽ ڪمن ڪارين جي ورهاست جي اجازت ڏيڻ جي هڪ ٽڪيٽ طور ليکڻ جي. پئسي جو جادو بطور هڪ قطعي شيءِ جي پئسي کي خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ جي بيهودگيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جڻ پئسو ماني يا موٽر ڪار جيان ڪا وڪائو شيءِ هجي. ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ پئسي جا مارڪيٽ، قومي معيشتن سان حشر نشر ڪري سگهن ٿا. اهي ماڻهو جيڪي پئسا خريد ڪندا آهن ۽ وڪرو ڪندا آهن، گهبرائجي ويندا آهن، جڏهن اهي نوٽ جيڪي وٽن هوندا آهن، پنهنجي قيمت وڃائي ويهندا آهن. بهر حال سچو پئسو، چند ڏينهن ۾ هڪ ڏک سان وڃي پٽ تي ڪري سگهي ٿو. پوءِ اهو ساڳيو پئسو وڪڻڻ لاءِ رش لڳي ويندي آهي ۽ ڪرنسي جو ملهہ تيزيءَ سان ڪري پوندو آهي، ان کان قطع نظر تہ ملڪ جي زمين، ڪارخانن، سامان ۽ ماڻهن وٽ ڪيتري دولت آهي. هي تہ ڇڙو هڪ مثال آهي، ان معاشي پاڳل خاني

جي قسم جو، جنهن ۾ اڄ اسان رهي رهيا آهيون. جيئن بکمنسٽر فُلر ان کي هنن لفظن ۾ سهيڙيو آهي، "اسان ڀرپور مقدار جي اقتصادي ڳٽپ جي ورجاءُ واري دنيا ۾ رهون ٿا." موجوده اقتصادي نظام جو هڪ ٻيو تباهه ڪن نتيجو، سڄي دنيا کي قرض جي هڪ گهٽيندڙ چار ۾ ڦاساڻي ڇڏڻ آهي؛ اتر جون شاهوڪار قومون جيڪي خود تمام وڏن اقتصادي خسارن ۾ مبتلا آهن، ڏکڻ جي غريب قومن کي پئسا اڌارا ڏيندي ٿيون، جن کي اهي موٽائڻ جي بلڪل به قابل نه هونديون آهن؛ پوءِ ان قرض کي نئين سر شيڊول ڪرڻو پوندو آهي، جنهن جي معنيٰ اها هوندي آهي، ته ان ملڪ کي قرض مٿان چڙهندڙ وياج ڀرڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ وڌيڪ پئسا اڌارا ڏنا ويندا آهن. ۽ اهڙي طرح ان کي اڳي کان اڃا وڌيڪ خراب حالت ڏانهن ڌڪيو ويندو آهي. هارين کي، جن کي هوندي مقامي آباديءَ لاءِ خوراڪ اپائڻ گهرجي آهي، ان جي بدران ڪين ٻاهرين ملڪن ۾ وڪڻڻ لاءِ "قيمتي فصل" (cash crop) اپائڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي، ته جيئن سندن ملڪ اهو وياج ڀري سگهن، جيڪو بئنڪن جو مٿن چڙهيل هوندو آهي. سو شاهوڪار قومون، غريب قومن جي مدد نه ڪري رهيون آهن پر حقيقت ۾ اهي انهن کي ڏيڻ جي ڀيٽ ۾ انهن کان وڌيڪ وٺي رهيون آهن. نتيجي ۾ عالمي معيشيت هڪ تباهيءَ جي رستي تي گامزن آهي، جيڪو لازمي طور نيٺ آخرڪار جيڪڏهن ان جي رخ ۾ تبديلي نه ڪئي وئي، مغرب جي سموري بئنڪاري نظام جي خاتمي ڏانهن وٺي ويندو. وليم ڪلارڪ، جيڪو ٻارهن سالن تائين ورلڊ بئنڪ جو وائيس پريزيڊنٽ رهيو هو، پنهنجي هڪ تازي ناول "ڪنتا ڪلزم" ۾ پنهنجي هڪ ڪردار واتان هي لفظ چورائي ٿو:" اڄ اها ڳهڙي نه بيهودگي آهي جو اتر ۾ سڪٿا پئدا واري وسيلا هجن، ڏکڻ ۾ نه ڊاپجندڙ گهرج هجي ۽ هڪ اهڙو معاشي نظام هجي، جيڪو مٿاسٿا جي ڇڪيءَ کي هڪ هنڌ رکجي بيهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ نهيل هجي، ڇاڪاڻ ته ان جا ڦيٿا قرض ۾ ڦاٿل آهن."

هڪ اهڙي نظام تحت ترقي پذير ملڪن جي مدد ٿيندي جيڪو پئداوار ۽ کپت کي هٿي ڏيڻ لاءِ وقف ٿيل هجي، نه ڪ اها رکبي، جيئن اها هاڻي آهي، جيستائين انهن جي معاشي صحتيابي انهن کي قومن جي برادريءَ ۾ ڪنهن به سهاري کان سواءِ شريڪ ٿيڻ جي قابل بڻائي. موجوده اقتصادي نظام جو مغرب ۾ اڃا وڌيڪ نقصان آهي وڌندڙ وڏي پئماني واري بي روزگاري. ان ڳالهه جو ڪو به حقيقي امڪان موجود ڪونهي ته نيون صنعتون، خود ڪاريءَ ڪري تڙيل ڪاريگرن کي پاڻ ۾ جذب ڪنديون، ڪجهه آبادين کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ته پري رهي، جبري بيروزگاري، معاشي تنگائي ۽ عزت نفس جي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿي؛ اها معاشري کي بگاڙي ٿي. اها سماجي ڀلائيءَ جي فائدن جي هڏ نه سمجهه ۾ ايندڙ جهڳٽي ڏانهن ۽ رياست ٽئڪسن جي مد ۾ ڇا وٺي ٿي ۽ بدلي ۾ فائدي جي

صورت ۾ چا پيش ڪري ٿي، جي وچ ۾ هڪ اڻ ڪٿ گڙ ٻڙ ڏانهن پڻ وٺي وڃي ٿي. هر ميان پارڪر پنهنجي تحقيقي رپورٽ، "ائڪشن آن ويلفيئر" (1984) ۾ برطانيه جي حالت جو هيئن تت ڪڍي ٿو." برطانوي ٽئڪس ڏيندڙ، 70 هزار سول سرونٽس کي انڪم ٽئڪس ۽ قومي انشورنس جو حصو اڳاڙڻ لاءِ پگهار ڏني رهيو آهي، ۽ وڌيڪ 90 هزار سول سرونٽس کي ان رقم جو 70 سيڪڙو فائدن جي صورت ۾ واپس ڪرڻ لاءِ پگهار ڏني رهيو آهي. "هن صورتحال جو حل هڪ اهڙي اسڪيم جي ڳولا آهي جيڪا تنگائي خلاف تحفظ مهيا ڪري، هر ماڻهوءَ کي هڪ ننڍي آمدني، بطور هڪ حق جي، مهيا ڪري ۽ ٽئڪس اڳاڙي ۽ فائدن جي رقمن کي هڪ واحد هم آهنگ سرشتي ۾ ڪٺو ڪري. اهڙو هڪ نظام ٻين ڳالهين سان گڏ، بيروزگاريءَ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪم جي ورهاست کي هڪ وڌيڪ قابل عمل منصوبو بڻائي ڇڏيندو. ڪيترائي تحقيقي گروپ سماجي تحفظ لاءِ هڪ بنيادي آمدنيءَ جي طريقي جي تفصيلن مٿان ڪم ڪري رهيا آهن. جهڙوڪ بنيادي آمدني تحقيقاتي گروپ جنهن جي ڪم جو تفصيل پيٽر ايشبي طرفان "سوشل سيڪيورٽي آفتر بيورج — واٽ نيڪسٽ ؟" (1984) ۾ ڏنو ويو آهي.

هر مرد، عورت ۽ ٻار لاءِ هڪ عالمگير بنيادي آمدني مهيا ڪري ڏيڻ جي قيمت ان کان ڪافي گهٽ آهي، جيتري هونئن فرض ڪري سگهجي ٿي. هرميان پارڪر اهو حساب ڪتاب لڳايو آهي ته بنيادي آمدني گارنٽي اسڪيم (بي آءِ جي) هيٺين ڇيڙي مٿان 40 سيڪڙو (سراسري ڪمائيءَ جو 45 سيڪڙو) سڌي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ سان ۽ مٿئين ڇيڙي مٿان 60 سيڪڙو (سراسري ڪمائيءَ جي چوڻ) سڌي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ سان هلائي سگهجي ٿي. سموري آباديءَ ۾ آمدني ڦهلائي ڇڏڻ سان ڪيٽ جي طلب جي هڪ اوچي سطح حاصل ڪرڻ يقيني ٿي ويندي ۽ اها وري، معيشيت کي اُتسا هيندي، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر به. جيئن اڳ به اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي ته ڪاڌي يا شين جي کوٽ هاڻي وڌيڪ اسانجي مقدر ۾ لکيل نه آهي، اهي لڳ ڀڳ بي حد انداز ۾ پيدا ڪري سگهجن ٿيون، موجوده قلتون ورهاست ۽ ڪيٽ ۾ آهن. مغرب ۾ نوجوان ماڻهن اڳ ئي اهو سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ته زندگي ذاتي حاصلات جو موقعو آهي، نه ڪ وڌ ۾ وڌ دولت ۽ رتبو حاصل ڪرڻ جو هڪ موقعو آهي.رٿيل بنيادي آمدني اسڪيم تحت هڪ ماڻهوءَ وٽ اهي انتخاب موجود هوندا ته بنيادي آمدنيءَ تي گذاري خاطر ٿورڙي وقت لاءِ نوڪري ڪجي ۽ بيو وقت ذاتي يا اجتماعي ڏنڌي کي فروغ ڏيڻ ۾ استعمال ڪجي يا ڪل وقت نوڪري ڪجي. اهڙا امڪاني اختيار هجڻ معنيٰ ذاتي نشو ونما لاءِ هڪ قسم جي آزادي مهيا ڪرڻ آهي، جنهن جو جديد نوجوان ماڻهو آڌرياءُ ڪندا. ڪي ماڻهو ته اڳي ئي موجوده صورت حال کي زندگي گهارڻ جي هن انداز جهڙو ڪرڻ جو رستو اختيار ڪري رهيا آهن. اهي زندگيءَ جي اعليٰ مادي

معيار جي فائدن کي، هو پنهنجين زندگين سان حقيقت ۾ چا ڪرڻ چاهين ٿا، سان متوازن ڪن ٿا. پوءِ انهن لڳي ٿو چڻ بنيادي آمدني وارو تصور ترقي يافته قومن ۾ ۽ آخرڪار سڄي دنيا ۾ نئين اقتصادي نظام جو هڪ حصو بڻجي ويندو. هڪ دفعو وري اسان موزون حلن جو گهڻ طرفو نتيجو ڏسون ٿا. اڪثريت جي هڪ امڪاني دنيا لاءِ موزون هڪ اقتصادي نظام، اڪثريت کي آزاد ڪندو. ڪپائينڊڙ ماڻهوءَ جي طاقت کي، استعمال لاءِ آزاد ڪندو، بيروزگاريءَ جي سور ۽ داغن کي ختم ڪندو، قومن جي وچ ۾ موجود خوف ۽ حسد کي گهٽائيندو ۽ هر ماڻهوءَ کي هڪ باعزت اقتصادي تحفظ فراهم ڪندي، فردن جي آزاديءَ کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندو ته جيئن اهي پنهنجيون زندگيون پنهنجي انداز ۾ جي سگهن.

(3) ڌرتيءَ جو خيال ڪرڻ

اسان کي وراثت ۾ هڪ خوبصورت دنيا ملي آهي، ان اسانکي بطور هڪ حيواني جنس (Species) جي وجود ۾ آندو آهي ۽ هنن سمورن سالن دوران اسانکي ٿاڻيو آهي. ۾ هاڻي اسان ان جي وسيلن جو استحصال ڪري رهيا آهيون ۽ ان جي خوبصورتيءَ کي تباهه ڪري رهيا آهيون. ان جي زمين قيمتي آهي، اسان ان کي آلودگين سان قتل ڪري رهيا آهيون. ان جي هوا قيمتي آهي، اسان ان کي زهريلو بڻائي رهيا آهيون، ان کي مختلف صنعتي خارجي موادن سان ڌنڌلو ڪري رهيا آهيون؛ ان جي زندگي قيمتي آهي، اسان ان جي جانورن، ٻوٽن ۽ انهن جي رهائشن کي صفحه هستيءَ تان مٽائي رهيا آهيون. آدمشماريءَ جي ڦهلاءَ ۽ شهر پسندي، فصل پوکڻ جي مطالبن ۽ نفعي لاءِ حد کان وڌيڪ فڪر، انهن سڀني گڏجي، اسان ۽ فطري نظام وچ ۾ جُڳن کان موجود اهم بقاءُ باهمي کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. ڌرتيءَ لاءِ حقيقي عزت، ڌرتيءَ جي سڀ کان وڌيڪ دٻاءُ وجهندڙ مسئلن مان ڪيترن جا حل فراهم ڪري ڏيندي.

(4) سخت مرداڻن قدرن کي ختم ڪرڻ

جارح، پنهنجي مرضي مڃائڻ واري غالب پوندڙ مرد، مقابلي بازي، فتح، رتبي ۽ خود نمائيءَ لاءِ پنهنجي ضرورت کان تمام گهڻي سرسبي ۽ توانائي فراهم ڪئي آهي، جنهن دنيا کي انهي آٿي بيهاريو آهي جتي اها اڄ آهي.هاڻي بهر حال

هي خاصيتون مدي خارج ۽ خطرناڪ آهن. ان وقت جڏهن آمريڪي شهري پنهنجن پٽن ۽ مڙسن کي ويتنام مان واپس گهرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. تڏهن گهڻ نعرن مان هڪ نعرو هي هو: "زندگيون بچايو نه ڪ چهرا " اهو متين ڳالهه کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو . بي لغام مرداڻو غلبو ڪنٿ لاءِ ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو. اهو رتبي ۽ اقتدار کي پوڄيندو آهي ۽ اهي عزت ڏيڻ لائق شيون نه آهن.

بهرحال ڪجهه نوجوانن اندر، پنهنجي مرضي مڃائڻ واري نر، پنهنجو سحر وڃائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو معاشرو جيڪو اجا تائين مردن جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي، اڳواڻيءَ جي حيثيتن تائين اهڙن فردن کي اڳتي ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪي خاص طور تي غالب پوڻ جي خاصيت سان وڏ ۾ وڏ نوازيل ٿين ٿا. اهڙا ماڻهو فوج ۾ به اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهن ٿا. خوشقسمتيءَ سان، ان ۾ ڪي مستثنائون آهن پر ان جو رجحان ۽ خطرو موجود آهي. وڏي پشماني تي عزت بچائڻ. جديد دنيا ۾ تباهيءَ جو هڪ نسخو آهي.

جيڪڏهن اسان، فضول قبضه گير فوجي ليڊرن جي اقتدار تائين متي پهچي وڃڻ جي خطري ۾ هڪ وڌيڪ بيو خطرو شامل ڪريون يعني اهو ته ائٽمي هٿيار آهستي آهستي سڄي دنيا ۾ ڦهلجي رهيا آهن. ان صورتحال ۾ اسان اهو ڏسي سگهون ٿا ته سخت مرداڻي لڙائي پٽي کي اقتدار جي ايوانن ۾ چڙهڻ ڪيترو نه خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان جو مطلب البت هي ناهي ته مردن کي بحيثيت مجموعي انساني بقا جي هڪ شرط طور اقتدار تان هيٺ لهڻو پوندو. خوشقسمتيءَ سان هر فرد مرداڻي ۽ عورتاڻي خاصيتن جو هڪ مرڪب ٿئي ٿو. اسان کي مستقبل لاءِ اهو ڪرڻ گهربو آهي ته ٻنهي جنسن جي انهن ماڻهن کي اڳيان آڻيون، جيڪي روايتي طورعورتن ڏانهن منسوب ڪيل تعميري لياقتن سان سٺي نموني نوازيل هجن ـــ احساس، شائستگي، سار سنڀال، بچائي رکڻ، انساني سمجهه جي ڦڙتي، ذاتي تعلقات ۾ هوشياري، زندگيءَ جو اقرار. دنيا کي خاص طور تي جيڪا عورت گهرجي سا اها اقتدار جي ڪرسيءَ تي اڪيلي ويٺل اقتدار جو ڪردار مرداڻي انداز ۾ ڪيڏندڙ مرداڻي سان گڏ اتفاقي عورت نه آهي، پر معاشري جي فيصلا ڪن جوڙجڪن ۾ هر هنڌ موجود اهي ڪثير عورتون آهن، جيڪي معاملن کي هڪ نئين انداز ۾ هلائينديون. هيءَ تبديلي ڳنڍيل آهي وڌيڪ سهڪار ڏانهن، هڪ انساني اقتصادي نظام ڏانهن ۽ زندگيءَ ۽ سياري ڌرتيءَ جي عزت ڪرڻ ڏانهن ضروري چرپر سان.

(5) قيادت جا انداز

گذريل حصو معاشري ۾ قيادت جي سڄي سوال کي ڪڙو ڪري ٿو. قائد ڪير آهن؟

اهي ڪٿان اچن ٿا؟ انهن مان ڪهڙا خطرناڪ ۽ تباهه ڪن ٿين ٿا ۽ ڪهڙا بيضرر ۽ تخليقي؟ شروع ڪرڻ لاءِ اسان کي اها ڳالهه ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سموريون سماجي حيواني جنسون، ليڊر پيدا ڪنديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو اهو تصور جنهن کي ڪڏهن اڳيان رکيو ويندو آهي، تہ اسان جي جنس، ليڊرن کانسواءِ هلي سگهي ٿي، محض هڪ فريب آهي. جيڪڏهن ڪي بہ سرڪاري طور مچيل ليڊر موجود نہ هوندا آهن تہ ماڻهو خود پنهنجا ليڊر پاڻ چونڊيندا آهن. جيڪڏهن ليڊرن کي ڇاڻي واڻي هٽايو ويندو آهي، جيئن جڏهن سياسي جهيڙن ۾ ليڊر غائب ڪيا ويندا آهن يا جڏهن ليڊرن کي جنگي قيدين جي ڪئمپن ۾ قيد تنهائي ۾ رکي الڳ ڪيو ويندو آهي، تڏهن نوان ليڊر نمودار ٿيندا آهن.

اهڙي طرح ليڊرن جي ضرورت اٽل آهي پر ليڊرن جو معيار ڪهڙو هجي؟ رڳو ويجهڙائيءَ ۾ ئي اهو ڇٽي نموني سمجهيو ويو آهي تہ جتي سمورا ليڊر ساڳيون لياقتون رکندا آهن، اتي اهي متحرڪ ٿيڻ جي رجحانن ۽ انداز ۾ هڪ ٻئي کان بنيادي طور مختلف هوندا آهن. هڪ انتها قسم جو ليڊر نفسياتي مريض هوندو آهي، جنهن ۾ چريائپ جون واضع نشانيون موجود هونديون آهن. ٻيئن مثان غالب پوڻ ۾ زبردست احساس ڪمتريءَ جو ازالو ڪرڻ جي هڪ نہ ڍاپجندڙ گهرج ذريعي ڦوند ۾ پرجي وڃڻ لاءِ هو نفسياتي طور مجبور هوندا آهن. اهو چوڻ حد کان وڌيڪ ساده پڻو آهي تہ لکين ماڻهن کي مرڻو هو ڇاڪاڻ تہ هٽلر کي هڪ آرٽ ڪاليج ۾ داخلا ڪان جواب ڏنو ويو هو، جڏهن هو 17 سالن جو هو، پر پوءِ بہ بهرحال ان ڳالهہ ۾ سچ جو هڪ ڪڻو ضرور موجود آهي.

چريـن ۽ نفسياتي مريض ليڊرن کي هڪ پاسي تي رکندي، پوءِ بہ اسان وٽ قيادت جا بہ نمايان انداز بچن ٿا . هڪ آپيشاهاڻو ۽ ٻيو. جمهوري؛ پهرئين قسم جو ليڊر پنهنجن زبردستن مٿان پنهنجي مرضي مڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ٻئي قسم جو ليڊر، انهن ماڻهن جي تخليقي توانائين کي متحرڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جن جي هو نمائندگي ڪندو آهي. هو هڪ سهولت پيدا ڪندڙ، ڪنهن کي قابل بڻائيندڙ شخص هوندو آهي.

آپيشاهاڻو ليڊر غير مشذلذل اطاعت کي تمام گهڻو ماڻ ڏيندو آهي،

جهموري ليڊر بحث مباحثي جي آجيان ڪندو آهي ۽ متفقہ راءِ ۽ گڏيل مقصد حاصل ڪرڻ ذريعي پنهنجي طاقت ماڻيندو آهي. قيادت جي انهن ٻنهي قسمن جو هيٺين ريت اختصار پيش ڪري سگهجي ٿو.

آپيشاهاڻي انداز جا تصور

ٻاليٰ عملدارن جي اڻ سواليہ اطاعت کي فرض سمجهيو ويندو آهي.
ڏڙي سان سهمت رهبو آهي.
رياست جون ضرورتون فرد جي ضرورتن کان مٿاهيون ليکيون ويندڍيون آهن.
فرد کي عزت نہ ڏني ويندي آهي.
معاملن جو سخت موروثي انداز ۾ انتظام هلايو ويندو آهي.
سختيءَ سان مڙهيل سهڪار
اصول تي ڄاڻ گهٽ ۾ گهٽ مهيا ڪيل.
سڄاڻپيءَ کي دلشڪستو ڪرڻ.
هٿ چراند ڪيل ۽ ضابطي ۾ ڪيل ذريعہ ابلاغ
تخليقيت رياست طرفان سندس مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ، قبضي هيٺ آيل وغيره.

جمهوري انداز جا تصور

تعميري تنقيد کي همٿايو ويندو آهي.
تنقيدي سوچ کي وڏو ماڻ ويندو آهي.
ڏڙي سان سهمت نہ رهندڙن کي بہ برداشت ڪيو ويندو آهي.
رياست کي فردن جي ضرورتن جي پوئواري ڪرڻ لاءِ موجود سمجهيو ويندو آهي.
فرد جي عزت ڪئي ويندي آهي.
معاملن جو وڏ ۾ وڏ شراڪتي انداز ۾ انتظام هلايو ويندو آهي.
سهڪار بطور گڏيل مقصدن تي ٻيڌل هڪ آزاد مرضي.
ڄاڻ/ معلومات جو وڏ ۾ وڏ ڦهلاءُ.

سجاڳيءَ کي همٿائڻ.
نسبتاً آزاد ۽ خودمختيار ذريعہ ابلاغ.
تخليقيت، خود پنهنجو اظهار ڳولڻ لاءِ آزاد چڏي ڏنل وغيره.

اسان کي پنهنجي مستقبل لاءِ ڪهڙو انداز چونڊڻ گهرجي؟ حقيقت ۾ ڇا اسان چوندي سگهون ٿا؟ يا ڇا اسانجي مقدر ۾ ائين لکيل آهي تہ جهڙي بہ قسم جو انداز اسان جي آڏو اچي، اهو قبول ڪريون؟ ماضيءَ ۾ انسانذات پنهنجن ليڊرن کي پنهي سنو آهي، ان انهن کي چونڊڻ بدران برداشت ڪيو آهي. دنيا جي اڪثر علائقن ۾ اڃا تائين صورتحال ائين آهي. ڇا اسان هاڻي انتخاب جو هڪ جائز بنياد ڳولي سگهون ٿا؟ هن ميدان ۾ قاندانہ رغبتن جي هڪ تصوير ڏيندي، جيڪي پراڻهين ماضيءَ کان وٺي انساني سماج کي وراثت ۾ مليون آهن، اٿولاجسٽن وٽ اسانکي پيش ڪرڻ لاءِ ڪا اهم شيءِ آهي. مائيڪل چانس ۽ ٻين (1970) ڏيکاريو آهي تہ اسانجي سوٽن پولڙن ۾ قيادت جا بہ نمايان انداز موجود ٿين ٿا، هنن انهن کي آپيشاهاڻو (Agonic) ۽ جمهوري (Hedonic) انداز سڏيو آهي. بنمانس (Baboons) پنهنجن ٽولن کي آپيشاهاڻي اصول تي منظم ڪندا آهن. سندن قائد ٻين اعليٰ مرتبي وارن بن مانسن طرفان پنيرائي ڪيل، الڳ ٿلڳ، جارح، مڪمل طور تي طاقتور سردار هوندو آهي. هو بن مانسن جي ٽولي جي هر هڪ رڪن مٿان هڪ مستقل غالب اثر رکندو آهي. وچنين درجي ۽ هيٺين درجي وارا بن مانس ليڊرن جي ويجهو اچڻ جي جرئت نہ ڪندا آهن، نہ ئي وري هو ليڊرن جي دائره اثر کان ٻاهر رلڻ جي همت ڪندا آهن. ليڊرن جي ٽوري بہ چرپر سڄي ٽولي کي خبردار ڪري ڇڏيندي آهي، هر هڪ پنهنجي طبقاتي درجي مطابق ان ڳالهہ ڏانهن ويجهو ڌيان ڏريندو آهي تہ ڇا ٿي رهيو آهي. هي نظام، ڪاڏو گڏ ڪرڻ لاءِ ۽ جيڪڏهن ضروري هجي تہ دفاع لاءِ ٽولن کي پاڻ ۾ متحد ڪري رکڻ ۾ تمام گهڻو مؤثر آهي پر اهو ائين فرد جي پيش قدميءَ جي قيمت تي ڪندو آهي. چمپينزي معاشرو جمهوري ٿيندو آهي. ان ۾ بہ ليڊر تہ موجود هوندا آهن پر مداخلت ڪندڙ نہ هوندا آهن، رڳو وقت ضرورت تي هو غالب ڪردار ماڻي وٺندا آهن. ٻين طرفان سندن عزت ڪئي ويندي آهي. پر ان بدلي ۾ هو ورلي ڪو مغرور ٿيندا آهن. اهڙي طرح مڪيہ طور تي اهڙن فردن طرفان هڪ سماجي موروثيت قائم ڪئي ويندي آهي، جيڪي ٻين لاءِ عزت ڏيکاريندا آهن. چمپينزي باندر، پنهنجن ليڊرن سان چنبڙيل نہ هوندا آهن، پر ننڍين جٿن جي روپ ۾ موج مستي ڪندي گهمندا وتندا آهن، ٽولي جي ٻين رڪنن سان، هڪٻئي سان سڌن جي متاستا ڪندي، رابطي ۾ رهندا آهن.

انهن ۾ ليڊر ٽوري گهڙيءَ لاءِ اختيار ڪري سگهجن ٿا، ۽ پوءِ ڦٽا ڪري سگهجن ٿا. چمپينزي معاشري جو نتيجو هي آهي تہ بن مانس معاشري جي ڀيٽ

۾ هرشيءَ تمام گهڻي پرسڪون ۽ ملنسار هوندي آهي، جڏهن ته ان معاشري ۾ فردن لاءِ خود ارادیت مشترڪ جماعتي سرگرمين جي انداز ۾ جهڙوڪ ڪاٺ پيٺ ۽ صفائي ڪرڻ ۾، هلت چلت جو هڪ مجيل طور طريقو هوندو آهي.

چمپينزي بهرحال پنهنجي هلت چلت ۾ مڪمل طور تي شريف نه هوندا آهن. انهن جا نر خاص طور تي رتبي جا تمام گهڻو بکيا هوندا آهن ۽ پنهنجن قريبي حريفن کان گوءِ کٽي وڃڻ يا شوبازيءَ ۾ ڪانئن اڳتي نڪري وڃڻ جي اڪثر ڪوشش ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن چمپينزي ايترا ته پر تشدد ٿي ويندا آهن، جو هو قاتل به بڻجي ويندا آهن.۽ سندن.هڪ ٽولو، ٻئي ٽولي کي پنهنجي علائقي مان بي درديءَ سان ٻاهر پڇائي ڪڍندو آهي، پوءِ به، جيئن جين گُڊال، گومبي نيشنل پارڪ، تنزانيا جي پنهنجي 25 سالن جي تحقيق ۾ اهو ڏيکاري چڏيو آهي ته چمپينزي معاشرو آپيشاهاڻي بن مانس معاشري جي ڀيٽ ۾ عام طور تي پرامن، سهپ وارو ۽ معمولي قيادت هيٺ هوندو آهي. جاڪاڻ ته انساني معاشري کي قيادت جي ٻنهي طرزن .... آپيشاهاڻي ۽ جمهوري، جون خاصيتون غالباً وراثت ۾ مليل هجن ٿيون، ان ڪري اهو جنهن طرز کي ترجيح ڏئي، اها چوندي سگهي ٿو. اهي ليڊر جيڪي تاريخ جي ڪتابن جا ورق جوڙن ٿا، ٻنهي طرزن جي قيادت مان اچن ٿا. سماجي فقرن ۾ ايگونڪ معنيٰ آپيشاهاڻي رياست، هيدانڪ معنيٰ جمهوريت. جيڪڏهن اسان جمهوري انداز جو انتخاب ڪريون ٿا ته پوءِ اسانکي خود پسند آپيشاهاڻين شخصيتن کي ڳولي لهڻ لاءِ هڪ تيزنگاهه پئدا ڪرڻي پوندي ته جيئن ان ڳالهه جي پڪ ٿئي ته اهي ضابطي هيٺ رکيل آهن. مسئلن کي گهٽائڻ ۾ ليڊرن جو مرڪزي ڪردار اڪثر ماڻهن جي تجربي ۾ آهي. هڪ صنعت يا هڪ اسڪول يا هڪ آفيس يا هڪ فوج، جيڪا مسئلن جي جار ۾ قاتل هوندي آهي، هڪ متحد، مؤثر ۽ خوشحال برادريءَ ۾ معجزانه تيزيءَ سان تبديل ڪري سگهجي ٿي، جڏهن هڪ نسبتاً نااهل ليڊر کي هڪ سني ليڊر سان بدلايو ويندو آهي. گذريل جنگ ۾ اتر آفريڪا ۾ جنرل مونٽگمري جي آمد هڪ اهڙو مثال آهي. برطانوي فوج ۾ هڪ نئون ولولو ۽ اعتماد پئدا ٿي ويو ۽ هنن لاءِ هرشيءِ جڻ ممڪن ٿي وئي؛ ان جي ابتڙ عملَ به بدقسمتيءَ سان اوترو ئي تڪڙو ٿئي ٿو.

(6) تخليقي معاشرو

موجوده ٽٽل ۽ ڏباءَ ۾ ورتل دنيا کان هڪ هم آهنگ ۽ پيداواري مستقبل ڏانهن سفر، انساني تخليقيت جو وڏ ۾ وڏ تحرڪ گهرندو. ماضيءَ ۾ اها ڳالهه رڳو

چند ماڻهن لاءِ ڪافي هئي ته هو سڻي سوچ ويچار جو ڪم ڪن، جيڪي اڪثر ڪري سماج کان الڳ رکيا ويندا هئا، جڏهن ته باقي بچيل ماڻهن اهو ڪجهه ڪيو ٿي جيڪو کين ٻڌايو ويو ٿي. مستقبل اهو گهرندو ته هر ماڻهو ان جي قابل هجي ته هو سوچڻ جي عمل ۾ شريڪ ٿئي، ته هو هڪ شرڪت ڪندڙ بڻجي. هيءَ ڳالهه قيادت جي هڪ صحيح قسم تي دارومدار رکي ٿي ---- جيڪا حساس جمهوري، بامقصد ۽ ٺوس هجي. اها ڳالهه ادارن لاءِ ۽ سماج لاءِ بحيثيت مجموعي هڪ صحيح سماجي ڍانچي تي پڻ دارومدار رکي ٿي. شوميڪر ڪتاب " سمال از بيوٽي فل" (1973ع) ۾ تنظيم جي ايڪن کي وڏ ۾ وڏ ننڍو بڻائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هن محسوس ڪيو آهي ته سمورن ادارن جي واڌ ويجهه لاءِ حدون ضرور مقرر ڪرڻ گهرجن: هن جي خيال ۾ : ننڍو ڳالهه بهتر آهي ته هڪ ڪامياب تنظيم کي جڏهن اها ڦهلجي وڃي ٿي، ورهائي ڇڏجي بنسبت ان جي جو تنظيم کي ايڏي وڏي سائيز تي پهچڻ ڏنو وڃي، جتي فرد پنهنجي شخصيت وڃائي ويهن ۽ پاڻ کي ختم ٿيل محسوس ڪن.

ڪيميڪل صنعتن ۾، جن سان شوميڪر ذاتي طور لاڳاپيل هو تنظيمي يونٽ ننڍا رکيا ويا، جڏهن ته نفعي ۾ حصو پنهنجي سمورن مزدورن کي هر يونٽ جي ڪاميابيءَ تي ٿڏي تي ٻڌل رقم جي صورت ۾ ڏنو ويو ٿي. مختصر پڻو شهري تنظيم سازيءَ کي پڻ انساني بڻائي ٿو ۽ جيئاري ڇڏي ٿو.

بهرحال وڏين تنظيمن کي مثالي ننڍائپ جي ايڪن معرفت هلائڻ هميشه ممڪن نه هوندو آهي، پوءِ به بهرحال بحيثيت مجموعي ايڪو وڏو هجي يا ننڍو اسان کي هاڻ ان ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو ته ان کي ننڍين ٽيمن يا گروپن ۾ ضرور ورهائڻ گهرجي. اهڙي قسم جو ڍانچو هر ماڻهوءَ کي اهي مقصد پورا ڪرڻ لاءِ جن لاءِ تنظيم وجود رکندي آهي، خيال تخليق ڪرڻ ۾ هڪ حصو ڏيندو آهي، پوءِ اها تنظيم ڪا شيءِ ٺاهيندي هجي يا ڪا خدمت مهيا ڪندي هجي، ڪاڏو تيار ڪندي هجي، فنون لطيفه ۾ ڪم ڪندي هجي يا ڪجهه ٻيو ڪم ڪندي هجي. ڪيترن ئي ميدانن مان گڏ ڪيل شاهدي هيءَ آهي ته هڪ دفعو جڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ننڍي پنماني جي ايڪن ۾ موجود سمجهندا آهن، جن جا مقصد هنن لاءِ مشترڪ هوندا آهن ۽ جن جي ليڊرن تي هو ڀروسو ڪندا آهن پوءِ ئي هو ان ۾ مگن ٿيڻ چاهيندا آهن ۽ ان شموليت معرفت وڌيڪ تخليقي ۽ وڌيڪ ڀرپور بڻبا آهن.

ڪليل تخليقي معاشري جا اصول ان رستي جو هڪ حصو آهن جنهن ۾ زندگي پنهنجو پاڻ کي منظم ڪري ٿي، يعني موٽ پيغام (Feedback) وارن سرشتن ۾. تخليقي شرڪت اهو گهرندي آهي ته سمورين برادرين ۾ موٽ پيغام کي هٿي ڏني وڃي، خاص طور تي انهن جي وچ ۾ جيڪي انهن برادرين جا عام رواجي رڪن هوندا آهن ۽ جيڪي انهن کي هلائڻ جا ذميوار هوندا آهن. اهڙو هڪ

نظام، جڏهن ايمانداراڻه طور تي ورهايل جاڻ تي ٻيهاريل هوندو آهي، ايترو ته جيترو جاڳندو ۽ مڪمل هوندو آهي، جو مسئلن جي رنڊڪائو ٻڌڻ کان اڳ انهن کي حل ڪري سگهبو آهي. اڄ دنيا ۾ هڪ شيءِ جيڪا غلط آهي، اها هيءَ آهي ته تمام گهڻا مسئلا، تنظيم جي سموريڻ سطحن تي تمام گهڻي دير تائين سڙندي پڄرندي ڇڏيا وڃن ٿا، اڪثر ڪري هڪ رازداريءَ واري فضا ۾، جيڪو عمل ڏوڪي ۽ بدعنوانيءَ کي همٿائيندو آهي. مؤثر شرڪت، ورهايل جاڻ ۽ بنا رڪاوٽ موٽ پيغام، اُن سڀني ڪم کي درست ڪري سگهن ٿا. انهن وسيلن معرفت ئي انساني ذاتن ۽ خيالن جي شاهوڪار قسمن کي، گڏيل مقصدن جي واڌاري ۾ تخليقي تبديليءَ لاءِ تحرڪ ۾ آڻي سگهجي ٿو.

مستقبل ڏانهن

هن باب اسانجي زندگيءَ جي طريقي لاءِ مکيه مطابقتن مان ڪن ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي انسانذات لاءِ هڪ وڌيڪ هم آهنگ ۽ پئداواري مستقبل حاصل ڪرڻ واسطي ضروري آهن. يعني عالمي ٻڌي پئدا ڪرڻ لاءِ وڌايل سهڪار، اڪثريت جي معشيت واري نظام ڏانهن تبديلي، پنهنجي سياري جي سار سنڀال ڪرڻ، وڌيڪ حساس، وڌيڪ تعميري، عورتاڻن قدرن جي حق ۾ روايتي، شوباز، مرداڻي قدرن کي پاسي ڪري ڇڏڻ، ليڊرن جي چونڊ ۾ وڌيڪ محتاط ٿيڻ، ۽ هڪ ڪليل معاشري اندر سماجي تنظيم جا نندا، شراڪتي قسم قائم ڪرڻ، عالمي ترقي ۽ انساني برادرين جي هر رڪن لاءِ هڪ مددگار، همٿائيندڙ فضا کي يقيني بنائڻ لاءِ اهي ئي شرط آهن.

اهو پڇي سگهجي ٿو ته موجوده نفسانفسيءَ واري ماحول ۾ هڪ فرد مٿيون مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڇاڪري سگهي ٿو؟ ان جو جواب هي آهي ته هر ماڻهو جيڪو پنهنجو ذهن صحيح انتخابن ڪرڻ ڏانهن موڙي ٿو ۽ انهن جي حمايت ڪرڻ لاءِ جڏهن به ممڪن ٿئي ٿو، ڇر پر ڪري ٿو، دراصل انهن انتخابن کي حقيقي بڻائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ان کان علاوه ارتقائي اؤسر جي ڏاري ۾ شامل ماڻهن جو جيترو انگ وڌيڪ ٿيندو، اوترو هيءَ دنيا تبديليءَ جي جهٽڪن کي هڪ نئين هم آهنگيءَ ۽ پائيداريءَ ۾ بدلائي ڇڏڻ لاءِ بهتر تيار ٿيل هوندي، جڏهن اهي ايندا. مستقبل هر ماڻهوءَ جي ذميواري آهي ۽ اسان ان جي موزون شڪل ڏسڻ شروع ڪئي آهي.

حصو ٻيو

هن ڪتاب جو پهريون حصو انسان جي حالت جي ان عمومي تناظر کي ظاهر ڪرڻ ڏانهن وقف ٿيل آهي، جنهن ۾ هو هڪ مداخلت ڪندڙ خدا تي ڀاڙڻ ڪان مٿي گذري رهيو آهي. ڪتاب جو ٻيو حصو، هن نئين صورتحال ۾ ذاتي نقطہ نظر، بصيرتن، لاڙن ۽ واڌ ويجهہ تي غور ڪندو.

باب ستون

ڪائنات ۾ اڪيلو انسان

”سمنڊ جي ڪناري تي مان سڄي دنيا مان اڪيلو بيٺو آهيان ۽ سوچيان ٿو، محبت ۽ مشهوريءَ کان اڻ هوند تائين سڀ ڪجهه ضرور ٻڏي ٿو“
ڪيٽس

اسان سڀني لاءِ هيءَ هڪ غير معمولي صورتحال آهي. هتي پٽڪڙو مان آهيان، هتي پٽڪڙو تون آهين ۽ هتي پوڻا پنج ارب ٻيا ماڻهو آهن ۽ انهن کان مٿي ٻاهر نرالي، اڻ مٿي وسعت واري هڪ ڪائنات موجود آهي. هن سياري ڌرتيءَ مٿان اسان وٽ، هن سموري ماندان جو ڪو مطلب ڪڍڻ لاءِ ۽ پنهنجين زندگين جو ڪو مطلب ڪڍڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ستر سال يا ان کان ٿورو مٿي جو مدو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ پيار ڪندڙ، مٿان نظر رکندڙ خدا جو تصور پُرڪشش ۽ آرامده آهي پر جيڪڏهن اهڙو خدا قابل عمل نه هجي ته پوءِ ڇا ڪجي؟ پوءِ اسان ڪي پنهنجو پاڻ هن وسعت سان ڪيئن ڳنڍيو آهي؟

مان ڇا آهيان؟

اسان مان هرڪو ڪائنات جي زندگيءَ جي سازو سامان جو هڪ حصو آهي، جنهن کي انساني شخصيت جي روپ ۾ ڪم ۽ شعور جي هاٺوڪي سطح تائين پهچائڻ ۾ ٽن ارب سالن کان وڌيڪ عرصو لڳو آهي. اسان مان هرڪو ان حقيقت جو ثبوت آهي ته زندگيءَ جو مکيه عجوبو ۽ اسرار —— صورت (Form) يعني جُزن جي نمايان ڪُلن ۾ لطيف ترتيب، ۾ ني سمايل ٿئي ٿو. جن جُزن جا اسان نهيل آهيون، اهي بلڪل به غير معمولي نه آهن. ڪُل، مربوط زندگي بخش ڪارڪردگيءَ جو حيرت انگيز نمونو آهي. اسان جا سمورا جسم ۽ دماغ، چند ڊالرن جي قيمت جي عام عنصرن جا نهيل آهن: آڪسيجن، هائڊروجن، نائٽروجن، ڪاربان واڌو هڪ مرغيءَ جي کُڏ کي چونو لڳائڻ جيترو ڪئلشم، ٻه انچ ڪوڪو ناهڻ جيترو لوهه، ماچيس جي چند تيلين ناهڻ جيترو فاسفورس، ڇڇڙن سان

ستيل هڪ ڪُني کي ملڻ جيترو سلفر، ان سان گڏ پوٽيشيم، ڪلورين، منگنيشيم ۽ سوڊيم جو مناسب مقدار ۾ ٻين عام عنصرن جا ذرڙا، انهن سڀني کي درست تناسب ۾ گڏايو، ان سڀ کي هڪ پيچيده باهمي عمل ڪندڙ نظام ۾ تعمير ڪريو ۽ نتيجو نڪرندو، اسان جون محسوس ڪندڙ، سوچيندڙ، جدوجهد ڪندڙ، تخليقي هستيون! اهو معجزو ڪيئن وقوع پذير ٿئي ٿو؟ ايترا خصيص عنصر ۽ ايترا غير معمولي نتيجا!

زندگيءَ جا خصيص ضروري جُزا پاڻ ۾ گڏجي، وڏا پيچيده نامياتي مرڪب (Organic) — پروٽين ٺاهيندا آهن، جيڪي سمورين زنده شين جا تعميراتي جُزا آهن جيئن بئڪٽيريا، جيت، مڇيون، ريڙهيون پائيندڙ جانور، پکي، جانور ۽ ٻوٽا. فطرت جو زندگيءَ لاءِ پروگرام، سادگيءَ منجهان پيچيدگي جوڙڻ آهي، بلڪل اهڙي انداز ۾، جيئن گيتن جي هڪ وسيع اڪثريت جيڪا وجود ۾ آهي، تمام ٿورڙين ڏنن ۽ اڌ ڏُنن مان ٺاهي ويل هوندي آهي يا جيئن هڪ صورتخطيءَ جا اکر، هڪ ٻوليءَ جي سمورن بيتن، ڊرامن، ناولن، آتم ڪهاڻين، تاريخن ۽ تشريحن جي وسيلي طور ڪتب ايندا آهن.نامياتي مرڪبن کي هڪ انداز ۾ ڪٺو ڪريو ته مان ٺهي پوندس، ٻئي انداز ۾ ڪٺو ڪريو ته توهان ٺهي پوندو يا شيڪسپيئر يا فيربڊي يا ٻيو ڪوئي ٻـ! هن ماليڪيولر ٻوليءَ جو خاص طور منجهيل حصو، اهو ڪوڊ/ ڪُنجي (Code) آهي، جنهن جي ذريعي خصلتون هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن منتقل ٿينديون آهن. اسان جي جسمن ۾ موجود ڪروڙها گهرڙن (Cells) مان هر هڪ گهرڙو پنهجي مرڪز ۾ اهو ماليڪيولي جينياتي ڪوڊ ـ ڊي اين اي (DNA) رکندو آهي، جيڪو ان ڳالهه جو تعين ڪندو آهي ته اسان کي ڪهڙي قسم جون خصلتون (Characteristics) وراثت ۾ مليل ٿيڻ ٿيون. اهڙي طرح ان جو تفصيل ڏيڻ ته اسان ڇا آهيون، جو هڪ طريقو هيئن چوڻ آهي ته اسان مان هر ڪو ڳجهين صلاحيتن جو هڪ خاص مجموعو آهي، جيڪي انسانذات جي جينياتي کوڙ (Genetic Pool) منجهان ڪنيل هونديون آهن ۽ اسان تائين اسان جي والدين معرفت پهتل هونديون آهن. ائين ئي اسان هتي پهتا آهيون، جيئن شاعر بليڪ چيو آهي. "منهنجي ماءُ سور ۾ ڪنجهي، منهنجو پيءُ رنو ۽ خطرناڪ دنيا ۾ مون ٽپو ڏنو."

۽ پوءِ ڇا؟

هن نقطي تي ڪهاڻي اچا وڌيڪ پراسرار ٿي وڃي ٿي ڇاڪاڻ ته جمڻ کان وٺي اسان پنهنجو پاڻ کي ٺاهڻ شروع ڪريون ٿا، انهن ڳجهين صلاحيتن منجهان

جيڪي اسان وراثت ۾ حاصل ڪيون هونديون آهن. اسان هيءَ پنهنجو پاڻ ٻڌجڻ جي جستجو، سڄي حياتي، ڪجهه لاشعوري طور ۽ ڪجهه شعوري طور جاري رکون ٿا. بهرحال اسان پنهنجين هستيءَ ۾، جيڪي مثالي طور اسان جون و ڏ ۾ وڏ موثر ۽ مڪمل هستيون هونديون آهن، خود پنهنجي طرفان وڌي نه ٿا سگهون. اسان، جو ڪجهه اسان کان ٻاهر موجود آهي يعني غيرحياتي ۽ حياتياتي دنيا، جيڪا اسان جو آشيانو آهي، سان باهمي عمل ڪرڻ (Interaction) ذريعي وڌون ٿا.

تنهنڪري انفرادي ترقي، ٻين ماڻهن، دنيا ۽ ڪائنات سان اسانجن لاڳاپن جو نتيجو آهي. اسان ڇا ٻڌجنداسين، انهن لاڳاپن جي معيار ۽ حد تي دارومدار رکي ٿو. اسان کان ٻاهر ڇا موجود آهي، اسان کي ان کي منهن ڏيڻو آهي، ته جيئن اسان خود پنهنجي انوکيت حاصل ڪري سگهون، ڇو ته اسان فقط ان مان نه ٿا وڌون ويجهون، جيڪو اسان جي اندر موجود آهي. اهم تعميري سرگرمي ان سرحد تي جاري وساري رهندي آهي، جيڪا اسان جي ڳجهين صلاحيتن ۽ دنيا جي وچ ۾ هوندي آهي.

تڪميل ذات

جيڪڏهن اسانجي هستي اسانجن تجربن ۽ لاڳاپن سان ايتري ڳنڍيل آهي ته پوءِ اسان ڪهڙن بنيادن تي انوکي هجڻ جي دعوئي ڪري سگهون ٿا؟ طبعي طور ته ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. جاڙن ٻارن کانسواءِ سمورا انساني جسم ايترو ته هڪٻئي کان الڳ الڳ آهن، جو جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ جي کل ٻئي ماڻهوءَ جي زخم تي لڳائي ويندي آهي ته ان ماڻهوءَ جو جسم ان کل کي ڌاري کل طور سڃاڻي وٺندو آهي ۽ ان کي رد ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ جسم جو ٻئي جسم طرفان هي طبعي رد، عضون جي پيوندڪاري ڪندڙ سرجنن لاءِ هڪ مستقل مٿي جو سور آهي. اسان جي عضوياتي انوکيت جو سبب اڃا تائين نه سمجهيو ويو آهي. ڪنهن به طرح سان هيءَ خودي، جسم جي هر گهرڙي ۾، سواءِ رت جي گهرڙن جي، جن کي هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ ۾ مٽائي سگهجي ٿو پر اهو به رت جي مختلف گروپن جي سخت حدن اندر، منقش ٿيل آهي. نفسياتي طور ذاتي انوکيت جو ذريعو اڃا به وڌيڪ دلفريب آهي. اسان کي هڪ خيالي تجربو آزمائڻ گهرجي. فرض ڪريو ته هڪ ماڻهو "الف" هڪ پليٽ فارم تي 150 يا ان جي لڳ ڀڳ اڻ چونڊيل ماڻهن جي سامهون بيٺو آهي. هي تجربو "الف" ماڻهوءَ لاءِ آهي ته هو پنهنجين

ڪن بہ پسندن يا ناپسندن کي وڏي واڪ ٻڌائي، پنھنجين دلچسپين ۽ قابليتن يا پنھنجن نقطہ نظرن کي بيان ڪري يا انھن محسوساتن جو تفصيل ڏئي، جن ڪان ھو خاص طور تي واقف آھي. پنھنجي متعلق جنھن بہ شيءِ جو ھو خيال ڪندو آھي، اھا ھو قطعي طور تي بيان ڪرڻ لاءِ آزاد ھوندو آھي. ان ڪان علاوه سامعين منجھان، ھو ڪنھن بہ اھڙي شخص جي ھمٿ افزائي، ڪانئس ھٿ مٿي ڪٿائي، ڪري سگھندو آھي، جيڪو ھن جيان ساڳئي نموني سوچيندو يا محسوس ڪندو آھي يا ڪيس مشترڪ دلچسپي، اھليت يا ذوق ھوندو آھي. اھا ڳالھہ جلدئي واضح ٿي ويندي تہ "الف" ماڻھو جي شخصيت جا سمورا يا لڳ ڀڳ سمورا بيان ڪيل پھلو، ھال ۾ موجود ٻين ماڻھن جي شخصيتن جي پھلوئن سان ملندڙ جلندڙ ھوندا آھن. تہ پوءِ "الف" ماڻھوءَ جي انفراديت ڪي ڇا ٿي ويو؟

ھي تجربو جنھن کي ڪوبہ ماڻھو، ماڻھن جي ننڍي جٿي تي بہ آزمائي سگھي ٿو، اھو ثابت ڪري ٿو تہ نفسياتي انوکيت، انھن ايڪن (Units) جي صورت ۾ وضاحت لائق نہ آھي، جن مان ھڪ شخص نھيل ٿئي ٿو پر ان انداز يا طريقي جي صورت ۾ وضاحت لائق آھي، جنھن کي اھي ايڪا تشڪيل ڪن ٿا. اھو سچو آھي، جيڪو مختلف ٿئي ٿو، نہ ڪہ ان جا حصا. ھڪ ماڻھو مشترڪ انساني صلاحيتن جو ھڪ انوکو انداز (Pattern) آھي.

اھڙي طرح ھڪ دفعو وري اسان "صورت" جي اھميت ڏسون ٿا. سچي/ ڪُل کي، سندس حصن جو تعداد بيان ڪندي ۽ تفصيل ڏيندي مڪمل طور تي واضح نہ ٿو ڪري سگھجي. ھڪ "سچو" ھڪ انوکي ھستي ٿئي ٿو. اسان ڏسون ٿا تہ قطعي علحدگي يا اڪيلو پڻ ھڪ فريب آھي. چاڪ (Chalk) ۽ پنير (Cheese) ھڪٻئي ڪان ايڏيون گھڻيون مختلف شيون نہ ٿيون ٿين، ٻنھي ۾ ڪئلشيم جو چڱو خاصو مقدار ٿئي ٿو. اسان سڀ پنھنجي اندر ھڪٻئي جو چڱو خاصو مقدار رکون ٿا. تہ پوءِ آخر ڇو اسان جي اُنفراديت ھجوم ۾ نہ ٿي ملي وڃي ۽ غائب نہ ٿي ٿي وڃي؟ ڪڏھن ڪڏھن ائين ضرور ٿئي ٿو. جڏھن ماڻھو ھڪ غير ھستيءَ جي ڳالھہ ڪندا آھن، تڏھن سندن مطلب ھڪ اھڙو شخص ھوندو آھي، جيڪو پنھنجي سماجي ماحول ۾ لڳ ڀڳ غائب ٿي ويل ھوندو آھي. ان کي ٻئي طريقي سان ھيئن چئي سگھجي ٿو تہ اھو فرد ٻين تي پنھنجو ھڪ اثر قائم ڪرڻ لاءِ ذاتي صلاحيتن جو پنھنجو ھڪ انداز موافق مقدار ۾ پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو ھوندو آھي، جنھن جو مطلب وري ھي ھوندو آھي تہ ھن جو "حصو" (Contribution) نظر نہ ايندو آھي. مجتا، انوکي خوديءَ جي اظھار مان ايندي آھي. ھن ڳالھہ جي سماجي ڪيمياگري ھيءَ آھي تہ ھڪ ماڻھو جيڪو ٻين ماڻھن سان پاڻ کي ويجھڙائيءَ سان لاڳاپي ٿو، ھجوم ۾ گم نہ ٿو ٿي وڃي، بلڪہ اجا بہ وڌيڪ چٽي نموني، انساني ممڪنيت جي انوکي انداز طور جيڪو ھو يا ھوءَ

هوندي آهي، نروار ٿي بيهي ٿو. مختصر هي ته اسان خود پنهنجي انفراديت پنهنجو پاڻ کي، ٻين سان گڏائڻ ۽ انهن سان لهه وچڙ ڪرڻ (Interacting) ذريعي ئي دريافت ڪريون ٿا. انفراديت ڪا ڪٽيل ۽ الڳ ٿلڳ ٿيل شيء نه آهي پر اها هڪ سماجي ڍانچي ۾ پيهي وڃڻ ذريعي، شرڪت ڪرڻ ذريعي ۽ ان ۾ واڌارو ڪرڻ ذريعي ئي ڦٽندي آهي. خود تڪميل ذاتي قابليتن کي سماج، دنيا ۽ ڪائنات جي تناظر ۾ تخليقي انداز ۾ استعمال ڪرڻ منجهان ئي ايندي آهي.

اڪيلي آنا

اٿين چوڻ ڪافي سولو آهي، پر اهڙا لاڳاپا قائم ڪرڻ ڏکيو آهي. معاشرو اسان جي صلاحيتن جي مخصوص قسم سان نهڪي اچڻ لاء تشڪيل ٿيل نه آهي. اسان مان هر هڪ رڳو ان ڪري ته هو/هوء انوکي آهي، آزاد خيالن وارو آهي. ان ڪري هر ڪنهن کي معاشري ۾ پنهنجي لاء هڪ جڳهه تراشڻي آهي. اهائي اها ڳالهه آهي، جنهن اڄ زندگي گذارڻ کي اڳي جي ڀيٽ ۾ ايڏو ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. جنادار اطاعتي معاشرن جي ڏينهن ۾ فردن کي انهن ڪردارن ۾ زوريء ڍالڻ لاء مجبور ڪيو ويندو هو، جن جي ڪانئن توقع ڪئي ويندي هئي ۽ جيڪي سندن اڀسينٽڙي ۾ هوندا هئا. هي سڀ ڪجهه مڪمل طور تي بنا ڪنهن تڪليف جي ٿيندو هو. انهن ڍهاڙن ۾ انفراديت کي سماجي ڍانچي ۾ نهڪائڻ لاء تڪو ڪيو ويندو هو. اطاعت کي تمام گهڻو ساراهيو ۽ نوازيو ويندو هو. ان راهه کان بغاوت ڪندڙن جي، جيڪي ورلي ڪي هوندا هئا، مذاق اڏائي ويندي هئي ۽ ڪين سزا ڏني ويندي هئي. ماڻهن جي اڪثريت اطاعت ڪندي هئي ۽ ائين ڪرڻ سان هنن قدر ۽ تعلق جو هڪ پڪو احساس ڪٿيو ٿي.

جديد زماني جي سماجي ٽوڙڦوڙ ۽ حرڪت، ماڻهن کي هڪ تمام ئي مختلف صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهن کي پنهنجن وسيلن جو مالڪ ايتري حد تائين بڻايو ويو آهي، جيڪو گذريل زمانن ۾ اڻڄاتل هو. هيء ڳالهه انفراديت کي تيز ڪري ڇڏي ٿي پر اها اناپرستيء کي پڻ وڌائي ٿي. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندا آهن، اهڙي نموني عمل ڪندا آهن، جڻ ته هو دنيا جي خلاف هجن. اهڙي طرح موجوده سماجي ڍانچي طرفان سماج اندر انفراديت پيدا ڪرڻ بدران اها هڪ جيتري انداز ۾ سماج خلاف انفراديت پسندي، اناپرست استحصاليء جي شڪل ۾، ٻه آسانيء سان پيدا ڪري سگهي ٿي. جديد انسانن جي اڪثريت گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن حد تائين، هن مونجهاري جي سگهن تي

اٽڪيل آهي. ذاتي زندگيءَ جي سماجي ۽ اناپرستاڻه اندازن وچ ۾ تنازعو، ارتقائي عمل جي ٻن رخن وچ ۾ موجود ڪليل تضاد مان ستوسنئون ڦٽي ٿو. جيئن اسان اڳ ۾ ڏٺو ته ارتقا جو رُخ هڪ حيواني نسل جي رڪنن درميان وڌيڪ انفراديت ڏانهن هوندو آهي؛ اهو سماج جي وڌيڪ پيچيده صورتن ڏانهن پڻ هوندو آهي. جيڪڏهن انفراديت، انفراديت پسنديءَ ۾ تبديل ٿي ويندي آهي ته پوءِ سماج مصيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن سماج حد کان وڌيڪ پيچيده ۽ ٽٽي ويل هجڻ ڪري، پنهنجو ربط وڃائي ويهندو آهي، ته پوءِ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ۽ خوفزده محسوس ڪندا آهن. ان کان علاوه اهي ٻئي سلسلا هڪٻئي مٿان به عمل ڪندا آهن. حد کان وڌيڪ انفراديت پسندي سماجي ٽوڙڦوڙ کي وڌائيندي آهي ۽ سماجي ٽوڙڦوڙ، انفراديت پسنديءَ کي، جيستائين ذاتي حاصلات لاءِ حالتون ۽ سماجي هم آهنگيءَ لاءِ حالتون، ٻئي خطري ۾ نه پئجي وينديون آهن. بهرحال جيڪڏهن ذاتي حاصلات ۽ ٻين جو فڪر ـــــ ٻئي پاڻ ۾ گڏجي هڪ واحد محرڪ عمل جي حيثيت ۾ ڪم ڪن ته هي اختلاف گهٽائي سگهجي ٿو. هي ئي اهو امتزاج آهي، جنهن ڏانهن نفسياتي، سماجي ارتقا لڳي ٿو ته وڌي رهي آهي.

ڪائنات ۾ انسان لاءِ زندگيءَ جي هيءَ حقيقت، هاڻي سمورن قسمن جي صورتحالن، تجارتي دنيا سميت، ۾ دريافت ڪئي پئي وڃي، فرانسس ڪنز مين پنهنجي ڪتاب "دي نيو ايجنڊا" (1983) ۾ موجوده صنعتڪارن جي هڪ سيمينار مان هي حوالو ڏني ٿو.

"تجارتي ماڻهو لازمي طور پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجن ننڍن ساٿين کي شعوري طور اهڙن اوزارن سان تعليم ڏين، جيڪي انهن کي وڌائن ويجهائن. بهترين ڪمپنيون ڪاملتا ۽ آزاديءَ کي همٿائينديون ۽ مستقبل انهن لاءِ پر اميد ۽ روشن آهي، جيڪي پنهنجن ملازمن کي خوش رکنديون. مهم جوئيءَ ۽ ٻيهر جنم جي لاڳيتي عمل جو هڪ احساس ضرور هجڻ گهرجي."

تنازعو، جيڪو اڳي سمجهيو ويندو هو ته ذاتي فائدي ۽ سماجي فائدي وچ ۾ موجود آهي، هاڻي بي معنيٰ ٿي رهيو آهي. سماجي ۽ ذاتي هڪٻئي سان اڻٽٽ نموني اُٿيل آهن.

ذهن چڪرائجي ٿو

هيستائين اسان فرد بابت ائين پئي ڳالهائيندا آيا آهيون، جڻ هو هڪ پائدار شيءِ هجي، پر بهرحال هو ائين ناهي. اسان جو محسوساتي لهجو بار بار

تبديل ٿيندو آهي. جيڪو ڪڏهن اسان کي نااميديءَ جي گهراين تائين کڻي ويندو آهي ۽ ڪڏهن خوشيءَ جي بلندين تائين. اسان مڪملپڻي جي هڪ احساس کان اڻپورپت ۽ خالي پڻي جي هڪ احساس تائين پڻ ڦرندا رهون ٿا. اجا وڌيڪ هڪ بيو چڪر بہ آهي، هتي ۽ هاڻي جي فوريت جي هڪ شديد احساس کان خود- تجريد — ماڻهن ۽ پنهنجي چوگرد موجود شين جي دنيا کان پري هجڻ جي هڪ احساس، تائين. انساني موڊ جا ڦيرا، حد کان وڌيڪ، بلڪ مهلڪ بہ ٿي سگهن ٿا پر زندگيءَ ۾ انهن جي موجودگي فطري آهي، اهي زندگيءَ جي رنگ ۽ پاڇي جا پهلو آهن. سوچ جو عمل بہ ساڳيو غلطيءَ وارو رستو اختيار ڪري ٿو. سوچون ڪڏهن خصيص هونديون آهن، ڪڏهن اهم هونديون آهن، ڪڏهن هڪ منزل ڏانهن رخ ڪيل هونديون آهن، ڪڏهن اهي پنهنجو هڪ اڻ نتيجاتي رستو اختيار ڪنديون آهن. سنن خيالن کي، جيڪي سوچ جون قيمتي پيداوارون ۽ تمام اٿليل هوندا آهن، شعور ۾ بغير اطلاع جي ٽپي ڏيڻ جو هڪ رستو هوندو آهي. اٿين اڪثر نہ هوندو آهي تہ "اسان سوچون ٿا" پر ائين هوندو آهي تہ "هو سوچي ٿو." پر اسان کي شروعات کان محنت ڪرڻي آهي. موثر سوچ — هڪ مسئلي تي مرڪوز ٿيندڙ سوچ، هڪ اهڙي شيءِ ٿئي ٿي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن حاصل ڪري سگهجي ٿي، جڏهن اڻ چٽي اناپرست سوچ، جنهن کي مشرقي ڏاهن "دماغ ۾ پاڳل پولڙو" ڪوٺيو آهي، کي ڪجهہ وقت لاءِ خاموش ڪيو ويندو آهي ۽ دماغ کي حقيقت ۾ خيال ۽ فيصلا تخليق ڪرڻ جي ڪم تي لڳايو ويندو آهي. ماڻهو سڄو وقت تخليقي انداز ۾ سوچي نہ ٿا سگهن. اسان اتي پهتا آهيون، جتي اسان آهيون ۽ ڪڏهن تخليقي طور سوچيندي، اسان اجا اڳتي وڌنداسين.

جيمس هاروي رابنسن، پنهنجي ڪتاب "دي مائينڊ ان دي ميڪنگ" ۾ لکي ٿو، "مون کي هاڻي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ حقيقي سوچڻ اٿليل ۽ ڏکيو آهي ۽ اهو تہ ان کي بيشمار قديم ۽ پيدائشي دلشڪستين ۽ رڪاوٽن جي موجودگيءَ ۾ هر انساهہ ڪيپي. اسان کي پهريان پنهنجا ذهن آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ اهو ڪريون جيڪو اسان ڪري سگهون، بين جا ذهن آزاد ڪرڻ لاءِ بين ماڻهن جي همت بڌايون."

هتي جنهن آزاديءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، اها وهنواري غلامانہ سوچ کان آزادي آهي. تہ پوءِ هاڻي اسان جديد انسان سان گڏ ڪٿي پهتا آهيون، جيڪو پنهنجي قسمت ۽ حالت جو ڪو مقصد ڪڍڻ جي جستجو ڪري رهيو آهي؟

مرد يا عورت هڪ انوکو، متحرڪ، سوچيندڙ، محسوس ڪندڙ وجود آهي، جنهن جي قابليت کي هڪ نقطي تي ڪنهن بہ وقت مرڪوز ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪو زبردست نموني تخليقي ٿي سگهي ٿو. انسان اجتماعي طور اجا وڌيڪ طاقتور ٿين ٿا، اهي هڪٻئي کي اتساهي سگهن ٿا ۽ هڪٻئي جي پنيرائي ڪري

سگهن ٿا ۽ هڪٻئي کي وڌ ۾ وڌ ذاتي تڪميل ڳائين وٺي وڃي سگهن ٿا. جديد دنيا ۾ هڪ فرد اڪثر ڪري پاڻ کي اڪيلو ۽ تنها محسوس ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته اوائلي زمانن جي محفوظ يقيني سماجي ايڪن جي جاءِ ڀاري سماج اچي والاري آهي. بهرحال هن نقصان جو ازالو قريبي باهمي ونڊ ورهاست ذريعي ڪري سگهجي ٿو. هيءَ ڳالهه اسان کي وري سوچ ۽ احساس جي نامعلوم چڪرن ڏانهن واپس وٺي وڃي ٿي، جيڪي انسانذات جي خاصيت آهن. ڇاڪاڻ ته اسان پنهنجي ذات جو اهو پهلو ٻين ماڻهن سان شريڪ ڪرڻ لاءِ آماده نه هوندا آهيون ۽ اهائي شيءِ مڪمل ڏيتي ليتيءَ کي روڪي ڇڏي ٿي.

جُنگ جي چوڻ مطابق اسان کي پنهنجن چهرن تي هڪ نقاب اوڍهيل ٿئي ٿو ته جيئن ٻاهران ظاهري شڪليون نيڪ هجن، باقي اندر ۾ ڇا به ٿي رهيو هجي. هيءَ هڪ آسان سماجي ترڪيب آهي پر ان جو بدقسمت نتيجو هي آهي ته اسان هڪٻئي سان حال ونڊڻ ۾ هچڪچائيندا آهيون. پاڻ کي ٻين سان وڌيڪ ڀرپور نموني حال ڀائي ڪندي، اسان اهو دريافت ڪري سگهون ٿا ته جن اندروني ڪمزورين ۽ اوڻاين کي اسان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، اهي به بلڪل اسانجين نيڪين جيان هونديون آهن يعني عالمگير انساني سياءِ جو اڻٽوٽ حصو. پنهنجي اونداهي پاسي کي قبول ڪندي، اسان ان مثان ذاتي ۽ اجتماعي طور ضابطي رکڻ جي حالت ۾ اچي وڃون ٿا، پنهنجي ۽ هڪٻئي آڏو اهو قبول ڪندي ته اسان ڇا آهيون، اسان ان ڳالهه لاءِ ميدان صاف ڪريون ٿا ته اسان ڇا ٿي سگهون ٿا ۽ ان جي ڪابه حد مقرر ٿيل نه آهي، جيڪا اسان جي مثبت صلاحيتن جي مڪمل حد ڪان ٿوري گهٽ ٿي سگهي ٿي. ان رُخ ۾ پيش رفت انهن ڪردارن مٿان هڪ نظر وجهڻ جي ڪوٺ ڏئي ٿي جيڪي منطق، عقل ۽ جذبو انساني زندگيءَ ۾ ادا ڪن ٿا.

عقل ۽ جذبو

اسان هڪ طويل دور مان هاڻي ئي ٻاهر نڪري اچي رهيا آهيون، جنهن ۾ سوچ جو ادب و احترام، بطور هڪ روحاني عمل جي، ڪيو ويندو هو. جڏهن ته جذبي کي هڪ نيچ وصف طور گهٽ ليکيو ويندو هو. جيڪڏهن ممڪن هجي ته ان کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏجي. ڊيڪارٽ جي مشهور بيان "مان سوچيان ٿو، ان ڪري مان زنده آهيان" سوچ کي تجربي جو بنياد بڻائي ڇڏيو، جيئنٽوڻيڪ ڊيڪارٽ احساس کي به سوچ جو هڪ پهلو شمار ڪيو ٿي. وڌيڪ درست بيان هيئن هجي ها ته "مان محسوس ڪيان ٿو، ان ڪري مان زنده آهيان." ڇاڪاڻ ته

احساس، انساني زندگيءَ ۾ سوچ کان وڌيڪ بنيادي آهي؛ پوءِ بہ بهرطور اها وصف جنهن جي معرفت انساني ذهن جي ٿهڪندڙ اُپامندڙ مونجهاري کي نظم و ضبط ۽ رُخ ڏني سگهجي ٿو، اها عقل آهي. عقل مرڪوز ڪيل سوچ جي تيزدار کي دل جي ڏاهپ سان گڏائي ڇڏي ٿو. ڏاهي جان ميڪمري، پنهنجي ڪتاب "ريزن ائنڊ اموشن" (1935) ۾ چيو آهي تہ عقل ۽ جذبو، ٻئي هڪٻئي جا پهلو آهن. هن لکيو آهي:

"جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي چوگرد موجود دنيا جي آگاهيءَ ۾ مڪمل حساس ۽ مڪمل نموني غرق ٿي وڃڻ جي اجازت ڏيون ٿا تہ پوءِ اسان کي دنيا ۾ حقيقي ملهہ جو هڪ سڌو جذباتي تجربو حاصل ٿيندو ۽ اسان ان جي موٽ اهڙن طريقن ۾ ورتاءَ ڪندي ڏيندا آهيون، جيڪي پنهنجي مٿان، پنهنجي موزونيت ۾ عقل جي ۽ شان ۽ آزاديءَ جي ڇاپ ڪٽي هلندا آهن. دنيا جي تخليقي شڪتي اسان کي پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏي ٿي ۽ اسان جي معرفت عمل ڪري ٿي."

اهو ثبوت تہ عقل ۽ جذبو هڪٻئي کان الڳ ٿيندڙ نہ آهن، شايد غير متوقع طور تي سائنسي ڪوشش جي تارازين تي ليجي ٿو. ڀلي سائنسدان کي سچ لاءِ هڪ تڙپ هوندي آهي، هو پنهنجين تحقيقن جي يونواري زبردست جوش سان ڪندو آهي ۽ جڏهن هن جو ڪم، نتيجا پيدا ڪندو آهي، تڏهن هو ڄڻ ستين آسمان تي پهچي ويندو آهي. فنڪار پڻ اذيت ۽ خوشيءَ جي هڪ سلسلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجن احساسن جي ني رهنمائيءَ هيٺ هوندا آهن، جڏهن بہ اهي پنهنجي منتخب ڪيل سامان سان اهي سچ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪندا آهن، جيڪي هو چاهيندا آهن. قانون بي رحم هوندو آهي، جيڪڏهن ان کي ترس ۽ رحم سان مانو نہ ڪيو ويندو آهي. ان ڪري انساني تجربي ۽ موثر ڪم ڪار جي سموري دائري ۾ موزون احساس بہ اوترو ئي اهم آهي، جيترو صحيح سوچ! "اعليٰ عقل" ۽ "جذباتي لاپرواهيءَ" کي هڪٻئي جي مد مقابل بيهارڻ غلطي آهي. احساس بہ اعليٰ ٿي سگهي ٿو. احساس مٿان، ان کي حقير ۽ اڻ اعتبارو سمجهندي، حملو، انسان کي ڪائنات سان هڪ تعميري رشتو قائم ڪرڻ کان ڪٽي ڇڏي ٿو ۽ هن کي "سرد منطق" جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏئي ٿو. منطق، انسان کي هن وسيع ڪائنات جي هڪ غيراهم پنداوار سمجهندي، ابديت منجهہ هڪ عارضي واقعو سمجهندي، هن جو درجو گهٽائي ڇڏي ٿو. عقل ۽ جذبو، انسان کي شين جي مرڪز ۾ ڪٽي وجن ٿا، جني هو ڪوجنا ڪندا، عجب ۾ پوندا، هڪٻئي سان وند ورهاست ڪندا، سور سهندا، خوش ٿيندا، اڻجاتل ۾ پيش قدمي ڪندا وڃن ٿا، سونپيل ڪم جي گهٽائيءَ کان تنگ آيل ۾ ان کي سمجهي وڃڻ جي فتحن باعث جمي بيٺل، جڏهن هو اتي پهچن ٿا. پنهنجي تحقيق ۽ رشتي داريءَ ۾ مدد ڪرڻ

لاءِ، انسان جي هٿ وس. سموري ڪائنات ۾ وڌ ۾ وڌ غير معمولي ۽ پيچيده شيءِ انساني دماغ آهي. اسان فطرت ۾ انسان کي سمجهڻ ۾ تيستائين اڳتي نہ ٿا وڌي سگهون، جيستائين اسان هن جي ناقابلِ يقين دماغ جو مڪمل ڪاٿو نہ ٿا ڪريون.

زندگيءَ جو اوزار

انساني دماغ خود اسان جي پنهنجي متعلق ۽ اسان جي چوگرد موجود سمورين شين متعلق شعور جو ذريعو آهي يا هميشہ کان رهيو آهي؛ اهو زندگي گذارڻ، سمجهڻ، مزي وٺڻ ۽ تعريف ڪرڻ جو هڪ نفاست سان جوڙيل همہ گير اوزار آهي. ان جي پيچيدگيءَ آڏو وڏي ۾ وڏا پيچيده ڪمپيوٽر بہ ٻاراڻا رانديڪا لڳن ٿا ۽ اسان سيني کي اهڙو هڪ دماغ آهي پر اڃا تائين اسان پنهنجن دماغن کي سمجهڻ کان ڪافي پري آهيون، مثال طور اڃا تائين اسان اهو بہ نہ ٿا ڄاڻون تہ حافظو ڪيئن ٿو ڪم ڪري. اسان بهرحال دماغ جي مجموعي ڪمن جو هڪ تصور هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي اڳتي وڌيل آهيون. دماغ ـ جيڪو ڏهہ ارب تنتي گهرڙن کان وڌيڪ جو ٺهيل آهي، تمام گهڻي پيچيده بناوت وارو آهي. ان جا ڪي حصا مخصوص ڪم ڪرڻ لاءِ منظم ٿيل آهن، ٻيا گهرڙا هڪ ڪم کي ٻئي ڪم سان ملائڻ جو ڪم ڪندا آهن. دماغ مستقل طور تي ٻاهرين دنيا مان ايندڙ معلومات کي ڇاڻيندو آهي، ان کي ان پاسي ڏانهن موڪلي ڏيندو آهي، جنهن سان اها واسطو رکندي هوندي آهي يا ان کي ماڳهين دٻائي ڇڏيندو آهي، جيڪڏهن اها ڪيس غير اهم لڳندي آهي. ڏينهن هجي يا رات، دماغ ڪڏهن بہ مڪمل طور تي آرام ۾ نہ هوندو آهي، ان ڪري ان جي سرگرميءَ مان ڦٽندڙ لهرن کي هميشہ جهٽي سگهبو آهي، پوءِ چاهي اسان گهري ننڊ ۾ ستل چو نہ هجون. جڏهن اسان ننڊ ڪندا آهيون، دماغ پنهنجو ڪم ڍرو نہ ڪري ڇڏيندو آهي. اهو بہ لڳندو آهي تہ اسانجن تجربن جي ڇنڊڇاڻ ڪندو رهندو آهي، مسئلن تي غور ڪندو رهندو آهي ۽ وقتاً فوقتاً خواب پيدا ڪندو رهندو آهي، جن جو مفهوم اڃا تائين مڪمل طور تي سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. دماغ جي مخصوص حصن کي زندگيءَ جي ڪم ڪار سان ڳنڍڻ، هڪ اهڃاس آهي، جيڪو سالن کان جاري آهي. اسان کي ڪجھ عرصي کان اها خبر آهي تہ دماغ جا اهي حصا جيڪي ڳالهائڻ متان ضابطو رکندا آهن، دماغ ۾ اندر ڪٿي واقع آهن. ڪهڙا حصا ڪهڙين مشڪن سان لاڳاپيل آهن. هنن تجربن جيئن ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، ڇهڻ ۽ سنگهڻ کي دماغ اندر ڪٿي جايون آهن. تازو ان ڳالهہ جي شاهدي بہ ڪئي ٿيڻ لڳي آهي تہ انسان جي وڌيڪ لطيف صفتن

ڪي بہ دماغ اندر خاص جايون آهن، جن مٿان انهن جو ڪم ڪار دارومدار رکي ٿو. وڏي دماغ (Cerebral Cortex) جو سڄو اڌ فاصلاتي سڄاڳيءَ جو مکيہ مرڪز هوندو آهي، اهو سڄاڻ ۽ خاڪا ناهڻ جي قابليت جو، جُزن کي ڪُل ۾ ملائڻ جو ۽ ماحول سان تخليقي انداز ۾ منهن ڏيڻ جو پڻ مرڪز هوندو آهي. وڏي دماغ جو کابو اڌ ٻوليءَ ۾، عقلي ورتاءَ ۾، نشانين کي سمجهڻ ۽ معلومات جي تجزئي ڪرڻ ۾ ماهر هوندو آهي. (ڪابيزن ماڻهن لاءِ هيءَ صورتحال بلڪل ابتڙ ٿي سگهي ٿي، ڪن ماڻهن ۾ شعور جا ٻئي قسم ڳڌجي بہ سگهن ٿا) وڏي دماغ جا ٻئي اڌ هڪٻئي سان تنتي مادي جي هڪ جوڙ ڪارپس ڪئلوزم ذريعي ڳنڍيل هوندا آهن، تہ جيئن اهي ٻئي اڌ تجربو پرکڻ لاءِ ۽ مناسب جوابي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ڳڌجي هڪ انتهائي طاقتور ميلاپ ناهن. پيا اڀياس ان نتيجي تي پهچائن ٿا تہ وڏي دماغ جا اڳيان پُڙ (Frontal Lobes) سماجي ڏاهپ يعني ذميوار مهذب رويي سان تمام گهڻي ويجهڙائيءَ سان لاڳاپيل آهن. انهن اڳين دماغي حصن کي زخم، ماڻهوءَ جي عقلي طاقتن مٿان رڳو ٿورڙو اثر وجهندو آهي پر هن جي شخصيت ۽ سماجي ورتاءَ تي ان جو تمام برو اثر پوندو آهي. ان سلسلي ۾ قديم مثال، جنهن ماڻهن کي ان انداز ۾ سوچڻ تي مجبور ڪيو، فنيس گئيج جو هو. سي يو ايم سمٿ، ڪتاب "دماغ" (1970) ۾ ان حادثي کي هيٺين بيان ڪري ٿو:

"1848 ۾ فنيس گئيج اتفاقاً هڪ چار فٽ ڊگهي لوهي سيخ پنهنجي مٿي ۾ نوڪي ڇڏي... ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ سندس دماغ جي کٻي اڳئين حصي (Left Frontal lobe) کي تمام بري طرح نقصان رسيو پر سندس باقي بچيل دماغ بلڪل ٺيڪ هو..... هن جو ذهن اڳي وانگر ڦڙت هو ۽ سندس حافظو بہ درست هو پر هو هاڻي هڪ بدليل ماڻهو ٿي ويو هو. ايماندار هجڻ بدران هاڻي هو غير ذميوار ٿي ويو، احتياط ۽ اڳواٽ سوچ جي جاءِ هاڻي ڇيڳرائپ ۽ اڻ اعتباريءَ وارا ري ڇڏي هئي. اٿين ٿي لڳو ڄڻ هن تان ڪنهن قسم جو ڪو رڪاوٽي اثر هٽنجي چڪو هو، ڄڻ ذهن تي زور ڏيڻ
جي ڪا طاقت ختم ٿي چڪي هئي."

وڏيڪ ويجهڙائيءَ ۾ ڊيپريشن ختم ڪرڻ لاءِ دماغ جي اڳين پڙن جي حصن کي هڪٻئي کان ڌار ڪري ڇڏڻ جي سرجريءَ جي نتيجن، دماغ جي اڳين پُڙن ۽ سماجي ورتاءَ وچ ۾ ناتن جي پڪ ڪري ڇڏي آهي. ساڳئي نموني انهن پُڙن جي بيمارين جي جديد اڀياس پڻ اها ڳالهہ ثابت ڪري ڇڏي آهي. ڊاڪٽر گراهم پاويل ڪتاب "دماغ ۽ شخصيت" (1979) ۾ اهڙين بيمارين جي نتيجن متعلق هيٺئن لکيو آهي، "ٻين لاءِ گهٽ فڪر، خودغرضي، پنهنجي ظاهري سياءَ لاءِ گهٽ خيال،

چڙچڙوپڻ". چاڪاڻ ته انسان هڪ سماجي جيو آهي، ان ڪري تي سگهي ٿو ائين فرض ڪيو ويندو هجي ته دماغ جو هڪ حصو، سماجي ورثاءَ کي قائم رکڻ لاءِ پئدا ڪيو ويو هجي. دماغ جو اهڙو ڪو حصو بهرحال صحيح نموني ڪم نه ٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن ان جي مناسب نموني تربيت ڪيل نه هوندي. طبعي يا نفسياتي صلاحيتن کي استعمال ذريعي ئي نپائڻو پوندو آهي. ان ڪري پسنديده انساني صلاحيتن لاءِ تعليم جي ڪابه ڪوٽ شخصيت کي گهٽائي ڇڏيندي آهي. اسان دماغ جي سرگرمين جي تعليمي اثرات تي وڌيڪ تفصيل سان باب ڏهين ۾ غور ڪنداسين.

واڌو ڪم

دماغ جي هڪ وڌيڪ نمايان خوبي هيءَ به آهي ته ان کي وسيع واڌو ذخيرا آهن. ايس اي لوريا (1973) لکي ٿو، "ڪجهه لکين سال اڳ انسان نما دماغ تمام گهڻو وڌڻ شروع ٿيو، اهو اينٽري سائيز جو ٿيڻ لڳو، جيترو اهو اڄ آهي، سڄي جسم جي وزن جو چاليهون حصو." هن ارتقائي واڌ مکيه طور دماغ جي انهن حصن کي متاثر ڪيو، جيڪي اعليٰ ڪمن ڪارين سان لاڳاپيل هئا. هن ڏاڪي تي، لوريا جو وري حوالو ڏيندي، "عملي طور تي هر ڪا شيءِ کي وڌيل دماغي طاقت جي مدد ۾ نظرانداز ڪيو ويو."

جيئن سماجي زندگي اُسري ۽ ڪجهه فارغ وقت ميسر ٿيڻ لڳو، انسان هن واڌو دماغي طاقت کي انهن سمورين شين لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪي سندس وجود جي بقا سان سڌو سنئون لاڳاپيل نه هيون. هو اڃا تائين ائين ڪري پيو. آواز ڪڍڻ ۽ ٻڌڻ جون حسون، شڪار ڪرڻ ۾، سماجي ڏيتيون ليتن ۾، خبردار ڪرڻ ۾، علائقائي دعوائن ۾ ۽ ٻين ڪمائتين سرگرمين ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ڦٽيون، انهن صلاحيتن جي واڌو طاقت گيت ۽ سنگيت ۾ تبديل ٿيڻ لڳي، جيڪي خالص جمالياتي مزي وٺڻ لاءِ هئا. چکڻ جي حس، جيڪا اصل ۾ کاڌي جي معيار لاءِ هڪ چڪاس هئي، رڌپچاءُ جي فنن ۾ تبديل ٿي وئي. ديد، ڊرائنگ ۽ مصوريءَ کي جنم ڏنو؛ اجهي جي ضرورت، تعميراتي فن کي جنم ڏنو. حرڪت، اٿيروبيٽڪس، برف تي ڊڪڻ (اسڪيٽنگ)، رقص ڪرڻ ۽ اهڙين لاتعداد ٻين سرگرمين کي جنم ڏنو، جن ۾ ڪاميابيءَ جي خوشي ۽ جمالياتي مزو، ڪنهن به ڪمائتي افاديت کان ٻاري هئا. اهڙي واڌو انساني صلاحيت جي حاصلات جي اوچائي، خوش اعتقاديءَ کي مات ڏئي ڇڏيندي آهي، جڏهن مثلاً ڪنهن عظيم

ڊرامي ۾ يا عاليشان نموني پيش ڪيل اوپيرا ۾ يا جڏهن عالمي معيار جا برفاني اسڪيٽر، خوبصورت موسيقيءَ جي نغمن سان مڪمل هم آهنگيءَ ۾ پنهنجين ئي جڙيل ترتيبن تي رقص ڪندا آهن. اهڙن مظاهرن وقت ذهن ۽ روح عجب ۽ خوشيءَ سان سرشار ٿي ويندا آهن. انساني حاصلات، پنهنجي عمده ترين صورت ۾، پنهنجو پاڻ ۾ زندگيءَ جي اظهار جو هڪ واضح پيغام هوندي آهي. ان ۾ بطور شرڪت ڪندڙ جي يا تماشبين جي حصو وٺڻ جو مطلب آهي، اسان جي انساني اهميت متعلق شڪن کي ختم ڪرڻ. اسان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي يا ٻين جي تخليقي عمل ۾ يا خود تخليق جي حقيقت ۾ گم ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ڳوليون ٿا. انساني دماغ جي روپ ۾ اسان وٽ هڪ اهڙو اوزار آهي، جيڪو اسان کي نه رڳو عام رواجي زندگيءَ جي امڪانن ۽ خطرن مان پار اڪاريندو ۾ عام رواجي زندگيءَ کي اُتم ۽ اعليٰ ڪرڻ لاءِ، دنياوي کي روحاني ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم ايندو. اهڙي دماغ معرفت اسان ڪائنات، زندگي ۽ هڪٻئي تائين تصوراتي نهڪاءُ، همدردي ۽ محبت سان پهچي سگهون ٿا. اسان هڪٻئي کي صحيح سمجهڻ ۽ محبت ذريعي، سمورين شين سان ڳنڍيل آهيون ۽ ڪڏهن عام رواجي زندگيءَ جي طويل خسيسپڻي ۽ بدصورتيءَ ۽ ظلم جي وجود باوجود، سمورين شين سان هڪ هجڻ جو هڪ احساس محسوس ڪري سگهون ٿا.

ذاتي ڪردار

اڪيلو ٻيهڻ ۽ ڪائنات کي نهارڻ، ماڻهوءَ کي دنيا کان ڪٽي ڇڏڻ جو معاملو نه رهندو، جيڪڏهن اسان ان سڄي ماڻداڻ ۽ عظمت سان پاڻ کي هڪ محسوس ڪريون. اسان هاڻي هتي موجود آهيون ۽ ذرتيءَ جي گولي ڇوڏاري هر ماڻهوءَ سان ڳنڍيل آهيون ۽ اسان سڀ پنهنجين زندگين ۽ پنهنجي دنيا مان ڪجهه قيمتي بڻائڻ چاهيون ٿا. اج اهي ٻئي مقصد هڪ ٿي چڪا آهن. اهائي انساني حقيقت آهي ۽ سمورو هلندڙ تباه ڪن فساد ۽ لڙائي، ڪٺڻ ياهارائڻ واري دور جي مرندڙ باقيات آهن، جن کي هاڻي ماضيءَ جي غيرضروري نشان طور ٿوڪاري سگهجي ٿو. فرد وٽ، ارتقا ۾ پنهنجي ڪردار کي قبول ڪرڻ جي چونڊ جو اختيار آهي، جنهنکي وڌيڪ سجاڻ، وڌيڪ بهتر ڪارڪردگيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ خود زندگيءَ طرفان ڪوٺ ڏنل هوندي آهي يا هو خود غرضانه فائدي ۽ رتبي جي تلاش ۾، زندگي، ٻين ماڻهن ۽ ڌرتيءَ مٿان پوندڙ ان جي اثرن کي ڏيان ۾

نہ رڪندي، پنهنجي مرضيءَ تي خراب ٿي سگهي ٿو. هڪ ڳالھہ يقيني آهي، جيڪڏهن ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ صحيح آهي تہ پوءِ انسان ذات پاران اسان کي ان مٿان ضرور دعويٰ ڪرڻ گهرجي، اڄ وڏي وڏ ماڻهن اها دعويٰ ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي، جيئن مثلاً: جرمنيءَ ۾ گرينس، آمريڪا ۾ وائيلڊرنيس سوسائٽي ۽ نئشنل وائيلڊ لائيف فيڊريشن، يورپ ۾ اڪولاجي پارٽيون، گرين پيس، فرينڊس آف ارٿ ۽ ڪئين ٻيون. جيستائين انسان جو بطور هڪ جنس جي تعلق آهي تہ هو پنهنجن ابن ڏاڏن جو خدا وڃائي چڪو آهي پر ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي مستقبل لاءِ هو پنهنجو پاڻکي هڪ خدا — جهڙي ذميواريءَ سان محسوس ڪري ٿو. هن شيءِ انسان کي هڪ نئون قد و قامت ڏنو آهي. وڪٽورين دور جو شاعر الگونان سونبرن، جيڪو هوئٽن ڪيترن ئي لحاظن کان هڪ عجيب و غريب ڪردار هو پر جيئن شاعر ڪڏهن ائين ڪري وجهندا آهن، هن بہ اهو پيغام پنهنجي دور کان اڳ جهٽي ورتو: "هيءَ شيءِ خدا آهي، پنهنجي طاقت سان انسان ٿيڻ، پنهنجي روح جي سگهہ ۾ سڏو وڏڻ ۽ پنهنجي زندگي روشنيءَ وانگر گهاري ڇڏڻ." هاڻوڪي انسان جي اهائي صورتحال آهي، جيئن جيئن هو بحيثيت هڪ انسان جي ايمانداريءَ ۽ مقصد سان رهڻ جي رستي جي تلاش ڪري ٿو: ٻين سان گڏجڻ، ٻين سان حال پائي ٿيڻ، ٻين سان سهڪار ڪرڻ ائين سڀ گڏجي ڌرتي جا نگهبان بنجڻ. ان ڪردار مان ئي عزت، شموليت ۽ معنيٰ ملي سگهن ٿا. پر زندگي رڳو مناڻ ۽ روشني نہ ٿي ٿي سگهي. پوڙنا اٽتر آهي. زنده رهڻ جو مطلب ڪڏهن بري طرح سان ناڪام ٿيڻ بہ هوندو آهي. اسان جو اڻپورو جسم اسان کي سور ڏيندو. جيڪڏهن اسان محبت ڪريون ٿا تہ پوءِ اسان پوڙيندا سين ڇو تہ محبت ۾ ڪڏهن ڪڏهن جدائي بہ ٿيندي آهي، اسان تڏهن بہ پوڙيندا سون. جڏهن اهي جن سان اسان پيار ڪندا آهيون، پوڙيندا آهن. اذيت، بطور حقيقت جي هڪ حصي جي، رڳو تڏهن ئي ناقابل قبول آهي، جڏهن اسان اهو فرض ڪريون تہ هڪ قادر مطلق، سڀني سان محبت ڪندڙ خدا، اسان مٿان اذيت مسلط ڪئي آهي. هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جي تصور کي جدوجهد ڪندڙ ارتقا سان مٽائڻ، اذيت کي گهٽائي نہ ٿو ڇڏي پر اهو ان کي پس منظر ۾ ضرور رکي ڇڏي ٿو.

اسان کي اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ پوڙنا ڪڏهن ڪڏهن تعميري، انسان دوست، بڻ ٿي سگهي ٿي، جيستوڻيڪ اها تباھ ڪن بڻ ٿي سگهي ٿي. پوڙنا جيڪا زندگيءَ سان جڙيل هوندي آهي، روڪڻ لائق پوڙنا (Suffering) کان هڪ مختلف قسم جي هوندي آهي. زندگيءَ سان جڙيل پوڙنا، وجود جو هڪ پهلو (پاسو) آهي؛ روڪڻ لائق پوڙنا، زندگيءَ جي دشمن آهي، جنهن کي اسان کي جيترو بهتر نموني ٿي سگهي، منهن ڏيڻو آهي.

وقت، زندگي ۽ موت

ڪائنات ۾ انسان کي وقت سان پڻ سمجهوتو ڪرڻو آهي. سمورن جانورن منجهان رڳو انسان ئي وقت کان مڪمل طور تي باشعور آهي. اسان پنهنجو پاڻ کي ازلي حال جي لهر جي چوٽيءَ مٿان سواري ڪندي ڏسون ٿا، جتي ماضي اسان جي پويان ڪٽندو ويندو آهي ۽ مستقبل اسان جي آڏو ڦهليل هوندو آهي. وقت ۾ زنده هوندي ۽ زندگيءَ دوران اسان موت کان، بطور اسان جي مستقبل جي هڪ حصي جي، پڻ آگاهه هوندا آهيون. اها اها قيمت آهي، جيڪا اسان شعور لاءِ ڀريون ٿا. انسان هميشه ان ڳالهه ۾ پريشان رهيو آهي ته موت جي هن حقيقت سان ڪيئن منهن ڏيئي. هن تصور ۾ ڪئين قسمن جا بهشت اڏي ڇڏيا آهن ۽ ٻيهر جي اٿڻ جي امڪانن بابت به سوچي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته هنن معاملن ۾ ڪا به يقينيت نه ٿي ٿي سگهي، ته پوءِ هاڻوڪي انسان کي موت جي مسئلي سان ڪهڙي نموني منهن ڏيڻ گهرجي؟ جيڪڏهن اسان اهو تسليم ڪريون ته موت اسانجي وجود جي هڪ حالت آهي، ته پوءِ ان بابت سوچ ڪجهه قدر گهٽ پريشان ڪندڙ ٿي سگهي ٿي. اسان انسان ستارن مان ورتل آهيون، ڪائنات جي ئي جسم مان جاول آهيون، ان ڪري اسان پڻ موت —— ورتل آهيون، پيدائش جي اڻکٽ چڪر جو نتيجو! پر موت لاءِ ارتقا واقع نه پئي ٿي سگهي ۽ اسان هتي نه هجڻ گهرجون ها. ان تناظر ۾ زندگي ۽ موت، هڪٻئي جا پهلو ٿي وڃن ٿا. اسانجي يقيني لافانيت ان ۾ آهي ته اسان ڇا تخليق ڪرڻ ۾ مدد ڪريون ٿا. ذاتي بقا بلڪل هڪ ٻيو سوال آهي. اسانجو ڪجهه نه ڪجهه اثر نموني باقي بچي ٿو، ڇاڪاڻ ته اسان مان هر هڪ ڪائنات جو هڪ حصو آهي. جيئن جاڻ وڌي ٿي، نقطهِ نظر تبديل ٿئي ٿو ۽ اڻين ئي سموري تاريخ دوران ٿيو آهي. ان ڪري حتمي پيشن گوئيون اسان وٽ موجود ناهن. ان وچ ۾ "سچ" جي ڳولا جاري آهي، جيڪا هڪ منجهائيندڙ ۽ للڪاريندڙ صورتحال آهي.

باب انون

ازل جا اشارا

"ماڻهوءَ جي پهچ ڪئي، هن جي گرفت کان ضرور گوءِ ڪٽي وڃڻ کپي."

برائوننگ

پوءِ اها ني ڪائنات ۾ موجود اسان جي زندگي آهي، جنهن ۾ اسان جا خيال، اڻ کٽ تخليقي ڪائنات جي زبردست اٿل پٿل ۾ اسان جي مقام ۽ حصي متعلق، آهستي آهستي چٽا ٿي رهيا آهن، پر اسان جا ذهن ان تي راضي نه آهن، اهي شين جي ازلي حقيقت جي جهلڪين جي تلاش ڪندا رهن ٿا. جيڪي اسان جي روزمره جي خبرگيريءَ کان پري موجود آهن. هر ماڻهوءَ لاءِ بهرحال ائين ناهي، ڪي ماڻهو روزاني زندگي گهارڻ تي راضي لڳندا آهن. اسان جو نسل بهرحال بحيثيت مجموعي ظاهر خارجي دنيا کان ڪڏهن به مطمئن نه ٿيڻو آهي، اهو وڌيڪ گهري سمجهاڻي ڳوليندو رهي ٿو. اڪثر ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن ڪڏهن ان نموني ني محسوس ڪندا آهن، جيڪا ڳالهه خاص طور تي هن وقت پراسرار آهي، ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه جاتل کان مٿي موجود آهي، غير متوقع پاسا ڏيکاريندو آهي. هي سڀ ڪجهه ماضيءَ ۾ مذهبن جي خاص توجهه جو موضوع پئي رهيو آهي، جڏهن ته سائنسدانن جو ڪم معروضي ڪائنات بابت کوجنا ڪرڻ پئي رهيو آهي. پر هاڻي اهو سڀ تبديل ٿي چڪو آهي. بس تازو ني هنن ٻن قسمن جي کوجن ـــ مذهبي ۽ سائنسي وچ ۾ موجود فرق گهٽ ٿي چڪو آهي. جديد مذهبي عالم يقينيت جي دعوىٰ نه ٿا ڪن، جيئن سندن ساٿي ماضيءَ ۾ ائين ڪرڻ جا عادي هوندا هئا. ٻئي پاسي جديد سائنسدان هاڻي انساني روح (Sprit) جي موضوعي لرزشن کي گمراهه ٿيل فريبن طور نه ٿا ليکن، ان ڪري روايتي مذهبي يقينيت جو گهڻو مقدار موجود آهي، جيڪو اڃ ڪمزور آهي، جڏهن ته سائنس جي چيزن تي اهڙا اسرار موجود آهن، جن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪي رڳو سائنسي طريقن سان سمجهه ۾ اچڻا نه آهن. حياتياتي ماهر جي بي ايس هالڊين، ڪتاب "سائنس ۽ زندگي" (1968) ۾ ان صورتحال جو هيئن تت ڪڍيو آهي، "جينوٽيڪ مذهب سچا ڪوڙا آهن پر اهي ڪنهن اهڙي شيءِ سان لاڳاپيل

آهن، جيڪا تمام گهڻو اهم آهي."

"ڪوڙن" مان هالڊين جو مطلب هو واقعاتي موادَ ۾ غلط ۽ وضاحتي قوت ۾ اٽپورا! "ڪنهن تمام گهڻي اهم شيءِ" مان هن جو مطلب هو "ناقابل بيان" شين سان نيڪ نموني واسطو رکندڙ، انساني تجربي جي داخلي پاسن سميت.

اڄ ازلي حقيقت جي اڻ کٽ تلاش، سائنس ۽ مذهب — ٻنهي جي ايجنڊا تي آهي، هن باب ۾ اسان انهن خيالن مان ڪجهه کي مختصر نظر مان ڪينداسون، جيڪي ٻنهي شعبن لاءِ مشترڪ آهن. ان جو مقصد "گڏجي سوچڻ" ڏانهن هڪ واڌارو آڻڻو آهي، جنهن ۾ ماڻهن جو هڪ ٻئي ڏانهن وڌندڙ انگ شامل آهي.

سڄا ۽ جُزا

ڪوجناتي جديد سوچ ۾ هڪ فيصلا ڪن تبديلي جُزن ۽ سندن مشيني لاڳاپن جي اڀياس ۾ گم ٿي وڃڻ کان سڄن جي خصوصي خاصيتن ۾ دلچسپيءَ ڏانهن پيش قدمي آهي. هيءَ ڳالهه اها حقيقت ضرور ذيان ۾ رکي ته اڪثر جزا ساڳئي وقت تي سڄا پڻ هوندا آهن. اليڪٽران پنڪڙا سڄا آهن، جن کي خود پنهنجو هڪ مخصوص وجود هوندو آهي، اهي ائٽمن، ماليڪيولن ۽ بحيثيت مجموعي مادي جو هڪ حصو پڻ هوندا آهن. دل پنهنجو پاڻ ۾ هڪ مڪمل عضوو آهي پر اها سڄي ساري هڪ جسم جو پڻ حصو آهي.

سوچڻ جي هن نئين "مجموعي" (Holistic) انداز ۾ جُزن بابت وڌ ۾ وڌ ڇاڻڻ جي ضرورت کي مڪمل طور تي تسليم ڪيو وڃي ٿو، گڏوگڏ ان خيال سان ته سڄو هميشه جزن جي جوڙ کان وڌيڪ هوندو آهي. هي هڪ ڪتابي دليل نه آهي، اهو جديد سوچ لاءِ بنيادي آهي. سائنس اصل ۾ هر شيءِ جي وضاحت، جيڪو ان ۾ مشاهدي لائق ۽ ماپي سگهڻ لائق هوندو آهي، مختلف جُزن ۾ صبر سان ٽوڙي ڇڏڻ ذريعي ۽ پوءِ اهو ڏسڻ ذريعي ته اهي جزا پاڻ ۾ ڪهڙي نموني نهڪي بيهن ٿا، ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هن انداز کي اختصار پسندي (Reductionism) سڏيو ويو آهي. ٽيڪنالاجيڪل دنيا، جنهن ۾ اسان رهون ٿا، پنيان جيڪا ڄاڻ آهي، هن اختصار پسند انداز جي پيداوار آهي، جيڪو روايتي طبيعات، حياتيات، طب، توانائي جي نون وسيلن جي واڌاري ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ استعمال ٿيندڙ طريقو آهي. اهو پوءِ به بهرحال اٽپورو نه آهي ڇو ته اهو سڄن کي ٻيو ڪجهه نه پر جُزن جو جوڙ سمجهي ٿو. اهو طريقو چئي ٿو ته جزا ئي سڄي کي اهو ڪجهه بڻائن ٿا، جيڪو اهو هوندو آهي، جڏهن ته سڄو پنهنجو پاڻ

۾ هڪ مڪمل شيءِ ٿي سگهي ٿو، جيڪا اها طاقت پئدا ڪرڻ جي قابل هوندي آهي، جيڪا جُزن کي اٿين ورتاءُ ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي، جيئن اهي ڪندا آهن. نظرياتي طبعيتدان رجوف ڪئپرا اختصار پسنديءَ کان مجموعي سوچ ڏانهن تبديليءَ تي هڪ پورو ڪتاب "دي ٽرننگ پوائنٽ" (1982) وقف ڪري ڇڏيو آهي. هو لکي ٿو:

"اسان کي جنهن شيءِ جي ضرورت آهي، اها آهي حقيقت جي هڪ نئين نظر، اسانجن سوچن، احساسن ۽ قدرن ۾ هڪ بنيادي تبديلي. هن تبديليءَ يعني حقيقت جي مشيني تصور کان مجموعي تصور تائين ڦير، جون شروعاتون اڳ ئي سمورن شعبن ۾ نظر اچي رهيون آهن ۽ گهڻي قدر هاڻوڪي ڏهاڪي تي به غالب پوڻ واريون آهن."

جيڪو ڪجهه هاڻي ايندو، ان جو گهڻو حصو ڪئپرا جي خيالن جي تصديق ڪري ٿو.

ذهن ۽ دماغ

ذهني زندگيءَ ڏانهن مجموعي انداز، شروعات ڪرڻ لاءِ هڪ سٺو هنڌ آهي. صدين کان ديني ماهر، فلاسافر ۽ نفسياتدان "ذهن ۽ دماغ" واري مسئلي تي منجهيل پئي رهيا آهن. سمورو ذهني تجربو، دماغ ۾ اندر ٿيندڙ تنتي سرگرميءَ سان ڪٺي ٿيندو آهي. ته پوءِ ڇا جنهن شيءِ کي اسان ذهن ڪوٺيون ٿا، اها دماغي سرگرميءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي؟ اختصار پسند انداز ان ڳالهه تي زور ڀري ٿو ته هڪ دفعو جڏهن اسان تنتي گهرڙن، دماغي سرڪٽن ۽ دماغي، ڪيمسٽريءَ جي باري ۾ ڪافي ڪجهه ڄاڻي وينداسين، پوءِ سموري ذهني زندگي اهڙن عنصرن طرفان وجود ۾ آيل نظر ايندي. ٻئي پاسي مجموعي انداز هي آهي ته دماغ ۽ ذهن هڪ واحد پيچيده سرشتو جوڙن ٿا، جيڪو ڪيترن ئي طريقن ۾ ڪم ڪري ٿو، جن جي جُزن جي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن به وضاحت نه ٿي ڪري سگهجي. (ذهني سرگرميءَ بابت اجا هڪ ٻيو انداز به آهي، جيڪو ٻٽو آهي. اهو دماغ کي هڪ اهڙي عضوي طور ليکي ٿو، جنهن کي ذهن پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪري ٿو. هي انداز خود ذهن کي ڪنهن به وضاحت کان بغير ڇڏي ڏئي ٿو) پروفيسر راجر اسپيري، جنهن جو علم طب جي 1982 واري نوبل انعام ۾ حصو هو، پنهنجي تازي ڪتاب "سائنس ۽ مورل پراپرٽي" (1983) ۾ دماغ، ذهن ۽ شخصيت جي پيچيده مسئلي ۽ سماج ۽ ارتقا ۾ اعليٰ سطحي ذهني سرگرميءَ جي ڪردار تي نئين روشني وڌي آهي. هو اسان جي اعليٰ ذهني تنظيم کي تشريحي، تخليقي ۽

عملي ڪمن سان نوازيل بيان ڪري ٿو، جنهنڪري اسان کي ذهن ۽ دماغ کي بطور جدا هستين جي ليکڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي، نہ ئي اهو فرض ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ اسان جي داخلي ذهني زندگي، دماغي سرگرميءَ جي زيردست آهي. حقيقت ۾ اسپيري، واقعن جي اختصار پسند ترتيب کي ابتو ڪري بيهاري ٿو ۽ سموري داخلي ذهني نظام کي، خيالن ۽ قدرن سميت، دماغ اندر سرگرمي پيدا ڪرڻ جي قابل سمجهي ٿو. ڪمپيوٽر سان مشابهت ڏيندي، اسان ائين چئي سگهون ٿا تہ خيال ۽ قدر، دماغ کي ائين ڪم ڪرڻ لاءِ پروگرام ڏين ٿا، جيئن اهو ڪري ٿو. ڪتاب "دماغ جا پروگرام" (1978) ۾ انساني بدن جو ماهر (Anatomist) پروفيسر جي - زيڊ - نيگ چئي ٿو، "دماغ، رڳو باهرين معلومات جو غلام، هڪ ستل ايجنٽ نہ آهي، ان جي اندر مان بہ اثرات نڪرن ٿا، جيڪي اسانجين زندگين لاءِ پروگرام مهيا ڪري سگهن ٿا."

1984 ۾ بي بي سيءَ جي ريٿ ليڪچرن ۾ جان سرلي ان خيال جي پنيرائي ڪئي تہ "ذهني واقعا، طبعي واقعا پيدا ڪري سگهن ٿا." اسان کي هاڻي خيالن کي، بطور قوتن جي، ليکڻو پوندو. البت خيال ۽ قدر، فطري چوندہ طرفان چاڻيا ويندا آهن، چڱا خيال ۽ قدر بچي وڃن ٿا ۽ مستقبل تي اثرانداز ٿين ٿا، غلط خيال ۽ قدر نيث مري وڃن ٿا. اڪثر نموني قيمتي نوان خيال ڪڏهن ڪڏهن وقت کان اڳ وارا هوندا آهن ۽ کين پنهنجي وقت جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي، مثال طور عورتن جي برابريءَ جي خيال جون شروعاتون ڪافي نقلي ٿيون ۽ هاڻي آهستي آهستي اهو خيال پاڻ کي قائم ڪري رهيو آهي. موقعن جي برابريءَ جا خيال، جيڪي انگريزُ انقلاب (1649-1660) جي زماني ۾ اُتاريا ويا ۽ چيپاڻيا ويا، هاڻي بطور خيالن جي هڪ عام شيءِ آهن، چاڪاڻ تہ ويهين صدي انهن لاءِ تيار هئي، جيئوٽيڪ اجا تائين اهي تمام اٺوري انداز ۾ لاڳو ٿيل آهن. اسان اسپيري کي اجازت ڏيون ٿا تہ هو هنن نين دريافتن جو اختصار ڪري. ذهني زندگيءَ جي مجموعي تشريح تي هو لکي ٿو:

"منهنجي پراڻي اعتماد واري مادي پرست منطق پهريون دفعو 1964ع جي بهار ۾ دماغ جي ارتقائي هڪ غير ٽيڪنيڪي ليڪچر تيار ڪرڻ دوران لڏي وئي..... مون پاڻ کي ان وقت جي بي وضع نظرئي تي پهچندي ڏٺو تہ ڦٽندڙ ذهني قوتون، دماغي سرگرميءَ ۾ برقي حياتياتي واقعن مٿان لازماً منطقي طور اسبابي (Causal) ضابطو ڏيڪاريندڙيون آهن. ذهني قوتون، دماغ جي ڪم ڪار ۾ گهرڙي، ماليڪيول يا انتمي سطحن تي سرگرم قوتن جيترين يا انهن کان وڌيڪ موثر سمجهيون وڃن آهن." يا وري "مان داخلي ذهني لقائن کي اولين، اسبابي طور طاقتور حقيقتون سمجهان ٿو، جڏهن انهن کي داخلي طور سندن طبعي ڪيمياڻي عنصرن کان مختلف انهن کان وڌيڪ ۽ انهن تائين گهٽائي نہ سگهڻ جهڙو محسوس

ڪيو ويندو آهي." اسپيري، معروضي دنيا ۾ واقعن تي اثر انداز ٿيڻ ۽ انهن مٿان ضابطي رکڻ ۾ خيالن ۽ قدرن جي ڪردار تي، بطور قوتن جي، زور ڀري ٿو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته انسانذات کي، ذرتيءَ مٿان زندگي جي مستقبل کي هڪ مثبت رُخ ڏيڻ ۾ گهربل قدرن بابت هڪ ناهه تي پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اسپيري لکي ٿو.

"مثالي طور قيمتي فيصلن وارا قدم کڻڻ لاءِ جيڪا شيءِ گهربل آهي، اها آهي ڪائنات ۽ ان ۾ انسان ۽ زندگيءَ جي تجربي جي مقام ۽ ڪردار جي ڪجهه اعليٰ سمجهه ۽ تشريح تي اتفاق راءِ."

مجموعي سوچ ڏانهن اسان جو اڳلو سفر، اسان کي سمورين انساني حقيقتن مان وڌ ۾ وڌ بنيادي شيءِ يعني خود ذرتيءَ متعلق نون خيالن ڏانهن وٺي ويندو.

زنده ذرتي*

ڪيمسٽ ۽ سائبرنيٽسسٽ جي اي لولاڪ، پنهنجي ڪتاب "گائا" (1979) ۾ ان ڊرامائي شاهديءَ کي اهو ڏيکارڻ لاءِ اڳتي وڌايو آهي ته سڄي ذرتي هڪ واحد زنده هستي آهي، هڪ زنده سرشتو آهي جيڪو زندگيءَ جي خدمت ۾ پنهنجن حصن مٿان اثر انداز ٿي رهيو آهي. پيٽررسيل، ڪتاب "دي اويڪننگ ارٿ" (1982) ۾ لولاڪ جي نظرئي کي هيٺين سهيڙي ٿو، "زنده مادي جا سمورا قسم وائرسن کان وهيل مڇين تائين، الگي کان شاهه بلوط جي وڻن تائين ۽ هوا، سمنڊ ۽ زميني مٿاڇرو، سڀ هڪ مهاسرشتي جو حصو لڳن ٿا، جيڪو هوا، سمنڊ ۽ زمين جي گرميءَ جي درجي ۽ بناوت کي ضابطي ۾ رکڻ جي قابل هوندو آهي، ته جيئن ذرتي سياري تي زندگيءَ جي بقا لاءِ موافق حالتون برقرار رکجن."

لولاڪ جي نظرئي جو هڪ اهم حصو، اهو طريقو آهي، جنهن سان ذرتيءَ جي آبهوا، جڳن کان، صدين کان پاڻ کي توازن جي حالت ۾ رکندي پئي اچي، جيڪو زندگي لاءِ قطعي طور اهم آهي. هوا ۾ موجود آڪسيجن ۽ نائٽروجن جو زندگي بخش تناسب جيڪو سمنڊ جي سطح تي 21 سيڪڙو ۽ 79 سيڪڙو آهي، ڪيميائي طور تي هڪ اڻ جٽادار معاملو آهي ڇاڪاڻ ته آڪسيجن تيزيءَ سان ٻين شين طرفان ڇهجندي رهندي آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان کي چانديءَ کي اڪثر صاف ڪرڻو پوندو آهي. آڪسيجن/نائٽروجن جي ان تناسب ۾ جيڪا گهٽ وڌائي، دنيا جي چوڌاري هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين ٿيندي رهي ٿي، رڳو معمولي هوندي آهي. ان تناسب ۾ ڪابه چڱي خاصي تبديلي، تباهه ڪن ثابت ٿيندي. لولاڪ لکي ٿو، "اسانجي موجوده آبهوا، آڪسيجن جي 21 سيڪڙو سطح

سان زندگيءَ لاءِ محفوظ مٿين سطح تي آهي. ان جي گهاٽائيءَ ۾ رڳو ٿورڙي واڌ بہ باهين جي خطري کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندي. آڪسيجن جي هاڻوڪي گهاٽائيءَ ۾ هر هڪ سيڪڙو واڌ، آسماني بجليءَ طرفان ٻيلن جي باهہ جي امڪان کي 70 سيڪڙو وڌائي ڇڏيندي، 25 سيڪڙو آڪسيجن کان مٿي جي سطح تي انهن تيز شعلن کان اسان جي موجوده زميني نباتيات جو تمام ٿورو حصو بچي سگهندو، جيڪو گرم علائقن جي برساتي جهنگلن ۽ اتر قطب جي برفاني صحرائن کي ساڳئي نموني تباهہ ڪندو."

جيستائين هوا ۾ آڪسيجن جي مقدار ۾ گهٽتائيءَ جو سوال آهي تہ ان ۾ تمام ٿورڙي گهٽتائي بہ زندگيءَ جي عملن کي بيهاري ڇڏيندي آهي. اهوئي سبب آهي جو اهو ڪوهہ پيما، جيڪو آڪسيجن ماسڪ کانسواءِ هوندو آهي، مٿي جبل تي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندو آهي. گهٽ آڪسيجن اڪثر زندگيءَ کي قتل ڪري ڇڏيندي آهي، ان جو ثبوت اهو آهي تہ اسان جو ڪوهہ پيما جيئن گهڻو مٿي چڙهندو ويندو آهي، تيئن تيئن جبلن جون لاهيون وڌيڪ بنجر ٿينديون وينديون آهن. تنهنڪري اسان زندگي برقرار رکڻ جيتري گهٽ آڪسيجن ۽ سياري ڌرتيءَ جي سڙي ڪپي وڃڻ جي خطري جيتري وڌيڪ آڪسيجن جي وچ تي هڪ تلوار جي ڌار تي رهون ٿا.

آخر اهو نازڪ توازن مستقل طور تي ڪيئن برقرار رهندو پيو اچي؟ اسان 'ن نتيجي تي پهچون ٿا تہ ڌرتي ڪنهن طرح سان زندگيءَ لاءِ موزون حالتون برقرار رکي ٿي، جڻ ڪ هوءَ پنهنجين ضرورتن کان حساس هجي. انساني جسم ۾ پيدائشي طور ڪئين نظام موجود آهن، جيڪي ان جا زندگيءَبخش ڪيمياڻي توازن برقرار رکندا آهن، مثال طور رت کي ڪار ۽ تيزابيت وچ ۾ توازن جي ٿورڙو ڪارواري پاسي تي هجڻ جي ضرورت هوندي آهي، ان ۾ ٿورڙي بہ گهٽ وڌائي، پوءِ هن پاسي يا هن پاسي، جسم ۾ فوراً بيماري پيدا ڪري وجهندي آهي. ان توازن ۾ وڏي خرابي، موت آڻي ڇڏيندي آهي. زنده سرشتن ۾ توازن جي هن حالت کي اندروني توازن (Homeostasis) چيو ويندو آهي. لولاڪ جنهن طرف ڌيان ڇڪايو آهي، اهو سياراتي اندروني توازن آهي. آبهوائي توازن برقرار رکڻ کان علاوه، سياراتي اندروني توازن جا ٻيا مثال هي آهن، ڌرتيءَ جي گرميءَ جي درجي تي ضابطو، سمنڊ جو کارو پڻ، سج جي الٽراوايوليٽ شعاعن کي ڌرتيءَ تي پهچڻ کان روڪڻ." زندگيءَ لاءِ موافق گرميءَ جي درجي جي حد 15 کان 35 ڊگري سينٽي گريڊ اندازاً 60 کان 100 فهرنائيٽ آهي. هيءَ حد لڳي ٿو تہ سياري جي وسيع علائقي ۾ مختلف قسمن جي اثرن باوجود، جيڪي زندگيءَ کي نقصان پهچائي پئي سگهيا، ڪروڙها سالن کان برقرار رکي پئي وئي آهي. سمنڊ جي لوڻيات اٽڪل 3 1/2 سيڪڙو تي رکيل آهي، جيئوٽيڪ لوڻ سڄي دنيا جي ندين رستي سمنڊ ۾

لڙهي ايندو آهي. ان لوڻيات ۾ 6 سيڪڙو تائين واڌ زندگيءَ لاءِ قاتل ثابت ٿيندي. زندگي کان خالي مثل سمنڊ (Dead Sea) عام ساموندي پاڻيءَ کان اڻ دفعا وڌيڪ لوڻيانو آهي، چاڪاڻ ته اهو هڪ بند ٿيل ڍنڍ آهي، جنهن جي مٿاڇري کان نڪرندڙ پاڻيءَ جي بخارن کي اردن ۽ ڪجهه ٻين وهڪرن منجهان ايندڙ پاڻيءَ ذريعي مشڪل سان برابر ڪيو ويندو آهي. ٻين سمنڊن جي لوڻيات وڌي پئماني تي ڇو نه ٿي وڌي؟ الٽراوايوليٽ روشني، جيڪا پٽل سازيءَ لاءِ سٺي هوندي آهي، پر گهڻي مقدار ۾ موتمار ٿيندي آهي، مٿين آبهوا ۾ اوزون ته ذريعي هڪ مستقل زندگي دوست سطح تي رکي ويندي آهي. الٽراوايوليٽ شعاعن جي شدت توقع کان گهٽ گهٽ، گهٽ وڌ ٿيندي آهي. عظيم ماهر عضويات ڊبليو. بي ڪينن جسم جي اندروني توازن کي برقرار رکڻ جي اسان جي لياقت کي "جسم جي ڏاهپ" (1932) ڪوٺيو آهي. لولاڪ جيڪا شيءِ اسان کي ڏيکاري ٿو، اها ڌرتيءَ جي ڏاهپ آهي. اهو ڪيئن واقع ٿئي ٿو؟ ڪوبه نه ٿو ڄاڻي. اهو "سمجهه کان ٻاهر ڪنهن شيءِ" جو هڪ مثال آهي: ڪنهن نظام جي ڪنهن غير متوقع تناظر، جنهن ۾ اسانجون زندگيون ٻيڻل آهن، ڏانهن هڪ اشارو آهي، جنهن جي ذريعي زندگي خود پنهنجين ضرورتن جي پاڻ سنڀال لهندي آهي. اهڙا نظام پنهنجا راز رکو سچن جو نيڪ ناڪ حساب ڪرڻ ذريعي ۽ ان ڳالهه جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ ذريعي ته سچو پنهنجي خدمت ۾ پنهنجن حصن مٿان ڪيئن ضابطو رکي ٿو، کوليندا آهن.

پيچيده نظام

جيئن لولاڪ ڌرتيءَ جو، بطور هڪ مڪمل زنده هستيءَ جي، جيڪا هڪ هم آهنگ انداز ۾ ڪم ڪندي رهي ٿي، هڪ تصور ڏئي ڇڏيو آهي، تيئن طبيعتدان ڊيوڊ بوهم سموري ڪائنات بابت اهڙو تصور پيش ڪيو آهي، پنهنجي ڪتاب "هولنيس ۽ دي امپليڪيٽ آرڊر (1980) ۾ هو ڪائنات کي هڪ بلڪل نئين انداز ۾ ڏسڻ ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جيڪو ايترو پيچيده آهي جو ان جو هتي تفصيل ڏيڻ ممڪن نه آهي. اهو ان ڏانهن جيڪو اسان اڳ ئي ڏسي آيا آهيون، هڪ قابل فهم انداز آهي، يعني ان ڏانهن ته هر شيءِ تبديل ٿي رهي آهي ۽ اهو ته هر شيءِ، هر ٻي شيءِ سان لاڳاپيل آهي ۽ ان سان باهمي عمل ڪري رهي آهي. هن انداز ۾ ڏٺي وڃڻ سان ڪابه شيءِ جيڪا وجود رکي ٿي، وقت ۾ هڪ قسم

جي سراسري تصوير بڻجي وڃي ٿي، تبديليءَ جي هڪ انداز جو هڪ هنڌ جمي بيهي رهڻ هجي ٿي، جيئن جڏهن هڪ نباتياتي ماهر هڪ گل جي ٽڙڻ جو فوٽو ڪڍي وٺندو آهي. هڪ شاهه بلوط جو وڻ ڪافي سخت نظر ايندو آهي پر جڏهن اسان ان تي نظر وجهندا آهيون، ته اسان کي ڦيرڦار جي هڪ سلسلي جو رڳو هڪ رخ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو شاهه بلوط جي ٻج کان شروع ٿيندو آهي ۽ شايد چار سو سالن کان پوءِ ان وڻ جي فنا ٿي وڃڻ تي ختم ٿيندو آهي. شيون ڪيئن آهن، ان ۾ هڪ ٻي جهاتي، شين جي هڪٻئي ۾ اندر پيهي وڃڻ جي اپياس مان به ملي ٿي. پاڻيءَ جو هڪ ماليڪيول ڪيترن ئي بحري جيون جي زندگيءَ جي چڪر ۾ هڪ حصو ادا ڪري سگهي ٿو، اهو پوءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ مٿان بخار جي، هوا رستي يورڪ شائر ڊئلس تائين پهچي سگهيٿو، جتي اهو گاهه جو حصو بڻجي وڃي ٿو، جيڪو هڪ ٻڪريءَ جو ڪاڄ بڻجي، پاڻيءَ جي ان ماليڪيول کي ان جي رت ۾ گردش ڪرائي ٿو، جتان اهو ان جي پيشاب رستي زمين تي وري واپس اچي وڃي ٿو ۽ اهڙي طرح ڪڏهن زندگيءَ جي حصي طور ۽ڪڏهن اتين ڪيترن ئي ٻين ملڪن مان ٿيندو، نيٺ وري واپس اچي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڇا اسان اهڙي هڪ ماليڪيول کي زنده يا مرده چوڻ وارا آهيون؟

سموري ڪائنات قوتن، هستين ۽ سرشتن جو هڪ عظيم ڊرامائي متحرڪ ميلاپ آهي، ڪابه شيءِ جيڪا اسان ڏسون ٿا ۽ سنڌس نالو وٺون ٿا، سمورن قسمن جي عملن لاءِ هڪ ملنڊڙ جاءِ آهي، تنهنڪري دنيا جو هر حصو، جنهن تي اسان نظر وجهون ٿا، پنهنجي اندر سڄي (ڪُل) جي هڪ ڇاپ ساڻ کڻي هلي ٿو. بوهم ٻن دنيائي نظامن جي ڳالهه ڪري ٿو، هڪ آهي الڳ ڪرڻ وارو (Explicate) نظام، جيڪو شين کي مخصوص هستين ۾ جدا ڪري ٿو، اهو عام طريقو آهي جنهن سان اسان دنيا کي سمجهندا آهيون؛ ٻيو آهي گڏ ڪرڻ وارو (Implicate) نظام، شين جي بنيادي اصليت، جنهن ۾ هر شيءِ، هر ٻي شيءِ جي اندر وڪوڙيل هجي ٿي. بوهم جي نقطه نظر کي هولوگرافڪ نمونو ڪوٺيو ويو آهي، ڇو ته اهو فوٽو جي ان غير معمولي قسم جهڙو آهي، جنهن کي هولوگرام (Hologram) سڏيو ويندو آهي. هڪ هولوگرام، هڪ فوٽو گرافڪ پليٽ تي اهي ٽڪرائيندڙ نقش محفوظ ڪرڻ سان نهندو آهي، جيڪي جڏهن ليزر روشني، فوٽو نڪرندڙ ماٺهوءَ يا شيءِ کان منعڪس ٿي، هڪ سنئين سڌي شعاع جي شڪل ۾ سفر ڪندي آهي، پنڌا ٿي پوندا آهن. بعد ۾ جيڪڏهن ان فوٽو گرافڪ پليٽ کي روشنيءَ جي هڪ شعاع سان روشن ڪيو ويندو آهي ته پوءِ ڏسندڙ جي اکين آڏو فوٽو ڪڍيل شيءِ جو هڪ ته پاسائون (3- dimensional) عڪس هوا ۾ لٽڪيل ظاهر ٿي پوندو آهي. هي ڪافي عجيب آهي، پر اڃا به وڌيڪ عجيب هيءَ ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اهو هولوگرام ٽوڙيو ويندو آهي، پوءِ سڄي جو هڪ مڪمل،

جيتوڻيڪ ٽورڙو ڏنڌلو، تہ پاسائون عڪس، ان پليٽ جي ڪنهن بہ حصي مان پوءِ بہ بيهر پيدا ڪري سگهبو آهي. ڪنهن طرح سان سڄو عڪس هولوگرام جي هر حصي ۾ موجود هوندو آهي. بوهم زندگيءَ سميت هر شيءِ کي سڄي ۾ پيوست ٿيل ۽ ان مان ڦٽي ٻاهر نڪرندڙ سمجهي ٿو، جڏهن ان لاءِ انهن ڪرڻ واسطي حالتون صحيح ٿين ٿيون. بوهم لکي ٿو:

"خود زندگيءَ کي ڪنهن معنيٰ ۾ هڪ مجموعيت (Totality) سان واسطو رکندڙ قرار ڏئي سگهجي ٿو.... بيشڪ انهن چئي سگهجي ٿو تہ زندگي مجموعيت ۾ وڪوڙيل ۽ اهو تہ جڏهن اها ظاهر ٿيل نہ بہ هوندي آهي، تڏهن بہ اها ڪنهن طرح سان هڪ اهڙي حالت ۾ مضمر هوندي آهي، جنهن کي اسان عمومي طور تي هڪ اهڙي صورت ڪوٺيندا آهيون، جنهن ۾ ڪا بہ زندگي نہ هوندي آهي."

ڇا هي نظريو شعور سان لاڳو ٿئي ٿو؟ بوهم اهو ظاهر ڪري ٿو تہ شعور، دماغ جي گهرڙن ۾ ويڙهيل هوندو آهي، جيڪي عمومي طور تي مادي جو حصو آهن، مادو ڪائنات ۾ ويڙهيل آهي. ان ڪري جيئن زندگي ڪائنات ۾ مضمر آهي، بوهم چئي ٿو، بلڪل ائين شعور بہ آهي. ان جي بهرحال اها معنيٰ نہ آهي تہ شعور ذات هر هنڌ موجود آهي، شعور ذات پاڻ کي رڳو، مادي ۽ زندگيءَ جي هڪ مخصوص ترتيب، جنهن کي "انسان" ڪوٺجي ٿو، ۾ ئي ظاهر ڪري ٿو. پر شعور پنهنجي طور تي ڪُل ۾، بطور هڪ ڳجهي صلاحيت جي، پوشيده ٿيل ٿئي ٿي. لولاڪ ۽بوهم جهڙا ليڪڪ، جو ڪجهہ اسان جي محسوسات کان بالاتر آهي، ان جي سرحد تي ڪم ڪري رهيا آهن، هو اسان کي جيڪا فطرت پيش ڪن ٿا، سا هڪ واضح نموني تبديل ٿيل فطرت آهي. اسان هاڻي ڪجهہ ٻين بي باڪ بصيرتن تہ شيون حقيقت ۾ ڪيئن آهن، جي کوج لڳائيندا سون.

زندگي، صورت ۽ وهڪرو آهي

هن صديءَ جي اهم کوجنا: جيڪا بوهم جي ڪم سان ملي ٿي، اها آهي تہ زندگي، مادي کان الڳ نہ آهي، بلڪہ اها هڪ خاص انداز ۾ ورتاءُ ڪندڙ مادي شين مان هڪ انتخاب آهي. پراڻي زماني واري زنده يا مرده واري ورهاست هاڻي ايتري حتمي نہ آهي، جيتري اها ڪنهن زماني ۾ هئي. اسان ان فرق بابت يقين ڪري سگهون ٿا، جڏهن اسان هڪ وڏي جيو، جهڙوڪ اسان خود، بابت ڳالهائي رهيا هوندا آهيون ۽ موت جي هڪ وصف تي متفق ٿيل هوندا آهيون پر ننڍڙا زنده سرشتا خسيس فرقن کي ڏوڪو ڏئي سگهن ٿا مثال طور هڪ وائرس تيستائين زندگي جي ڪا بہ علامت نہ ڏيکاريندو آهي، جيستائين اهو هڪ موزون ماحول ۾

نہ هوندو آهي، جيئن هڪ سني، گرم، زنده گهرڙي ۾، جڏهن اهو ان گهرڙي کي پنهنجي واڌويجهہ لاءِ هڪ اوزار ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. يا وري "انرجي فلوان بائلاجي" (1968) ۾ موررووز اهو بيان ڪري ٿو تہ ڪيئن ساموندي جهينگي جا آنا 273 - ڊگري گرميءَ جي درجي جي ويجهو يعني "قطعي زيرو" گرمي جي درجي تي ڇهن ڏينهن تائين رکيا ويا. نتيجو اهو نڪتو تہ انهن آنن کي ٻيهر گرم ڪرڻ سان سندن ڦٽڻ جي شرح، عام گرميءَ جي درجي تي رکيل مثالي آنن جيتري هئي. 273 - ڊگري گرميءَ جي درجي تي پهچڻ کان گهڻو اڳ، زندگيءَ جا سمورا عمل رڪجي ويندا آهن ۽ سرشتو (زنده) محض هڪ خالص بناوت طور ئي رهجي ويندو آهي، جيئن آنا هڪ سخت ۽ زندگي کان خالي حالت ۾ جمايا ويا هئا. بهرحال هن بناوت پنهنجي اندر سموري گهربل حياتياتي ڄاڻ سانڍي رکي ٿي، ان ڪري جيئن ئي گرميءَ جو درجو صحيح ٿيو، زندگي شروع ٿي پئي. هتي نوٽ ڪرڻ جو اهم نقطو هي آهي تہ اڳي اهو فرض ڪيو ويندو هو تہ ڪيميائي عنصرن جو صحيح ميلاپ، زندگي پيدا ڪري سگهيو پئي، هاڻي اسان اهو ڄاڻون ٿا تہ تيستائين ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، جيستائين ڪيميائي عنصر اهڙي نموني ترتيب نہ ڏنا وڃن، جو اهي صحيح سرشتو ٺاهي بيهن. تہ پوءِ زندگيءَ جي مصنوعي تخليق، هڪ گهرڙي جي مختلف نامياتي ماليڪيولن ۽ ٻين شين کي بلڪل صحيح ترتيب ۾، بلڪل صحيح پاڻياڻي ذريعي منجهہ ۽ اهو سڀ هڪ احاطو ڪندڙ جاريءَ جي اندر ترتيب ڏيڻ تي دارومدار رکي ٿي، جيڪا غذا کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيندي هجي ۽ فالتو شين کي گهرڙي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي هجي. جيڪڏهن اسان اهي سڀ شرط پورا ڪري سگهون، تہ پوءِ اهو ممڪن ٿيندو تہ هڪ معمولي جهٽڪو— شايد بجليءَ جو، شايد ڪيميائي يا شايد مشيني، ان ۾ توانائيءَ کي گذاريندو ۽ ان سرشتي کي چالو ڪندو، جيئن گهڙيال جي لڏڻي کي هٿ جو ڇهاءُ، گهڙيال کي چالو ڪري ڇڏيندو آهي يا جيئن سيني جي هڏيءَ تي هڪ ڌڪ ماٺهوءَ ۾ دل بيهي وڃڻ ڪانپوءِ، دل کي چالو ڪري ڇڏيندو آهي. اها گهرڙي (Cell) جي بحيثيت مجموعي تنظيم هوندي آهي، نہ ڪہ محض ان جي مختلف جُزن جو اجتماع، جيڪا ان کي زندگي ڏيندي آهي. زندگيءَ جو عمل هڪ زنده وهڪرو ٿيندو آهي، جيڪو سڄي بناوت ۾ پيوست ٿيل هوندو آهي. اجا وڌيڪ بنيادي طور تي ڪيميائي ماهر لنس پالنگ طرفان زندگيءَ جي تشريح هيءَ ڪئي وئي آهي تہ "اها ماليڪيولن جي وچ ۾ هڪ رشتي جو نالو" آهي.

صورت، بطور هڪ قوت جي

صورت جي متحرڪ اهميت تي زور ڏيڻ لاءِ اسان وٽ اڳ ۾ ئي ڪيترا دفعا جواز موجود پيش رهيو آهي. ڪنهن شيءِ کي ناهڻ لاءِ اسان کي ان جي جزن کي هڪٻئي جي نسبت ۾ درست ترتيب ۾ بيهارڻو پوندو آهي. مادي جسمن ۾ به ترتيب تمام گهڻي اهم ٿيندي آهي. اسان هڪ شيءِ کي اسٽول يا صوفو سڏڻ بدران هڪ ڪرسي چوندا آهيون، ڇاڪاڻ ته اسان ان جي مختلف حصن ۾ هڪ خاص ترتيب سجائيندا آهيون. فنون لطيفه ۾ حصن جي ترتيب تمام اهم هوندي آهي، هڪ فرسوده ڌُن ۽ عظيم موسيقيءَ وچ ۾ فرق عمده ترتيب جو هڪ معاملو هوندو آهي. حصن جي موزون بناوت ۽ ترتيب، سموري حسن جي دل ٿيندي آهي، بلڪه هر شيءِ جي دل ٿيندي آهي، مثال طور هڪ تنظيم رڳو تڏهن ئي سٺي نموني ڪم ڪندي آهي، جڏهن توهان وٽ صحيح ماڻهو صحيح مقامن تي ۽ صحيح وقت تي موجود هوندا آهن ۽ هڪٻئي سان مثبت نموني رابطو رکندا هوندا آهن. تازوئي صورت ۽ ڪُلپٽي جي اهميت کي بايوڪيمسٽ ربرٽ شيلڊريڪ (زندگيءَ جي هڪ نئين سائنس 1981) جي نظرئي مان، هڪ حيرت انگيز نئون موڙ مليو آهي. شيلڊريڪ تجويز ڪري ٿو ته خود صورت، ڪائنات ۾ هڪ متحرڪ قوت آهي، شيلڊريڪ جو متوهي آهي ته جڏهن به ڪا شيءِ وجود ۾ ايندي آهي، ته اها خود پنهنجي چوڌاري هڪ مقناطيسي ميدان سان مشابهه هڪ "صورت ناهيندڙ ميدان" (Morphogenic Field) پيدا ڪري ڇڏيندي آهي، جيڪو صرف ان شيءِ جي خصوصيت هوندو آهي. هو تجويز ڪري ٿو ته اهو ميدان ئي ان جيو يا فطري شيءِ جي واڌ ويجهه کي انجي موزون صورت ڏانهن وٺي ويندو آهي. اهڙي طرح اهو اِسرار ته ڪيئن هڪ ٻيڙو (Foetus) جيڪو غير شڪلي گهرڙن جي هڪ ننڍڙي جهڳٽي جي صورت ۾ شروعات ڪندو آهي، پنهنجين مختلف ٽنگن، ٻانهن ۽ عضون سان هڪ پوري جسم ۾ وڌي ويندو آهي، شيلڊريڪ طرفان ان جي تشريح "صورت ناهيندڙ ميدان" جي اثر طور ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن هڪ ڪرڙي پنهنجو پچ وڃائي ويهندي آهي ته ان جو پچ پيهر وڌي ايندو آهي، بلڪل مناسب حدن تائين ۽ پوءِ اتي پنهنجو پاڻ بيهي رهندو آهي، اهڙي طرح "صورت ناهيندڙ ميدان" واڌ تي ضابطو رکندو آهي. انسان جي ٻانهن ۽ ڄنگهن جي گهرڙن ۾ بلڪل ساڳيو ڊي اين اي (جسم ناهيندڙ جينياتي مواد) هوندو آهي ۽ سندن جسم ۾ به بلڪل ساڳيا ڪيمياڻي عنصر موجود هوندا آهن، ڄنگهن ۽ ٻانهن جون اصلي

وڏندڙ مکڙيون ساڳي ڳجهي طاقت رکنديون آهن پر انهن مان هڪ جوڙي پانهن جي شڪل ۾ ٻي ڄنگهن جي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته شيلڊريڪ مطابق صورت ناهيندڙ ميدان، صورت ۾ فرقن کي وڌائيندا آهن. هي صورت ناهيندڙ ميدان ڪٿان اچن ٿا؟ شيلڊريڪ چئي ٿو اهي شيءِ سان گڏ وجود ۾ اچن ٿا. هي نظريو اهو پڻ تجويز ڪري ٿو ته فطري دنيا ۾ ڪنهن به شيءِ جو ڪٿي به وجود ان شيءِ لاءِ ڪٿي ٻئي هنڌ به وجود ۾ اچي وڃڻ کي سولو بڻائي ڇڏي ٿو. هڪ نئون صورت ناهيندڙ ميدان هڪ عالمگير تاثر قائم ڪندو آهي، ان جو هڪ مثال هي آهي ته جڏهن هڪ نئين جسم جي تشڪيل ۾ هڪ نئين قلم (Crystal) جو رسوب ڪڍيو ويندو آهي، جيئن پلاسٽڪ جي مصنوعي تياريءَ ۾، هڪ سائنسدان جيڪو اهڙي ڪا شيءِ ناهيندو آهي، حقيقت ۾ انهن ۾ ماليڪيولن کي اهڙي طرح وري ترتيب ڏيندو آهي، جيئن اهي اهي خاصيتون پيدا ڪن، جيڪي هو چاهيندو آهي يعني طاقت، لچڪيداري يا ٻي جيڪا به. اُيئن ڪندي هو هڪ نئون قلم (بلور) ناهي وجهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ جسم جا سمورا ائٽم پنهنجو پاڻ کي قلمن جي صورت ۾ منظم ڪندا آهن. هاڻي ايئن ٿئي ٿو ته هڪ نئين قلم جو رسوبجڻ اڪثر ڪري هڪ ڊرو ۽ ڏکيو عمل ٿئي ٿو. بهرحال هڪ دفعو جڏهن ڪو قلم رسوبجي چڪو هوندو آهي، ته پوءِ ساڳئي قسم جي ٻين قلمن کي دنيا ۾ ڪهڙي به هنڌ رسو بڻ (Precipitate) ڪافي سولو ٿي پوندو آهي. شيلڊريڪ چئي ٿو اهو ڪم "تشڪيلي پڙاڏي" (Morphic Resonance) جي ڪري ٿيندو آهي، جيڪو ائين لڳندو آهي ته ڄڻ دنيا جي چوڌاري گونجي ٿو. شيلڊريڪ ان تي به يقين ڪري ٿو ته ورثاءَ جا انداز به هن طريقي سان ڦهلائي سگهجن ٿا. ڪيترن ئي سائنسدانن شيلڊريڪ جي نظر ئي تي خوف وچان پنهنجا هٿ مٿي ڪٽي ڇڏيا آهن. شيلڊريڪ جو ڪين جواب هي آهي ته هو اهڙي شهادت تي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪا اڳوات موجود آهي ۽ اهو ته ڪوئي به هن جي نظرئي جي ڇڪاس ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ جو خيال رکندو هجي. هن ڪتاب لکڻ وقت هڪ يا به تجربا ڪيا ويا آهن، جيڪي هن نظرئي کي هٿي ڏين ٿا، جيتوڻيڪ حتمي طور تي نه!

اسان جي لاءِ هتي دلچسپي هيءَ آهي ته هڪ دفعو وري اسان شيلڊريڪ جي تحقيق ۾ ڪُليٽي (مجموعيت) ڏانهن ڇرير ڏسون ٿا. ڪئپرا اهو تجويز ڪري ٿو ته سمورن شعبن جي مستقبل جي ترقيءَ لاءِ هڪ مجموعي نقطه نظر ضروري آهي، لولاڪ اسان کي ڌرتي بطور هڪ واحد خود ڪفيل جيو جي، پيش ڪريٿو، بوهم هڪ اهڙي ڪائنات جي تشريح ڪري ٿو، جنهن ۾ مادو، زندگي ۽ شعور، سڀ جو سڀ هڪٻئي ۾ اندر وڪوڙيل آهن ۽ هاڻي هتي شيلڊريڪ موجود آهي،

جيڪو اسان کي هڪ اهڙي دنيا متعلق ٻڌائي رهيو آهي، جيڪا خود پنهنجي تخليقي صلاحيت سان گونجي رهي آهي.

پهرين نظر ۾ شيلڊريڪ جو نظريو اسان جي روايتي سوچن کان ايترو ته عجيب و غريب نموني مختلف آهي جو ان تي پهريون ردعمل شڪ جو نڪري ٿو، سائنسي رسالي ـ "فطرت" اهو تجويز ڪيو ته شيلڊريڪ جو ڪتاب باهه ۾ ساڙي ڇڏڻ لائق آهي. بهرحال شيلڊريڪ گهٽ ۾ گهٽ اسان کي ان حقيقت کان خبردار ڪري ڇڏيو آهي ته حياتياتي دنيا ۾ نظر نه ايندڙ اثرائتا پڙاڏا موجود ٿي سگهن ٿا، بلڪل ائين جيئن اهي طبعي دنيا ۾ موجود ٿين ٿا. طبعيات (Physics) جون بنيادي قوتون، نظر نه ايندڙ آهن ۽ انهن کي ڳولڻ ۾ وڏو وقت لڳو، اسان کي شايد باريڪ حياتياتي ۽ نفسياتي قوتن جو حساب وٺڻو پوندو، جيڪي اڃا تائين ذرتيءَ تي نه هليون آهن.

پڙاڏو يقيناً هڪ دلچسپ خيال آهي، جيڪو دنيا ۾ هلندڙ عجيب شين مان ڪجهه کي صاف ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو، رائيٽ ڀائرن 1963 ۾ پهريون ڪامياب هوائي جهاز ناهيو. ويهن سالن اندر اسان "پيدائشي پائلٽن" جو ٻڌڻ لڳاسين. اهو ڪيئن ٿيو ته درست جينن (Genes) وارا ماڻهو هن نئين هنر ۾ سبقت حاصل ڪرڻ لاءِ بلڪل صحيح وقت تي دنيا ۾ موجود هئا. اڄ ڪمپيوٽر ذهانت جو هڪ زبردست ڦهلاءُ آهي. اهو ڪٿان اچي ٿو؟ ڇا انسان ڪنهن به نئين ايجاد جي پيچيدگين تي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ مستقل طور تي تيار ڪيا رهجن ٿا، پوءِ چاهي ان جون گهرجون پراڻي انساني تجربي کان ڪيتريون به مختلف ڇو نه هجن يا ڪو ٻيو تعميري منتو عمل ۾ هجي ٿو؟ انهن ٻنهي سوالن جي وضاحت اسان کان اهو طلبي ٿي ته اسان چاتل کان مٿي ڏانهن قدم وڌايون. هڪ ٻيو پريشان ڪندڙ سوال آهي: ڇا خيال پڙاڏجي سگهجن ٿا؟ پورروچوٽ دريافتن جا ڪيترائي مثال رڪارڊ تي موجود آهن. ڇا انهن جي وضاحت، اهڙن خيالن ڦٽڻ لاءِ وقت جو پچي راس ٿيڻ آهي، جيڪا هڪ مڪمل طور تي موزون وضاحت لڳي ٿي پر ڇا اها مڪمل ڪهاڻي آهي؟ پورروچوٽ دريافتن جا ڪجهه مثال يقيناً غير معمولي آهن، چارلس ڊارون، فطري چونڊجي اصولن ڳولڻ لاءِ پنهنجي دور جي پراڻن تصورن خلاف ويهن سالن کان مٿي جي عرصي تائين محنت ڪندو رهيو. 1858 ۾ الفريڊرسيل وئليس پري انڊونيشيا جي ٽرنيٽ ٻيٽ تي "مليريا جي هڪ حملي دوران اوچتو چند ڪلاڪن ۾ ارتقا جي عمل کي (ذهن ۾) جهٽي ورتو" (برٽش ميوزم، نيچرل هسٽري 1981) ڊارون، رسيل طرفان اهڙو خط ملڻ تي، جنهن ۾ هو ڪيس ان متعلق سڀ ڪجهه ٻڌائي ٿو، اچرج ۾ پئجي ويو. آخر ۾ نيٺ هنن پنهنجين دريافتن تي هڪ گڏيل مقالو ڇپرايو.

ذهين ڪائنات

شين جو مجموعي طور باهمي لاڳاپو ۽ اهو شڪ ته ڪائنات ۾ هم آهنگي پيدا ڪندڙ قوتون موجود آهن، جن ڪان اسان اڃا تائين اڻ واقف آهيون. اسان کي ان امڪان کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌي اچي ٿو ته نه رڳو قدرتي پر سڄي ڪائنات، پنهنجي وڌ ۾ وڌ پيچيده ۽ قيمتي پيداوار ـ زندگيءَ، کي ناهڻ ۽ پالڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي شڪل ڏئي رهي آهي. جيڪڏهن سڄو پنهنجن حصن جي جوڙ کان وڌو ٿيندو آهي ته پوءِ ڇو نه ڪائنات، بحيثيت مجموعي، غير متوقع خاصيتون ڏيکاري؟ فلڪياتي طبعيتدان سرفريڊرڪ هوئل پنهنجي تازي ڪتاب ـ "دي انٽيليجنٽ يونيورس" (1983) ۾ نيٺ ان نتيجي تي پهتو آهي. سائنسي ڪليسا (Establishment) هوئل کي هيٺ ڪرڻ لاءِ رڙيون ڪري رهي آهي پر هو ڪنهن نتيجي تي پهتل ٿي سگهي ٿو. هوئل اها ڳالهه قبول ڪرڻ ناممڪن سمجهي ٿو ته فطري دنيا جون سموريون تفصيلي پيچيدگيون چڙو اڻ لاڳاپيل اتفاقي قوتن جي باهمي عمل ذريعي ئي وجود ۾ آيون آهن. هو ان ڳالهه جي حسابي امڪان کي فلڪياتي طور تي غير ممڪن سمجهي ٿو. تنهنڪري هن جو گمان آهي ته زندگي، ڪائنات ۾ هر هنڌ موجود آهي، جتي اها هڪ آشيانو ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، ۽ اهو ته هڪ ذهانت، ان جدوجهد جي رهنمائي ڪري رهي آهي. هو ان ذهانت کي "خدا" سڏي ٿو پر اهو واضح ڪري ٿو ته هو ڪنهن عيسائي خدا متعلق نه ڳالهائي رهيو آهي، نه ئي ڪنهن ٻئي مخصوص خدا متعلق ڳالهائي رهيو آهي. هوئل جو خدا هڪ ذهانت آهي، جيڪا سموري ڪائنات ۾ زندگيءَ کي قائم ڪرڻ ۽ ان کي تاڻڻ لاءِ جنگ جوٽي رهي آهي. انسان کان اڳ ارتقا جو وقتي پيمانو خود اهو ڏيکاري ٿو ته اها جدوجهد ڪيتري نه طويل هئي، جيتوڻيڪ اها هميشه وڌيڪ ارتقا ڪيل زندگيءَ جي رُخ ۾ هلندي ويندي آهي. اها اٽڪل هيٺينءَ ريت ٿي آهي:

- ڌرتيءَ جي تخليق .... ۴ ارب ۵۰ ڪروڙ سال اڳ.
- زندگيءَ جا اوائلي آثار .... ۳ ارب ۴۰ ڪروڙ سال اڳ
- اوائلي پند پهتي ا لگي .... ۲ ارب سال اڳ
- پهريان گهڻ ـ گهرڙياتي جيو .... ۷۰ ڪروڙ سال اڳ
- پهريان ڪير پياڪ جانور .... ۲۰ ڪروڙ سال اڳ
- پهريان . پرائيميٽ .... ۷ ڪروڙ سال اڳ
- پهريان انسان نما جانور............. ۱ ڪروڙ سال اڳ

اوائلي انسان (اُبو انسان) .... ١٥ لک سال اڳ

هاڻوڪو انسان .... هڪ لک سال اڳ

هڪ قادر مطلق خدا جي تصور کي اهڙي هڪ ڦهليل وقتي پنماني ۾ نهڪائڻ ڏکيو آهي پر ڇا رڳو اتفاقي باهمي عمل، ان طويل، سست (ارتقائي) عمل جي اصلي نتيجن جو جواب ڏئي سگهن ٿا؟ ائين لڳي نه ٿو. ان سبب ڪري ٿي نون خيالن جي داخلا زبردستي ٿيندي رهي ٿي، ارتقا ۾ اندر ڪنهن تخليقي قوت لاءِ ڳولا ٿيندي رهي ٿي. ائين سمجهڻ ۾ هونئن اڪيلو ناهي، اڻ لاڳاپيل قوتن جي باهمي عمل کان وڌيڪ پيو ڪجهه به ٿي رهيو آهي. پال ڊيويز جيڪو يونيورسٽي آف نيوڪيسل ۾ نظرياتي فزڪس جو پروفيسر آهي، پنهنجي ڪتاب "گاڊ اينڊ دي نيو فزڪس" (1983) ۾ ڪائنات پنيان هڪ انتظامي اصول جي ڪم ڪندي رهڻ جي حق ۾ ڳالهه ڪري ٿو. هڪ ٻيو همعصر دانشور ايرڪ جينش "پاڻ - منظم ڪندڙ ڪائنات" (1980) بابت لکي ٿو، هو تجويز ڪري ٿو ته جنهن شيءِ کي ماڻهو "خدا" چون ٿا، اهو هڪ قسم جي ڪم ڪندڙ ذهن جي نمائندگي ڪري ٿو. هو لکي ٿو، "ڇاڪاڻ ته اسان هڪ نظام جي پاڻکي منظم ڪندڙ سرگرميءَ (Dynamics) کي ان جو ذهن ڪوٺيندا آهيون، اسان هاڻي ائين چئي سگهون ٿا ته خدا، خالق نه آهي پر ڪائنات جو ذهن آهي."

جينش جي حالت، بوهم جي حالت کي ويجهو ٿي وڃي ٿي، جڏهن هو هيئن چئي ٿو، "خدا جي بناوت، نه صورت آهي، نه مقدار پر اڻ ڪليل، اڻ ورهايل لياقتن جي مجموعيت آهي. هو خالص ڳجهي طاقت آهي."

جينش، طبعيتدان فريمن ڊائسن (1971) جو حوالو ڏئي ٿو، "اهو قابل فهم آهي ته زندگيءَ کي ان کان وڌيڪ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، جيترو هونئن اسان تصور ڪري رکيو آهي. زندگي، ڪائنات کي پنهنجن مقصدن ڏانهن موڙڻ ۾ سمورين مشڪلاتن خلاف ڪامياب ٿي سگهي ٿي. ۽ غيرجاندار ڪائنات جو نقشو زندگي ۽ ذهانت جي ڳجهين صلاحيتن کان ايترو ڇڳل نه آهي، جيترو ويهين صديءَ جي سائنسدانن ان کي فرض ڪري ڇڏيو آهي."

دماغي سائنسدانن هاڻي ساڳئي قسم جي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪري ڏني آهي، جهڙي اڳئين وڏيل طبعي سائنسدانن جي آهي، ڪارل پربرام، اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ جي دماغي سائنس جي پروفيسر، ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي (1982) ته "دماغ جون سرگرميون حقيقت جو آئينو لڳن ٿيون، جيئن جڏهن رياضيدان اچرج ۾ پوندا آهن ته ڇو سندن دماغن جا عمل اڪثر ڪري ان ڪائنات جي بنيادي نظم کي، جنهن کي هو محسوس ڪندا آهن، ايمانداريءَ سان تفصيلي بيان ڪن ٿا."

هي سائنسدان جنهن شيءِ متعلق ڳالهائي رهيا آهن، اها زندگيءَ جي حق

۾ هيل تائين تشريح نہ ٿيل هڪ تعصب آهي، ڪا اهڙي شيءِ جيڪا محض هڪبئي سان ۽ ماحول سان عمل ڪندڙ اتفاقي قوتن کان مختلف آهي. پر اها ڳالهہ سوال طلب آهي تہ آيا ان "ڪنهن شيءِ" کي خدا سڏڻ مناسب آهي، جيتوڻيڪ ماڻهو، جيڪڏهن هو چاهن تہ ائين ڪري سگهن ٿا. بهرحال هنن نين بصيرتن جو مطلب مذهبي روايت جي قادر مطلق خالق خدا جو بيهر جنم، يا مداخلت ڪندڙ خدا، جنهن جي الهام کي سموري سچ جي ڪسوٽي قائم ڪندڙ سمجهيو پئي ويو آهي، ڪڏهن بلڪل غلط ٿيندو، اهڙو خدا حقيقتن سان هاٺي وڏيڪ نہ ٿو نهڪي.

ڦٽندڙ نئون نقطہ نظر سمورن قسمن جا سوال اٿاري ٿو، جنهن ۾ اهو سوال بہ شامل آهي تہ آيا ذهانت لازمي طور شخصيت جي هڪ وصف آهي يا اها پنهنجي طور تي بحيثيت هڪ نظم پيدا ڪندڙ، هم آهنگي پيدا ڪندڙ، تحفظ ڪندڙ تخليقي قوت جي، عمل ڪري سگهي ٿي. اسان کي ان تي غور ڪرڻو پوندو تہ آيا ڪائنات جيئن جينش نظريو پيش ڪيو آهي، هڪ خود ـ تنظيمي سرشتو آهي ۽ آيا جنهن کي "خدا" ڪوٺيو ويو آهي، تحرڪ ۾ مگن ان خود ـ تنظيم کان اسان جي آگهي آهي.

ٻڌيءَ جو احساس

اهي رڳو رياضيدان نہ آهن، جيڪي سندن ذهنن ۽ ڪُل جي وچ ۾ موجود ٻنڌڻ کان باشعور آهن، ڪيترائي ٻيا ماڻهو ڪن وقتن تي پاڻ کي ڪائنات سان هڪ محسوس ڪندا آهن. هي تجربو پاڻ سان گڏ هم آهنگي ۽ اندروني سگهہ جو هڪ احساس ڪٺي ايندو آهي. اسان باب ٽئين ۾ اهو نوٽ ڪري آيا آهيون تہ اهڙا تجربا هڪ زماني ۾ ڪن ناياب ماڻهن تائين محدود ٿيل سمجهيا ويندا هئا پر مئسلو ۽ ٻين، عام ماڻهن منجهان ڪيترائي مثال ڪنا ڪيا آهن. هتي اهڙن "عام" تجربن جا بہ مثال ڏجن ٿا.

(1) مونکي اهو احساس ٿيو تہ منهنجو شعور ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر شيءِ جي وڏ ۾ وڏ واقفيت (Awareness) کي شامل ڪرڻ لاءِ ڦهلجي رهيو آهي، حقيقت ۾ چا ٿي رهيو هو تہ مان خود پاڻ ۾ ڦهلجي رهيو هوس، چاڪاڻ تہ مان ۽ ڪائنات هڪ آهيون. هن ڳالهہ هڪ عظيم اندروني امن، هم آهنگي، سگهہ ۽ هڪ هجڻ جو احساس جاڳايو ٿي."

(2) بلڪل جيئن هڪ گل ۾ ان جون پنکڙيون، ٿڙ، پن ۽ ٻيا سمورا حصا هڪبئي سان ڳنڍيل آهن ۽ هڪ ڪُل ناهن ٿا، تيئن مان جيڪا بہ شيءِ محسوس

ڪيان ٿـو. هڪـبـئـي ســان ڳنڍيل آهي، ان ڪُل جو هڪ حـصـو آهي. مـان خود، منهنجي سرگرمي ۽ جنهن به شيءِ سان مان باهمي عمل ڪيان ٿو ۽ هڪ شيءِ بي شيءِ ســان جيـڪـو بـه باهمي عـمـل ڪري ٿي، اهي سڀ پاڻ ۾ ڳنڍيل لڳن ٿا. ائين لڳي ٿو جڻ سموري تخليق منهنجي جسم ۽ شعور جي لغزشن ڪي جوڙي ٿي. هنن لغزشن (Fluctuations) ۾ ٻڌيءَ جي هڪ خاصيت آهي، ائين لڳي ٿو تـه سـموريون شيون هڪ قسم جي هم آهنگيءَ ۾ آهن. پوءِ بـه ان هيـنـان ڪـابـه حرڪت موجود نه آهي."

مـئـسلو جي چوڻ مطابق هنن چوٽيءَ جي تجربن جي جذباتي ردعـمـل ڪي عـجب، خوف، عـزت، نهـنـائي ۽ ڪنهن عظيم شيءِ آڏو نوڙ جي تجربي جي هڪ خاص خوشبو هوندي آهي. هڪ هجڻ جي احساس تي، مئسلو لکي ٿو:

"ڪن رپورٽن ۾ خاص طور تي صـوفـيـانـه تجربي يا مـذهبي تجربي يا فلسفيانه تجربي جي رپورٽن ۾ سڄي دنيا ڪي بطور هڪ اڪائيءَ جي، هڪ واحد شاهوڪار زنده هستيءَ جي، ڏٺو وڃي ٿو. چوٽيءَ جي اهڙن ٻين تجربن، خاص طور تي محبت جي تجربي ۽ جمالياتي تجربي ۾، دنيا جي هڪ ننڍڙي حصي ڪي ائين محسوس ڪيو ويندو آهي، جڻ ته گهڙي ڪن لاءِ اهوئي سڄي دنيا آهي." اهڙا اعليٰ تـجربا ڪـتــان اچن ٿــا؟ ڇا اهي ذهن ۾ اندر پـئـدا ٿين ٿــا، ڇا اهي جُنگ جي "اجتماعي بي شعور" جا حصا آهن، ڇا اهي هڪ مافوق الفطري هستيءَ طرفان رابطا آهن يا ڇا اهي انفـرادي شـعـور ۽ ٻي سـڄي تـخليق وچ ۾ ڪشش جو سـڌو سنئون تجربو آهن؟ انهن سـوالن تي خيال مختلف آهن پر اهڙن تـجربن جي وجود ۾ هاڻي وڏيڪ شڪ نه ٿو ڪري سگهجي. نه ئي اسان ڪي ان ڳالهه تي حيرت ۾ پوڻ گهرجي تـه اهي ٿين ٿا. اسـان مـان هر هڪ هستيءَ جي عظيم سـمنڊ ۾ شعـور جو هڪ نشان آهي. اهو عجيب لڳندو تـه هر نشان، ڪُل سان تعلق ڪان مڪمل طور تي ڪاٽيو ويو هجي. چوٽيءَ جا هي تجربا لازمي طور نجي ٿين ٿا پر اهي عالـمگير پڻ ٿين ٿا.

حُسن جو ٻنڌڻ

انسان جي ذهن ۽ ٻي سڄي فطرت جي وچ ۾ موجود پراسرار ٻنڌڻن منجهان هڪ آهي، اهو غير معمولي جمالياتي تجربو جنهن ڪيَ اسان "حُسن" ڪوٺيون ٿا. تقريباً سموري فطري دنيا جو ڏيک اسان ڪي خوبصورت لڳندو آهي، ايترو گهڻو

جو ڪي بہ بدصورت شيون ـ جيئن ڳجهون، باغ د شمن ڪينئان ناموزون لڳنديون آهن. رات جو آسمان هڪ من موهيندڙ نظارو هوندو آهي، پهاڙن جو سلسلو، جن جي مليل جليل ضخامت، ڦهلجندڙ براعظمن جي هڪبئي ۾ پيسجي وڃڻ جو نتيجو آهي، اسان جي حواسن کي خوبصورت عظمت ۽ شانتيءَ جو احساس ڏيندو آهي. پنـمـاني جي ٻني چيـزن تي قلمن (Crystals) جا قـسـم جيـڪـي خوردبيني ۽ اليـڪـٽـران خوردبينيءَ جي ايجاد کـان اڳ نہ ڏٺـا ويا هئـا، پنهنجي مـختلفـپـڻي ۽ سادگيءَ ۾ بي حد خوشنما لڳندا آهن. لڳي ٿو تہ انسان کي نازڪ ترتيب (Order) لاءِ هڪ جُنون هوندو آهي ۽ ان کي هو خوبصورت ڪوني ٿو پر ساڳي خوشيءَ سان هو برساتي جهنگل جي سرسبز بدنظمي يا بهار جي جهاڙين جڙي جهڳٽي جو بہ آدَرياءُ ڪندو آهي. حسين چرپر يڪدم اسان جي جماليـاتي حواسن تي جادو ڪندي آهي، امپالا (Impala) جا بي وزن ٽپـا ، اودبلا (Otter) جي تيـز ذهـانت، نوربـِـڙن جون سـريليـون حـرڪتـون، همنگ پکيءَ (Humming) جو هوا ۾ لٽـڪـڻ، جوان جانورن جي راندروند، انهن سمورين حرڪتن جو هڪ مقصد آهي پر اها ان مقصد کان علاوه ڪابي شيءِ آهي، جيڪا اسان کي موهي وجهي ٿي.

اجا بہ وڌيڪ تجسس واري ڳالهہ هيءَ آهي تہ حسن لاءِ جيڪا اک اسان کي آهي، لڳي ٿو تہ ٻين جاندارن وٽ بہ آهي، جيـڪي هونئـن اسـان کـان تـمام گـهـٽـو گـهـٽ ارتقـا ڪيل آهن، مـورجي پڇ کي سندس مـاديءَ کي پاڻ ڏي ڇڪڻ لاءِ ايتـرو سـينگاريو ويو آهي پر ارتقـا جي جُڳن ۽ چونڊ ان کي بيـهـوده فـضـول خرچيءَ ۾ أسـرائي ڇڏيو آهي، پر آخر چو هڪ اهڙي نـمـائش جيـڪـا هڪ مـورنيءَ لاءِ دل لبائيندڙ آهي، اسانجن اکين کي پڻ خوبصورت لڳي ٿي؟ گلَ، ان ڳالهہ جو هڪ ٻيو نمـايان مـثـال آهن تہ حـسن هڪ عـالـمگيـر انداز ۾ زندگيءَ جي آرائش ڪري ٿـو، جيتـن ۽ جهنگلي گلن وچ ۾ باهمي عمل، اهي سموريون بي شمار صورتون ۽ رنگ پئدا ڪيا آهن، جيـڪي دنيـا کي حـسين بـڻائـن ٿـا. پر گل ۽ جيت وچ ۾ هي ڪم ڪار وارو نـاهہ اهي نتـيـجا ڇو سو پيـدا ڪري، جيـڪي اسـان تي جادو ڪن ٿـا؟ پسنديده جي هن محسوسات (Perception) ۾ آخر اسـان ۽ مـاڪيءَ جي مکين وچ ۾ ڪهڙي ڳالهہ مـشـتـرڪ آهي؟ فطرت ۽ فن ۾ خوبصـورتيءَ کي وندينـدي ورهائيندي اسان سڀورن تجربـن مان وڌيڪ هڪ گهري تجربي ۾ شامل ٿي وڃون ٿا. اهو اسان جي وضاحت جي قوتن کان مٿي آهي ۽ اهڙيون وضاحتون، جن کي اڳتي وڌايو پئي ويو آهي محض سڌيون سنيون وضاحتون آهن، جيڪي ان کان ڪٿي پرن ٿيون جنهن جي وضـاحت ڪرٽي هوندي آهي. خوبصـورتي، شين جي مـجمـوعـيت ڏانهن هڪ وڌيڪ اشارو ڏئي ٿي.

انسان جي روحاني حالت

انساني تجربي ۾ هڪ ٻيو مغالطي ۾ وجهندڙ عنصر اهو آهي تہ "روحاني" مان اسان جو ڇا مطلب آهي. ماڻهو ان لفظ کي ڪڏهن "مذهبي" يا "مافوق الفطري" (Metaphysical) جي برابر استعمال ڪندا آهن. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جو حوالو ڏيندي، ان جي هڪ وڏيڪ قابل فهم معنيٰ هيءَ آهي، "جيڪو سوچ يا احساس جي صفائيءَ جي هڪ اعليٰ ڊگريءَ جي خاصيت وارو هجي." هيءَ وصف انساني ذهني ڪارڪردگيءَ جي هڪ موروثيت تجويز ڪري ٿي ۽ بيشڪ هڪ موروثيت تہ واضح آهي. بنياد ۾ هڪ پيچيده تنتي ۽ غدودي سرشتو آهي، جيڪو اسان جي طبعي تندرستيءَ جي سارسنڀال لهي ٿو. کاڌو هضم ڪرڻ، جسم جو گرميءَ جو درجو هڪ ڪرو رکڻ، رت صاف رکڻ وغيره وغيره. هيءَ سموري خبرداريءَ سان ضابطي هيٺ هلندڙ سرگرمي، اسان جي هوش جي سطح کان هيٺ اڻ ڪٿ انداز ۾ هلندي رهندي آهي، سواءِ انهن حالتن جيٰ، جڏهن جسم ۾ ڪا گڙٻڙ پيدا ٿي پوندي آهي ۽ اسان پاڻ کي بيمار محسوس ڪندا آهيون، نہ ئي وري اسان پنهنجن حواسن جي ڪم ڪار کان باشعور هوندا آهيون، جيئن ڏسڻ، ٻڌڻ وغيره.

اسان پنهنجن حواسن جي پيغامن جو جواب ڏيندا آهيون ۽ سمورن طريقن ۾ انهن جي معنيٰ ڪيندا آهيون پر اسان انهن کي هٿ سان نہ گهڙيندا آهيون، اهي اسان سان ٿيندا آهن. روزمره جي زندگيءَ جو گهڻو حصو پڻ پاڻ وهيندو ٿيندو آهي. هڪ دفعو جڏهن اسان گهمڻ سکي چڪيو هوندو آهي، ان کانپوءِ گهمڻ بابت اسان کي سوچڻو نہ پوندو آهي يا ڏندن کي صاف ڪرڻ ڏانهن گهڻو توجہ نہ ڏيڻو پوندو آهي يا لکڻ وقت الف ب جا اکر ٺاهڻ ۾ گهڻو توجہ نہ ڏيڻو پوندو آهي يا گهر ڏانهن هڪ ڄاتل سڃاتل رستي سان وڃڻ ۾ گهڻو توجہ نہ ڏيڻو پوندو آهي. ڪم ڪار جي هڪ وڏيڪ ذاتي سطح تي نوس سوچ ۽ احساس جي ضرورت پوي ٿي، جيڪي اسان کي زندگيءَ جي روزمره جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪن ٿا. هنن سادين زندگي نڀائيندڙ سرگرمين جو تنتي بندوبست مجموعي ضابطي ۽ اوچي تجربي لاءِ انساني ذهني زندگيءَ جي اعليٰ اظهارن کي آزاد ڪري ڇڏي ٿو. اهڙن اظهارن ۾ تجريدي سوچ، خيالن ۽ قدرن جي پيدائش، اونهو احساس، وجدان، جمالياتي تعريف، تصور، فيصلو، اُتساهہ، رحم، فڪر، خوشي، مراقبو، مايوسي

۾ موضوعي زندگيءَ جا بيا پاسا اچي وڃن ٿا، جيڪي گڏجي روحاني تجربي کي جوڙن ٿا. هن سطح تي ذهني زندگي، تنتن تي بڌل حياتياتي عملن کان ڪم وٺي ٿي پر اها بنيادي تنتي رستن کان مختلف قسم جي هوندي آهي. اها بهرحال مافوق الفطري نہ هوندي آهي، اها اسان جي انساني سياءَ جو هڪ حصو هوندي آهي. انسان جي پاڻ کي ڦهلائڻ جي تمنا، پنهنجين قوتن کي وڌائڻ جي تمنا، هن کي هڪ فطري طور روحاني هستيءَ بڻائي ڇڏي ٿي، جنهن ۾ پنهنجن حواسن ۾ محسوساتن جي آخري حدن تائين پهچڻ جي هڪ بک ٿئي ٿي. اهي حدون کهڙيون آهن، اسان اهو نہ ٿا ڄاڻون. انسان جي اندروني دنيا ۾ ٻاهر موجود ڪائنات وچ ۾ رشتو هڪ لڳاتار معمو بڻيل آهي، پر اسان کي ايترو يقين ضرور آهي تہ انسان جا روحاني اوصاف هڪ خاص انداز ۾ زندگيءَ جي خدمت ڪن ٿا، اهي زبردست تخليقي صلاحيت جا عالمگير ايڪا آهن.

هيءَ پهچ، عملي صورتون پڻ اختيار ڪري ٿي. اڄ ماڻهو، پنهنجين عملي جامو نہ پهريل صلاحيتن کي ڳولڻ چاهن ٿا. ڄاڻڻ جي ڳولا، ذاتي نشونما جي ڳولا سان، ان سموري جي مڪمل طور تي مطمئن ڪندڙ تجربي جي ڳولا سان، جيڪو انسان آهي يا ٿي سگهي ٿو، گڏ ٿيل هجي ٿي. ايندڙ باب ۾ اسان موجوده صورتحال جي ان پاسي ڏانهن رخ ڪنداسين.

باب نائون

آزاديءَ واڌ ويڇ

"آزاديءَ ۾ هڪ هزار مزا هوندا آهن، جيڪي غلام، پوءِ اهي ڪيڏا به مطمئن ڇو نه هجن، ڪڏهن به نه ڄاڻيندا."

ڪو پر

اڄڪلهہ ترقي يافتہ ملڪن ۾ ماڻهوءَ ڪي مختلف قسمن جون جوشيليون، وڌڻ ويجهڻ واريون تحريڪون عام ملنديون. هي خيال مختلف هنڌن تي، مختلف رفتارن سان ڦهلجي رهيو آهي تہ انسان جي ذاتي زندگي وڌ ۾ وڌ مڪمل ۽ موثر شخصيت ٺهڻ جي ڪوشش ڪندي رهڻ متعلق آهي. هڪ پاسي ماڻهو، غربت، ظلم ۽ پابنديءَ تي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪري رهيا آهن، قسمت، مقدر جي مجتا جو هاڻي رواج ختم ٿي چڪو آهي. ٻئي پاسي ماڻهو وڏي بهادريءَ سان پنهنجي آزاديءَ ۽ نشوونما جي دعوىٰ ڪري رهيا آهن. اسان ڪي اها ڳالهہ ضرور نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ هي روايتي عيسائي ۽ اسلامي سوچ طرفان وڪالت ڪيل نقطہ نظر کان بلڪل ئي هڪ مختلف نقطہ نظر آهي، جيڪو اهو هو تہ هر ماڻهوءَ ڪي پنهنجي زندگيءَ جي ان حالت ۾، جنهن ۾ هن ڪي سڏڻ ۾ خدا خوش ٿيو آهي، پنهنجي ڊيوٽي صدق دل سان ڏيڻ گهرجي. سينٽ پال غلاميءَ ۾ مبتلا ماڻهن مٿان اڻ سواليہ اطاعت لاءِ زور ڀريو، مثال طور "ٻڌايو غلامن ڪي تہ پنهنجن آقائن جي هر شيءِ ۾ حاڪميت جي عزت ڪن ۽ سندن مطالبن ڪي ڪنهن بہ انڪار ڪان سواءِ مڃن." (سينٽ پال جو ٽيٽس ڏانهن خط 2.9) اها هڪ نئين ڄاول عيسائيت ڪي هڪ سياڻي صلاح هئي، جيڪا ان وقت روم جي مضبوط اقتدار ۾ پنهنجي جڳهہ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پر بہ هزار سال پوءِ اها ڳالهہ انساني صورتحال ۾ نہ ٿي ٺهڪي.

روايتي مذهبي خيالن سان اسان جي دور جو هڪ ٻيو اختلاف اهو آهي تہ جديد انسان بجاءِ پاڻ ڪي مڪمل سمجهڻ جي، ڪُلپٽي ڏانهن واڌ جي فقرن ۾ سوچڻ لڳو آهي. ڪُلپٽو هڪ بيٺل تصور آهي، نہ ڪہ هڪ متحرڪ تصور. شين

جي بائيبلي شڪل هيءَ آهي تہ خدا انسان کي ڪُلپٽو ڏنو پر انسان خدا جي اعتماد کي ذوڪو ڏنو. انجيلي ماهر بلي گراهام پنهنجي ڪتاب "خدا سان امن" (1954) ۾ اسان کي اهو ٻڌائي ٿو تہ دنيا کي مڪمل ٺاهيو ويو هو ۽ اهو تہ "هن مڪمل دنيا ۾ خدا هڪ مڪمل انسان پيدا ڪيو. آدم مڪمل هو، ڇاڪاڻ تہ اهڙي ڪا بہ شيءِ جيڪا خدا ڪندو آهي، ڪڏهن بہ مڪمل ڪان گهٽ نہ ٿي ٿي سگهي ۽ ان مڪمل انسان کي خدا سمورن تحفن مان وڌ ۾ وڌ قيمتي تحفو - آزاديءَ جو تحفو عطا ڪيو، خدا انسان کي چونڊ جي آزادي ڏني."

اسان کي پوءِ ٻڌايو وڃي ٿو تہ انسان فورن آزاديءَ جي هن تحفي کان، عورت جي مدد سان، پٽڪي ويو ۽ اهو تہ اهوئي ڪارڻ هو، جنهن اسان کي اسانجن سمورين مصيبتن ۾ اڙائي ڇڏيو.

هي بائيبل تي ٻيڌل خيال، ان جي بلڪل ابتڙ آهن، جيئن هاڻي اسان شين کي ڏسون ٿا، جيڪڏهن اسان کي پنهنجين زندگين جو ڪو مقصد ٺاهڻو آهي تہ پوءِ اڄ اسان کي هڪ مختلف نقطہ نظر گهرڙڻو پوندو. ان ڳالهہ جو ڪو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿي سگهي تہ انسانذات مڪمل آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان سڀ ارتقا جي عمل ۾ آهيون ۽ تنهنڪري اڌورا آهيون، هستيءَ جي هڪ اهڙي حالت ۾ آهيون، جنهن جي اسان سموري ڪائنات سان حصيداري ڪريون ٿا. اهڙي طرح نہ ئي وري ڪو انسان (بهشت مان) ڪڏهن هيٺ ڪريو آهي، بلڪہ هو بحيثيت صلاحيتن جي هڪ جهڙتي جي، جيڪو زندگيءَ ۾ حقيقت جو روپ ڌاريندو وڃي ٿو، پنهنجي حالت کان آهستي آهستي وڌيڪ باخبر ٿيندو پيو وڃي. اسان آزاد مرضيءَ جي تحفي کي اچلائي نہ ڇڏيو آهي پر آهستي آهستي اهو سکي رهيا آهيون تہ ان جي اصليت ڇا آهي ۽ ان کي ڪيئن استعمال ڪجي، پنهنجن ماضيءَ جي تجربن جي ڏاڪن تي عظيم حاصلات تائين ڪيئن مٿي چڙهجي. بطور فردن جي، معاشرن جي، هڪ نسل جي، اڄ اسان زندگيءَ جي هڪ اعليٰ ڪوالٽي حاصل ڪرڻ جي عالمي ڪوشش ۾ رڌل آهيون، جيڪا اسان کي اهو ضرور نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ اها ساڳي شيءِ نہ آهي، جيئن زنده رهڻ جو اعليٰ معيار: جيتوڻيڪ زندگي گهارڻ جي ضروريات جي هڪ جهجهائپ ظاهر آهي تہ زندگيءَ جي ڪوالٽي مٿي ڪرڻ لاءِ هڪ شرط آهي، پر هن زندگيءَ جي ڪوالٽيءَ جو ڇا مطلب آهي؟ يقينن اسان جي قوتن جو ڀرپور ممڪن عمليٰ جامو- لنهن اعتبارن کان موثر ٿيڻ تہ اسان ڇا آهيون ۽ اسان ڇا ٿيڻ ۽ ڇا حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا. ان جو تجرباتي پاسو پڻ آهي: زندگيءَ جو قدر ڪرڻ، دنيا جو مزو وٺڻ ۽ ٻين جي خرچ تي نہ، ٻين سان ونڊ ورهاست ڪرڻ، ٻين سان گڏجي عمل ڪرڻ، هڪٻئي کي پنهنجا ذهن ۽ دليون ڏيڻ. زندگيءَ

جي ڪوالٽي اوچي ڪرڻ جو مطلب شعور جو ڦهلاءُ، اندروني زندگيءَ جي آسودگي پڻ آهي. بحيثيت مجموعي زندگيءَ جي ڪوالٽي جي حاصلات جو مطلب آهي، واڌ حاصل ڪرڻ" ڇا اسان آهيون ڪان ڇا اسان ٿي سگهون ٿا. تڪڙ ۾ ۽ جارحانه طور نه پر فطري طور ۽ هم آهنگيءَ سان. سموربن سطحن تي حقيقت ۾ ڦهلجي وڃڻ ۽ اهڙي طرح سان وڌيڪ مڪمل ٿي وڃڻ. هي سڀ اسان جي اصليتن سان نهڪاءُ ۾ آهي جو نه صحتمند انسان تجربيچ جا بکيا ٿيندا آهن. مان اتي هيمر، اطمينان سان چيو ويندو آهي، ان جي ابتڙ هي مايوس ڪندڙ احساس هوندو آهي ته زندگي بي مزي گذري رهي آهي. شاعر براٽوننگ جو حوالو ڏيندي، "تون ڏس هر زندگي اڻ ڍاپيل آهي، اها خاموش لٽڪي ٿي، ناهموار ۽ بي جوڙ. اسان اونهو ساهه نه کنيو آهي، نه آزاد نموني کليا آهيون، نه بک ڪاٽي آهي، نه ڪاڙو آهي، نه مايوس ٿيا آهيون، نه وري خوش رهيا آهيون."

جديد انسان، جيڪو تڪميل لاءِ تانگهي رهيو آهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي بگاڙيل مڪمليٽي جي پراڻي عڪس کي اُسرندڙ شعور ۽ تخليقيت جي عڪس سان هٽائي رهيو آهي، پنهنجين قوتن جو، بطور هڪ سوچيندڙ، محسوس ڪندڙ، انتخاب ڪندڙ فرد جي، ٻيهر جائزو وٺڻ جي شديد ضرورت ۾ آهي. اسان کي اهو پڇڻو آهي ته تخليقي ضابطي جي انساني حد اصل ۾ ڇا آهي؟ زندگيءَ جي هڪ اعليٰ درجي جي ڪوالٽيءَ ڏانهن آزاديءَ سان واڌ جو ڇا مطلب آهي؟

آزاد ڪيترو آزاد آهي؟

آخر ۾ وڌڻ لاءِ اسان جي قوت، صورتحالن ۾ چونڊ ڪرڻ تي اچي بيهي ٿي. اسان پنهنجيون زندگيون چونڊن ذريعي اڳتي هلايون ٿا ۽ ڪنهن به وقت تي اسان جي صورتحال اهي چونڊون (Choices) اچلائيندي آهي، جن سان اسان کي منهن ڏيڻو هوندو آهي. بنيادي مسئلو اهو آهي ته اسان اصل ۾ ڪيترو آزاد آهيون. اسان ڄاڻون ٿا ته اسان چونڊ ڪندا آهيون پر ڇا اسان چونڊ ڪرڻ لاءِ حقيقت ۾ آزاد هوندا آهيون يا اسان جون چونڊون مجبور ڪيل هونديون آهن؟ اهي ماڻهو جيڪي زندگيءَ ڏانهن هڪ منطقي رويي ۾ بي رحماڻي طور تي قائل هوندا آهن، ان ڳالهه تي زور ڀرن ٿا ته چونڊ ڪرڻ جي آزادي هڪ ڍوڪو آهي. سندن دليل هي آهي ته جيئن ته مان هڪ جينياتي موروثيت سان ڄمان ٿو، جيڪا منهنجين خصلتن جو تعين ڪري ٿي ۽ جيئن ته مان هڪ سماجي صورتحال ۾ وڏان ٿو جيڪا منهنجين پسندن ۽ ناپسندن جو احاطو ڪندي آهي، جڏهن مان چونڊ ڪيان

ٿو، مان محض انهن اٿرن کي اجازت ڏيان ٿو، جن کي مون تشڪيل نہ ڪيو هوندو آهي ۽ جن کي مان، پنهنجي لاءِ، پنهنجي ذهن جي فيصلي ڪرڻ ۾ ڪنٽرول نہ ٿو ڪري سگهان. اها ڳالهہ يقيناً سچي آهي تہ اسان هن ڪرت کي ٻين ماڻهن ۾ بہ عمل ڪندي ڏسي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان کي خبر آهي تہ مستر جو نس ڪاڏي ڪائڻ جو ڏاڍو شوقين آهي، تہ پوءِ صحيح هجڻ جي هڪ وڏي امڪان سان اها اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا تہ هو انهن ٻن موڪلن وارن هنڌن مان ڪهڙو هنڌ چونڊيندو، جڏهن تہ هڪ هنڌ پنهنجن ڪاڏن ڪري مشهور آهي ۽ ٻئي هنڌ جي مشهوري ڏاڍي خراب آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪابہ چونڊ جيڪا اسان ڪريون ٿا، ان جي اڳ موجود سببن ۾ تہ اها چونڊ اسان ڇو ٿا ڪريون، ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي، تہ پوءِ ان چونڊ ۾ آزاد مرضي ڪٿان ٿي اچي؟ هي استدلال لڳي ٿو تہ چونڊجي آزاديءَ کي ختم ڪري ٿو پر حقيقت ۾ اهو جو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، اهو انساني چونڊ جي اصليت کي غلط سمجهي رهيو آهي. ڪو بہ ماڻهو اها دعويٰ نہ ڪندو تہ چونڊ جي آزادي قطعي ٿئي ٿي.

مان چونڊ ڪرڻ ۾ آزاد آهيان، ان ڪري نہ تہ منهنجي مٿان ڪي بہ اثرات ڪم نہ ڪري رهيا آهن پر ان ڪري تہ مان، ائين لڳندو آهي، موقعن جي هڪ مرڪز تي وينو آهيان ۽ ان قابل آهيان تہ انهن منجهان ان لحاظ کان چونڊ ڪري سگهان تہ مان ڇا آهيان. آزاديءَ جو مطلب آهي مختلف موقعا هجڻ ۽ انهن مان چونڊ ڪرڻ جو حق هجڻ!.

آزاديءَ جون حدون

آزاد هجڻ جو فن اهو ڳولڻ آهي تہ اسان جي آزاديءَ تي لڳل اٽل حدن اندر اسان ڪيئن موثر انداز ۾ عمل ڪريون. جڏهن ماڻهو آزاديءَ لاءِ سڏڏيندا آهن، جيئن هنن سموري تاريخ دوران ۾ جوش نموني ائين ڪيو آهي، اهي جنهن شيءِ جو مطالبو ڪري رهيا هوندا آهن، اهو موجود چونڊن وچ ۾ فيصلي ڪرڻ جو حق هوندو آهي، ان جي بدران جو ٻين طرفان اهو ٻڌايو وڃي تہ ڇا ڪرڻو آهي يا ڇا نہ ڪرڻو آهي. هتي قطعي خوداراديت بهرحال پيش ٿيل نہ آهي.

جيئن مان پنهنجي ڪرسيءَ تي وينو لکي رهيو آهيان، مان اٿڻ ۽ ڪمري ۾ ڪنهن بہ طرف ۾ گهمڻ لاءِ آزاد آهيان پر مان سڌو مٿي وڃڻ يا سڌو هيٺ لهڻ ۾ آزاد نہ آهيان. اهي حدون شين جي اصليت طرفان ٿي مڙهيون ويل آهن. مان ٻاهر وڃڻ، ڪار ۾ ويهڻ ۽ ڪيڏانهن نڪري وڃڻ لاءِ بہ آزاد آهيان. پر مان روڊ جي

بنهي پاسن تي ڪار هلائڻ لاءِ آزاد نہ آهيان، جيئڪڏهن مان پوليس سان سنا تعلقات رکڻ چاهيان ٿو ۽ زنده رهڻ چاهيان ٿو. مان ڪنهن هوٽل تي ماني کائڻ لاءِ ترسي سگهان ٿو پر جيڪڏهن مان ائين ڪيان ٿو تہ پوءِ مون مان صحيح هلت چلت جي توقع ڪئي ويندي آهي، نہ تہ بي صورت ۾ مون کي هوٽل کان ٻاهر اڇلايو ويندو. انهن طريقن سان ٻيا ماڻهو ۽ سماج بحيثيت مجموعي، منهنجي آزاديءَ کي محدود ڪن ٿا. اهو ان جي ابتڙ نہ ٿو ٿي سگهي. ڪن ماڻهن لاءِ هيءَ ڳالهہ هضم ڪرڻ مشڪل هوندي آهي، ڇو تہ هنن نظم و ضبط گهٽي پاڳي آپيشاهاتي انداز ۾ مڙهيل اختياريءَ جي صورت ۾ ڏٺو هوندو آهي. ان ڪري هو سمورن ضابطن ۾ شڪ ڪندا آهن. اهو پنهنجي طريقي ۾ ڪافي صحت بخش آهي پر معقول ضابطا جيئن ٽرئفڪ جا اصول، آزاديءَ کي وڌائيندا آهن، جيئن هر ان ماڻهو کي اها خبر آهي، جنهن دنيا جي انهن حصن ۾ ڪار هلائڻ جو تجربو ڪيو هوندو، جتي قاعدن جي اڪثر ڀڃڪڙي ڪئي ويندي آهي. منهنجو جسم دماغ ۽ محسوساتون پڻ منهنجي مٿان پابنديون مڙهن ٿا. مان پنهنجين اصلي قوتن هٿان محدود ڪيل آهيان، هڪ ڪمزور نظروارو ماڻهو، روڊ جي ٻئي پاسي تي بيٺل پنهنجي دوست کي سڃاڻڻ ۾ آزاد نہ هوندو آهي، هڪ ٻوڙو ماڻهو هڪ راڳ جي محفل جو مزو وٺڻ ۾ آزاد نہ هوندو آهي.

انسان جي ذهن اندر آزاديءَ مٿان گهربون پابنديون پئدا ٿيل آهن. ڪي ماڻهو آزاديءَ کان خوفزده ٿيل هوندا آهن، اهي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي سرپرستيءَ هيٺ يا هڪ سختيءَ سان رٿيل تنظيم جي سهارو ڏيندڙ جوڙجڪ هيٺ پاڻ کي وڌيڪ محفوظ محسوس ڪندا آهن، پوءِ بہ پنهنجي زندگيءَ جي ذميواري کڻڻ، ٻين لفظن ۾ ناگزير مشڪلاتن منجهان پنهنجي لاءِ هڪ رستو ٺاهڻ جو مطلب هوندو آهي، ناڪاميءَ جو خطرو کڻڻ ۽ پوءِ ان ۾ ڪنهن جو ڏوهہ هوندو آهي؟ ڪي ماڻهو اهو خطرو کڻڻ پسند نہ ڪندا آهن. آمريڪا ۾ جڏهن غلامن کي آزاد ڪيو ويو، تہ انهن مان سڀني ان تبديليءَ جو خيرمقدم نہ ڪيو. اهي ماڻهو جن زندگيءَ جو ڪجھ حصو فوج ۾ يا جيل ۾ گذاريو هوندو آهي، تئين سر بحالي گهرندا آهن، ان ڪان اڳ جو هو آزاد چونڊ جي تقاضائن جو ٻيهر سامنو ڪن. تنها پراڻا ڏوهي ڪڏهن ڪڏهن هاسڪاري پاڻ کي ٻيهر ٻترائي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن جيل ۾ اندر هجڻ جي آرامده حفاظت حاصل ڪن. ذهني بيماريون يا دٻاءُ پڻ آزاديءَ کي محدود ڪندا آهن. جيڪڏهن مان ان ساڳئي ڪمري ۾، جنهن ۾ هڪ ٻلي هوندي آهي، هجڻ برداشت نہ ٿو ڪري سگهان تہ پوءِ اهڙا لکين گهر آهن، جن کي گهمڻ کان مان رڪجي ويندس. بند جڳهن کان خوف (Claustrophobia) زير زمين يا سب وي ذريعي سفر ڪرڻ ۾ هڪ رڪاوٽ ٿي سگهي ٿو يا هڪ بار يا ٿيٽر ڏانهن وڃڻ ۾ رڪاوٽ ٿي سگهي ٿو. اهي مسئلا ان ڳالهہ جا خاص مثال آهن تہ ڪيئن شخصيت

جي نقصن کي هٽائي ڇڏڻ سان ڦهليل آزادي ملي سگهي ٿي. نفسياتي بيمارين جو علم، حقيقت ۾ ماڻهن کي واڌويجهه لاءِ آزاد ڪرڻ بابت هوندو آهي. نفسياتي بيماري (Neurosis) اڪثر بيهڻ جو نتيجو آهي.

زندگيءَ جي راند

رانديون آزاديءَ جي ان حالت جي هڪ سٺي مماثلت پيش ڪن ٿيون، جنهن ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي ڏسي ٿو. هڪ معنيٰ ۾ هڪ راند، ان جا اصول ٿي ٿيندا آهن. تاس جي پتن جو بنديل رکيو هڪ خام مال ٿي هوندو آهي؛ جيستائين اسان انهن جي استعمال جي ڪجهه اصولن تي متفق نه ٿيندا آهيون، تيستائين اسان برج يا پوڪر راند توڙ تائين نه ڪيڏي سگهندا آهيون. گهر کان ٻاهر جي راندين ۾، راند جي ميدان جي حد بلڪل ٺيڪ ٺيڪ مقرر ڪئي ويندي آهي، راند جون شيون، جن سان راند ڪيڏي ويندي آهي، تفصيل سان ظاهر ڪيون ونديون آهن، جنهن ۾ انهن جي سائيز ۽ وزن تي مختلف پابنديون به مڙهيون ونديون آهن. اسڪور ڪرڻ جا طريقا به بيان ڪيا ويندا آهن ۽ ڪڏهن راند جو دورانيو (مدو) پڻ مقرر ڪيو ويندو آهي. اهڙن ضابطن کانسواءِ کوبه کيڏڻ ۾ آزاد نه هوندو.

ان کان علاوه هڪ رانديگر راند جو مزو وٺڻ ۾ آزاد نه هوندو، جيڪڏهن هو ان ۾ قابليت جي هڪ گهٽ ۾ گهٽ معيار تائين نه پهتل هوندو آهي. گاف راند جي ميدان ۾ بال کي ٿڏو هڻڻ ۽ غلط شاٽ هڻڻ، هڪ سست تڪليفده ڏنڌو لڳندو آهي، جڏهن ان کي ان خوشيءَ سان پيٽيو ويندو آهي، جيڪا ان راند جي ڏکين دائن تي مهارت حاصل ڪري وٺڻ سان ملندي آهي. برف جي ترڪندڙ لاهين تي هيٺ گسڪندي وڃڻ جي خوشي ڪنهن اناڙيءَ جي پهچ کان مٿي آهي. مهارت جي حاصلات ذاتي نشوونما کي ظاهر ڪندي آهي. هڪ دفعو جڏهن بنيادي مهارتون حاصل ٿي چڪيون هجن ٿيون، پوءِ فرد راند کيڏڻ ۾ يا مهارت جو مزو وٺڻ ۾ آزاد ٿي وڃي ٿو، هتي اسان ڏسون ٿا ته ڪيئن واڌ ويجهه ۽ آزادي هڪٻئي کان جدا ڪرڻ جهڙا نه آهن. اسان جو ڪجهه آهيون، ان جي مڪمل اظهار جي امڪان ڏانهن پنهنجين بيوقوفين ذريعي ٿي وڌون ٿا. آخر ۾ رانديون، پاڻ سان انصاف (Fairplay) ۽ نگران ـ ريفري، امپائر، لائينسمين ڪٺي هلن ٿيون، جن جو ڪم رانديگرن جي مفاد ۾ راند مٿان ضابطو رکڻ هوندو آهي. هنن پابندين منجهان ڪنهن هڪ تي به آزاديءَ جي نقصان طور ڪاوڙ نه ڪئي ويندي آهي، جو ته اهو واضح نموني ڏسجڻ

۾ ايندو آهي ته اصول، رانديگرن جي فائدي لاءِ ئي موجود هوندا آهن. جيڪڏهن اصول ناڪام ٿيندا آهن يا توقعات کان گهٽ هوندا آهن ته انهن کي تبديل ڪري سگهبو آهي.

هڪ جمهوري معاشري کي به هڪ سٺي نموني کيڏيل راند وانگر ئي هلڻ گهرجي. اهو فرد جي ورثاءَ تي پابنديون مڙهي ٿو، ان لاءِ نه ته هن جي آزاديءَ کي گهٽائي پر ان لاءِ ته آزاديءَ کي سماج ۾ بحيثيت مجموعي تمام گهڻو وڌائي ڇڏي. اهو هڪ انصاف ڀريو سرشتو قائم ڪري ٿو ته جيئن اهو ڏسجي ته اصولن جي پوئواري ڪئي وڃي ٿي. اهي اصول غور ويچار لاءِ ڪليل هوندا آهن، جيڪڏهن انهن کي غير ضروري يا غلط نموني ٺهيل سمجهيو وڃي. ان سڄي ڪارروائيءَ جو مقصد شرڪت ڪندڙن جو وڌ ۾ وڌ اطمينان ۽ تڪميل هوندو آهي. مثالي جمهوريتون دنيا ۾ اٿليءَ آهن ۾ انهن جي طلب تمام گهڻي آهي. مطلق العنان حڪومتون هڪ اهڙي دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ بي تڪيون ثابت ٿي رهيون آهن، جنهن آزادي ۽ واڌ ويجهه جو هڪ ۾ لطف ذائقو چکي ڇڏيو آهي. انهن لاءِ ڪوبه آخري مستقبل نه آهي، جمهوريت ۾ مختلفپڻو هجي ٿو ۽ اها تخليقيت کي اهڙي نموني آزاد ڪري ٿي، جو مطلق العنان حڪومتون ان کي ڪڏهن نه ڪري سگهن، اهو هڪ ارتقا پذير سياري لاءِ هڪ موزون سماجي/ سياسي نظام آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو مقصد ذاتي آزاديءَ کي سٺي نموني غور ڪيل ۽ متفقه ضابطن سان ملائڻ هوندو آهي، جيڪي خود آزاديءَ لاءِ شرطون هوندا آهن.

پوءِ آزادي ضروري پابندين جي ٺيڪ ٺاڪ استعمال ۽ سمجهاڻيءَ تي دارومدار رکي ٿي. اسان فطرت جو هڪ حصو آهيون ۽ اسان رڳو تيستائين آزاد آهيون، جيستائين اسان پنهنجي انسانيت جي، سماج جي ۽ ماحول جي، جيڪو اسانجين زندگين جي سرزمين آهي، حقيقتن اندر پنهنجي خوداراديت کي استعمال ڪريون ٿا. ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته آزاديءَ جو مطلب سمورن اصولن کي ختم ڪري ڇڏڻ نه آهي. بي راهه رويءَ کان وڌيڪ موتمار نموني بي ڪا شيءِ آزاديءَ کي محدود نه ٿي ڪري. اها جيڪو مونجهارو پيدا ڪري ٿي، اهو ڪنهن به سماج ۾ آزاديءَ ۽ واڌ لاءِ وڌ ۾ وڌ خطرناڪ رڪاوٽ آهي.

زندگيءَ جي راند جا اصول

اسان اهو پڇي سگهون ٿا ته زندگيءَ جي راند جا ڪهڙا اصول آهن، راند جاري رکڻ جا ڪهڙا شرط آهن، ته جيئن فردن، ٽولن ۽ سماج بطور مجموعي لاءِ، آزادي ۽ واڌ ويجهه جا موقعا هڪ ڪرا بثائي سگهجن؟ هي سوال پڇڻ جي معنيٰ

آهي عالمگير قدرن ڏانهن سختيءَ سان موٽ ڪائڻ، جن تي باب پنجين ۾ غور ڪيو ويو هو. خود غرضي، ڪوڙ، بدعنواني، ظلم، ماڻهوءَ مٿان ماڻهوءَ جي استحصال ۽ ٻين ناڪاري قدرن تي ٻڌل هڪ سماج، آزادي ۽ واڌ ويجهه لاءِ سازگار حالتون مهيا نه ٿو ڪري سگهي. سماجي شڪتي، سهڪار ۽ جٺاداري آخر ۾ نيٺ انهن قدرن کي مانُ ڏيڻ تي دارومدار رکن ٿا، جن ذريعي زندگيءَ جا عمل وڌن ٿا يعني انساندات جا عالمگير قدر، جن کي جديد حالتون شامل ڪرڻ لاءِ نئون نڪور ٺاهيو ويو آهي. ان نموني تشريح ڪيل نيڪي (اخلاقيات) آزاد ڪيل نيڪ احساس آهي. اسان زندگيءَ جي راند جي اصولن کي هن نموني سهيڙي سگهون ٿا.

* زندگي ۽ ٻين ماڻهن سان پيار
* عزت نفس
* فرد جي عزت جو احترام
* ڏيتي ليتي ۽ لاڳاپن ۾ ايمانداري
* ٻين لاءِ توجهه ۽ فڪر
* بي غرضائپ
* پنهنجن احساسن ۽ ورتاءَ ۾ جهاتي پائڻ
* سچ ۽ انصاف سان محبت
* سهپ
* رحمدلي ۽ ٻاجهه
* سخاوت
* بهادري

مستقل مزاجي

* خود ـ ضابطگي
* سماجي ذميواري
* زندگيءَ جي مستقبل لاءِ ذميواري

هن فهرست ۾ جنسي اخلاقيات جو ڪوبه ذڪر ٿيل ناهي، ڇاڪاڻ ته جنسي اخلاقيات، بنيادي طور تي ٻي ڪنهن به اخلاقيات کان مختلف نه ٿيندي آهي. اها محبت، باهمي عزت ۽ ٻين جيَ احساسن جي خيال سان سلهاڙيل هوندي آهي. اتفاق سان مغربي مذهبن کي انساني جنسي خواهش کي پاڻ وٽ جڳهه ڏيڻ ۾ هميشه تڪليف پيش ايندي رهي آهي. سچي فطرت ۾ جنس هڪ وڏو ڊرامو آهي، پر چرچ ان کي انساني معاشري ۾ خطرناڪ محسوس پئي ڪيو آهي ۽ انکي غير فطري بي لطف ڏيکن تائين گهٽائي ڇڏڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. اها ڪوشش ڪن اوائلي ديني ماهرن جي نظر ۾ پنهنجي پست ترين سطح کي پهتي، جڏهن هنن اهو چيو ته جنس، ٻارن جي پيدائش خاطر برداشت ڪرڻ جوڳي آهي پر

اها گناهہ سان پربل هوندي آهي، جيڪڏهن جنس ڪندڙ پائيوار ان جو مزو وٺندا!

حقيقت ۾ جنس حياتياتي طور مزي وٺڻ لاءِ جوڙي وئي آهي، پر پوءِ به ان جي بهترين تڪميل، جيئن پيل سمورن ورهايل مزن ۾ ٿيندو آهي، هڪٻئي جي ضرورتن جي هڪ حساس مڃتا تي دارومدار رکندي آهي. شيڪسپيئر هن غير انساني نفساني خواهش جي ڪمزورين کي هيئن سهيڙيو آهي.

"لطف پورو مس ٿيو ته انکي سڌو سنئون حقير سمجهيو ويو، ان جي گذريل سبب کي ڳولجي ٿو ۽ جيئن ئي اهو هٿ اچي وڃي ٿو، ان کان نفرت ٿئي ٿي."

مجموعي طور اسان ڏسون ٿا ته نام نهاد اخلاقي قدرن کي انساني سماج جي فطري نظم جي هڪ حصي طور مڃيو وڃي ٿو، نه ڪ ڪا هڪ الڳ ۽ مڙهيل شيءِ طور. مڙهيل قدر، جن کي انساني آزاديءَ ۾ ڪوبه بنياد نه هوندو آهي، اخلاقي ڀهروپيا هوندا آهن. ان جي ابتڙ، سچا اخلاقي قدر هڪ ڀرپور زندگيءَ ۽ هڪ مهذب معاشري لاءِ بنياد فراهم ڪندا آهن. اصلي اخلاقي قدرن جي اهميت اجا وڌيڪ اونهي طرح پيهي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته ارتقا جو رخ، زندگيءَ جي ڦهلاءَ ۽ سينگار ڏانهن ٿئي ٿو ۽ ڇاڪاڻ ته انسان هن عمل جي چوٽيءَ تي هوندو آهي، ان ڪري اهي قدر جن مٿان انساني زندگيءَ جو واڌارو ۽ آسودگي دارومدار رکن ٿا، اهي قدر آهن جيڪي ارتقا کي جاري رکڻ جي اجازت ڏين ٿا. هيءَ شيءِ اخلاقي قدرن کي ارتقائي عمل جي مرڪز ۾ آڻي بيهاري ٿي: جيئن ايرڪ جينش چئي ٿو، "نيڪي (Morality) ارتقا جي حرڪت ۾ پنهان هڪ اخلاقيات جو سڌو سنئون تجربو آهي." هيءَ ڳالهہ اسانکي ماضيءَ ۾ حمايت ڪيل نسخي واري اخلاقيات کان تمام گهڻو مٿي وٺي وڃي ٿي. انسان جو بهترين ڪردار ڪنهن آپيشاهاڻي نظام، مذهبي يا ڪنهن ٻئي جي، حڪمن کي اکيون بوٽي مڃڻ ۾ ناهي پر پنهنجي زندگي، حساس ۽ تخليقي نموني ارتقا جي اصولن مطابق گهارڻ ۾ آهي. ان ئي رخ ۾ ٻئي — واڌ ويجهہ ۽ آزادي موجود آهن.

آزادي ۽ ذميواري

نيڪي ۽ آزاديءَ وچ ۾ رشتو هن حقيقت ذريعي هڪ ڏاڪو اڳتي ٽپي وڃي ٿو ته رڳو آزاد ماڻهو ئي حقيقت ۾ ذميوار ٿي سگهي ٿو ۽ رڳو ذميوار ماڻهو ئي سچ پچ آزاد ٿي سگهي ٿو. اصلي ذميواري زندگيءَ ۾ پين ڏانهن فرد جي رشتي تي

بيـنل هڪ ذاتي چونڊ هوندي آهي. اها پنهنجي حساب ۾ هڪ لاڙو ۽ هڪ عمل هوندي آهي. اهڙي چونڊ عمل جي نتيجي تي پڻ هڪ چٽو جائز نقطہ نظر رکندي آهي. زندگيءَ کي وکوڙيندڙ ڳجهارتن مان هڪ ذريعي، هڪ شخص جيڪو تصوراتي طور پنهنجي عملن جي نتيجن کان آگاهہ هوندو آهي، لازمي طور انهن ورتاءَ ڪرڻ جو انتخاب ڪندو آهي جيئن هن کي ورتاءَ ڪرڻ کپندو آهي؛ هو پاڻ پنهنجي طرفان اهو ڪرڻ جي هدايت ڏنل هوندو آهي، جيڪو هو صحيح سمجهندو آهي ۽ پنهنجي چونڊ تي پاڻ کي مجبور نہ محسوس ڪندو آهي. اهو انهن جو آهي، ان جو هڪ سبب هي آهي تہ اصلي طور تي صحيح عمل خطا جي ڪابہ باقيات پوئتي نہ ڇڏيندو آهي، جيڪا روح جي آزاديءَ لاءِ هڪ رڪاوٽ هوندي آهي.

بئي پاسي ذميواريءَ کي نظرانداز ڪندي آزاديءَ جي دعويٰ ڪرڻ دلدل ڏانهن وٺي ويندي آهي. هاڻي شاهوڪار اتر، آزدين جا اهي سمورا قسم پنهنجي حق طور حاصل ڪري رهيو آهي جيڪي غريب ڏکڻ کي ميسر نہ آهن ۽ دنيا جا اميرَ پاڻ کي آزاد محسوس نہ ٿا ڪن. اهي آزاد هجڻ بدران پريشان آهن، دباءَ هيٺ ۽ ناخوش آهن؛ باوجود سندن اميريءَ جي اهي ننڊ جون گوريون ۽ خواب آوردوائون، لکن جي تعداد ۾ کائي رهيا آهن، شراب ۽ خودڪشيءَ جي فرارن جو آسان شڪار آهن. انهن لڳي ٿو تہ پيٽ جي قيمت

تي ڇنل آزاديون انهن جو سکون ڪسي ڇڏن ٿيون. جيڪڏهن توهان ٻاهر گهٽيءَ ۾ بکايل ماڻهو ڏسو تہ هڪ ڪاڏي جو مزو وٺڻ ممڪن ناهي. مکمل مزي وٺڻ لاءِ زندگيءَ جي لطفن کي لازمي طور پيٽ سان ونڊڻو ورهائڻو پوندو. آزاديءَ جو احساس بہ ان شرط ڪان ٻاهر نہ آهي. اسان پاڻکي سچي نموني رڳو تڏهن ئي آزاد محسوس ڪري سگهون ٿا، جڏهن هر ماڻهو اها ساڳي آزدي ماڻي جيڪا اسان ماڻيون ٿا. آخر ۾ اسان کي هڪٻئي جي آزاديءَ جي ذميواري قبول ڪرڻي آهي، جيڪڏهن اسان پاڻ آزاد ٿيڻ چاهيون ٿا. استحصالي زندگي آخر ۾ نيٺ خود پنهنجي لاءِ ئي جيل ٿئي ٿي پوءِ اهو ظالم حڪمران هجي يا غالب سماج هجي. چورايل ميوا رڳو گهڙي ڪن لاءِ مٺا ٿيندا آهن.

مظلومن جو ڇوٽڪارو

هن دور ۾ دنيا ۾ اهو دباءُ وڌي رهيو آهي تہ ذاتي آزاديءَ جي حدن کي سمورين پيڙهيل اقليتن، غلام قومن، غريبن، استحصال ٿيلن، عورتن ۽ نوجوانن تائين ڦهلائجي. هي سموري تاريخ دوران خودارادیت ڏانهن تمام ڊري واڌ جو انجام

آهي. 1265ع ۾ انگلينڊ ۾ هڪ تمام ني محدود پارليامينٽ جوڙي وئي هئي؛ رڳو 1969ع ۾ ووٽ جو حق ارڙهن سالن کان مٿي جي سمورن مردن ۽ سمورين عورتن کي ڏنو ويو، يعني پارليامينٽ جي آغاز کان عالمگير بالغ راءِ دهيءَ تائين سنت سؤ سال! ووٽ جو حق هجڻ مڪمل شراڪتي جمهوريت ڏانهن هڪ پتڪڙي شروعات کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به ناهي. اٿتر نمونيءَ، ان ني صديءَ ۾ جڏهن غلام آزاديءَ جي گهر ڪندا پيا اڃن شرفاءَ کي سندن اقتدار ۽ اثر جي حالتن ۾ محفوظ ڪري رکڻ لاءِ سندن طرفان هڪ سخت ۽ وحشي ردعمل شروع ڪيو ويو آهي. اهوني آهي جيڪي هٽلريت ۽ فاشزم حقيقت ۾ هئا؛ ان ڪري ني آپيشاهاڻ نظام دنيا ۾ اجا تائين ڦٽي رهيا آهن.

هيءَ بنيادي جدوجهد سمورن معاشرن ۾ اجا تائين جاري وساري آهي؛ ڇاڪاڻ تہ فاشزم جا جراثيم، جمهوريتن ۾ موجود آهن، جڏهن تہ مطلق العنانيون اندروني عطائت کي پئدا ڪنديون آهن. هتي اهو ممڪن ناهي تہ سموري دنيا ۽ سمورن معاشرن اندر دبيل طبقن جي خوداراديت لاءِ هلندڙ جدوجهدن جي سمورين پيچيدگين جي تفصيل ۾ وڃجي. انهن مان بهرحال هڪ مستقبل لاءِ اينتري اهم آهي جو اهڙا انسان جو خاص توجهہ گهري ٿي؛ اها آهي عورتن جي آزادي. ذاتي سببن ڪري بظاهر مناسب هوندي، اها اڄڪلهہ انساني معاملن مٿان مرداڻن قدرن جي حد کان وڌيڪ ڪنٽرول کي ختم ڪرڻ جو پڻ هڪ وسيلو آهي. فرجاف ڪئپرا هن صورتحال کي ڪتاب "دي ٽرننگ پوائنٽ" ۾ هيئن سهيڙي ٿو: "پدري نظام (patriarchy) جي طاقت کي سمجهڻ تمام ڏکيو ڪم پئي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ ان جو جتي ڪٿي نفاذ ٿيل آهي. اهو واحد نظام آهي جنهن کي هيل تائين محفوظ ٿيل تاريخ ۾ ڪڏهن بہ نہ للڪاريو ويو آهي ۽ جنهن جا اصول اينترو تہ عالمگير نموني مڃيا پئي ويا آهن جو اهي جڻ تہ قدرت جا قانون لڳندا آهن. بي شڪ انهن کي اڪثر ڪري ائين پيش ڪيو پئي ويو آهي. اڄ بهرحال پدريت پرستيءَ جي تباهي نظر اچي رهي آهي. عورتن جي تحريڪ اسانجي زماني جي مضبوط ترين تهذيبي هلچلن منجهان هڪ آهي ۽ اسانجي وڌيڪ ارتقا تي ان جو گهرو اثر پوڻو آهي."

عورتن جي جدو جهد

پدر پرستيءَ کان پوءِ جي قدرن ڏانهن تبديلي بهرحال اينتري آسان نہ هوندي. عورتن سان اونهي پاڙ واري دشمني، گذريل ڪئين هزار سالن کان جاري آهي

جيڪا عورتن جي فطرت ۽ قدر کي مجڻ کان مرد جي قبضي هيٺ آيل سماج جي لڳاتار انحراف کي ظاهر ڪري ٿي. بائيبل ۽ ٻين ذريعن منجهان ورتل هيٺين حوالن، ان روايتي، سماجي، سياسي ۽ قانوني نقطہ نظر کي جوڙيو آهي:

* هڪ سئو عورتون، هڪ آنوري جي لاتق نہ هونديون آهن. ـــ ڪنفيوشيس
* عورت، خاصيتن جي هڪ خاص کوٽ، هڪ فطري نقص جي باعث ٿي هڪ عورت آهي. ـــ ارسطو
* ٻالپڻي ۾ هڪ عورت، پنهنجي پيءُ جي ماتحت هجڻ گهرجي، جوانيءَ ۾ پنهنجي مڙس جي ماتحت ۽ جڏهن سندس مڙس مري وڃي تہ پوءِ پنهنجن پٽن جي ماتحت هجڻ گهرجي. هڪ عورت ڪڏهن بہ محڪوميءَ مان آجي نہ هجڻ گهرجي. ـــ مينو جو هندو ڪوڊ.
* عورت کي خاموشيءَ ۾ سموري اطاعت سان سکڻ گهرجي ۾ مان هڪ عورت کي مرد کي سيکارڻ يا هن جي اختياري غصب ڪرڻ جي اجازت نہ ٿو ڏيان، سڀاءِ کيس خاموش رهڻ جي. ـــ پال جو تموٿي ڏانهن پهريون خط. 2، 11 ۽ 12.
* ڇو تہ مڙس، زال جو سربراهہ هوندو آهي، جيئن يسوع مسيح، چرچ جو سربراهہ آهي. ـــ پال جو افيزيانس ڏانهن خط 5: 23
* نوجوان عورتن کي سيکاريو تہ اهي دور انديش، نيڪ، گهر سنڀاليندڙ، سٺيون ۽ پنهنجن مڙسن جون تابعدار ٿين. ـــ پال جو ٽيٽس ڏانهن خط 2: 4 ۽ 5
* زالون، پنهنجن مڙسن جي محڪوميءَ ۾ رهو. ـــ پطرس جو پهريون عام خط 3: 1
* هر عورت کي، ان سوچ تي تہ هوءَ هڪ عورت آهي، شرم سان تمتار ٿي وڃڻ گهرجي. ـــ سينٽ ڪاليمنٽ آف اليگزينڊريا ٻيون صدي عيسوي.
* ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ توهان مان هر عورت حوا آهي؟ توهان دوزخ جو دروازو آهيو، توهان منع ڪيل وڻ لاءِ هرکائيندڙ آهيو. توهان الاهي قانون کان پهريان ڀاڃوڪڙ آهيو. ـــ ڦنطس ٽرٽولين، 2 صدي عيسويءَ جو مذهبي عالم
* سمورن وحشي جانورن منجهان ڪوبہ ايترو نقصانڪار نہ آهي، جيترو عورت. ـــ سينٽ جان ڪرسوسٽم چوٿين صدي عيسوي.
* مرد، عورتن کان بالاتر آهن. ـــ قرآن شريف، ستين عيسوي صدي.
* عورتن کي گهر ۾ رهڻ گهرجي، خاموش ويهڻ گهرجي، گهر سنڀالڻ، ٻار پيدا ڪرڻ ۽ پالڻ گهرجن ـــ مارٽن لوٿر (1483-1546)
* عورت کي سندس وڏي ۾ وڏي ڪماليت سان مرد جي خدمت ڪرڻ ۽ هن

جي حڪمن ڪي مجڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، نه ڪه هن مٿان حڪمراني ڪرڻ ۽ حڪم هلائڻ لاءِ. ــ جان ناڪس (1572-1505).

* عورتن جا روح ايترا ته ننڍڙا آهن، جو ڪي ماڻهو اهو مڃن ٿا ته هنن ڪيّ ڪو روح ئي نه ٿيندو آهي. ــ سيموئل بٽلر (1680 - 1612)

* عورت هجڻ ڪيڏي نه بدقسمتي آهي پر ان ڪان به بد ترين بدقسمتي اهو نه سمجهڻ آهي ته اها ڪهڙي نه بدقسمتي آهي. ــ سورن ڪرڪارڊ، ڊينمارڪ جو مذهبي عالم ۽ وجودي فلاسفر (1873-1855)

* عورت، وجودي لحاظ کان مرد جي زيردست آهي. ــ ڪارل بارٿ. سوئس مذهبي عالم (1968-1886)

هن پرجوش ملامتي تقرير کي هن ڪتاب لاءِ ٿيٺي اهميت آهي. اها ڏيکاري ٿي ته مردن جو عورت جي باري ۾ نقطه نظر ڪيڏو نه نقص وارو رهندو پئي آيو آهي ۽ گهڻي حد تائين اڃا به آهي. پيو ته هي داغدار نقطه نظر آزادي ۽ مردن ۽ عورتن وچ ۾ رشتن جي واڌاري جي سگهه کي محدود بڻائي ڇڏي ٿو. ٻيون ته هي نقطه نظر روايتي خدا جيّ تصور ۾ هڪ موتمار هڪ طرفائپ کي وانڪو ڪري ٿو، جيڪو ڪلئي نموني مرداڻو رهندو پئي آيو آهي ۽ اڃا ائين آهي.

هي سڀ آزادي ۽ واڌ ويجهه جي اسانجي مطالعي لاءِ تمام گهري نموني اهم آهي. مرداڻو غلبو واڌ ويجهه کي روڪي ٿو. حاوي مرد، جيئن شاديءَ جي رهنمائي ڪندڙ هر ڪائونسلر ڄاڻي ٿو، گهر تباهه ڪندڙ هوندو آهي. هو پنهنجي زال کيّ مايوس ڪندو آهي ۽ پنهنجن ٻارن کي مخالفانه بغاوت تي مجبور ڪندو آهي. هو خود پنهنجو به تباهه ڪندڙ هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته غالبانه رجحان ٻين کي ٻاهر ڪيندا آهن، جڏهن ته اهو رڳو ٻين ماڻهن سان ڪلئي پن ۾ ۽ آزاديءَ سان گڏجيّ عمل ڪرڻ ذريعي ئي هوندو آهيَ، جو ماڻهو اڳتي وڌي سگهندو آهي. اڄ هڪ حاوي سربراهه کي پڻ ٻين جو ۽ خود پنهنجو تباهه ڪندڙ تصور ڪيو وڃي ٿو. قيادت هاڻي آهستي آهستي پنهنجو پاڻکي حاوي پڻي کان ڇڏائيندي پئي وڃي. اهڙا ڪردار موجود آهن، جن ۾ مرد مناسب نموني قيادت، سنڀالن ٿا ۽ ٻيا اهڙا ڪردار آهن، جن ۾ عورت قيادت لاءِ وڌيڪ بهتر نموني نڀڪندڙ ٿئي ٿي ۽ ڪيترا اهڙا ڪردار به آهن، جيڪي ٻنهي طرفان هڪ جيترو بهتر نموني نڀائجي سگهجن ٿا. انهن مان ڪنهن ۾ به غلبو حاصل ڪرڻ هڪ ضرورت يا هڪ پسنديده خاصيت نه آهي. هيءَ اسانجي دور جي اهم نفسياتي ــ سماجي دريافتن منجهان هڪ آهي. اها هڪ آزاد شراڪتي سماج لاءِ رستو صاف ڪري ٿي، جنهن ۾ ذاتي تڪميل ڏانهن واڌارو هر ماڻهوءَ لاءِ ممڪن آهي. جنسن وچ ۾ باهمي عزت، ان سماج جو هڪ لازمي عنصر آهي.

وڏڻ جي آزادي

اسان هن باب جي شروعات آزادي ۽ واڌويجهہ لاءِ وجداني خواهش کي نوٽ ڪندي ڪئي هئي سين، جيڪا اڄ سموري دنيا ۾ ڦهلجي رهي آهي؛ فردن، نسلن ۽ قومن لاءِ حق خوداراديت حاصل ڪرڻ جي هڪ طويل ڏکائيندڙ جدوجهد جو نتيجو! هن باب ۾ مبهم تمنائن جي، نڪتل نتيجي جي سمجهاڻيءَ ۾ وڌيڪ تفصيل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اسان اهو ڏسي چڪا آهيون تہ چونڊ ڪرڻ جي آزادي حقيقي هوندي آهي، جيتوڻيڪ اها قطعي نہ هوندي آهي، اهڙيون حالتون هميشہ موجود هونديون آهن، جيڪي چونڊ کي محدود بڻائينديون آهن، ان فرد جي شخصيت سميت، جيڪو چونڊ ڪري رهيو هوندو آهي. پوءِ بہ بهرحال چونڊ جي هن محدود پر حقيقي طاقت کي استعمال ڪرڻ سان ئي اسان انسان پنهنجي تقدير کي اڳتي وڌائي سگهون ٿا.

اسان وڌيڪ اهو بہ ڏسي چڪا آهيون تہ آزادي هڪ اهڙي شيءِ نہ آهي، جيڪا پنهنجي طور تي وجود رکندي هجي، هڪ نج هستيءَ طور. ان جي بدران اها اهڙين حالتن سان مليل جليل هوندي آهي، جيڪي آزاديءَ کي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏينديون آهن. انهن حالتن ۾ شامل اهي پابنديون بہ آهن، جيڪي اسانجي آزاديءَ جي حد مقرر ڪن ٿيون، يعني راند جا اصول، جن ڪانسواءِ ڪابہ راند نہ ٿي ٿي سگهي. زندگيءَ جي راند جا اصول بہ گڏجي رهڻ جي عالمگير قدرن، نام نهاد اخلاقي قدرن، جهڙا ساڳيا نڪرن ٿا، جيڪي جُڳن ڪانپوءِ دريافت ڪيا ۽ سچا ثابت ڪيا ويا آهن. اسان پنهنجو پاڻ بڻجڻ لاءِ رڳو تڏهن ئي آزاد آهيون جڏهن اسان ٻين سان مثبت انداز ۾ لهہ وچڙ ڪندا آهيون، جنهن جو مطلب آهي تہ جڏهن اسان ٻين جو خيال ڪندا آهيون. آخر ۾ اسان اهو بہ نوٽ ڪيو تہ ذاتي آزادي ان ڳالهہ سان بہ ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل آهي تہ جنسون ــ مرد ۽ عورت هڪبئي کي ڪيترو مان ڏين ٿيون. حاوي پڻو يا برتريءَ جي نمائش، مرد يا عورت طرفان، ٻي جنس جي آزاديءَ کي گهٽائي ٿي ۽ ان شخص مٿان موٽ ۾ خراب اثر وجهي ٿي، جيڪو برتريءَ وارو انداز اختيار ڪندو آهي. ٻنهي جنسن جي واڌ ويجهہ تمام گهڻي وڌي وڃي ٿي، جڏهن ٻئي جنسون هڪ ٻئي جي عزت ڪن ٿيون، هڪبئي کي سمجهن ٿيون ۽ هڪ ٻئي کي سهارو ڏين ٿيون. اسان هن باب ۾ جن شين جي جاچ پڙتال پئي ڪئي سين، اهي اڄ جي زماني جي تناظر ۾ وڌڻ ۽ اؤسر ڪرڻ جي آزاديءَ جون اهي ضروري حالتون آهن. تاريخ جو طويل دور، جيڪو مختلف قسمن جي مطلق العناني تڪبر ۽ استحصال سان سجاتو پئي ويو آهي،

هاڻي ختم ٿي چُڪو آهي. مستقبل ماڻهن ۽ قومن وچ ۾ باهمي عزت ۽ سهڪار سان جڙيل آهي. ان کان علاوه ڪا بي شيءِ وڌ ۾ وڌ مدي خارج ۽ وڌ ۾ وڌ خطرناڪ ٿي ويندي. مظلوم، جيئن اڳ ڏسي آيا آهيون، هاڻي ان ڳالهه جو هڪ واضح چٽاءُ ڏئي رهيا آهن ته هنن هاڻي گهڻو ئي ظلم سهي ڇڏيو آهي. آخر ۾ نيٺ اهي ئي هن ڌرتيءَ جا وارث بڻبا، جيڪي هڪ شريف روح جا مالڪ هوندا، نه ڪ حاوي پوندڙ استحصالي. اها ڳالهه هاڻي صاف آهي ته جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته پوءِ هيءَ ڌرتي ڪنهن به ماڻهوءَ جي رهڻ لائق نه هوندي. شريفاڻي حفاظت ۽ تخليقي تبديلي يا خود پسند استحصال! اهائي هاڻي اسانجي چونڊ آهي، اسانجي ذميواريءَ جي ماپ ۽ اسانجي هجڻ ۽ وڌڻ جي آزاديءَ جو شرط.

مستقبل جي تعليم

"جيڪڏهن ماڻهوءَ جو ذهن پنهنجي غذا حاصل ڪري ته پوءِ اهڙي ڪابه شيءِ نه هوندي، جيڪا نه وڌندي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جو ذهن پنهنجي غذا وڃائي ڇڏي، ته پوءِ اهڙي ڪابه شيءِ نه هوندي، جيڪا ختم نه ٿي ويندي."

.... مينشيس

هڪ نئون نقطہ نظر ظاهر آهي تہ تعليم ڏانهن بہ هڪ نئين انداز جو سڏ ڏني ٿو. موجوده زماني ۾ تعليم بابت ائين سوچڻ، بند ڪري ڇڏڻ جو وقت اچي چڪو آهي تہ تعليم هڪ قسم جي ڏي وٺ آهي، جيڪا اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ جاري رهي ٿي، جنهن ذريعي اهي ماڻهو جيڪي ڄاڻيندا آهن، پنهنجي ڄاڻ انهن ڏانهن منتقل ڪندا آهن، جيڪي ان کان وانجهيل هوندا آهن. اهو هڪ ممڪن بندوبست ٿي پئي سگهيو، ان صورت ۾ جڏهن هڪ پوري ڄمار دوران تمام ٿورڙي تبديلي اچي چڪي هجي ۽ جڏهن هڪ استاد ڪنهن بہ موضوع تي موجود سڄي ڄاڻ تي عبور حاصل ڪري پئي سگهيو. اهو تبديليءَ واري دنيا لاءِ، جنهن ۾ ڄاڻ جو ڦهلاءُ لاڳيتو ٻڌجي چڪو آهي، سنجيدگيءَ سان ناموزون آهي. اڄ هڪ تعليم يافتہ فرد لاءِ موزون بنياد، لاڙن ۽ ذاتي خوبين جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جيڪو سڄي ڄمار سگهيا ڪي وڌائيندو رهندو. اسان واڌويجهہ جي هن عمل جي پوئواري ڪنداسون، جيئن هاڻي اسان انکي سمجهون ٿا.

تعليم بطور کوج جي

هڪ عام رواجي ٻار زندگيءَ بابت ڄاڻڻ جو حد کان وڌيڪ شوقين هوندو آهي. شروع کان ئي ٻار هڪ فطري کوجنا ڪندڙ هوندو آهي، جيڪو پنهنجي چوگرد موجود دنيا جو ڪو مطلب سمجهڻ لاءِ مگن رهندو آهي. هو ڏائيندو آهي،

محسوس ڪندو آهي، چيڙيندو آهي، ڏڪيندو آهي، ۽ پوءِ بانبڙا پائيندو آهي، گهمندو آهي ۽ ڊوڙندو آهي: سمورو وقت پنهنجي ماحول بابت وڌيڪ ڳوليندو رهندو آهي ۽ جيڪو ڪجهه هو لهندو آهي، ان سان منهن ڏيڻ جي پنهنجين طاقتن بابت وڌيڪ ڳوليندو رهندو آهي. هو اهو پڻ معلوم ڪرڻ چاهيندو آهي ته بيا ماڻهو ڪيئن ٿين ٿا ۽ هو ڪهڙي نموني هنن سان تعلق رکي. هي انساني عمل تمام گهڻو سوير شروع ٿئي ٿو، جيئن ماءُ ۽ سندس ٻارن درميان گهريل ڏيتي ليتيءَ (Exchange) جي تازين تحقيقن ڏيکاري ڇڏيو آهي. نوجوان انسانن طرفان ڏيکاريل تجربي جو شوق جديد دنيا ۾ سموري زندگيءَ دوران گهربل هوندو آهي. ان کان بغير تبديليءَ جو سمورو لقاءُ، فرد جي مٿان گذري ويندو ۽ ساڳئي وقت تي هن کي سماج کان ۽ واڌ ويجهه جي ذريعي کان الڳ ڪري، گم ڪري ۽ ڪٽي ڇڏيندو. جيئن ڪولن ٽرنبل، ڪتاب"انساني چڪر" (1984) ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته انفراديت (يعني پنهنجو پاڻ بڻجڻ) ۽ اجتماعيت (سماج سان لاڳاپجڻ) هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ هوندا آهن. هو لکي ٿو، "بحيثيت هڪ سماجي بشرياتي ماهر جي، منهنجو ان ڳالهه سان واسطو آهي ته اسان انفرادي مخلوقات کان الڳ ڪيئن ۽ ڪڏهن سماجي بڻياسي ۽ ان سان واسطو آهي ته سماججڻ جو سکيل پاسو ڪهڙو آهي. ان پاسي جو مشڪل حصو، ان رشتي ۾ موجود آهي، جيڪو فرد پنهنجي چوگرد موجود دنيا سان پيدا ڪري ٿو. اهو هڪ مجموعي رشتو ٿئي ٿو. اسان ان کي مصنوعي حصن ۾ ورهايون ٿا ۽ انسان جي، انساني ۽ حيواني دنيائن سان رشتن، فطري ۽ مشيني يا ٽيڪنالاجيڪل دنيائن سان رشتن ۽ ڪيترن ئي ٻين طريقن جي رشتن جي ڳالهه ڪريون ٿا، ۾ سچي سماجيت سکڻ لاءِ فرد کي پنهنجي تجربي جي سمورن مختلف حصن سان پنهنجي رشتي ۾ اعتماد حاصل ڪرڻو پوندو ۽ دنيا کي جدا جدا رشتن جو ٿلهو مجموعو سمجهڻ بدران ان کي هڪ واحد مجموعيت طور ڏسڻو پوندو."

متحرڪ بنياد

ڪن بہ خاص صلاحيتن يا نعمتن کان علاوه، جيڪي هڪ فرد کي مخصوص بڻائن ٿيون ۽ ان انداز تي اثرانداز ٿين ٿيون، جنهن سان هو زندگيءَ کي منهن ڏئي ٿو، صلاحيت يا عمر ۾ فرقن کي ڏيان ۾ رکڻ کانسواءِ احساس جون وڌيڪ چار قابليتون ٿين ٿيون، جن تي ماحول سان هڪ مثبت رشتي جو دارومدار ٿئي ٿو. هڪ جي اڳ ئي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جيڪا آهي شوق/ لڳاءُ، ٻيون ٽي آهن خود اعتمادي، تجسس ۽ پروسو.

خوداعتماديءَ ڪانسواءِ، جنهن ۾ بهرحال عزت نفس، ذاتي قدر جو هڪ احساس بہ شامل آهي، هڪ فرد، زندگيءَ جي للڪارن ڪيَ منهن ڏيڻ ۾ لولو لنگڙو ٿي پوي ٿو. ذاتي اهميت جو احساس، همت افزائي ۽ حاصلات جو نتيجو ٿئي ٿو. انهن جي يقينيءَ ڪانپوءِ پاڻ کي نون تجربن ۾ آزمائڻ جي همت جو پڻ يقين ٿي وڃي ٿو.

خود اعتمادي ۽ شوق ۾ هڪ زنده تجسس کي ضرور شامل ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ماڻهو کي صرف ان انداز ۾ وڌڻو آهي، جنهن ۾ هو وڌي سگهي ٿو يعني پنهنجي ماحول سان وڌ ۾ وڌ اهم رشتن ۾ داخل ٿيندي. آخر ۾ اسان کي ان ۾ پروسي جو بنيادي رجحان شامل ڪرڻ گهرجي. ڪي رستا ۽ ڪي ماڻهو بهرحال پروسي جوڳا نہ ۽ ڦرڻا گهرڻا نڪري سگهن ٿا، پر زندگي ۽ ماڻهن ۾ هڪ بنيادي ويساهہ کان سواءِ، فرد زنده رهڻ کان ئي رُڪجي ويندو، ويساهہ، محبت، تحفظ ۽ خيال ڪيو وڃڻ جي تجربي مان ۽ زندگي ۽ ٻين ماڻهن جي مزي وٺڻ مان پيدا ٿئي ٿو. اهو انڪري آهي تہ هر جديد انسان کي مڪمل ذاتي ترقي حاصل ڪري وٺڻ ۾ ۽ سڄي حياتيءَ دوران تبديليءَ سان پڄڻ ۾ هڪ وڏو فاصلو طئي ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان ڪري بہ تہ هاڻي تعليم کي، هڪ نوجوان کي بلڪل ئي هڪ مختلف انداز ۾ تيار ڪرڻو پوي ٿو، بنسبت ماضيءَ جي طريقي جي، جنهن ان وقت جون ضرورتون سهڻي نموني پوريون ڪيون ٿي.

هيءَ ڳالهہ نہ رڳو سماجي طور اهم آهي پر ذاتي طور بہ اهم آهي، هڪ جديد جمهوريت کي هوشيار مڪمل ٿيل شهري گهرجن، جيڪي سماج ۽ دنيا سان پنهنجن لاڳاپن کي سمجهڻ لاءِ، پاڻ کي تيار ڪري رهيا هجن. جمهوريت هڪ اهڙي صورتحال ۾ زنده نہ پئي رهي سگهي، جتي علم جي ڏاهن جي هڪ اقليت، جاهل ۽ بي يارو مددگار پرولتاريہ (پورهيتن) کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائڻ جي پوزيشن ۾ هجي، ۽ جمهوريت ڪانسواءِ هڪ فرد جي ذاتي واڌاري جو موقعو، جيڪڏهن اهو صفا ختم نہ ٿو ٿي وڃي تہ بہ، گهٽجي ضرور وڃي ٿو. اهڙي طرح وڌڻ جي آزادي، ماڻهن ۽ سماج لاءِ هڪ واحد سلسلي جا پاسا آهن.

جيڪڏهن فرد کي هڪ بدلجندڙ دنيا ۾ موثر انداز ۾ شرڪتڪاري ڪرڻي آهي ۽ ان تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻو آهي، تہ پوءِ ننڍي پار جي زندگيءَ جي شوق کي پالڻو ۽ نپائڻو پوندو تہ جيئن اهو وقت گذرڻ سان اُجهامڻ بدران نڪرندو وڃي؛ هڪ جديد تعليم کي گهڻي پاڳي ان ئي ڏس ۾ پرکڻو آهي تہ اها اهو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب وڃي ٿي.

گھر جو ڪردار

زندگيءَ ڏانهن هڪ مثبت رويي جا بنياد، اسڪول کان اڳ وارن سالن ۾ واضح نموني پئجي چڪا هوندا آهن. هن سلسلي ۾ ڪابہ قابل ذڪر ناڪامي، عمر ڀر جي جذباتي اپاهجن کي پيدا ڪري سگهي ٿي. هيءَ ڳالهہ هاڻي چڱي نموني سمجهي وڃي ٿي پر ان ۾ سرگرم اصول پوءِ بہ نظرانداز ٿي سگهن ٿا. اڪثر والدين پنهنجن ٻارن کي پيار ۽ تحفظ مهيا ڪرڻ ۾ وسان نہ ٿا گهٽائن پر انهن مان سڀ ٻار کي همٿائڻ جي ضرورت کان چڱي طرح سان باخبر نہ هوندا آهن. اڄ بہ ڪيترن ئي ٻارن کي حد کان وڌيڪ ٽوڪيو وڃي ٿو، ڪين اڪثر ڇڙٻيو وڃي ٿو، مجون ٿا تہ ٻارن کي رهنمائي گهرجي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پختگي پر وڏن جا لفظ يا عمل جيڪي هڪ ٻار کي اڻپورو محسوس ڪرائيندا آهن، ٻار جي همت ۽ عزت نفس لاءِ تباهہ ڪن هوندا آهن. گهر کي ٻارن جي تعمير ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين ڪوجنا ۽ خود دريافت جا جهجها موقعا فراهم ڪري ڏيڻ کپن. جان بريرلي، پنهنجي ڪتاب "وڌندڙ دماغ" (1976) ۾ لکي ٿو، "مختلفپڻو ۽ اتساهہ ئي اهي شيون آهن، جن تي دماغ وڌي ويجهي ٿو." هڪ زنده دل ٻار کي ڪافي مختلفپڻو ۽ اتساهہ مهيا ڪري ڏيڻ، والدين لاءِ هميشہ هڪ مسئلو هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سمورا صحت مند ٻار علم جا پياسا ٿيندا آهن ۽ ڪين نون تجربن جي ضرورت هوندي آهي، جن تي هو پنهنجين قوتن کي آزمائي سگهن، جڏهن تہ ڪيترائي گهر ان لحاظ کان محدود هوندا آهن تہ هو ٻار کي ڇا مهيا ڪري سگهن ٿا. ان سبب ڪري ئي اسڪول شروع ٿيڻ کان اڳ جا راندروند وارا گروپ تمام ننڍڙن ٻارڙن لاءِ موقعاتي مرڪز آهن، هڪ ضروري اضافو آهن، ان ۾ جو هڪ گهر مهيا ڪري ڏئي ٿو. هنن مرڪزن جو تعليمي ڪردار ٻارن کي پڙهڻ ۽ لکڻ جي تڪلفات ۾ هڪ سنهري شروعات ڏيڻ نہ هوندو آهي پر سندن چوڏاري ڇا ٿي رهيو آهي، ان ۾ هنن جي دلچسپي ۽ شموليت کي اُتساهڻ هوندو آهي. سادن سماجن ۾ سمورا ٻار ڪنهن بہ دٻاءَ کانسواءِ پنهنجين وسندين سان نهڪندڙ هنرن ۾ مهارت حاصل ڪري وٺندا آهن، جيڪا ڪڏهن تہ بلڪل اعليٰ قسم جي هوندي آهي، جيئن مقامي ٻوٽن ۽ جانورن جي تفصيلي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾.

اسان جي سماج ۾ ٻار ٻوليءَ ۽ انگن جي هنرن تي عبور حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن ۽ اهو هو وڏن جي رهنمائيءَ ۾ ڪندا آهن، جڏهن اهي تيار هوندا آهن، بشرطيڪ شروعاتي ناڪاميءَ ذريعي ڪين دلشڪستو نہ بڻايو ويو هجي. جان بريرلي لکي ٿو، "سالم نشو و نما لاءِ جوان انسان هڪ آهڙي ماحول تي

دارومدار رکي ٿو. جنهن مان هو کوجنا ۽ بيـن مانهن سـان لهـ وچڙ ذريعي سکي سگهي." اسان جي سماج ۾ اهڙي کوجنا ۽ لهـ وچڙ ۾، لکيل زبان ۽ انگن سـان واسطو پڻ شامل آهن.

بارن کي ٻنهي تي عـبـور کـپي ۾ بارن کي سکڻ لاءِ هٿ وٺي هلائڻ اکثر کري اڻنو نتيجو ڏيـندڙ هوندو آهي، ڇاکاڻ تہ هٿ وٺي هلائڻ پريشاني پيدا ڪندو آهي ۽ پريشاني سکيا کي روکي ڇڏيـندي آهي. والديـن ۽ استادن لاءِ نـنڍڙي ٻار ۾ بنيـادي مـهـارتـن جي واڌ کي اڳتي وڌائڻ جو راز ان ۾ آهي تہ کيـن ٻار کـان ٿي پنهنجو اشارو وٺڻ کپي ۽ اکرن، آوازن، لفظن ۽ انگن تي راند ۽ شغل جي شکل ۾ جوش پيدا ڪندڙ جهجهي مواد ، تصويري ڪتابـن سـميت، جي موجودگيءِ ۾ هن جي تعمير ڪرڻ کپي.

کوجنا ذريعي سکڻ جي هن عمل ۾ والديـن – ٻار رابطو، خصوصاً ماءُ، ٻار رابطو هڪ مـرکزي ڪردار ادا ڪري ٿـو. گـهـر جي تحـفظ اندر، اڻکٽ نـنڍڙيون ڪچهـريون جاري رهي سگهن ٿيون، جيـکي نـنڍڙي ٻار جي ذهني ۽ لفظي نشو و نما ۾ زبردست مدد ڪن ٿيون. جيـئـن ٻار براٽزارڊ ۽ مارٽن هبس، پنهنجي ڪتاب "نـنڍڙن ٻارن جي سکيا" (1980) ۾ رڪارڊ ڪيو آهي. پنجن سالن جي هڪ عام ٻار کي اٽکل ٻن هزار لفظن کان وڌيڪ لفظي ذخيرو (Vocabulary) هوندو آهي ۽ کيس انهن کي استـعـمال ڪرڻ ۽ انهن ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ کيـترن ئي موقعن جي ضرورت هوندي آهي.

گهر واڌو اسڪول

نـنڍڙي ٻار (Infant) جي اسـڪول کي اٿيـن نہ سمجهڻ گهرجي تہ اهو گهر جي تعليم تي قبضو ڪري وٺي ٿو پر اهو تہ ان کي هٿي ڏيـندڙ ٿئي ٿو. ڇهـن سالن کان پوءِ اکثر ٻارڙن وٽ کپائڻ لاءِ ذهني، جذباتي ۽ جسماني قوت جو اڻ اُجهامندڙ مقدار هوندو آهي. ٻاراڻي اسکول جو ڪردار ان قوت کي هڪ نيـکال ڏيڻ هوندو آهي. تازيون تحقيقون اهو تجويز ڪن ٿيون تہ اسان نـنڍڙن ٻارن جي صلاحيتـن کي سنجيدگيءِ سـان گهٽ سـمجهي رکيـو آهي. ٻاراڻا ۽ پرائمري اسـڪول، راند جي گروپن وانگر جامد هدايت جي جڳهن بدران موقعن جا مـرکز هجڻ گهـرجن. ٻار پنهنجيـن دلـچسپيـن جو پيڇو ڪرڻ سـان ٺي وڌندا آهن. اهڙيـن سـرگرميـن ۾ حصو وٺڻ سـان جيـکي هنـن کي وڻنديون آهن، اهي مـهـارتـن جي ضرورت کي سـمجهڻ لڳن ٿـا ۽ انهنَ کي حـاصـل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيـار ڪري وٺن ٿـا . پر جوش

اطلاق قائم رکڻ جو بنيادي متو اها تقاضا ڪري ٿو ته اسان مٿي تعليمي ڏاکڻ تائين سڄي رستي ۾ ذاتي اُتساهه ۽ جٽائي شرڪت ذريعي ڪم ڪريون. هن سڄي عمل ۾ ذاتي حاصلات جو احساس هڪ فيصلو ڪن اتساهه هوندو آهي.

تعميري حاصلات لاءِ بنيادي اصول، ڪنهن سال اڳ هڪ آمريڪي تعليمي ماهر ڪارليٽان واشبرن بيان ڪري ويو هو. هن جو اصول هو "ڪوشش جي نسبت سان ڪاميابي" انفرادي صلاحيت دلچسپيءَ سان ويڙهيل ۽ ڪاميابيءَ سان برقرار رکيل زندگيءَ جي هر ڏاڪي تي تعليمي ترقيءَ جو فارمولو مهيا ڪري ٿي. اها پرائمري ڏاڪي تي خاص طور تي اهم ٿني ٿي ڇاڪاڻ ته هڪ دفعو جڏهن واڌ جو عمل، ناڪامي ۽ دلشڪستيءَ ذريعي بيهاريو ويو هوندو آهي، انکي وري نئين سر شروع ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي سگهي ٿو.

ٻار جي واڌ ۽ شوقيه سکيا لاءِ هڪ سازگار فضا قائم ڪرڻ ۾ والدين جو حصو، گهٽ ۾ گهٽ اوترو ئي اهم ٿئي ٿو، جيترو اسڪول جو حصو: اهي پرائمري اسڪول، جتي والدين جو آڏرپاءُ ڪيو وڃي ٿو، جتي اهي ڄاڻن ٿا ته اسڪول ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، اسڪول جي سرگرمين ۾ حصو وٺن ٿا ۽ ڪلاس روم ۾ هٿ ونڊائن ٿا، اهي اسڪول انهن اسڪولن جي ڀيٽ ۾ واضح نموني وڌيڪ خوش ۽ وڌيڪ زنده دل هوندا آهن، جيڪي شاگرد جي گهر سان تعلق رکڻ کان لنوائيندا آهن. قريبي والدين – اسڪول تعاون، مستقبل ۾ بيشڪ هڪ عالمگير روايت بڻجي ويندو، جهڙي نموني اسڪول ۽ معاشري وچ ۾ ناتن کي مضبوط ڪرڻ، پڻ هڪ عالمگير روايت بڻجي ويندو. هڪ دفعو جڏهن ٻار جي پنهنجي دنيا ۾ مهويت، تعليم جو هڪ مکيه مقصد بڻجي ويندي، ته پوءِ تعليمي سرشتي طرفان موٽ ۾ اهڙو ردعمل به ظاهر ٿي ويندو، جيئن هڪ پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستر چيو آهي، "اسان علائقي (Locality) کي پنهنجو درسي ڪتاب ڪري ليکيون ٿا."

عالمي جاڳرتا

عالمي جاڳرتا جو واڌارو اڄ سموري تعليم جو واضح نموني هڪ مقصد هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان کي جديد دنيا ۾ ٻارن کي سندن مقام ۽ حصي جو هڪ احساس ڏيڻو آهي ته اسان کي انسانذات جي هڪجهڙي مٿان دارومدار جي سمجهاڻي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. تمام ويجهڙائيءَ تائين مقصد هو نصاب ۾ هڪ ٿوري ڄاڻ يا تجربو وقتاً فوقتاً داخل ڪري، بين الاقوامي سمجهه کي وڌائڻ: اڄ صورتحال مختلف آهي، ٽيليويزن دنيا کي لڳ ڀڳ هر گهر ۾ اندر ڪڍي آئي

آهي. هوائي جهاز ڏورانهين جڳهن ڏانهن ويندي ۽ ايندي مستقل ڏسي سگهجن ٿا. دوست ۽ واقفڪار پرانهيون جڳهون گهمن ٿا. خلائي رانديون ۽ فلمون، پوءِ جينوٽيڪ اهي مشڪوڪ مواد واريون آهن، گهٽ ۾ گهٽ اهو خيال قائم ڪن ٿيون ته دنيا هڪ عظيم تر ڪائنات جو حصو آهي. اسان ڪي هاڻي وڏيڪ ٻارن ڪي بين الاقوامي صورتحال کان متعارف ڪرائڻو نه آهي، اهي حقيقتاً ان ۾ رهي رهيا آهن. هاڻي تعليمدانن جي منزل، هن مبهم جاڳرتا ڪي پرڻ ۽ ان ڪي وزن ڏيڻ آهي. ٻار بين جڳهن ۽ بين ماڻهن ۾ سڌي سنئين دلچسپي رکندا آهن، جيڪڏهن اها چاڻ ڪين ڪن مخصوص سکياڻي مطالبن ڪانسواءِ، سندن آڏو جوشيلن طريقن سان پيش ڪئي وڃي.

هيءَ حقيقت ته اسان هڪ هڪپئي مٽان دارومدار رکندڙ دنيا ۾ رهون ٿا، هڪ يا ٻئي طريقي سان تمام ننڍڙن ٻارڙن ڪي به ذهن ۾ ويهاري سگهجي ٿي. اهڙن طريقن سان همتايل هڪ ٻار، جڏهن سيڪنڊري اسڪول جي سطح ڪي پهچندو، ڪيترين ئي دلچسپين ۽ مهارتن ۾ محفوظ ٿيل هوندو، بين ماڻهن سان سرگرميون ونڊڻ ورهائڻ ۾ تجربيڪار ٿيل هوندو، پر اعتماد هوندو ته هو زندگيءَ سان منهن ڏئي سگهي ٿو، جيئن هو ان ڪي ڏسي ٿو ۽ عمومي طور ان دنيا کان باخبر هوندو جنهن ۾ هو رهي رهيو هوندو آهي. جوانيءَ جي زماني لاءِ بطور تياريءَ جي، ان کان گهٽ شيءِ ڪافي نه ٿيندي، جيڪو ڪڏهن طوفاني ۽ اڪثر پريشان ڪندڙ پر هميشه زبردست، تعميري هوندوآهي.

جوانيءَ جو افق

نشو و نما جو جوانيءَ جو دور، واڌ ويجهه جي مهمن جي هڪ سلسلي سان سجاتو ويندو آهي، جنهن تي هر نوجوان کي عبور حاصل ڪرڻو هوندو آهي ۽ اهو عبور حاصل ڪرڻ ۾ هن ڪي مدد جي ضرورت هوندي آهي. جوانيءَ دوران جذبا اڀرندا آهن. نوجوان هڪ ٻار جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ وسيع نموني ۽ وڏيڪ شدت سان محسوس ڪندوآهي. هيءَ جذباتي نشو و نما، ذاتي جنسيات سان منهن ڏيڻ جي ضرورت ۽ ٻي جنس سان ڪهڙي نموني واسطو رکڻ گهرجي، جي ضرورت سان گڏوگڏ هلندي آهي. نوجواني اهڙو وقت ٻڻ آهي، جڏهن انفرادي آزاديءَ لاءِ پتوڙڻو پئي ٿو. هيءَ ڳالهه نوجوان ماڻهن ڪي پنهنجن والدين ۽ بين صاحب اختيار شخصيتن سان اتڪاءَ ۾ آڻي ٻيهاري سگهي ٿي.

نوجوان، بزرگن کي پنهنجي دوست يا دشمن طور ان حد تائين ليکيندا آهن، جيستائين اهي ذاتي خودمختياري حاصل ڪرڻ جي سندن ڪوشش ۾

حمايتي يا مخالف هوندا آهن. نوجوانيءَ جي زماني ۾ سماجي افق ڦهلجي ويندا آهن؛ گهر، جينوٽيڪ اجا تائين اهو تمام گهڻو اهم هوندو آهي. هڪ پس منظري ٿاڪ بڻجي ويندو آهي، جتان دوستي، گڏيل زندگي، ٻي جنس سان تعلقاتن ۽ ڪليل سماجي موقعن جي کوجنا ڪرڻي هوندي آهي. جيڪي ان عمر ۾ پيدا ٿي رهيا هوندا آهن. ٻاهر وبڪري دنيا منجهہ هيءَ چرپر شخصي عزت ۽ همت کي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيندي آهي ۽ ٻاراڻي زماني کان وڌيڪ گهرن نتيجن ۽ فيصلن جي تقاضا ڪندي آهي.

نوجوان اڳتي نهاريندا آهن، اهو غور ڪرڻ تي تہ هو ڇا ٿيڻ ۽ ڇا ڪرڻ چاهن ٿا، اهوئي سبب آهي جو نوجوانن جي تعليم کي مخصوص نوڪرين لاءِ تنگ سکيا ۾ سسي وجڻ بدران سندن روزگار جي موقعن کي بہ پنهنجي اندر ضرور شامل ڪرڻ گهرجي. مستقبل نوجوانن ۾ وڌيڪ لچڪيداري گهرندو، جنهن جي ماضيءَ ۾ ڪڏهن بہ ايڏي ضرورت نہ هئي. نوجوانن جي هڪ وڌيڪ ضرورت پنهنجي متعلق، ٻين ماڻهن متعلق، سماج متعلق جنهن ۾ هو رهندا آهن، فطرت متعلق ۽ همعصر انسانيت جي مسئلن متعلق هڪ جائز نقط نظر حاصل ڪرڻ هوندو آهي، يعني هنن کي زندگي ۽ سماج جي ارتقا جي ۽ زندگيءَ ۾ سندن مقامءِ حصي جي هڪ هم آهنگ سمجهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. ان نقطہ نظر جي اڻ هوند ۾ نوجوان ماڻهو، مونجهاري جي رحم ڪرم تي ڇڏيل هوندا آهن، جيڪا جديد سماج جي هڪ عام خصلت آهي.

اهڙي صورتحال ۾ وجود هڪ بي معنيٰ بدنظمي بڻجي سگهي ٿو ۽ سندن زندگيون ڪنهن بہ مرڪز يا هڪ طرف کانسواءِ گذرن ٿيون. اهو بلڪل ٿي سگهي ٿو تہ نااميد گمشدگي ۽ نڌڪي خسيسپڻي جا احساس خوشحال حالتن ۾ رهندڙ نوجوانن ۾ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ خودڪشين ۾ تازي واڌ جا ذميوار آهن. وڪٽر فرئنڪلن ڪتاب "معنيٰ لاءِ اڻ ٻڌل رڙ" ۾ لکي ٿو:

"انسان، معنيٰ جي ڳولا ۾ هڪ هستي آهي. اڄ بهرحال معنيٰ جو عزم مايوس ٿيل آهي. اسان نفسياتي ماهرن ڏانهن روزانو بي مقصديت ۽ خالي پڻي جي احساسن جي شڪايتن سان، فضول پڻي ۽ بيهودگيءَ جي هڪ احساس سان، وڌيڪ مريض اچي رهيا آهن." هتي فرئنڪلن وڏن ماڻهن جي باري ۾ ڳالهائي رهيو آهي پر نوجوانن جي حالت ان کان اڃا بہ وڌيڪ خراب آهي، جيڪي انهن مونجهارن منجهان جيڪي خود نوجواني پيدا ڪندي آهي، هڪ منجهائيندڙ دنيا جو ڪو مطلب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پوءِ اها سمجهاڻي حاصل ڪرڻ ۾ نوجوانن جي مدد ڪرڻ، ثانوي تعليم جي ترجيحن ۾ اوچي هجڻ گهرجي.

ان کان علاوه نوجوانن کي قدرن جي هڪ مجموعي تائين پهچاڻ ۾ اسان کي سندن مدد ڪرڻ گهرجي، جن ذريعي هو پنهنجيون زندگيون گهڙي سگهن.

بدقسمتيءَ سان نوجوانن جي اوسر جي هنن جائتل، سجاتل حقيقتن کي روايتي ثانوي تعليم ۾ صريحاً نظرانداز ڪيو پئي ويو آهي. نوجوان ماڻهن کي اهڙي تعليمي پيداواري رستي تي آڻي بيهاريو وڃي ٿو، جنهن جو رُخ عالماڻه ڪاميابيون ڪٺيون ڪرڻ ڏانهن هوندو آهي، جڏهن ته سندن ذاتي اوسر تي رڳو نالي ماتر توجهه ڏنو ويندو آهي.

نوجوانن جي تعليم ۾ هي خال هڪ طرف انيپوري ۽ جڏي ذاتي اوسر ڏانهن وڃي ٿو ۽ ٻئي طرف نوجوان ماڻهن کي ان تعليمي سرشتي کي ڇڏي ڇڏڻ ڏانهن وڃي ٿو، جيڪو لڳي ٿو سندن اوسر ڪرائي ٿو.

ثانوي تعليم کي ٻيهر جيئارڻ

هڪ دفعو جڏهن ثانوي اسڪولن ۾ اسان جو مقصد نوجوانن جي مجموعي اوسر تي وڃي ٿو، پوءِ اسان جو مکيه مسئلو اجتماعي زندگيءَ جو معيار ٺئي ٿو، جيڪا اسڪول پيش ڪندا آهن. اسڪولن کي دوستاڻيون بامقصد جڳهون هجڻ گهرجي، جتي هر شاگرد پنهنجين صلاحيتن ۽ دلچسپين جو اظهار ڳولي سگهي ۽ پڻ اهي حالتون هٿ ڪري سگهي، جنهن ۾ هو پنهنجي طرفان جو ڪجهه هن جي چوڌاري تي رهيو هوندو آهي، ان ۾ پنهنجو حصو ڏئي سگهي. ثانوي اسڪول، نرسري ۽ پرائمري اسڪولن جيان موقعن جا مرڪز هجڻ گهرجن، جن ۾ جوشيلا امڪان مستقل طور تي پيدا ٿيندا رهن. هي جزوي طور تي نصاب جو ڪم آهي پر اهو اسڪول برادريءَ جي سرگرمين تي بہ بحيثيت مجموعي اوترو ئي دارومدار رکي ٿو. اها هيءَ مجموعي زنده دلي ئي آهي، جيڪا اسڪولن کي نوجوان ماڻهن لاءِ پرڪشش بڻائي ٿي.

هڪ اهڙي اسڪولي زندگي جيڪا حد کان وڌيڪ يڪسانيت واري هوندي آهي، يعني سال جو هر سومر، هر ٻئي سومر وانگر، هر اڱارو، گذريل اڱاري جهڙو هجي، جلد ئي بور ڪندڙ بڻجي ويندي آهي. ننڍڙن ٻارڙن جيان نوجوانن کي بہ نون تجربن جو اُتساهه کپي. اسڪول ۾ منظم سکيا ڪافي ناهي. متحرڪ جديد طرز وارا اسڪول، اسڪول جي زندگيءَ ۾ دلچسپ سرگرمين جوهڪ سلسلو، فنونِ لطيفہ سميت، شامل ڪري ان بوريت کي ٽوڙن ٿا. فنونِ لطيفہ جو ڪردار هڪ سٺي اسڪول برادري قائم ڪرڻ ۾ ۽ ان ۾ اندر هڪ تعميري تجربو پيش ڪرڻ ۾ شڪ کان بالاتر آهي. فنونِ لطيفہ کي تدريسي پڙهائيءَ ۾ هڪ اضافو ڪري نہ ليکڻ گهرجي پر ان کي سچي تعليمي عمل کي روشن ڪرڻ ۽ شاهوڪار بڻائڻ جي هڪ وسيلي طور ليکڻ گهرجي. اهي فرد ۾ احساس پتو ۽ خودشناسي پيدا ڪن ٿا ۽

برادريءَ ۾ هم آهنگي ۽ ٻڌي آڻن ٿا. تهذيب ۽ فنون لطيفہ هميشہ هڪٻئي لاءِ لازم و ملزوم ٿيئي رهيا آهن. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن اسانکي پنهنجن اسڪولن کي مهذب ۽ مهذب آباديـن طور ترقي ڪرائڻي آهي تہ پوءِ فنون لطيفہ کي انهن ۾ هڪ يقيني مقام مليل هجڻ لازمي آهي. فنون لطيفہ جو مکيہ مقصد هنرمند طرفان، هنر جي مشق ڪرڻ نہ هوندو آهي پر سڄي اسڪول برادريءَ منجهہ فني اظهار کي ونڊڻ ۽ ورهائڻ هوندو آهي. هي جاندار اسڪول برادريون شاگردن کي مختلف سرگرميـن ۾ اُڪسائڻ کان وڌيڪ ڪم ڪنديون آهن، اهي شرڪت داري، حصيداري، ذميواري، تعاون، لفظي مهارتن، رٿابندي ۽ فيصلن ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪنديون آهن، اهي سڀ اهڙا تجربا آهن، جيڪي خود هنن ۾ ذاتي زندگيءَ جي تياريءَ لاءِ قيمتي آهن ۽ انهن مهارتن جي فهرست ۾ بہ سڀني کان مٿي آهن، جن لاءِ جديد روزگار جا ذٽي واجهائي رهيا آهن.

اجوڪي دور جي هڪ دلچسپ حقيقت هيءَ آهي تہ ذاتي لياقتون هاڻي ڪم ڪار واري زندگيءَ ۾ بہ اوترو ئي ڪهربل آهن، جيترو اهي نجي زندگيءَ ۾: بيـن سان تعلقات قائم ڪرڻ ۽ مقرر هجڻ جي اهليت هر نوڪري ڏيندڙ جي اهليتن جي فهرست تي هونديون آهن، جيڪي هو نون ڀرتي ٿيندڙن ۾ چاهيندو آهي. اسڪول برادريءَ جي معيار کي مستقبل لاءِ تياريءَ ۾ ٻيا ڪم بہ ڪرڻا هوندا آهن. مخالف جنسن وچ ۾ تعاون تي زور ڀرڻ گهرجي ۽ کلئي نموني بحث مباحثو ڪرڻ گهرجي. ذميواري ۽ قيادت جي ڪردارن ۾ ورهايل شرڪتداري، ان کي حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي. اسڪول کي وري وڏي سماج اندر برادري احساس کي جيئارڻ ۾ مدد ڪرڻ جو ڪم بہ ڪرڻو آهي، جيڪو ڪيترن ئي هندن تي ٻنا شڪل ۽ ٽٽي چڪو آهي. مقصد اهو هجڻ گهرجي تہ اسان جا نوجوان، جڏهن اسڪول ڇڏن تہ اهي اسڪول برادريءَ ۾ تخليقي شموليت سان اينروتہ مانوس ٿيل هجن ۽ نتيجي ۾ ايترو تہ جذباتي طور بالغ ٿيل هجن جو اهي پوءِ باقي زندگيءَ ۾ جتي بہ هجن، اُهو چاڻن تہ برادري ڪيئن اڏي سگهجي آهي.

ڪلاس جي سائيز جو مسئلو هتي اڀري ٿو، جيڪڏهن شاگرد/ استاد تناسب 15 سيڪڙو کان مٿي هجي تہ پوءِ اهو ڏاڍو ڏکيو، بلڪ ناممڪن هوندو آهي تہ هڪ سٺي اسڪول برادري قائم ڪري سگهجي. ان کان گهٽ تناسب جو نتيجو شاگردن جي تمام گهٽي رش، ٿڪل استاد، تڙيل شاگرد ۽ ناقص جماعتي زندگيءَ جي صورت ۾ نڪري ٿو ۽ اسانجي اسڪولن ۾ صحيح قسم جو جماعتي تجربو مهيا ڪري ڏيڻ جي قيمت ڇا آهي؟ حقيقي اقتصاديت، انهن کي اهو مهيا ڪري ڏيڻ ۾ آهي. اٿپوري ذاتي/ سماجي تعليم ذريعي سماج کي پهچندڙ نقصان ـ اقتصادي ۽ ٻي طرح جو، تمام گهڻو ڏکدائڪ آهي. اسڪول ۾ موجود سمورن ٻارڙن لاءِ هڪ تعميري تجربي کي يقيني بنائڻ لاءِ گهربل چندو، نہ رڳو تعليمي

لحاظ کان درست آهي پر اهو مستقبل ۾، جنهن کي اسان نظرانداز ڪرڻ جي غلطي نہ ٿا ڪري سگهون، هڪ سيڙپڪاري پڻ آهي.

آسان نصاب

1960ع ڌاري جيروم برونر پنهنجي ڪتاب "تعليم جو عمل" ۾ لکيو:
"هڪ نصاب کي انهن وڏن مسئلن، اصولن ۽ قدرن جي چوڌاري اڏيو وڃڻ گهرجي، جنڪي سماج پنهنجن ماڻهن جي مستقل فڪر لائق سمجهندو هجي."

پاڻ صديءَ کان پوءِ اڪثر نصاب، مضمونن (Subjects) جي هڪ سرشتي اندر محدود ٿي رهجي ويا آهن، جن جو موضوع ۽ مقصد، هڪ يا ٻني قسم جا گريڊ حاصل ڪرڻ پڻي رهيا آهن. اگ بہ ڪيترائي دفعا ان نقطي ڏانهن اشارو ڏنو ويو آهي تہ اسان هاڻي اختصار پسند (Reductionist) نقطہ نظر کان جامع (holistic) سوچ ڏانهن وڌي رهيا آهيون پر روايتي تعليمي نظام، اختصار پسند طريقن ذريعي بري طرح سان بڪڙيل رهيو آهي. اختصار پسند تعليم، سڄي انساني علم کي ڌارڌار ٽڪرن، جن کي مضمون (Subjects) يا شعبا (disciplines) سڏيو وڃي ٿو، ۾ ڪٽي ڇڏيو آهي، جنڪي هڪٻئي کان الڳ ڪري سيکاريو ويو آهي ۽ امتحان ورتو ويو آهي. هن، مضمونن تي ٻيڌل نظام کي هلائڻ لاءِ نصاب (Syllabuses) جوڙيا ويا آهن، ڪورس تشڪيل ڏنا ويا آهن ۽ ڪتاب لکيا ويا آهن. اختصار پسند تعليمي طريقو، مضموني ماهرن جي نمودار ٿيڻ سان اڃا وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو آهي، جيڪي ٻيو ڪجهہ بہ نہ پڙهائيندا آهن، سواءِ پنهنجي مضمون جي: ان جو آخري نقصان اهو هو تہ هي مضموني ماهر طبقاتي متڀيد جو شڪار ٿيڻ لڳا، يعني جن استادن حد کان وڌيڪ مخصوص درسي مضمون، جيئن رياضي يا فزڪس پڙهايا ٿئي، انهنڪي اهڙن استادن جي ڀيٽ ۾، جن وڌيڪ عملي ۽ وڌيڪ ڪليل مهارتن وارا مضمون جهڙوڪ فنون لطيفہ يا ڪاٺ جو ڪم يا گهر جي اقتصاديات يا صحت جي تعليم پاڙهيا ٿي، وڌيڪ اعليٰ رتبو ڏنو ٿي ويو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ درسي قدر تعليم مٿان حاوي هئا، اهي جيڪي درسي مضمونن ۾ پڙ هئا، وڏ ۾ وڏ توجهہ ۽ عزت حاصل ڪئي، اهي جن جون مهارتون ٻني ڪنهن پاسي هيون، گهٽ نسل جا سمجهيا ٿي ويا، جيڪي خاص حاصلات جي قابل نہ هئا. اسان کي هاڻي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو آهي تہ اختصار پسند سوچ، تعليمي طور ڪوڙي آهي. علمي قدر اهم ضرور آهن پر اهي سڀ کان مٿاهان نہ آهن. عملي مهارتن يعني ڄاڻ ۾ آيل شيءِ کي عمل ۾ لاڳو

ڪرڻ جي اهليت، ڪان ڪٿيل هجڻ ڪانپوءِ اهي علمي قدر نسبتاً ناڪاره ٿي وڃن ٿا. حقيقي زندگيءَ ۾ عظيم طبعيتدان، ڪيميادان، حياتياتي ماهر ۽ رياضي دان هميشه عملي ۽ ايجادون ڪندڙ پنهنجي رهيا آهن، جيڪي اڪثر پنهنجي تحقيق لاءِ گهربل سامان پاڻ ايجاد ڪندا رهندا آهن يا جيئن ڪين ضرورت پوندي آهي، اهي طريقا ۽ مساواتون گهڙيندا رهندا آهن. جديد دنيا ۾ هڪ پيشيوراڻه ماهر کي گهڻ - هنرو ٿيڻو پوي ٿو. مثال طور هڪ سني ڏندن جي ماهر ڊاڪٽر کي ٻين شين سان گڏ، پنهنجن هٿن سان ڦڙت ٿيڻو پوندو آهي، سامان سان خوب واقف ٿيڻو پوندو آهي، جيڪو هو استعمال ڪندو آهي، ايڪسري فوٽوگرافي ڪرڻ جي لائق ٿيڻو پوندو آهي، ڪيس پٽڪڙين شين جي زبردست درستيءَ واري انجنيئرنگ حاصل ڪرڻ جي صلاحيت هجڻ گهرجي، پنهنجن اوزارن ۾ سنهي ٿلهي مرمت ڪرڻ جي قابليت هجڻ گهرجي، هو چاڻيندو هجي ته سُيون ڪيئن هٽيون آهن ۽ هو ذهني پريشاني پيدا ڪندڙ حالتن ۾ ماڻهن سان منهن ڏيڻ ۾ پڙ هجڻ گهرجي. روايتي درسي تعليم انهن حقيقتن کي ڌيان ۾ رکڻ ۾ ناڪام وئي آهي. اڄ روايتي تعليم جي حد بندين سان عدم اطمينان ڪيترن ئي زمرن ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. ان جو هڪ مثال، لنڊن ۾ رائل سوسائٽي آف آرٽس طرفان ڪنيل قدم "صلاحيت لاءِ تعليم" آهي. اهو هڪ بيان جي چوڌاري منظم ڪيو ويو آهي، جيڪو چئي ٿو، "ثانوي يا اعليٰ تعليم ۾ نوجوان وڌ ۾ وڌ مخصوص علم حاصل ڪن ٿا ۽ هو اهو اڪثر اينترن ته طريقن سان حاصل ڪن ٿا جو ان جو مطلب اهو نڪري ٿو ته هو رڳو ڏاهپ ۽ سائنس جي هنرن جي مشق ڪرڻ لاءِ پاڙهيا وڃن ٿا. هو مخصوص مضمونن جي ڄاڻ حاصل ڪندا آهن پر هو ان ڄاڻ کي اهڙن طريقن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿيل نه هوندا آهن، جيڪي تعليمي سرشتي کان ٻاهر وسندڙ دنيا لاءِ موزون هجن. هيءَ اڻبرابري فردن لاءِ، صنعت لاءِ ۽ معاشري لاءِ هاڃيڪار آهي. هڪ سني متوازن تعليم کي بهرحال تجزئي ۽ حصولِ علم کي ڳلي لڳائڻ گهرجي. پر ان ۾ تخليقي ڏانئن جي مشق، ڪمن جي ذميواري کڻڻ ۽ انهن کي پوري ڪرڻ جي ڦڙتي ۽ روزمره جي زندگيءَ سان منهن ڏيڻ جي اهليت ۽ اهي سموريون شيون، ٻين ماڻهن سان سهڪار ۾ ڪرڻ پڻ شامل هجڻ گهرجن."

هن بيان تي چرچ، تعليم، صنعت ۽ فنونِ لطيفه جي 250 کان مٿي مشهور شخصيتن، 20 پروفيسرن سميت، جون صحيحون ٿيل آهن. ان کان اڳ ڪڏهن به ڪنهن اهڙي موثر جماعت طرفان تعليم کي ائين نه للڪاريو ويو آهي، جيئن اهو بيان آهي، ۽ اهي اڪيلا نه آهن، ڪيترائي ماڻهو تعليم جي هڪ وڌيڪ جامع ۽ وڌيڪ فعال طرز جي گهر ڪري رهيا آهن، جيڪو اسان جي اڪثر لائق نوجوان ڏاهن مان ڪيترن آڏو تعليم جو مطلب پئي رهيو آهي، جڏهن ته غير علمي (Non-academic) ٻارن جا ميڙ اسڪول ڇڏن ٿا، سندن دماغ ۾ نوڪيل ڪمتريءَ جي

احساس سان ۽ ڪڏهن نہ ان سماج ڏانهن دشمنيءَ جي هڪ احساس سان، جنهن جي سندن اسڪول ترجماني ڪندو آهي. هي سمورا معاملا ناموزون رجحانن ۽ مقصدن جو نتيجو آهن.

اڄ هم آهنگ سکيا ني مقصد هجڻ گهرجي، جنهن ذريعي لازمي ڄاڻ ۽ نقطہ نظر حاصل ڪري سگهجي، سمجهاڻيءَ جي پرورش ڪري سگهجي. بنيادي هنرن جي استعمال ۾ مهارت حاصل ڪري سگهجي ۽ ذاتي لياقتون وڌائي سگهجن. ان سلسلي ۾ مدد لاءِ اسان جي هٿ وس مختلف تعليمي ٽيڪنالاجيون، جهڙوڪ وڊيو، فلمون، ڪمپيوٽر ۽ ٽيليويزن آهن، جيڪي دنيا کي ڪلاس روم اندر ڪڻي اچي سگهن ٿيون. اسان ٻارن کي سندن طاقتون ڳولي ڪڍڻ لاءِ ٻاهر سماج ۾ پڻ وني وڃي سگهون ٿا.

جامع تعليم ۽ دماغ

انساني دماغ جدا جدا جُزن معرفت نہ ٿو سکي، نہ ياد ڪري ٿو ۽ نہ سوچي ٿو؛ اهو لاڳاپن ۽ باهمي عمل جي صورتن ۾ سکي ٿو، ياد رکي ٿو ۽سوچي ٿو، تنهنڪري ثانوي تعليم جو ڦيرايل رُخ نہ رڳو تعليمي طور نيڪ آهي پر حياتياتي طور بہ درست آهي. اسڪول ۾ اسان جيڪي تجربا پيش ڪريون ٿا، انهن کي دماغ کي بحيثيت مجموعي سکيا ڏيڻ گهرجي تہ جيئن دماغ جي پنهي اڌن جي ڪمن کي هڪ مرڪزي نقطي تي گڏ ڪري سگهجي ۽ دماغ جي باقي حصي کي موزون ادراڪ ۽ عمل لاءِ ڪم آڻي سگهجي. ڪجهہ وقت کان اسان کي اها خبر آهي تہ دماغ ڪو ٿانو نہ آهي، جنهن کي ڀرجي ياهڪ خالي سليٽ ناهي، جنهن تي ڪجهہ لکجي پر اهو هڪ تخليقي ۽ لچڪيدار عضوو آهي، جيڪو پنهنجي واڌ ويجهہ جي سموري عرصي دوران دنيا کي سمجهڻ لاءِ، دنيا جيڪي تجربا پيش ڪري ٿي، انهنکي پنهنجي اندر سموئڻ لاءِ، ۽ انهن لاءِ مناسب ردعمل پيدا ڪرڻ لاءِ، پنهنجي اندر تنتي لاڳاپن ۽ سرشتن کي بهتر کان بهتر نموني تشڪيل ۽ نئين سرتشڪيل ڪندو رهي ٿو. دماغ جو درست نموني ڪم ڪرڻ جهجهي اُتساهہ تي دارومدار رکندو آهي، مثال طور زبان جي صلاحيت، دماغ جي بناوت ۾، مکيہ طور تي ان جي کابي حصي ۾ آهستي آهستي پندا ٿيندي آهي پر هڪ فرد ۾ ٻوليءَ جي ذهانت، ان سماج سان سندس گهرو تعلق گهرندي آهي، جنهن ۾ اها ٻولي استعمال ڪئي ويندي آهي. ٻولي باهمي لهہ وچڙ رستي وڌندي آهي، ٻوليءَ جيان ساڳيا شرط ٻين انساني مهارتن مثلاً بہ برابر نموني لاڳو ٿين ٿا. موسيقيءَ جي صلاحيت، جيڪا مکيہ طور تي دماغ جي سڄي اڌ جي خاصيت

آهي، پنڌا ٽين جو تمام گهڻ امڪان هجي ها. جيڪڏهن سماج ۾ ڪي به موسيقيءَ جا اوزار يا موسيقيءَ ۾ دلچسپي موجود نه هجي ها. اسانکي هاڻي خبر آهي ته بي حد اهم ذاتي ۽ سماجي لياقتون — خود — ضابطگي، ذميواري، سهڪاري صلاحيت ۽ ٻيون لياقتون؛ دماغ جي اڳين پڙن (Frontal Lobes) مان پنڌاڻين ٿيون ۽ اڻين ٻيون لياقتون دماغ جي ٻين حصن مان. ان ئي رستي تي اسان جون انساني طاقتون پنهنجي مڪمل ۽ صحتمند ڪم ڪار لاءِ، گهر ۾، اسڪول ۾ ۽ سماج ۾ صحيح قسم جي اُتساهه، صحيح قسم جي نمونن سميت، تي دارومدار رکنديون آهن. هاورڊ گارڊنر پنهنجي ڪتاب "فريمس آف مائينڊ" (1984) ۾ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان انسانن کي رڳي هڪ ذهانت نه ٿيندي آهي، جيئن ذهانت چڪاس ڪندڙن جو وڏ ۾ وڏ انتهائي پرڪشير ذهانتن کي چڪاس ڪرڻ وقت اهو پڪو يقين هو، جن مان هر هڪ ذهانت کي پنهنجو الڳ تنتي سرشتو هو. ڪي ماڻهو گهڻير ذهانتن جي تصور کي ناپسند ڪن ٿا، سندن خيال آهي ته ذهن عمدگيءَ ۾ هڪٻئي کان مختلف ٿين ٿا، جيئن مثال طور ٻاهرين دنيا کي ردعمل ڏيکارڻ ۽ خطري کي اڳواٽ محسوس ڪرڻ جي تيزيءَ جو فرق ۽ اهو ته هن مجموعي رفتار ۽ لچڪ کي ئي ذهانت چيو ويندو آهي.

جيستائين تعليم جو تعلق آهي ته ذهانت جي اصليت متعلق هي دليل رڳو علمي آهي. دماغ جي حياتيات ۾ جديد تحقيق اهو بخوبي ڏيکاري ڇڏيو آهي ته تمام اهم انساني ڪمن جو هڪ سلسلو، بطور هڪ گهٽ ۾ گهٽ زباني، سماجي/ ذاتي، فاصلاتي، حسابي، ميوزيڪل ۽ جسماني/ حرڪت واري ڪم جي، دماغ ۾ جدا جدا پر هڪٻئي سان ڳنڍيل تنتي سرشتن ذريعي ظاهر ٿيل هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن خاص ذهن کي پنهنجي بلوغت جي معراج تي رسڻو آهي ته پوءِ هنن سمورن سرشتن کي اُتساهه ۽ استعمال ڪيپي، ٻنهي جدا ۽ گڏيل سکيا ۾. خوشقسمتيءَ سان تعليمي سوچ هاڻي ان رُخ ۾ ئي وڃي رهي آهي. برطانيه، آسٽريليا، آمريڪا ۽ يورپ ۾ ماهرن جا گروپ اهڙين رٿائن سان متي اپري آيا آهن، جيڪي مضمونن کي نه پر تجربي جي ميدانن کي ناهن ٿيون. 1977ع ۾ برطانيه جي شهزاديءَ جي جوڙيل معائنه ٽيم، تعليم ۾ هيٺيان شعبا تجويز ڪيا.

* جمالياتي ۽ تخليقي.
* اخلاقي
* زباني
* حسابي
* جسماني

* سائنسي
* سماجي ۽ سياسي
* روحاني

ان رپورٽ، جيڪا نصاب 11 -- 16 جي نالي هيٺ ڇپجي پڌري ٿي، اهو تجويز ڪيو ته اهي سمورا ان شعبن ۾ تعليم ۾ هڪ جيترا اهم آهن. اهو هاڻي واضح آهي ته انهن شعبن کي مربوط تجربن معرفت پڻ گهٽي ۾ گهٽو سيکاريو وڃڻ گهرجي. مٿين فهرست، گارڊنر جي ڪثير ذهانتن جي تصور ۽ جديد دماغي حياتيات سان ويجهي نموني هم آهنگ آهي. اها فنون لطيفه جي رائل سوسائٽيءَ جي ضروري تبديليءَ جي رُخ متعلق ڏنل بيان سان پڻ سهمت آهي ۽ اسڪول جي بطور هڪ گهڻ پاسائين، ڦڙت، تعليمي جماعت جي ڪردار سان پڻ. تنهنڪري سوچ ۽ تحقيق هاڻي ان ڳالهه متعلق هڪ نقطي تي گڏ ٿي رهيا آهن ته تعليم اندر ان جو مواد، طريقا ۽ لاڳاپا ڪهڙا هجن گهرجن. ان کان علاوه چڪاس جا نوان نظام، جيڪي سمورن ٻارن جي عزتِ نفس کي محفوظ ڪندا هجن، هاڻي لازمي قرار ڏنا پيا وڃن.

اتساهه ۽ مخصوص مهارتپڻو

جيڪڏهن تعليم کي گڏيل ۽ مربوط تجربن معرفت ئي پيش ڪرڻو آهي ته پوءِ اسان جا ماهر ڪٿان پيدا ٿيندا؟ ان جو جواب تعليم کي اهڙي نموني موڙڻ ۾ آهي جو اها خود نوجوان ماڻهن جي دلچسپي ۽ اُتساهه کي اڀاري ۽ تاتي. انسانذات جي سمورين عظيم حاصلاتن ۽گهڻ حاصلاتن مان ڪيترين ئي، ذاتي دلچسپين جي پوئواريءَ جو نتيجو پئي رهيون آهن ۽ نتيجو آهن. ڪيترائي موجد گهٽي ڀاڳي خود پاڙهيل رهيا آهن، مثال طور مائيڪل فيرادي خود پاڻکي سائنس سيکاري، جارج اسٽيفنسن، ريلوي انجڻ جو ابو، پنهنجي چوڪري پٽي واري زندگيءَ ۾ ڏنار ۽ فائرمين جي اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو. هو سترهن سالن جي عمر تائين اجا اڻ پڙهيل هو، جڏهن هن ڪوئلي جي کاڻ ۾ آپريٽر ٿيڻ کان پوءِ هڪ رات واري اسڪول ۾ پنهنجي ابتدائي تعليم لاءِ پاڻ پئسا ڀريا ته جيئن هوبولٽن ۽ واٽ جي ايجادن جو اڀياس ڪري سگهي. شديد انفرادي اثرات ئي اهي شروعاتي نقطا آهن، جتان ذهن گل جيان کلن ٿا. ۽ هي نجي لاڙا واسطيدار خيالن ۽ لاڳاپن جي هڪ فضا ۾ ڳولها ۽ پالڻا پوندا آهن، ان ڪري سماج کي گهربل ماهر حاصل ڪرڻ جو طريقو سمورن نوجوانن لاءِ بنيادي مهارتن جي هڪ مضبوط بنياد کي

يقيني بڻائڻ ۾ آهي، ڪين ان دنيا جي هڪ جامع سمجهاڻي پيس ڪرڻ ۾ آهي، جنهن ۾ هو رهي رهيا آهن ۽ پوءِ ڦٽندڙ خاص دلچسپين کي همٿائڻ ۽ تاتڻ ۾ آهي.

اهڙي طريقي سان پڻدا ٿيل ماهر جديد دنيا لاءِ انهن ماهرن کان وڌيڪ موزون نموني تعليم يافته هوندا، جن کي ماضيءَ ۾ گهٽ کان گهٽ متعلق وڌ ۾ وڌ ڄاڻ لاءِ ساراهيو پئي ويو آهي. اڄ تنگ مخصوص مهارت پاڻ ئي پنهنجي مقصد کي شڪست ڏئي ٿي، ڇو ته شعبي "الف" جي هڪ مسئلي جو حل، شعبي "ب" ۽ "ب" يا "ي" مان ڪنيل هڪ اشاري ۾ موجود ٿي سگهيٿو. 1953 ۾ ڊي اين اي جي ڪيميائي ساخت "ٻٽي لڙهيءَ (Double helix) جي دريافت، جيڪا جينياتي راز جي ڪُنجي آهي، هڪ بايوڪيمسٽ (واٽسن) ۽ بايوفزيسسٽ (ڪرڪ) وچ ۾ گڏيل سهڪار جو نتيجو هئي. جديد گهرج هڪ نئين قسم جي روشن خيال انسان لاءِ آهي، جيڪو شين سان عمومي طور ۽ پنهنجي پسند جي شعبي يا شعبن سان خاص طور تي وقف ٿيل هڪ خوب ڄاڻو فرد هوندو. هيءَ ڳالهه اڳوات تيار ٿيل مضمونن واري نصاب سان سڌوسنئون مخالفت ۾ آهي، جيڪو اڃا تائين ڪيترن ئي اسڪولن ۾ غالب آهي ۽ جيڪو شاگردن جي پنهنجن ذهنن ۾ اڀرندڙ نقطن کي نظرانداز ڪري ٿو. تازوئي هڪ استاد طرفان پنهنجي ئي هڪ شاگرد کي هلندڙ اسڪول دوران پبلڪ لائبريريءَ ۾ ويندل ڏٺو ويو، ڇوڪرو علم فلڪيات پڙهڻ خاطر اسڪول کان گسائي رهيو هو، جيڪو هن جو ديرينا شوق هو پر اهو اسڪول جي نصاب ۾ شامل ٿيل نه هو. هي رجحاني نظراندازيءَ جو صرف هڪ مثال آهي، جيڪو ضرور هر وقت پيش اچي رهيو هوندو، جتي به روايتي طور طريقا جاري و ساري هوندا آهن. هڪ دفعو رڳو جڏهن ان جي ضرورت کي مڃيو وڃي ته پوءِ انفرادي جوش کي نصابي رٿابنديءَ سان ملائڻ ايڏو ڏکيو ناهي. سري ۾ هڪ مڊل اسڪول (8 کان 13 سال) رياضيءَ جي هڪ ڪلب اهڙن شاگردن لاءِ هلائيندو آهي، جيڪي ان مضمون ۾ خصوصاً دلچسپي وٺندڙ هوندا آهن. اهي پنهنجي استاد جي رهنمائيءَ ۾ پنهنجو نصاب پاڻ جوڙيندا آهن؛ جڏهن موقعو ملندو اٿن ته پاڻ ۾ هڪ گروپ جي شڪل ۾ ملندا به آهن، ان جو نتيجو اهو آهي ته اهي پنهنجي عمر جي حد جي مقرر معيار کان گهڻو اڳتي نڪري وڃي رهيا آهن. شاگردن جي خودپنهنجي لڳاءَ منجهان سکيا، عمل ۽ توجهه پيدا ڪري ٿي ۽ ان جو سڀ وڌيڪ فائدو اهو آهي ته اها نظم و ضبط برقرار رکڻ جي مسئلن کي تمام گهڻو گهٽائي ڇڏي ٿي. ذڪيا نوجوان اڪثر ڪري بور ٿيل نوجوان هوندا آهن. ڪي اسڪول هاڻي پنهنجي نصابي معاملن ۾ پنهنجن شاگردن سان صلاح مصلحت ڪري رهيا آهن. اها ڳالهه شاگردن جي مفادن کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ڪين ذميوار شراڪت ۽ فيصلن ڪرڻ ۾ شامل ڪري ٿي. ان جي ابتڙ روش، جوش جي

حد ڪان وڌيڪ مڙهيل درسي يڪسانيت ذريعي تباهي آهي. البرٽ آئن اسٽائن به سائنس لاءِ پنهنجو شوق مڙهيل سخت محنت ذريعي بجهايو هو، هو چئي ٿو:

"ماڻهوءَ کي هي سمورو مواد امتحانن خاطر پنهنجي ذهن ۾ رٽڻو پوي ٿو، پوءِ چاهي هو ان کي پسند ڪندو هجي يا نه. هن جبر مون تي اهڙو ته خراب اثر وڌو جو فائنل امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مان سڄو سال ڪنهن به قسم جي سائنسي مسئلي کي غور هيٺ آڻڻ پنهنجي لاءِ ناپسنديده پاتيم."

اسانکي پڇڻو آهي ته روايتي نصابن جي جبري دٻاءَ هيٺ ڪيترين نه لکل صلاحيتون ڪچليون ويون آهن ۽ ڪچليل آهن. عام رواجي تعليم سان گڏوگڏ جيڪڏهن نوجوان ماڻهن کي هڪ جوشيلي ۽ سرگرم اسڪول برادري، هڪ وسيع نصاب ۽ ذاتي دلچسپيون پيدا ڪرڻ لاءِ همت افزائي مهيا ڪري ڏجي ته پوءِ هو مستقبل کي منهن ڏيڻ لاءِ پَڙُ ٿي، اسڪول ڇڏي سگهن ٿا ۽ وڌيڪ سکيا لاءِ پنهنجو جوش جذبو به سالم رکي سگهن ٿا.

زندگي ڀر سکيا

اسان ڏسي چڪا آهيون ته اسان کي جديد تعليم کي بحيثيت مجموعي ڏسڻو آهي، يعني اسڪول ڪان اڳ جي تعليم، پرائمري تعليم، ثانوي تعليم، ان کان اڳتي ۽ بالغن جي تعليم کي، سکڻ، ڪم ڪرڻ، مزو وٺڻ ۽ ناتو پيدا ڪرڻ جي صلاحيتن ۾ ٿيندڙ مسلسل تبديليءَ جي زمري ۾ ڏسڻو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان ڪنهن به فرد کي جيڪو اسڪول يا يونيورسٽيءَ مان فارغ ٿي رهيو هوندو آهي، وڌيڪ ائين تصور نه ٿا ڪري سگهون ته هن وٽ علم ۽ هنر جو ايترو ذخيرو آهي، جو اهو هن کي زندگيءَ مان پار ڪرائي ويندو. هڪ روزگار سان پاڻ کي برابر رکڻ ۾ يا پنهنجي ذاتي نشو و نما کي جاري رکڻ ۾، هڪ زنده ذهن ۽ نئين سکيا ۽ تجربن لاءِ اُڃ، اثرپذيريءَ لاءِ درست بنياد آهن. اهڙي فرد کي، جيڪو مڪمل نوڪريءَ ۾ هوندو آهي، پنهنجي ڪم ڪار واري زندگيءَ جي ضرورتن — نئين مواد، نون منصوبن، نون سرشتن، نون لاڳاپن، نئين سازوسامان، سان پاڻ کي لڳاتار نهڪائڻو پوندو آهي. اهڙي شخص کي، جيڪو بي روزگار هوندو آهي يا خود روزگار وارو هوندو آهي، حالتن سان نهڪڻ جي پنهنجي صلاحيت کي اجا به وڌيڪ زور سان پرکڻو هوندو آهي. پيشيوراڻه سببن ڪري يا ذاتي سببن ڪري، مستقبل ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي مختلف مرحلن تي هڪ يا ٻئي قسم جي وڌيڪ تعليم جي وقفي لاءِ، ڪنهن سکيا گهر ۾ وڃڻو پوندو. ان جو هڪ واضح فائدو هي آهي ته وڏن ۽ نوجوانن وچ ۾ وٿي گهٽجي ويندي. اسان هاڻي

مشترڪ للڪار سان گڏجي منهن ڏئي رهيا آهيون. هيءَ ڳالهه اسان کي دعوت ڏئي ٿي ته تعليم ڪي هڪ اپيشاهاڻي "اسان ۽ اهي" واري نظام مان، اهو سمجهڻ جي هڪ سهڪاري ڪوشش ۾ بدلايون ته اسان جي چوڌاري ڇا ٿي رهيو آهي. اسان پوءِ ئي وجود ۽ قدرن کي، پائيوارن طور ڳولي سگهنداسين: بلوغت جو تجربو، جوانيءَ جي تازگيءَ سان گڏ ڪم ڪندي، ماڻي سگهبو، نه ڪ ان جي مخالفت ۾!

. ...

باب يارهون

زندگيءَ جو نچوڙ

"زندگي ڪنهن بہ شيءِ جيان ناهي،
جو تہ اها هر شيءِ آهي."

وليم گولڊنگ

"زندگيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪابہ دولت ناهي"

جان رسڪن

هن ڪتاب ۾ ان جائزي ڪانپوءِ تہ اسان ڪٿي آهيون ۽ ڪنهن حد تائين تہ اسان ڇا آهيون، اسان جو هڪ مرڪزي نقطو تجويز ڪرڻ جو وقت اچي چڪو آهي، جنهن کي سڄي دنيا جا نيڪ دل ماڻهو پنهنجو سمجهن ۽ جيڪو اهڙن خيالن ۽ قدرن تي ٻيڌل هجي، جنهن کي هر ماڻهو قبول ڪري ۽ مانُ ڏئي سگهي. هاڻي جيئن تہ اسان هيڪلي دنيا ۾ رهي رهيا آهيون، ان ڪري هن هم آهنگي پيدا ڪندڙ بنيادي مقصد ۽ نقطہ نظر، جيڪو هڪ سخت اطاعت نہ پر طرف ۽ قدرن جو هڪ گڏيل احساس هوندو، ڪان گهٽ ٻي ڪابہ شيءِ دنيا جو بقا ۽ ترقي محفوظ نہ ٿا ڪري سگهن. ان ڪان گهٽ ڪا ٻي شيءِ هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي مهم جونيءَ کي هڪ بامعنيٰ ترتيب ۽ اهميت نہ ٿي ڏئي سگهي. هڪ جائز ۽ مفصل جاڳرتا ڪانسواءِ، فرد پنهنجي اندر هم آهنگيءَ جي ذريعي کان محروم ٿي ويندا آهن، جڏهن تہ معاشرا ڪنهن بہ رُخ، مقصد ۽ طاقت ڪانسواءِ ٿي ويندا آهن.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ بصيرت جي اهڙي اڪائي، اسان جي پهچ کان تمام گهڻو پري آهي. اسان لاءِ چيو ويو آهي تہ اسان لاعلاج طور تي خودغرض آهيون، هر ماڻهو پنهنجن غرضن پويان لڳو پيو آهي. جيڪڏهن ائين رهندو بہ آيو آهي ۽ حقيقت ۾ اڪثر ائين آهي بہ، پوءِ بہ رجحان تي سگهن ٿا. اهي ماضيءَ ۾ ڪنين پيرا تبديل بہ ٿيا آهن. ان ڪان علاوه جنهن حد تائين اهو سچ آهي تہ اسان نقطہ نظر ۾ ڪليل نموني ماده پرست، خودنماءِ ۽ خوشدل آهيون، ان جو الزام گهڻيا سماجي رشتن مٿان ڏئي سگهجي ٿو، جيڪي هن ماده پرست، سماجي طور ٽٽل معاشري مان اُپرن ٿا، جنهن ۾ اسان رهون ٿا، نہ ڪہ ان جو الزام انساني احساس جي وسيلن جي خشڪ ٿي وڃڻ مٿان ڏئي سگهجي ٿو.

هڪٻئي کان تمام گهڻو الڳ الڳ هجڻ ڪري گڏيل مقصدن ۾ بلڪل به شريڪ نه ٿيڻ ڪري، اسان پنهنجي شيءِ ڪرڻ تي گذارو ڪريون ٿا، پنهنجو ڏاڪو چماٽڻ جي ڪريون ٿا، پنهنجين ملڪيتن جا ڍڳ ڪٺا ڪندا رهون ٿا. پر بهرحال نااميد ماڻهن کي حق بجانب قرار ڏيڻ لاءِ گهڻي نوازش موجود آهي. جيڪڏهن اها خبر پوي ٿي ته گهٽيءَ جي پڇاڙيءَ تي هڪ خاندان لنگهڻ ڪاٽي رهيو آهي ته پوءِ ماڻهن وٽان ڪاڏو پهچڻ شروع ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح جڏهن دنيا جي سطح تي ڪي واضح بحران اُڀري پوندا آهن. جيئن مثال طور هڪ ٻوڏ يا ڏڪار جي حالت ۾ ته پوءِ عالمي سطح تي ان ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ زبردست ڪوششون ورتيون وينديون آهن. جنهن شيءِ جي کوٽ آهي، اهو آهي گهٽي حد تائين مستقل مقصد.

هيءَ حقيقت ته لکين ماڻهو بک مرڻ جي حد تي يا ان جي ويجهو باقاعده طور تي زندگي گهاري رهيا آهن، اسان جي احساس لاءِ ڪنهن طرح سان گهٽي آهي. هڪ دفعو جڏهن ڪو بحران گذري وڃي ٿو، پوءِ اسان، جن وٽ ڪائڻ لاءِ ڇپل هوندو آهي، بڪايل ماڻهن بابت وساري ڇڏيندا آهيون. پر هاڻي ڌرتيءَ جي نعمتن جي هڪ وڌيڪ منصفاڻي ورڇ ڏانهن فيصلائتي قدم لاءِ ميدان تيار ٿي رهيو آهي. جڏهن گارڊين اخبار جي صحافي جِل ٽويڊي، نوجوان ماڻهن جي هڪ گروپ جا ان باري ۾ خيال ته جيڪڏهن هنن کي دنيا هلائڻ لاءِ ڏني وڃي ته هو ڇا ڪندا؟ اخبار ۾ ڇاپيا، ته سندن جواب هو: "هر ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ ڪاڏو وجهنداسين، پوءِ ڇاهي ان لاءِ اسان کي پنهنجي زندگيءَ جو معيار ڇو نه گهٽائڻو پئجي وڃي."

مستقل بک جي محض دهشت، شعور ۾ ڏار وجهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي، نه رڳو دل جي پلاٽيءَ جو رخ تبديليءَ ڏانهن آهي پر اڄ انسانذات جي هٿ ۾ هڪ ٻيو محرڪ- ناقابل انتظام بدنظميءَ جو خوف آهي. دنيا ۾ ناانصافي، هڪ بحران ڏانهن وڌي رهي آهي، جيڪو اسان کي وڪوڙي سگهي ٿو، انٿم بم يا نه! اسانکي انسانذات لاءِ بحيثيت مجموعي فڪر ڏيکارڻ شروع ڪرڻو آهي، انصاف ۽ آزاديءَ کي اڳتي وڌائڻو آهي، استحصالين کي ڏڪڻو ۽ پري هٽائڻو آهي، دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ سهڪار کي اڳتي آڻڻو آهي. ان جو متبادل هڪ وڌنڌڙ بي چيني، وڌنڌڙ بغاوت ۽ وڌنڌڙ دهشتگرديءَ جي صورت ۾ نڪرندو. جيڪڏهن انهن ماڻهن، جن وٽ دنيا جي دولت آهي ۽ جيڪي ان کي هيٺ مٿي ڪنڌڙ آهن، حقيقت ۾ انهن مظلوم ماڻهن کي زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ لاءِ مٿي ڪٺي اچڻ ۾ مدد ڪرڻ شروع نه ڪئي، ته پوءِ آهي سماج جن مٿان هو پنهنجي رتبي، دولت ۽ اقتدار لاءِ دارومدار رکن ٿا، سندن چوگرد تباهه ٿيڻ شروع ٿيندا. اڄ هن خود فريبي بيان ته "مان نيڪ آهيان، جيڪ" جي جاءِ تي اسان کي بدشگني سوال داخل ڪرڻا آهن ته "ڇا تون نيڪ آهين، جيڪ؟"، "ڇا توکي بک آهي، ڪيتري وقت لاءِ؟" هي پيغام داخل

ٿيڻ شروع ٿي چڪو آهي. اعليٰ اقتداري مقامن تي موجود ڪي ماڻهو واقعي به هڪ تعميري سماجي ڪردار ادا ڪرڻ چاهيندا آهن. خواهه مخواهه فڪرمنديءَ يا، مصلحت/مجبوريءَ سبب، تبديلي ضرور ايندي، پر ڪهڙي حتمي مقصد جي رهنمائيءَ هيٺ؟

چاهي اسان موجوده صورتحال تي هڪ فرد جي نقطه نظر کان نظر وجهون، جيڪو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ خوشي ۽ هم آهنگي آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هوندو آهي يا قومي ۽ عالمي تشويشن جي ڪشادي نقطه نظر کان، ٻنهي صورتن ۾ اڄ فوري ضرورت اسان جي انساني آئيندي ۽معاملا نبيرڻ لاءِ متفقه قدرن بابت هڪ مشترڪ عالمي نقطه نظر جي آهي.

اسان جي آڏو موجود انتخابن جي روشنيءَ ۾ اهڙو هڪ تعميري عالمي نقطه نظر ڪيئن جڙي سگهي ٿو؟ ان لاءِ پهريان اسان کي باب پهرئين کان وڌيڪ تفصيل ۾ ان ڳالهه تي غور ڪرڻو پوندو ته آخر ڇو خود دنيا جا عظيم مذهب، ضروري گڏيل نقطه نظر مهيا ڪرڻ جي لائق نه آهن؟

عيسائيت، هڪ دفعو ٻيهر نظر هيٺ

عيسائي چوندا آهن ته "رڳو جيڪڏهن سڄي دنيا عيسائي ٿي وڃي ته پوءِ سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو."

ان جو مطلب اهو آهي ته عيسائيت، انسانذات کي هڪ واحد، چٽو، رحمدل پيغام آڇي ٿي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اها ائين نه ٿي ڪري. عيسائيت جي مرڪز ۾، هڪ محبت ڪندڙ، پياري شخصيت حضرت عيسيٰ آهي، جنهن جي اخلاقي بصيرت، جيئن اها انجيل ۾ سانديل آهي، پنهنجي زماني کان ڪافي اڳتي نڪتل هئي ۽ جنهن جي ماڻهن لاءِ محبت، زندگيءَ جومعيار ۽ موت تائين بهادري صدين کان لکين ماڻهن جون دليون ۽ اميدون پئي جيتيون آهن. بهرحال بدقسمتيءَ سان عيسائيت ڪو موافق پيغام پيش نه ڪيو آهي.

جيستائين واقعا ياد ڪندڙ، سانديندڙ ۽ ترجمو ڪندڙ پنهنجو ڪم ڪن، ان وچ ۾ انجيل ۾ جيڪو ڪجهه اسان تائين پهچي چڪو آهي، اهو ايترن ته تضادن سان منجهيل آهي، جو ڪنيڪر عيسائين جهڙا رحمدل ماڻهو ۽ ڪوڪلڪس ڪلان جهڙا رت جا پياسا شيدائي- ٻئي عيسائيت منجهان پنهنجي درست هجڻ جي جواز جي دعويٰ ڪن ٿا. هڪ ڏڙي پنهنجو بنياد عيسيٰ جي انسانيت مٿان رکيو آهي، جڏهن ته ٻيو انجيل جي بيانن جي انتقامي سزائن منجهان سهارو وني ٿو. انجيل جو ڪتاب متي، باب ٧، بيت اچني ٿو:

"عيب جوئي نہ ڪريو، متان اوهان جي بہ عيب جوئي نہ ٿئي."

۽ باب 18، بيت 12 ۽ 22 ۾، اسان کي هيءَ گفتگو ملي ٿي: "پطرس: اي خداوند! جيڪڏهن منهنجو ڀاءُ منهنجو ڏوهہ ڪندو رهي تہ آئون ڪيس ڪيترا ڀيرا معاف ڪريان؟ ڇا ستن ڀيرن تائين؟ يسوع چيس تہ آئون توکي ڪونہ ٿو چوان تہ ستن ڀيرن تائين پر ستر دفعا ستن ڀيرن تائين."

عيسيٰ جي معاف ڪندڙ شرافت جا ڀيا بہ ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا. ان جي برعڪس دوزخ جي باهہ وارا اعلان آهن، جيڪي پڻ عيسيٰ ڏانهن منسوب ڪيا وڃن ٿا، مثال طور: "جيڪو بہ ماٺهو پاڪ روح خلاف ڳالهائيندو، ان کي نہ هن دنيا ۾ ۽ نہ ايندڙ دنيا ۾ معاف ڪيو ويندو." (ڪتاب متي باب 12، بيت 32)

ان ۾ وڌيڪ ڏکيائي اها آهي تہ پڙهندڙ کي ان بابت ڪا بہ وضاحت نہ ٿي ڏني وڃي تہ "پاڪ روح" جو مطلب ڇا آهي، جيڪا هڪ اهڙي نظراندازي آهي، جنهن صدين کان ڪنين دلين اندر خوامخواهہ جو خوف پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي هنڌ اسان گناهہ ڪندڙن کي ڪڏهن نہ اُجهامندڙ باهہ ۾ اڇلائڻ جو ٻڌون ٿا (ڪتاب متي، باب 25، بيت 41) ۽ ڪتاب مرقس باب 16، بيت 16، "اهو جنهن ايمان آندو ۽ بپتسميو ورتو، بچايو ويندو پر اهو جنهن ايمان نہ آندو، لعنتيو ويندو." يا وري ڪتاب متي، باب 13، بيت 49 ۽ 50 ۾:

"دنيا جي پڇاڙيءَ تي ائين ٿيندو تہ فرشتا اڳيان ايندا ۽ راستباز ماڻهن کان ظالم ماڻهن کي ڇني ڌار ڪندا ۽ انهنکي باهہ جي ڀٺيءَ ۾ اڇلائيندا، اتي پوءِ روڄ راڙو ۽ ڏندن جو ڪرٽڻ هوندو."

معاف ڪندڙ عيسيٰ ۽ انتقام وٺندڙ عيسيٰ جو ناهہ نہ ٿو ڪرائي سگهجي. ماڻهوءَ کي شڪ ٿو ٿئي تہ شيدائي ساڻديندڙن اصل واقعن ۾ ڦيرڦار ڪري ڇڏي آهي، جيئن عيسيٰ جي مرڪزي شرافت کي پاسيرو ڏکي ڇڏجي، جيڪا حقيقت ۾ انهن ماڻهن لاءِ پريشاني پيدا ڪندڙ هئي، جيڪي آپيشاهاڻي اقتدار پويان هئا. بدقسمتيءَ سان انتقامي بيان سموري عيسائي دور دوران هڪ يا ٻئي وقت تي بي درد ظلم کي حق بجانب قرار ڏيڻ لاءِ برقرار رکيا ويا آهن، جنهن ۾ ماڻهن کي زنده جلائڻ بہ شامل هو. ملحدن جي عدالتي سزائن (Inquisition)، سينٽ بارٿولميو جي شام جي قتل عام ۽ ٻين ڪيترن ئي وحشياڻن واقعن جي منظوري، چرچ طرفان نہ ڏني وڃي ها، جيڪڏهن انجيل ۾ اهڙا بيان موجود نہ هجن ها، جيڪي ان خيال جي پنيرائي ڪن ٿا تہ ملحد جوڳي سزا جا مستحق آهن.

انجيل جي ڪتابن ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي خاميون ملن ٿيون، مثال طور عيسيٰ تنگ قسم جي قانونن جو ڪو بہ احترام نہ ٿو ڏيکاري. فريسين کي هو ٻڌائي ٿو، "سبات، انسان لاءِ ناهيو ويو، نہ ڪہ انسان سبات لاءِ" ۽ هن انهن ماڻهن کي فوراً خاموش ڪرائي ڇڏيو، جن هن تي هٿن ڌوئڻ کانسواءِ ماني کائڻ جو

الزام ڏريو، پر پنهنجي هنڌ عيسيٰ کي هيئن چوندي ٻڌايو وڃي ٿو (ڪتاب لوقا، باب 16، بيت 17):

"شريعت جو هڪڙو نقطو ٽري وڃي، تنهن کان آسمان ۽ زمين جو ٽري وڃڻ سولو آهي."

اهڙا نقطا، انجيل جي ڪتابن جي مڪمل اثر جي پيٽ ۾ محض لفظن جي هيراڦيري ليکي سگهجن ٿا پر اهي اهڙي ڪنهن به دعويٰ کي رد ڪن ٿا ته انجيل جا ڪتاب هر تفصيل ۾ هڪ درست رڪارڊ آهن. اسان کي اهو به ضرور ياد رکڻ گهرجي ته مقدس ڪتاب، جيئن اهي انجيل جي شڪل ۾ موجود آهن، رڳو ان جا مثال آهن، جيڪو اوائلي عيسائي دور ۾ يسوع مسيح جي زندگي ۽ سندس ڪارنامن جي رڪارڊ طور موجود هو. اهي حقيقت ۾ انسان جي نهيل هڪ چونڊ آهن، جيڪا 200 سال يسوع مسيح جي موت کانپوءِ عمل ۾ آئي. نام نهاد ناسٽڪ پاڪ ڪتابن کي انجيل کان ٻاهر رکيو ويو- جن ۾ ٿامس جو ڪتاب ۽ فلپ جو ڪتاب شامل هئا، شايد ان ڪري ته انهن ۾ روم جي اوائلي عيسائي موروثيت لاءِ مشڪل خيال موجود هئا. خارج ڪيل پاڪ ڪتابن، جيئن پروفيسر ايلين پيجلس (1979) واضح ڪيو آهي، حقيقي انساني سياءَ جي انجيل ۾ ظاهر ڪيل تصوير کان وڌيڪ پر اميد تصوير پيش ڪني ٿي، ۽ اهي علمِ ذات جي قدر ۽ عورتن جي عزت تي زور ڀرڻ ۾ واضح طور تي جديد هئا.

مذهبي ماهر ڪيترن ئي سالن کان ان ڪم تي لڳل آهن ته اهي اڻپوري ۽ ڪڏهن ته بگاڙيل رڪارڊ مان، جيڪو اسان تائين پهتو آهي، عيسيٰ ۽ پاڪ ڪتابن بابت حقيقتون ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪن، سندن ان ڪم ۾ ڪنهن به وقت وڌيڪ ڪوجنائن ذريعي جيئن مئل سمنڊ جي ڪاغذن ۽ ناگ همادي جي قديم ڪاغذن مان مدد ملي سگهيتي. پوءِ به سچي ڪهاڻي شايد ڪڏهن به نه معلوم ٿي سگهي. ان ڪري عيسائيت خود پنهنجي سچ بابت به يقين سان نه ٿي ڳالهائي سگهي، جيتوڻيڪ بهرحال عيسيٰ جي استقامت ۽ رحمدلي ڪيترن ئي ماڻهن کي اميد ۽ سڪون پهچائينيدي رهندي. هاڻي بس اٿين ئي شيون بيٺل آهن، سواءِ ان جي ته ڪي ماڻهو عيسيٰ جي وجود تي ئي شڪ ڪن ٿا پر ڇا عيسيٰ سڏيو ويندڙ اهو ماڻهو واقعي به خدا هو؟ خود عيسيٰ کي به ان باري ۾ مڪمل طور تي يقين نه ٿو لڳي، سموررن هڪجهڙن (Synoptic) پاڪ ڪتابن (متي، مرقس، لوقا) ۾ عيسيٰ پنهنجو پاڻ کي "انسان جو پٽ" سڏي ٿو ۽ هڪ موقعي تي هيئن چوندي ٻڌايو وڃي ٿو، "توهان مونکي سنو ڇو ٿا سڏيو؟ ڪو به سنو ڪونهي، سواءِ هڪ جي، جيڪو خدا آهي." (ڪتاب متي باب ١٩ بيت ١٧)

اهي ٻيا آهن، نه ڪه عيسيٰ، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن عيسيٰ کي "خدا جو پٽ" سڏن ٿا. عيسيٰ پاڻ کي ان خداوند خدا سان روح ۾ هڪ محسوس ڪيو،

جيڪو هن موسيٰ جي سخت، بي رحم، قرباني گهرندڙ خدا جي بدران پيش ڪيو هو پر اها ڳالهہ پاڻ ڪي خدا چوائڻ کان مختلف آهي. چڙو شفا جي طاقت ڪي خدايت جي ثبوت طور نہ ليکيو ويندو. انهن ڏينهن ۾ ۽ جيئن هاڻي آهي، شفا ڏيڻ جي تحفي کي روحاني طاقت جي ثبوت طور ورتو ويندو هو، نہ ڪہ خدايت جي ثبوت طور.

ڪنوارو جم ۽ پيهر زنده ٿي اٿڻ، جن کي اڳي خدايت جي ثبوتن طور ليکيو ويندو هو، هاڻي انهن مٿان سوال ڪيا پيا وڃن. هتي، پڻ خود پاڪ ڪتابن اندر ڪئين تضاد نظر اچن ٿا. مرقس، جنهن کي اهو پهريون ماڻهو سمجهيو ويندو آهي، جنهن عيسيٰ جي زندگي ۽ ڪارنامن جي زباني روايت کي قلمبند ڪيو، ڪنواري جم (بنا پيء) جو ذڪر نہ ٿو ڪري. رڳو لوقا هڪ تفصيلي ذڪر ڏئي ٿو، متي پنهنجي ڪتاب جي شروعات عيسيٰ جي هڪ تفصيلي نسب نامي سان ڪري ٿو، جنهن ۾ هو عيسيٰ جو نسب، يوسف جي معرفت دائود ۽ ابراهيم سان وڃي ڳنڍي ٿو، ۽ پوء اهڙا بيت شامل ڪري ٿو، جيڪي يوسف جي پدريت کي رد ڪن ٿا.

باقي جيستائين خدا جي منشا سان عيسيٰ جي اذيت ناڪ موت کي "سڄي دنيا جي گناهن لاء هڪ سچي، ڪامل، مناسب قرباني، نذرانو ۽ اطمينان" قرار ڏيڻ جي خيال جو تعلق آهي تہ اهو واپس اهڙي خدا ڏانهن موٽي اچي ٿو، جنهن ابراهيم جو بہ امتحان سندس پٽ اسحاق جي قرباني گهرڻ سان ورتو هو، جيئن توريت ۾ لکيل آهي:

"تڏهن هن چيو تہ تنهنجو پٽ، تنهنجو سڪيلڏو پٽ اسحاق، جنهن کي تون پيار ڪرين ٿو، تنهن کي وٺي موورياهہ جي ملڪ ۾ وڃ ۽ اتي جيڪو جبل آئون توکي ڏيکاريان، تنهن تي هن کي سوختني قربانيء لاء چاڙهہ."

(ڪتاب پئدائش باب 22 بيت 2)

خدا جي عظمت تي خود پنهنجو پٽ قربان ڪري ڇڏڻ جوسچو خيال، جديد ذهن جي خلاف آهي. عيسيٰ هڪ غاصب قوت، روم جي هٿان، سندس پنهنجي ئي برادري جي حڪومت جي غداريء ڪان پوء بهادريء سان هڪ ظالم موت مئو؛ ٻي جنگ عظيم دوران قبضي هيٺ آيل يورپ ۾ اهڙيون غداريون ۽ ظالم موت بيشمار دفعا ٿيا ۽ ائين ان ڪان اڳ ۽ تڏهن کان وٺي ٿيندو پئي آيو آهي، جيڪو هڪ ئي وقت انساني استقامت ۽ انساني غداريء جو هڪ مثال آهي، ان کان علاوه قرباني گهرندڙ هڪ خدا، بابا خدا (Father God) نہ آهي، جنهن جي عيسيٰ تبليغ ٿي ڪئي. بطور هڪ قربانيء جي ٻڪري جي، عيسيٰ جي ڪهانيء ۾ اٿڪت مونجهارا جيڪي انتقامي ديوتائن لاء قديم خوني قربانين تائين وڃن ٿا، هڪٻئي سان گڏ وچڙيل آهن.

مٿيون سڀ ڳالهيون اسان وٽ عيسيٰ کي بطور هڪ خدائي ماڻهوء جي نہ پر

هڪ غير معمولي طور نوازيل، زبردست ذاتي وابستگي ۽ استقامت واري اخلاقي استاد جي پيش ڪن ٿيون، هڪ اهڙي شخص جي طور تي جنهن جي ڏاهپ ۽ انسانيت، وقت جي قيد ڪان آزاد آهن؛ اهڙو شخص جنهن کي پڏجي ۽ جنهن ڪان پرائجي؛ اهڙو شخص جنهن ڪيترن ئي انسانن کي اُتساهيو ۽ ڪيترن کي اُتساهيندو. هن جون انساني لياقتون يقيني آهن پر خدايت جون دعوائون نه!

هنن مسئلن ۾ پوڻ ان لاءِ ضروري نه ٿي پيو آهي ته عيسائي عقيدي جي ڪنهن جُزي کي سچو يا ڪوڙو ثابت ڪجي پر اهو ڏيکارڻ آهي، ته عيسائي برادريءَ ۾حل نه ٿيڻ جوڳا شڪ ۽ فرق موجود آهن، جيڪي عيسائيت کي بطور هڪ عالمي نقطه نظر جي پيش ڪرڻ جي امڪان کي روڪن ٿا. ۽ جيڪڏهن عيسائيت نه، ته پوءِ ڇا؟

انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا جي سالياني ڪتاب ۾ دنيا جي وڏين مذهبي برادرين جي سرڪاري رڪنيت جا 1983ع جا انگ اکر ڪجهه هن ريت آهن:

عيسائي: اٽڪل 1028,000,000

(هن ٽوٽل ۾ نالي ماتر ۽ عبادت ڪندڙ عيسائي شامل آهن ۽ اهو مختلف حصن ۽ فرقن ۾ ورهايل آهي، جنهن مان رڳو آمريڪا ۾ 150 موجود آهن.)

مسلمان: اٽڪل 500.000.000

(جيڪي سني ۽ شيعن ۽ ٻين ننڍن فرقن ۾ ورهايل آهن)

هندو: 458,000,000

(ڪيترائي فرقا)

ٻڌ يا تائوئسٽ: 275.000.000

(ڪيترائي فرقا)

عيسائيت جا پوئلڳ، سڀ کان گهڻا آهن پر جيئن اسان ڏسي آيا آهيون ته ان جي عالمگير عقيدي جو روپ اختيار ڪرڻ جو ڪوبه امڪان ڪونهي، ساڳي صورتحال اسلام سان لاڳو آهي، جنهن جا اندروني تنازعا عيسائيت کان به وڌيڪ گهرا آهن. هندوازم مکيه طور تي برصغير تائين محدود آهي ۽ گهٽ امڪان آهي ته اهو ائين ئي رهندو. اسان کي بهرحال ٻڌزم تي هڪ وڌيڪ ويجهڙي نظر وجهڻ گهرجي، جنهن ۾ هاڻي ڪيترن ئي ملڪن اندر وسيع دلچسپي پيدا ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو جديد سائنسي نقطه نظر جو، دنيا ۾ هاڻي سرگرم واڌو ويجهه ۽ بصيرت جي مختلف تحريڪن سان سنگم ڪرائي ٿو: انڪائونٽر گروپ، دي ايڪوئرين سازش، گيسٽالٽ گروپ ۽ ڪيترائي ٻيا. اهي سڀ، پنهنجي پنهنجي انداز ۾ "روشن خيالي" پيش ڪري رهيا آهن.

ٻڌ ڌرم جو ڪردار

ٻڌڌرم ان فائدي سان شروع ٿئي ٿو تہ اهو ڪن بہ ڏند ڪٿائي تخليقي ڪهاڻين سان ڳنڍيل نہ آهي ۽ شين جي اصليت، بشمول انساني تجربي جي اهليت جي، ۾ سڌو سنئون پيهي وڃڻ لاءِ آزاد آهي. هن سلسلي ۾ ٻڌمت ۽ تائوئسٽ سکيا پڻ هيءَ آهي تہ سمورن جسمن پنيان، جن ڪان اسان جا حواس آشنا آهن، هڪ واحد حقيقت موجود آهي، الڳ پٽي ڪي هڪ ڏوکو سمجهيو وڃي ٿو، سموريون شيون بنيادي طور تي هڪ آهن، صورتن جي دنيا جو بڻ بڻياد عالمگير توانائي (Universal Potential) آهي، جيڪا ڪيترن ئي روپن ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿي پر پاڻ خود اڻ هوند (Nothingness) جي هڪ حالت آهي. هيءَ ڳالهہ عام فهم کي رد ڪندڙ لڳي ٿي پر جديد طبعيات بلڪل ساڳين نتيجن تي پهچي چڪي آهي، جيئن اسان باب ٻئين ۾ ڏٺو، سمورين شين جو بنياد اڻ سڌريل، اڻ اظهاريل توانائي آهي. اسان جيڪو ڪجهہ ڏسون ٿا ۽ جو ڪجهہ آهيون، اهو آهي سرشتن ۾ منظم ٿيل توانائي، جيڪي ايتري دير تائين پائيدار رهن ٿا جو انهن جو مشاهدو ڪيو وڃي. هيءَ ڳالهہ هڪ انتم ڪان ننڍي ذرڙي ڪان وٺي، جيڪو هڪ سيڪنڊ جي هڪ تمام مختصر حصي ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ غائب ٿي ويندو آهي، هماليہ جبلن يا خود اسان جي سياري زمين تائين، جيڪي ڪروڙين سالن تائين وجود رکن ٿا، سچي آهي، ڇاڪاڻ تہ سمورو مادو ۽ زندگي، توانائيءَ جي وهڪري ۽ باهمي عمل جا سرشتا آهن ۽ سموري توانائي ڪنهن عالمگير پس منظر منجهان ڦٽي ٿي. ان ڪري اها ڳالهہ صاف آهي تہ سموريون شيون هڪٻئي جون صورتون آهن ۽ سمورين شين جي پاڙ ساڳئي وسيلي ۾ ڪتل آهي. تنهنڪري ڪائنات جو ٻڌمت/تائوئسٽ تصور، جيڪو 2500 سال پراڻو آهي، جديد طبعيات جي نقطہ نظر سان حيرت انگيز نموني ملندڙ جلندڙ آهي.

جديد سوچ سان ملندڙ جلندڙ انساني زندگيءَ بابت هي ٻڌمت خيال پڻ آهي تہ زندگي هڪ هستي آهي، هڪ حرڪت آهي، وڌيڪ اعليٰ اوسر ڪيل روپ -- روشنائيءَ (Enlightment) ڏانهن. ان ڪان علاوه ٻُڌ روشنائيءَ ڏانهن ويندڙ ان رستي لاءِ مددي طور تي رهنمائيءَ جا اصول ترتيب ڏنا آهن، جيڪي موجوده صورتحال سان نهڪندڙ آهن. اهي آهن چار اُتم سچ ۽ ان نڪاتي اُتم رستو. چار اُتم سچ هي آهن:

1. سمورو وجود، پوڳنا سان ڇيريل آهي.
2. پوڳنا گهٽي قدر زندگيءَ جي فريبي اطمينانن، حاصلاتن، خاص طور

تي اناپرست خود سرفرازيءَ جي تانگهه ڪرڻ سبب پيدا ٿئي ٿي.
3. خواهش ختم ڪري ڇڏڻ سان پوڳنا کان بچي سگهجي ٿو.
4. اٺ نڪاتي رستي تي هلي روشنيءَ ڏانهن چربر ڪرڻ سان خواهش مٿان قابو پائي سگهجي ٿو.

هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته خواهش کان بالاتر ٿيڻ تي زور ڀرڻ جي باوجود به ٻڌ ڌرم هڪ سخت تارڪ دنيا مذهب ناهي؛ ٻُڌ اها سکيا ڏني ته ڏاهپ ڏانهن ويندڙ رستو، سادگي ۽ شفقت جي انتهاءَن وچ تي موجود هوندو آهي يعني ڪنفيوشنزم جو وچوارو رستو. هڪ خوشحال ۽ اخلاقي طور درست زندگيءَ لاءِ اٺ نڪاتي رستن جو هيٺين ريت اختصار پيش ڪري سگهجي ٿو:

1. درست نقطہ نظر...... هڪ درست نقطہ نظر ۽ رحم،
2. درست عزم .... حاصل ڪرڻ ۽ انهن سان هم آهنگيءَ ۾ رهڻ جو عزم حاصل ڪرڻ
3. درست ڪلام..... صاف نموني ۽ ايمانداريءَ سان رابطو
4. درست عمل .... قائم ڪرڻ، رحمدل، شائستو، بااخلاق ۽ پرهيزگار بڻجڻ.
5. درست گذران..... اهڙي نموني روزي ڪمائڻ، جيڪا ذاتي نشوونما ۽ ٻين جي فائدي ۾ سهڪاري هجي.
6. درست ڪوشش... ذهن ۽ عزم جون طاقتون، سوچ، ڌيان
7. درست جاڳرتا ..... غور و فڪر ۽ وجد پيدا ڪرڻ.
8. درست غور و فڪر...

زنده رهڻ جي فن ڏانهن اهڙي باترتيب رويي جو اثر، ڇهين صدي قبل مسيح جي تنازعن ۽ مونجهارن ۾ تمام زبردست هو. اهو اڄ به سٺي معنيٰ رکي ٿو؛ بهرحال ٻڌ ڌرم پنهنجي "نرواڻ" (مُڪتي) جي تصور ۾ جديد سوچ کان ڪجهه هٽيل لڳي ٿو.

تصور جو پلو پاسو، وجود جي اهڙي حالت جي حاصلات ۾ ايمان رکڻ آهي، جنهن ۾ خوديءَ کي، ڪُل جي هڪ حصي طور محسوس ڪيو وڃي ٿو، تصور جو موچارو پاسو اهو آهي ته اهڙو انداز آسانيءَ سان زندگيءَ جو انڪاري ٿي سگهي ٿو. نه ٿيڻ جوڳي شيءِ کي تصور بڻائڻ، ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي اپترن گهڻن ڦيرن کانپوءِ، جنهن دوران روح صاف ٿي وڃي ٿو ۽ عالمگير ۾ ائين ضم ٿي وڃي ٿو، جيئن هڪ درياهه، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. زندگيءَ جو هي انڪار پنهنجو پاڻ ۾ قيمتي آهي، پر مغربي سوچ لاءِ اهو اوپرو آهي. هڪ جديد نفسياتي ماهر گهڻي قدر ان ڳالهه سان متفق ٿيندو ته هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي "انا جي قيد" مان ضرور

پڄڻ گهرجي، جيڪڏهن هن کي پنهنجو پاڻ مڪمل ڪرڻو آهي، پر ان لاءِ نفسياتي ماهر، زندگيءَ جي دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ شرڪتداري جي وڪالت ڪندو، نہ ڪہ زندگيءَ کان انڪار جي. ٻڌ ڌرم ۽ تائوازم آڏو ۽ پڻ عيسائيت آڏو، ان جي ڪن پاسن ۾، هن دنيا جي شين کي روحاني نشوونما کان دوريءَ طور ڏٺو وڃي ٿو، ان جي ابتڙ جديد انسان لاءِ هن دنيا کي سڌارڻ لاءِ پنهنجين طاقتن کي استعمال ڪرڻ، آخرڪار هڪ روحاني وابستگي آهي، جيڪا شيءِ هن کي ارتقا- ڪائنات جي تخليقي قوت، سان حصيداريءَ ۾ آڻي بيهاري ٿي ۽ احساس، تصور، قرباني ۽ ذميوارين جي سندس عظيم طاقتن کي دعوت ڏئي ٿي.

ٻڌ ڌرم ڪي، جديد سوچ سان تمام ويجهڙائيءَ کان پيش بهرحال ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻولي وچ ۾ اچي وڃي ٿي ۽ ڇاڪاڻ تہ نرواڻا جي اونهي معنيٰ بابت ٻڌمت روايت اندر مختلف تشريحون موجود آهن. هنن خيالن کي هڪ جديد ويس پهرائڻ لاءِ اسان کي انا پرستيءَ ۽ خود غرضيءَ کان پري پڄي، جيڪو ڪجهہ موجود آهي، ان سان هم آهنگ ٻڌيءَ جي احساس ۾ داخل ٿيڻ جي ڳالهہ ڪرڻي پوندي. اهڙي نموني تشريح ڪرڻ سان ٻڌمت خيال حقيقت ۾ جديد آهن، جيتوڻيڪ زندگيءَ جون ٻئي ٻڌمت ۽ تائونسٽ منزلون، جديد صورتحال سان بلڪل صحيح نموني نهڪي اچڻ لاءِ، جدائيءَ جي راهباڻي تصور سان تمام ويجهو آهن، ٻڌ ڌرم ۽ تائوازم ماڻهن جي شموليت کان پري پڄن ٿا ۽ ائين ڪرڻ سان اهي جديد سوچ کان ٽڙي وڃن ٿا.

ساڳئي نموني اسان سمورن عظيم مذهبن جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهون ٿا ۽ انهن مان سيني ۾ ڪانہ ڪا قيمتي شيءِ ڳولي سگهون ٿا ۽ پڻ اهڙيون شيون بہ ڳولي سگهون ٿا. جيڪي جديد ذهن جي خلاف آهن. اهي نہ الڳ طور تي ۽ نہ ئي عمل پذير ميلاپ ۾ اهو واحد عالمي نقطہ نظر پيش ڪري سگهن ٿا، جيڪو جديد دنيا کي ضرورت ۾ آهي ۽ اهو هڪ نئون نقطہ نظر آهي، نہ ڪہ هڪ نئون مذهب، جنهن جي اڄ ضرورت آهي. مذهب پنهنجن مختلف گروپن لاءِ جماعتي احساس ۽ اُنساهہ جي هڪ وسيلي طور ڪم ڪندا رهندا پر اها ڳالهہ بہ عين ممڪن آهي تہ اهي اندروني طور ٽٽندا رهندا ۽ هڪ مذهب مان ٻئي مذهب ۾ تبديل ٿيندا رهندا. پوءِ بہ جيڪڏهن اسان کي انسانذات جي هڪ زنده آئيندي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي تہ پوءِ اسان کي نقطہ نظر جي هڪ هڪجهڙائيءَ تي پهچڻو پوندو، جيڪا سمورن مذهبن ۾ بين نقطہ نظرن منجهہ قبوليت ماڻيندي، تہ جيئن عالمي جهڳڙن جي جاءِ تي عالمي سهڪار ممڪن ٿي سگهي. ان لاءِ اسان ڪيڏانهن مڙي سگهون ٿا؟

زندگيءَ جو مرڪز

جديد رجحان اهو تجويز ڪن ٿا تہ عالمي ربط ۽ ٻڌيءَ جو وسيلو اسان ۾ ۽ اسان جي چوڌاري موجود عظيم تخليقي اُڏمي طور، زندگيءَ جي احترام معرفت حاصل ڪرڻا آهن. گذريل ٽورڙن سالن ۾ ماڻهو عام طور تي، زندگيءَ جي روپن جي گهٽائيءَ ڪان ان اعتبار ڪان واقف ٿيا آهن تہ زنده شيون ڪيئن هر ان جڳهہ ۾ داخل ٿي وڃن ٿيون، جتي بقا ۽ واڌ ويجهہ جو ٿورڙو بہ امڪان موجود هجي ٿو: اوچاين تي جبلن ۾، سمنڊ جي گهراين ۾، گهاٽن جبلن ۾، بياباني ۾، برفاني سحرائن ۾ ۽ گرم چشمن ۾. زندگيءَ جي باري ۾ ڪابہ ڳالهہ ڪتابي نہ آهي، اها موجود آهي، اها هر هنڌ موجود آهي . جڏهن ڪو بہ ماڻهو اهو سوال پڇي ٿو تہ ڪائنات ڇا آهي؟ اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ اها بنا ڪنهن تنازعي جي اتان ڪان موجود آهي، جتي اسان بيٺا آهيون ۽ زندگيءَ جي ڦهلاءَ ۽ رنگينيءَ جومشاهدو ڪيون ٿا.

جيترو گهڻو اسان زندگيءَ جو مشاهدو ڪريون ٿا ، اوترو گهڻو اسان ان کي دلڪش ۽ غير معمولي ڏسون ٿا. ڪائنات بحيثيت مجموعي پنهنجي طاقت وڃائيندي وڃي ٿي ۽ ائين ڪندي اها وڌيڪ بي ترتيب ٿيندي وڃي ٿي. جيڪو گرم آهي، اهو ٿڌو ٿي وڃي ٿو، بجليءَ جو گهڻو ڪرنٽ، پاڻ کي کپائي ڇڏي ٿو، جبل آهستي آهستي ذرتيءَ جي سطح تي ايندا وڃن ٿا. پر زندگي، سج ڪان روشني ۽ گرمي حاصل ڪري ابتڙ رخ ۾ وهي ٿي، اها پاڻ ۾ تنظيم ۽ تفصيل وڌائيندي رهي ٿي، هيٺ ڪيرائيندڙ قوتن خلاف اها مٿي وڌندي رهي ٿي جيئن هڪ وڻ، ذرتيءَ جي ڪشش ثقل خلاف مٿي وڌي ٿو، اهو تخليق جو هڪ عظيم چاڙهہ آهي. ذهني زندگي بہ پنهنجي مخصوص انداز ۾ غير معمولي آهي. ٻاهر تي غير جاندار قوتون، برق مقناطيسي لهرون، صوتي لهرون، مختلف گهراين وارو مادو، گرمي ۽ سطحون موجود آهن. سمورا رنگ، آواز، ذائقا، احساس ۽ صورتون، جيڪي فطرت کي اهم ۽ خوبصورت بڻائن ٿا، ٻاهر موجود نہ آهن، اهي اسان جي دماغ اندر تخليق ڪيا وڃن ٿا، اسان جا دماغ ڪچين تنتي لهرن کي ان شاهوڪار تجربي ۾ تبديل ڪري وٺن ٿا، جيڪو زندگي پيش ڪري ٿي. زندگي، خياتياتي ۽ ذهني، اهڙي طرح عمل ڪري ٿي تہ جيئن شين جي هيٺين ترتيب کي شين جي اعلىٰ ترتيب ۾ تبديل ڪري ڇڏجي. ، ان جي عمل جو طريقو هڪ اهڙي ارتقا آهي، جيڪا مستقل طور تي پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ پيچيده روپن ۾ بدلائيندي رهي ٿي. ارتقا اسان کي پيدا ڪيو آهي. ارتقا اسان جي محسوساتن ۽ غيرٰ معمولي ذهني

طاقتن کي تشکيل ڪيو آهي، ارتقا هڪ جاري رهندڙ اوسر آهي، جنهن ۾ اسان شريڪ آهيون. ارتقا زندگيءَ جي بطور هڪ تخليقي قوت جي، ڪم ڪرڻ جو نالو آهي.

ان ڳالهه جي آگهي ته زندگي ڇا آهي ۽ ان ڏانهن اسان جي ڪهڙي وابستگي آهي، ان جي بهترين اسان جي ذميواري، اسان جي پنهنجي تڪميل جي وسيلي طور، زندگي لاءِ اسان جي خدمت- هي سڀ شيون، موجوده انسانن ۽ عورتن لاءِ سڀ شيءِ ۾ پيهي ويندڙ هڪ مرڪزي نڪتو پيش ڪن ٿيون، قطع نظر ان جي ته هو ٻيا ڪهڙا به عقيدا رکندا هجن. هن نقطه نظر ۾ مقدس ۽ الاهي سان ڇا ٿئي ٿو ؟ سمورا مذهب خود زندگيءَ کي مقدس سمجهن ٿا ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي اسان کي اهو ٻڌائن ۽ ڏيکارن ٿا ته زندگي ڪيئن گذارجي، الاهيت سان ڇهيل (خدا کي ڇهندڙ) طور پيش ڪن ٿا. انسانذات جي عظيم روحاني رهنمائن جو مکيه پيغام صرف هي پئي رهيو آهي - زندگي ڪيئن گذارجي، هيءَ ڳالهه ٻڌ، حضرت محمد، گرونانڪ بهاءُ الله ۽ عيسيٰ لاءِ سچي آهي ، جنهن لاءِ اڪثر انهن پئي چيو ويو آهي ته جڻ هن جو واحد مقصد صرف ماڻهن کي ابدي زندگي لاءِ تيار ڪرڻ هو، جڏهن ته هن کي موجوده دنيا ۾ موجوده زندگيءَ بابت گهڻو چوڻو هو. هن چاهيو ته ماڻهو وڏيڪ ڀرپور نموني زندگي گذارين. يسوع سيڪاريو ته آسمان جي بادشاهت اسان جي اندر ۽ اسان جي چوڌاري موجود آهي، جيڪا انساني ارادي، ڪوشش، محبت ۽ رشتن طرفان تخليق ٿيڻ جي منتظر آهي. تنهنڪري زندگيءَ جو مرڪزي نقطو انهن ماڻهن لاءِ جيڪي خدا سان واسطي رکڻ جي ضرورت محسوس ڪندا آهن، ڪنهن به طرح سان خدا کان بغير نه آهي، پين لاءِ اهو خود پاڻ ۾ هڪ جواز آهي. ان ۾ ڪڙي هيءَ آهي ته زندگيءَ جي خدمت ڪرڻ معنيٰ تخليق جي خدمت ڪرڻ.

دنيائي مقصد

دنيا هينئر ڪنهن به مستقبل ڪانسواءِ ۽ گم ٿيل آهي، ڇاڪاڻ ته اسان، دنيائي اسٽيج جي مرڪز تي اڄ جيڪو دنيا جو مهان ذمو (Task) آهي، يعني سمورن ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار مٿي ڪرڻ، خاطر گڏجي تعاون ۾ ڪم ڪرڻ، ان کي ڪٿي اڃڻ ۾ ڊراپئي رهيا آهيون. هي هڪ اهڙو مقصد آهي، جيڪو صرف هاڻي حاصل ڪرڻ لائق آهي. تاريخ جي شروعات کان وٺي هن صديءَ تائين، اسان انسان ڪيترن ئي ضروري عملي ذمن ۾ مڪمل طور تي رڌل پئي رهيا آهيون جيئن مثلاً پنهنجو پيٽ ڪيئن پالجي، پاڻکي ڪيئن ڍڪجي ۽ ڪٿي رهجي، تهذيب کي

اڳتي ڪٿي وڃڻ لاءِ گهربل توانائي ڪيئن هٿ ڪجي - تهذيبون، توانائيءَ جون عظيم ڪپائو هونديون آهن، پوءِ چاهي اهي غلامن جي جسماني طاقت ،يا بجليءَ جي بوردن جا ڪلوواٽ هجن؛ ٻيا مسئلا هئا، جلدي ۽ حفاظت سان پهچڻ - ٻنهي ذاتي ۽ تجارتي سببن لاءِ ۽ فاصلي تي رابطو قائم ڪرڻ؛ طبي ۽ صحت جا مسئلا، جيڪي ڪڏهن ته خطرناڪ قسم جا هئا مثلاً جيئن طاعون جي وبا (Bubonic Plague) جن هنن کي لڳاتار خبردار ڪري رکيو ۽ اڃا به وڌيڪ جڏهن شهري گهٽ پيدا ٿي. صاف پاڻي ۽ نيڪال جو سٺو طريقو، انساني تهذيب جي شروعات کان ئي جاري رهندڙ مسئلا آهن. يورپ ۾ ڪالرا جي وبا جو آخري ڦهلاءُ 1892 ۾ ٿيو. ان سان لاڳاپيل ٻيو مسئلو هو آبپاشيءَ جو، جيڪو ڪيترن ئي ماڻهن جي غذائي پيداوار جو بنياد هو.

انسان ذات لاءِ حيرت انگيز نموني جي نئين حقيقت هيءَ آهي ته هي سمورا قديم مسئلا هاڻي عملي حلن جي نقطن تي پهچي چڪا آهن. اڄ اسان کي سڄي دنيا کي نيڪ ناڪ نموني غذا ڏيڻ، ڪپڙا پارائڻ ۽ گهر ڏيڻ جي ڄاڻ حاصل ٿي چڪي آهي، اسان وٽ آبپاشي، صاف پاڻي، رستن، گندي پاڻيءَ جي موثر نيڪال جا طريقا موجود آهن. ايندڙ صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ توانائيءَ جو مسئلو اسان جي پويان هوندو. ڇو ته هڪ ڀاسي ڀيهر استعمال ٿيندڙ توانائيءَ – سج جي روشني، زمين جي گرمي، هوا ۽ پاڻيءَ جو وڏ ۾ وڌ استعمال ٿيندو ۽ ٻئي پاسي ايٽمي ٽڪرائن منجهان توانائي حاصل ٿيندي، جيڪا ڪائنات جي ازلي توانائيءَ ستارن جي مرڪزن ۾ موجود توانائيءَ ڪي، اسان جي هٿن ۾ آڻي ڇڏيندي، ماحول کي گندو ڪرڻ کان سواءِ ۽ ان مقصد لاءِ ٻارڻ جي لامحدود رسد يعني پاڻي به موجود هوندي. مواصلات ۾ اسان اڳتي آخري منزلن تي پهچي چڪا آهيون يعني آواز ۽ تصوير جو عالمي سطح تي فوري تبادلو. ڌرتيءَ تي مسافريءَ جي رفتار هاڻي پنهنجي عملي حد تائين پهچي چڪي آهي، ان کان وڌيڪ تيز رفتاري اختيار ڪرڻ جو ڪوتڪ ناهي. طبي مسئلا پڻ هڪ صدي اڳ جي وحشي خوابن کان به مٿي قابو ۾ اچڻ جوڳا ٿي رهيا آهن ۽ گهرڙي جي اصليت، بيماريءَ کان بچاءَ جي نظام ۽ ڊي اين اي ۾ وڌيڪ تحقيق، حياتياتي عملن جي اسانجي سمجهه کي اڃا وڌيڪ تيز ڪندي ۽ تنهنڪري باقي بچيل موت مار بيمارين، ڪينسر سميت، کي سمجهڻ ۾ تيزي آڻيندي. ماضي جي اميدن ۽ خوابن جي حوالي سان، اسان ڪافي پري تائين سفر ڪري آيا آهيون. ڪا به ضروري ڄاڻ اسان جي پهچ کان پري ناهي. اسان جو مسئلو اهو ناهي ته اهي رڪاوٽون ڪيئن هٽايون، جن اسانکي ايتري وقت تائين پوئتي رکي ڇڏيو آهي پر اهو آهي ته هن صديءَ جي ڄاڻ ۽ معلومات کي

انسانذات جي خدمت ۾ ڪيئن استعمال ڪريون. اسان جي انساني ڪوشش جو مرڪزي نقطو مٿئين خيال موجب تبديل ٿيڻو آهي، ماضيءَ جي مسئلن ڪي منهن ڏيڻ ۾ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ چٽاڀيٽيءَ واري هڪ جدوجهد ڪان، جيڪو ڪجهه اسان چاهيون ٿا ۽ جيڪو ڪجهه اسان ڪري سگهون ٿا، انکي عالمي طور موجود ڪري ڏيڻ جي هڪ سهڪاري مهم ۾.ان مان ظاهر آهي ته دنيائي حڪمرانيءَ ۾ هن نئين رستي لاءِ محرڪ نفعي وارو محرڪ بطور بنيادي هلائيندڙ قوت جي، نه تو ٿي سگهي ڇاڪاڻ ته اڪثريت جي تنظيم ڪي هڪ چٽاڀيٽيءَ واري اقتصاديات جي ذيان خور ۽ پابندي وجهندڙ لاڙن ڪان مٿي ٿيو ڏيڻو آهي ۽ اڪثريت ڪي آزاد ڪرڻو آهي، جيڪا شيءِ ذهين منصوبه بندي، تحفظ ۽ خودڪار پيداوار ۾ پنهان آهي. خطرناڪ ۽ دقيانوسي بدشڪل مخلوق ڪي، جنهن ڪي سرجان ايڪلس "خونخوار انسان"(Homo predatorius) سڏيو آهي، جنهن جي بڻ بنياد تي اسان باب چوٿين ۾ بحث ڪيو هو، هاڻي تخليقي انسان (Homo creans) لاءِ رستو صاف ڪرڻ گهرجي. انسانذات لاءِ نئون محرڪ هر ماڻهوءَ لاءِ وڌيڪ پرپور زندگيون ممڪن بڻائڻ آهي، نه رڳو مال ملڪيتن جي حوالي سان، جن ڪي جينوٽيڪ هڪ واضح مقام حاصل ٿئي ٿو، پر اوسر جي حوالي سان به: ذاتي، سماجي، قومي ۽ عالمي اوسر. هن وقت اسان هڪ مرندڙ اقتصادي نظام ۾ قاتل آهيون ۽ پاڻکي ڪنهن به مدد ڪانسواءِ محسوس ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته اسان اڪيل آهيون. دنيا اسانجن مقصدن ۽ گڏيل سهڪار جي سلسلي ۾ هڪ عظيم آزاديءَ جي ضرورت ۾ آهي. اهو رڳو تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسان پراڻن مقصدن ڪان نون مقصدن ڏانهن پنهنجو منهن موڙيون. اسانکي اهو ضرور ڏسڻ گهرجي ته اسان هتي خاص طور تي بي غرضانه - بين لاءِ پاڻکي وقف ڪري ڇڏڻ لاءِ نه ڳالهائي رهيا آهيون، جينوٽيڪ اهڙو ورثاءُ پنهنجو پاڻ ۾ تمام پلو ٿئي ٿو، اسان ماضيءَ جي جسماني پابندين مان ماڻهن جي آزاديءَ ۾ عمومي شرڪت بابت ۽ ذاتي ۽ سماجي واڌويجهه لاءِ سندن آزاديءَ بابت ڳالهائي رهيا آهيون. اهڙي طرح انسانذات جي زندگيءَ جو انداز نئين سر تشڪيل ڪندي، اسان سڀ پاڻ ۾ گڏ آهيون، جيئن اليگذينڊر پوپ اڍائي صديون اڳ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ويو ته سچي مطلب پرستي ۽ سماجي وابستگي غير تخفيفي طور تي هڪ شيءِ آهن. دنيا لاءِ بنيادي ضرورتن ڪي يقيني بڻائڻ لاءِ اسان ڪي جيڪو ڪجهه گهرجي، اهو آهي تصوراتي ديد ۽ ان دوکي جو خاتمو ته جارحانه لالچ تي خوشحاليءَ جي ڪنجي آهي. اڄ دولت ذهين ۽ رحمدل باهمي دارومدار جو نتيجو آهي. مدي خارج استحصالي نظام، طاقتور قومن ذريعي دنيا جي غريب علائقن ۾ موجود سستي مزدوريءَ جي

ڪمائي معرفت پنهنجي آخري ڦڙڪنيءَ هٿي رهيو آهي. ۽ ان ڪانپوءِ ڇا؟ ان جو واحد سهڻو جواب آهي، انساني ۽ عالمي واڌاري جي خدمت ۾ انساني طاقتن جو ربط: ڪليل سماج، ڪليل دنيا، انسانذات جي ايماندار، ٻين جو خيال ڪندڙ، بامقصد برادري. اهائي آهي، جنهن لاءِ اسانکي مستقل طور تي ڪم ڪرڻ گهرجي. ان جو ٻيو ڪو به متبادل ڪونهي سواءِ تباهيءَ جي.

دنيا جي تبديلي

صحيح خيال بهرحال پنهنجي ليکي اسان کي ڪيڏانهن به نه وٺي ويندا. اسان کي موثر عمل لاءِ هڪ منصوبو ناهڻ ۽ انکي لاڳو ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي، جنهن کي ماڻهو زندگيءَ تي مرڪوز ٿيل هڪ مستقبل لاءِ صحيح شروعاتي هنڌ تسليم ڪري سگهن. اسان هن موضوع تي باب ڇهين ۾ ڳالهايو هيو سين پر هاڻي ان تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. غذا زندگي آهي. هيءَ سادي اٿتر حقيقت ان ڳالهه کي مڪمل طور تي نامناسب بڻائي ٿي ته ڪو به ماڻهو، عورت يا ٻار پنهنجي مڪمل صحت ۽ طاقتون حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل غذا جي ڪميءَ جو شڪار هجي. سچ بهرحال اهو آهي ته لڳ ڀڳ انسانذات جو چوٿون حصو هن وقت فاقه ڪشيءَ، گهٽ غذا يا خطرناڪ حد تائين غذا جي ڪميءَ جو شڪار آهي. هڪ تبديل دنيا لاءِ بنياد، هڪ سٺي غذا ڪاڌل دنيا آهي. هر عزت نفس واري قوم کي هيءَ حقيقت پڪ سان پنهنجي دل تي ڪٽڻ گهرجي ۽ ان کي بطور هڪ مکيه مقصد جي هڪ نيڪ غذا ڪاڌل دنيا کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ مدد ڪرڻ گهرجي. بحرانن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيئن اهي اڀرن ٿا، ڪوشش جا ٽڪڙا قدم گهٽ غذاوارن ۽ بکايل ماڻهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهن. اسان کي خشڪ سالي، دريائن جي ڪاٽڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ گهٽ فصلن کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ غريب قومن جي سماجي ۽ اقتصادي معيارن کي مٿي ڪرڻ لاءِ، عارضي طريقن جي جاءِ تي عالمي سهڪار جو هڪ مستقل پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي. غذا جي ورهاست جي نئين سر تنظيم پڻ ان ۾ شامل آهي. ڪاڏي لاءِ هي منصوبو، سموري دنيا کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ، يونيسيف جي پروگرامن سان گڏو گڏ هلندو ۽ ان جي مدد ڪندو. گهڻي غذا ۽ پاڻي هڪ صحت مند ذرتيءَ لاءِ اولين شرط آهن. انهن ٻنهي شين جي رسد پاڻ ۾ گڏو گڏ هلندي آهي ڇاڪاڻ ته غذائي پيداوار کي وڌائڻ گهڻي ڀاڱي دنيا جي خشڪ علائقن ۾ پاڻي پهچائڻ تي دارومدار رکندي آهي. زمين کي ڪاشت لائق بڻائڻ، ماحول جو تحفظ ۽ غذا جي

گهڻي پنداوار سب گڏجي اهو گهرندا آهن ته پاڻي ۽ بجلي اهڙين جڳهن تي موجود ڪيا وڃن، جتي انهن جي ضرورت هجي. قحط زده ملڪ جيڪي هڪبئي ڪان اينترو پري آهن، جيئن آفريڪا ۽ برازيل، اتي پاڻي زمين جي سطح ڪان مختلف گهراين تي موجود آهي پر انکي آبپاشي ۽ استعمال خاطر زمين جي سطح ڪان مٿي آڻڻ لاءِ پمپنگ نظامن جي ضرورت آهي ۽ ڪڏهن بجليءَ جي. هيءَ ڳالهه هاڻي چڱيءَ ربت سمجهي وڃي ٿي ۽ کوهه ۽ پمپ قائم ڪرڻ لاءِ هتي هُتي ڪوششون ڪيون ٿيون وڃن پر اها ڪوشش ضرورت جي گهٽائيءَ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي غير مربوط ۽ تنل آهي. ٻين علائقن ۾ اجا ٻه وڏيڪ سنڌريل طريقا گهربا: هائڊرو اليڪٽرڪ اسڪيمون ۽ سامونڊي پاڻيءَ جي نمڪيات ختم ڪرڻ ۽ وڏن مفاصلن تائين نلڪيون وڇائڻ. اهڙن طريقن سان پڻ ۽ ان سان گڏ منصوبابنديءَ وارن پروگرامن سان رٿپٽن کي استعمال لائق بڻائي سگهجي ٿو ۽ انهن جي لڳاتار ڦهلاءَ کي ٻنجو ڏئي سگهجي ٿو. ساڳيا طريقا زمين لاءِ بڪايل هارين طرفان ٻيلن ۽ جهنگلن جي تباهيءَ کي روڪي سگهندا ۽ جانورن، پکين ۽ جيتن جي ڪيترن ئي نسلن جي حياتياتي ماحول (Ecosystem) کي بچائي سگهندا، جن کي هاڻي صفحه هستيءَ تان ئي مٽجڻ جو خطرو آهي. ان سان لاڳاپيل هڪ ٻيو مسئلو آهي ٻارڻ جو قحط جيڪو تڪڙي ۽ اڻ موٽندڙ ٻيلن جي خاتمي لاءِ اوترو ئي تباهه ڪن ٿي سگهي ٿو، جيترو زمين جي ٻڪ. بجلي ۽ شمسي توانائي - توانائيءَ جا ٻئي موجود قسم، ڪاٺ جي بطور ٻارڻ جي کپت تي ضابطي آڻڻ لاءِ گهربل آهن. بجلي، مواصلات، معلومات ۽ تعليم کي ڳوناڻي ٽيليويزن سرڪٽن ذريعي جيئن اڄ هندستان ۾ آهي، جاري رکڻ لاءِ ٻڻ گهربل آهي. آبپاشي، بجلي پهچائڻ ۽ زمين کي ڪاشت لائق بڻائڻ جو ڪم ڪنهن کي ڪرڻو آهي؟ ظاهر آهي ته اهو ڪم ٽيڪنالاجي ۾ اڳتي وڌيل قومن کي پاڻ ۾ گڏجي، اقوام متحده جي معرفت ۽ غريب قومن جي سهڪار سان ڪرڻو آهي. شاهوڪار قومن وٽ ڄاڻ ۽ علم آهي ۽ پنهنجي پنداواري صلاحيت لاءِ ڪين مارڪيٽ گهرجن. انهن قومن ماضيءَ ۾ دنيا کي پنهنجي فائدي ۾ ڪاڏو پيتو آهي، هاڻي اهو وقت اچي چڪو آهي، جو هو اهو قرض واپس ڪن. پئسا ۽ افرادي قوت ڪٿان اچڻا آهن؟ هي سوال اسان کي اڄ عالمي تعاون جي مونجهاري تي آڻي بيهاري ٿو. هٿيارن جي ڊوڙ هر سال وڏيڪ بيهوده ٿيندي پئي وڃي. ان کي ٻنجي ڏيڻ جو ڪو رستو ڳولڻو آهي. يورپي قومون مس وڃي ان لائق ٿيون آهن، جو سٽارن جي ها-رکي چڪر کي برقرار رکي سگهن. هڪ اهڙي قيمت تي، جنهن کي اهي پري نه ٿيون سگهن. اينڌڙ چڪر ڪانپوءِ وارو چڪر سندن پهچ ڪان ٻاهر هوندو. لارڊ ترينچارڊ برطانيه جي اڳوڻي دفاعي وزير، موجوده صورتحال کي "بيهودگيءَ ڏانهن ويندڙ يقيني رستو" سڏيو آهي.

هڪ دفعو جڏهن هٿيارن جي ڊوڙ ختم ٿي، ته پوءِ هٿيارن سان لاڳاپيل

پئسو، دماغي قوت ۽ پئداوار آهستي آهستي موت جي صنعت مان ڦيرائي زندگيءَ جي صنعت ـ دنيا کي آبپاشيءَ جو پاڻي ۽ بجلي ڏيڻ، ڏانهن منتقل ڪري سگهجن ٿا. اهو ڪم انهن ملڪن طرفان پنهنجن هٿيارن جي بجيٽ ۾ ساليـاني ڪٽوتي ڪرڻ ۽ اهڙي طرح بچت جو اٽڪل اڌ آبپاشي/بجليءَ جي پروگرامن تي خرچ ڪرڻ سان شروع ڪري سگهجي ٿو. آخر ۾ نيٺ ان جهڙو ڪجهه ٿيڻو ني آهي، ته پوءِ ڇو نه هاڻي ائين ڪجي؟ اڳواٽي ڪندڙ قومن منجهان ڪابه، ڪنهن به وقت تي پهريان قدم، اقوام متحده جي تعاون سان هڪ بين الاقوامي گڏجاڻي ڪوٺائي، عالمي تبديليءَ جو هي پروگرام شروع ڪري سگهي ٿي ۽ بين ملڪن کي اها جيڪا به امداد هوندي ڏيندي رهي ٿي، ان کان علاوه، پنهنجي هٿيارن جي بجيٽ جو چڱو حصو دنيا جي بهتريءَ ڏانهن منتقل ڪري هڪ مثال قائم ڪري سگهي ٿي. هيءَ ڳالهه سرگرم بين الاقوامي ماليـاتي ادارن جوڙڻ جو سڏ ڏئي ٿي، جنهن ۾ هر شاهوڪار قوم کي، مجموعي پروگرام ۾ بين سان تعاون برقرار رکندي، بنجر زمين کي آباد ڪرڻ ۽ مخصوص غريب علائقن کي خوشحاليءَ ڏانهن وٺي وڃڻ جي مکيه ذميواري کڻڻ کپي. هن عالمي تحريڪ اندر اڳ موجودامدادي تنظيمون ڪيترائي ڪارائتا ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، جيڪا ڳالهه سندن اڳلين ڪوششن جي هڪ منطقي اوسر کي ظاهر ڪندي.

ڇا قومون ان سلسلي ۾ پاڻ ۾ گڏبيون؟ ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته سڄي دنيا جا عام ماڻهو اهڙي پيش رفت جي پٺڀرائي ڪندا. آفريڪا ۾ڏڪر تي سندن ردعمل ان ڳالهه کي واضح ڪريٿو. ان جي سٺي اميد آهي ته هڪ دفعو جڏهن اهو پروگرام عمل ۾ لاٿو ويو ۽ ان جي مشهوري ڪئي وئي ته پوءِ حڪومتون ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ للڪاريون وينديون يا شرمسار ٿينديون. اهڙي تعاون ذريعي دنيا جي غربت، ماحولياتي تباهي ۽ هٿيارن جو مسئلو سڀ گڏجي حل ڪري سگهجن ٿا ۽ دنيا لاءِ هڪ همت افزا مشترڪ مقصد چرپر ۾ آڻي سگهجي ٿو، جيڪو عظيم طاقتن جي هڪٻئي سان دشمني ۽ چرپاٽ کي ختم ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو. ان پروگرام جو مقصد، شاهوڪار قومن طرفان پنهنجو سڀ ڪجهه ڏيڻ ۽ غريب قومن طرفان سڀ ڪجهه وٺڻ نه هوندو. پئنتي پيل قومن ۾ آهستي آهستي بلند ٿيندڙ زندگيءَ جو معيار، غريب ۽ امير ٻنهي ملڪن لاءِ خوشحاليءَ کي وڌائيندو ۽ ايندڙ اقتصادي زوال کي روڪي سگهي ٿو، جنهن ڏانهن باب ڇهين ۾ اشارو ڪيو ويو هو. ان سڄي پروگرام دوران مقصد بهرحال مقامي ماڻهن جي سهڪار سان هيناهينءَ کان اوسر هجڻ گهرجي، نه ڪ هيڪلين افسر شاهين جي مالي مدد. اهو سڀ ممڪن آهي. اهو زندگيءَ جي بهتريءَ تي مرڪوز ٿيل هڪ رُخ لاءِ واضح بنيادي خاڪو آهي، اهو موجوده عالمي بدنظميءَ مان ٻاهر نڪرڻ جو رستو آهي. اهو عالمي هم آهنگيءَ لاءِهڪ نسخو آهي.

خدا لاءِ بک

هيءَ ڳالهہ اينتري تہ واضح آهي جو ان کي بيان ڪرڻ جي بمشڪل ڪا ضرورت آهي. پر هڪ ٻي ٻک بہ موجود آهي، جنهن سان هن ڪتاب جو تعلق آهي يعني خدا لاءِ ٻُک. ڇا زندگيءَ جو مرڪزي نقطو هن ٻک کي بہ پورو ڪري سگهي ٿو؟ دعائن، حمد و ثنا، گيتن ۽ ٻين مقدس لکتين جي ٻولي اهو ڏيکاري ٿي تہ ڪيترائي ماڻهو خدا ڏانهن پنهنجين ڪن گهرين ضرورتن ۽ اميدن جي اطمينان لاءِ واجهائيندا آهن، پهريائين اهي خدا ڏانهن سچ جي هڪ وسيلي طور ڪائنات جي خالق طور ۽ پنهنجي وجود جي وضاحت طور رجوع ڪن ٿا. اها ڳالهہ ذاتي زندگيءَ کي مقصد، معنيٰ ۽اهميت جي پَڪ ڏني ٿي. ٻيو وڌو هنڌ پيار ڪرڻ ۽ پروسي ڪرڻ لاءِ هڪ الاهي هستي آهي، جيڪا آرام ۽ تحفظ جو هڪ اعتماد جوڳو وسيلو پڻ آهي. مذهبي لکتين جو هڪ گهڻو حصو، هن ضرورت جو اظهار ڪري ٿو:

"مان پنهنجيون اکيون جبلن تان مٿي ڪڻان ٿو، جتان منهنجي مدد ايندي آهي، منهنجي مدد خدا کان پڻ ايندي آهي، جنهن آسمان ۽ زمين ناهيا آهن." (زبور ـ 121)

"خدا منهنجو ڌنار آهي، تنهنڪري ڇا مون وٽ ڪنهن شيءِ جي ڪمي ٿي سگهي ٿي، هو مونکي سربسز چراگاهہ ۾ ڪارائيندو ۽ آرام جي پاڻين ڏانهن وٺي ويندو." (زبور 23)

"عيسيٰ، منهنجي روح جاچاهيندڙ، مونکي ڇڏ تہ تنهنجي من سان اُڏان، جڏهن ٻينل پاڻي وهي هلي، جڏهن طوفان اجا تيز هجي." (چارلس ويزلي)

ٻين هزارين جڳهن تي، سڪون ۽تحفظ لاءِ هيءَ خوبصورت نموني اظهاريل صدا، پنهنجو صاف اظهار ڳولي لهي ٿي.

ماڻهو خدا ڏانهن مستقل سات لاءِ بہ واجهائن ٿا، دعا ۽ عبادت، هن سان ملڻ جا عمل آهن، خدا سان ويجهي ٿيڻ جا عمل آهن، هن سان ذاتي درد ۽ اميد ونڊڻ ورهائڻ جا عمل آهن. خدا کي اخلاقي قدرن جي وسيلي طور، انسانذات جي حڪمرانيءَ لاءِ قانون ناهيندڙ طور بہ مقدس سمجهيو وڃي ٿو، هنن قدرن جي ناتي سان، ماڻهو خدا ڏانهن انصاف ۽ معافيءَ لاءِ ۽ گناهہ جي تخفيف لاءِ پڻ واجهائيندا آهن، آخر ۾ ماڻهو خدا ڏانهن ابدي زندگيءَ جي پڪ لاءِ بہ رجوع ڪن ٿا.

هڪ موجود ۽ دخل ڏيندڙ خدا جي پڪ ڪانسواءِ اهي ضرورتون ڪيئن پوريون ڪري سگهجن ٿيون؟ اسان اهو ڏسي سگهون ٿا تہ هي ضرورتون لازمي طور

انساني ضرورتون آهن ۽ اهو تہ انهن سمورين کي، سواءِ هڪ جي ـ ابدي زندگيءَ جي وعدي، هڪ انساني حل ڏئي سگهجي ٿو. ڪائنات جا سچ هاڻي انسان طرفان ان حد تائين کلندا پيا وڃن، جيڪا هيل تائين ڄاڻل ڪنهن بہ شيءِ کان مٿي آهي. ضروري ارتقائي تبديليءَ جو رخ ڏسي سگهجي ٿو ۽ اسان ان رُخ کي عمل لاءِ هڪ رهنما طور ڪٺي سگهون ٿا. محبت ۽ سڪون لاءِ، اسان انسان هڪٻئي لاءِ آهيون، اميد لاءِ اسان وٽ تخليقي مقصد آهن، جيڪي اسان کان اڳيان موجود آهن ۽ اسان جي اندر سوجود وسيع اڻ استعمال ٿيل صلاحيت جي ڄاڻ آهي، خوف ۽ عجب لاءِ اسان آڏو

خود هيءَ سموري ڪائنات موجود آهي. اخلاقي قدرن، جيئن اسان باب پنجين ۾ ڏسي آيا آهيون، کي دريافت ڪرڻو ۽ مانُ ڏيڻو هو، جيڪڏهن انساني سماج کي بهر صورت پنهنجو وجود رکڻو هو. اهي قدر پروسي ۽ باهمي ڏيتي ليتيءَ جو بنياد آهن ۽ ديرپا عزت طلب ڪن ٿا. جيستائين معافيءَ جو تعلق آهي، تہ اها هر ماڻهوءَ جي وس ۾ آهي ۽ ابدي زندگي؟ ماڻهن کي ان ڳالهہ جو احساس ٿي رهيو آهي تہ اهو اسانجي زندگين جو هتي ۽هاڻي معيار ئي آهي، جيڪو هر ڳالهہ کان وڌيڪ اهم آهي، نہ ڪہ شخصيت جو وري جيئرو ٿي اٿڻ. ان کانسواءِ مڪمل خوشيءَ جو آسرو، جيئن روايتي طور ان جي وضاحت ڪيل آهي، جديد ذهن لاءِ ايڏو پرڪشش ناهي، اها بي مزي ۽ اٽلبيل لڳي ٿي. آئي ٽي اي تحقيق ۾ مذهبي رجحانن کي ڳولڻ لاءِ جيڪي طريقا استعمال ڪيا ويا، جن جو ذڪر باب پهرئين ۾ ڪيو ويو آهي، انهن مان هڪ طريقو، اميدوارن کي خواهشن جا تيرهن اختيار ڏيڻ هو. هر اميدوار کي تيرهن مان چٽن جو انتخاب ڪرڻ لاءِ چيو ويو. سڀ کان مٿي جنهن خواهش جي چونڊ آئي، 52 سيڪڙو اسڪور سان، اها هئي "اهو محسوس ڪرڻ تہ مان بين ماڻهن کي خوش ڪري سگهان ٿو." اها خواهش تہ "اهو ڄاڻڻ تہ موت کانپوءِ زندگي آهي" 18 سيڪڙو اسڪور سان لڳ ڀڳ تري تي هئي، بهشت جي يقينيت انسانذات کي ايتري ضروري نہ ٿي محسوس ٿئي، جيتري اها ڪڏهن هوندي هئي.

بهرحال خدا جي ضرورت اجا اڳتي وڃي ٿي. ماڻهو چون ٿا، "مان خدا سان پنهنجي اندروني هستيءَ ۾ ملان ٿو." سنو ۽ پلو. جيئن اسان باب ٽئين ۽ اٺين ۾ ڏسي آيا آهيون تہ اسان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اندروني دنيا جي اونهائيءَ ۾ بدليل حقيقت جي هڪ احساس ۾ ڦاسي پوندا آهيون، هڪ روشنيءَ جي احساس ۾، سمورين شين جي دل سان ويجهڙائيءَ جي احساس ۾، سمورين شين سان هڪ ٿي وڃڻ جي احساس ۾. اسان البت ان تجربي کي "خدا" ڪوٺي سگهون ٿا، جيڪڏهن اسان چاهيون پر ان کي اسان شعور جي هڪ بي سطح طور بہ، جنهن تي اسان پهچي رهيا آهيون، بيان ڪري سگهون ٿا، هڪ اهڙو شعور جيڪو ڪنهن طرح سان توانائيءَ، زندگي ۽ ذهن سان جڙيل آهي. شايد اهي بئي ـ جنهن کي ڪي

ماڻهو "خدا" سڏن ٿا ۽ڪي ماڻهو "اعليٰ شعور" سڏن ٿا. ساڳيو تجربو آهن، جنهن جي مختلف طريقن سان تشريح ڪئي وڃي ٿي. فرق صرف تڏهن اهم ٿي وڃي ٿو،جڏهن اسان دنيا جي مستقبل لاءِ پنهنجي مٿان مڪمل ذميواري قبول ڪرڻ بدران خدا تي ڀاڙيون ٿا - زنده هجڻ جي ذميواري، باشعور هجڻ جي ذميواري، ڌرتيءِ مٿان زندگيءِ جي تڪميل لاءِ جو ڪجهه بہ ضروري آهي، اهو حاصل ڪرڻ جي لائق ٿيڻ جي ذميواري.

نہ ڪٽندڙ تلاش

آرٿر بادشاهہ جا سپہ سالار مقدس پيالو - ان سموري جو نشان، جيڪو خوبصورت ۽سٺو آهي، ڳولڻ لاءِ نڪتا هئا؛ اسان لاءِ مقدس پيالو، هڪ پرين جي ڪهاڻي نہ آهي پر اهڙي دنيا ۽ ذاتي زندگيءِ جو قسم آهي، جنهن ڪي اسان بحيثيت انسانن جي، پنهنجين صلاحيتن جي پوري توجهہ ۽ مرڪز معرفت تخليق ڪري سگهون ٿا. عالمي رهنمائن ۽ اسان ڪي، نين بصيرتن ۽ مقصدن ملڻ ڪري ۽ ڌرتيءِ جي قومن وچ ۾ برادريءِ جي هڪ ڦهلاءَ ڪري، انسانذات جي بقا جا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا، جنهن سان انساني مهم جوئيءِ جي اڳلي عظيم مرحلي لاءِ رستو صاف ٿي ويندو. انساني روح وڏيڪ ڀرپور زندگيءِ ۾ گل جيان ٽڙي پوندو.

دل جي تبديلي، جنهن جي معرفت زندگيءِ جو معيار تبديل ڪري سگهجي ٿو، اسان جو توجهہ، خود پنهنجي لاءِ بحيثيت فردن ۽ قومن جي دولت هٿ ڪرڻ ڪان هٽائڻ ۽ ان جي بدران سهڪار ۽ شرڪتداريءِ ڏانهن پنهنجين ڪوششن جو رُخ ڪرائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي، جيڪي شهري ۽ ٽيڪنالاجيڪل زندگيءِ جي للڪارن، خطرن ۽ موقعن جي رستي تي گامزن ٿيڻ ڪان اڳ، انساني سماج جي ڀهچان هُئا. اسان پنهنجين اصلي سماجي برادرين ڪان تمام گهڻي عرصي ڪان ٽڙيل آهيون، هاڻي وقت اچي چڪو آهي تہ انهن ڪي جديد دنيا جي تناظر ۾ ٻيهر دريافت ڪريون؛ جيستائين بحيثيت فردن جي اسان جو تعلق آهي تہ هجڻ ۽ جاڻڻ جي اسان جي اڻکٽ تلاش ۾ اسان ڪي مدد ڪندڙ يقينيون هي آهن تہ اسان ڪي جيئڻ لاءِ زندگيون

آهن، اوسر ڪرڻ ۽ مزي وٺڻ لاءِ لياقتون آهن، عجب ۾ پوڻ ۽ ناتو ڳنڍڻ لاءِ هڪ ڪائنات آهي، تجربي ماڻڻ لاءِ حسن آهي، ڪرڻ لاءِ ڪارگر شيون آهن، استعمال ڪرڻ لاءِ زبردست صلاحيتون آهن ۽ ٻاڻ سڀ هڪبئي لاءِ آهيون، اسان جو ازلي ايمان خود زندگيءِ جي عمل ۾ هجڻ گهرجي جيڪو اسان جين زندگين

لاء خاڪو ۽ اسان جي تخليقيت کي اُتساهه مهيا ڪندي، اسان جي چوڌاري موجود آهي ۽ اسان ۾ اندر به موجود آهي.

پڇاڙي

مان ڄاڻان ٿو ته مان هڪ عنوان، هڪ مليل جليل مخصوصيت نه آهيان، مان هڪ شيء، هڪ اسم ناهيان، مون کي لڳي ٿو، مان هڪ فعل آهيان، هڪ ارتقائي عمل آهيان، ڪائنات جو هڪ اڻوٽ عمل آهيان ۽ اهڙو تون به آهين."

رچرڊ بڪمنسٽر فلر

اداري جو هيو اهم ڪتاب



Price Rs: 130

ڏاهپ بوڪ سيريز سانگهڙ

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُڄندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪَڙُ، کاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃِن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڌَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)